

Sindhi Translation

(سنڌي ترجمو)

آسی زمینی

# آمنہ

محمد عمر

آمنه

# آمنہ

(ناول)

مصنف:
**محمد عمر**

ترجمو:
**آسي زميني**

سانجھ
SANJH
PUBLICATIONS

Amina: First published in August 2005 by Africa World Press,
New Jersey, USA. All rights reserved by Author

ترجمي جا سڀئي حق محفوظ آهن

سنڌي ڇاپو: پهريون
ليکڪ: محمد عمر
ترجمو: آسي زميني
ڪمپوزنگ: انٽيل ڪميونيڪيشنز
9۔ ربي چيمبر، حيدرچوڪ، حيدرآباد
تعداد: 500

پريس: حاجي حنيف پرنٽرز لاهور

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سانجهه
SANJH
PUBLICATIONS

بين منزل، مفتي بلڊنگ، 17/31 ٽيمپل روڊ، لاهور
فون: 7355323_042 فيڪس: 7323950_042
اي ميل: sanjhpk@yahoo.com

# انتساب

هيءَ ناول منهنجي مرحومہ امڙ

**حليمه**

جي مهربانين جي نانءِ

محبت، سهڪار ۽ حالتن کي سمجهڻ جي صلاحيت تي
پنهنجي جيوَن ساٿي

**سونجاوين مينسلوٽ**

۽ ٻن ٻارن

**سليم، ڪريمؔ ۽ نفيسه**

جي نانءِ

انهن سمورن سڄڻن جي نانءِ جن مون کي سيکاريو۔
۽ جن جي ڪري اڄ آءٌ هن حيثيت تي پهتو آهيان.

اسان حقيقت پسند آهيون
اسان اڻ ٿيڻ جا سپنا لهون ٿا.

– ارنيسٽو چي گويرا

جنهن ڏينهن اسان
اهم شين کي ڏسي
خاموشي اختيار ڪريون ٿا –
انهيءَ ڏينهن
اسان جي زندگي
پڄاڻيءَ جو سفر شروع ڪريو ڇڏي

– مارٽن لوٿر ڪنگ جونيئر

اردو ايڊيشن لاءِ

## مصنّف جو مهاڳ

مون جون 1986ع ۾ ماسڪو جي اسٽيٽ يونيورسٽيءَ ۾ جنرل ازم جي تعليم حاصل ڪرڻ دوران "آمنہ" لکڻ شروع ڪيو. 1985ع ۾ ماسڪو اچڻ کان اڳ، مون کي اسٽوڊنٽ يونين پوليٽڪس ۾ شموليت ۽ نائجيريا جي رياست، زاريا جي احمد بيلا يونيورسٽيءَ جي ٻن ترقي پسند تحريڪن جي ميمبر رهڻ جو شرف پڻ حاصل آهي. بيشڪ اِنهن تنظيمن ۾ هجڻ، مون لاءِ نهايت لاڀائتو ثابت ٿيو. توڙي جو انهيءَ ڪري 1981ع ۾، مون کي يونيورسٽيءَ مان بہ ڪڍيو ويو. يونيورسٽيءَ مان خارج ٿيڻ کان پوءِ بہ آئون انهن تنظيمن جو حصو رهيس، خوش نصيبيءَ سان مون کي اُن بعد، نائجيريا ۾ باٿوچي ريڊيو ڪارپوريشن ۽ ڪانو جي اهم اخبارن ۾ رپورٽنگ جي نوڪري ملي وئي. آئون نوجوان ۽ پُرعزم هئس. منهنجي ڪم جي نوعيت سبب، مون کي ملڪ جي مختلف ڀاڱن ۾ وڃڻ جو موقعو مليو. خاص طور اتر نائجيريا جي رياستن ۾ـ مون پنهنجي معاشري جي مختلف طبقن کي ڏٺو. مون عام ماڻهن جا عام مسئلا ڏٺا ۽ اهي رپورٽ ڪيا. ٿورڙي ۾ چئجي تہ مون غربت، خواهشن، بدنصيبين، بيمارين، جهالتن، ڪرپشن ۽ غير ذميوارانہ رَوين کي مُنهن ڏنو.

اسان جي معاشري ۾ عورتن جون حالتون، هميشه منهنجي دلچسپيءَ جو باعث رهيون. شروعات ۾ ان دلچسپيءَ جو سبب تجسس هو. آئون سدائين اهو ڄاڻڻ گهرندو هئس، تہ اسان جي معاشري ۾ مرد ۽ عورت لاءِ الڳ الڳ قاعدا قانون ڇو آهن!؟ مرد وٽ، عورتن کان وڌيڪ حق ڇو آهن!؟ آخر عورتن کي دٻائڻ ۽ ڪين پِٽ سان لڳائڻ جي ڪوشش ڇو ٿي ڪئي وڃي؟ اسان آسانيءَ سان اهو ڏسي سگهون ٿا، تہ عورت مسلسل تنهائي، ۽ اڻ ڳڻپ سماجي محرڪن سبب، سدائين درد ڀري ۽ مشڪل زندگي گهاري رهي آهي.

منهنجي اها تلاش ۽ تجسس آهستي آهستي، نيم جاگيردارانہ نوآبادڪاريءَ اندر موجود استحصال ۽ تشدد جي مختلف سطحن ۽ قسمن متعلق منهنجي ڄاڻ ۾ تبديل ٿي ويو. منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ ايذائيندڙ ڳالهہ اها آهي، تہ آخر ان ڏس ۾ طبقاتي ۽ جنسي ڏاڍ ۽ تسلط ۽ گهريلو تشدد جهڙين نااانصافين جي دليل طور اسلام کي بطور هٿيار ڇو تہ آڏو آندو وڃي! اسلام جو آزاد ۽ اڻ ڏريو مطالعو ڪرڻ بعد مون کي معلوم ٿيو تہ اسان جهڙيءَ ريت عمل ڪري رهيا آهيون، اهو هرگز اسلام ناهي. اڪثر معاملن ۾ پراڻين ڳريل سڙيل مقامي روايتن مٿان اسلام جو نقاب چاڙهيو ويو آهي.

سڀ کان عجيب ڳالهہ اها آهي، تہ اسان جي آفريقي معاشري ۾ عورتن جي حقن بابت ڪوبہ ادارو يا تنظيم ناهي. هن معاشري ۾ عورت جو ڪوبہ آواز ڪونهي. ان کان سواءِ عورتن ۾ گهٽ علم ۽ جهالت جي شرح يا انگ اکر خطرناڪ حد تائين وڌيل آهن.

مون گهڻن ملڪن جو سفر ڪيو آهي. مسلمانن جي سامهون هن وقت سڀ کان اهم سوال هي آهن: آخر اسان جي معاشري ۾ ايتري گهڻي غربت، بُک ۽ مايوسيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ آخر مسلمانن ۾ نااتفاقي، هڪٻئي کان ڏوري، بي ترتيبي ۽ پريشانيءَ جو ڪهڙو سبب آهي؟ جهڙيءَ طرح فاطمہ مرنيسي چيو:

"اسان مسلمان، موت جي خواهش جو تجربو ڪندا آهيون، ڪنهن ٻئي هنڌ هجڻ جي خواهش، غير حاضريءَ جي خواهش، ۽ غير حاضريءَ لاءِ پيڇي وڃي ماضيءَ ۾ گهڙي پوڻ جي خواهش- اها غير حاضري خودڪشيءَ جي برابر آهي."

اها ڪا حيرانيءَ جي ڳالهہ ناهي، تہ ڪوڙ سارا مسلمان پنهنجي روشن ماضيءَ ڏانهن موٽڻ گهرن ٿا. اڄڪلهہ هڪ عام مسلمان ۾ تخليقي سوچ ۽ ڳڏيل اعتماد جي کوٽ آهي، ۽ انهيءَ ڪري اهو پريشاني، مايوسي ۽ مونجهاري جو شڪار آهي.

اها ڳالهہ ڪيترا ڀيرا ورجائي وئي آهي تہ اسلام معاشي برابري، سماجي انصاف، شخصي آزادي، غلامن جي آزادي ۽ مرد ۽ عورت جي برابريءَ لاءِ بنياد فراهم ڪري ٿو. هاڻ مسئلو اهو آهي تہ آخر مسلمان ملڪن ۾ تشدد ۽ اڻ برابريءَ واري صورتحال جي شرح سڀ کان گهٽي، ۽ قانون جي عملداري سڀ کان گهٽ ڇو آهي؟ آخر هڪ عام مسلمان بيچين ڇو آهي؟ ان سوال جي جواب جو هڪ حصو اهو آهي، تہ اڪثر مسلمان ملڪ جديد نو آبادڪاريءَ جو حصو آهن ۽ سندن حاڪم غير ملڪي طاقتن جا غلام آهن. اسان ان جواب جي هڪ حصي جي ڳولا دنيا جي سماجي، معاشي ۽ سياسي نظام جي تجزيي يا ڇنڊڇاڻ وسيلي بہ ڪري سگهون ٿا. مسلمان ملڪ، دنيا جي سرمايہ دارانہ نظام ۾ هڪ مخصوص ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اسان مڃون يا نہ مڃون، اسان کي ان نظام هيٺ هلڻو پوي ٿو. هيءُ سرمايہ دارانہ نظام جو دؤر آهي. جيڪڏهن مسلمان پنهنجا مسئلا حل ڪرڻ گهرن ٿا، تہ کين سڀ کان پهرين، دنيا ۾ پنهنجي حيثيت ڄاڻڻي پوندي، ۽ پوءِ پوري جرئت سان پنهنجو ديني مزاج ان مطابق جوڙڻو پوندو. اها بہ اهم حقيقت آهي تہ اسان کي پنهنجي سنهري مذهبي تعليم کي، پنهنجين پُراڻين، مُدي خارج روايتن کان ڌار ڪرڻو پوندو. ان لاءِ مسلمانن کي پنهنجو شعور ظاهر/ اُجاگر ڪري، الهام کي سمجهڻو پوندو. مختصراً چئجي تہ اسان کي علم جي حمايت ڪرڻي پوندي، اهو نهايت ضروري آهي. مقصدن

جي چنبڇاڻ بہ ڪرڻي پوندي، جنهن جا نهايت اهم آهي. گهڻا مسلمان ملڪ سڪيا ۽ امير آهن، مگر اتي بہ واضح طور علمي ۽ اخلاقي سطح تي جمود ۽ ماتار موجود آهي. مثال طور قرآن پاڪ ۾ حڪم آهي: ”خدا انهن ماڻهن جون حالتون نٿو بدلائي، جيڪي پنهنجون حالتون پاڻ تبديل ڪرڻ نٿا گهرن.“

ماڻهن وٽ لکڻ جا کوڙ سارا سبب هوندا آهن. آئون چاهڻ لاءِ لکان ٿو. عورتن جا حالات چڱيءَ ريت چاڻڻ ۽ سمجهڻ خاطر مون هيءَ ناول لکيو آهي. ان جي ذريعي مون هڪ تير سان، هڪ کان وڌيڪ جهرڪين کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون هڪ عورت، آمنہ جي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي. هڪ اهڙو افسانوي ڪردار جيڪو ظلم خلاف وڙهي ٿو. آمنہ تمام معمولي ڪم ڪري، غير معمولي ڪم ڪري ڏيکاري ٿي. معاشرتي تبديلي! آئون پڙهندڙن کي سندن اکين سان معاشرو ڏيکارڻ گهران ٿي. ان ڪان سواءِ آئون عورتن جا حالات، ۽ سندن تڪليفن جا سبب سامهون آڻڻ چاهيان ٿو. هيءَ ناول سماجي پلاٽيءَ جو هڪ اهڙو دستاويز بہ آهي، جيڪو عورتن جي آزاديءَ لاءِ هڪڙو متبادل ميدان مهيا ڪري ٿو. هن ناول ۾ نائجيريا ۾ موجود طبقاتي طاقت ۽ ڪرپشن کي بہ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مختصراً اهو تہ هيءَ نائجيريا جو معاشرو موجوده دؤر ۾ نو آبادڪاريءَ جو هڪ نيم جاگيرداراڻو معاشرو آهي.

هن ناول جا گهڻي ڀاڱي ڪردار اهي ماڻهو آهن، جن سان آئون پاڻ مليس، ڏٺم، ڳالهائيم، يا وري ساڻن انٽرويو ڪيم. اهو سچ آهي تہ باٺوچي تائون ۾ هڪ جاءِ جو نالو بڪارو آهي، مگر اهي واقعا نہ تہ ڪو اتي ٿيا، ۽ نہ ئي ڪٿي ٿئي هنڌا!

1987ع ۾ جڏهن مون هن ناول جو پهريون مسودو تيار ڪيو هو. ان وقت کان وٺي اڄ تائين نائجيريا جي حالات ۾ ڪا بہ بهتري ناهي آئي. سچ چوان تہ گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ حالات بدتر ٿي ٿيا آهن. نوجوان عورتون اڄ بہ جنسي تشدد جو نشانو بڻجن پيون. مرداڻو ڏاڍ اڄ بہ قائم

آهي، ۽ عورتن جوَ استحصال ڪيو پيو وڃي. جهالت، بي روزگاري، غفلت، خراب صحت، ڪرپشن ۽ غير ذميواري اڄ بہ موجود آهي. تشدد ۽ استحصال خلاف وڙهڻ لاءِ اڄ بہ عورتن جو ڪو ادارو اُتي موجود ناهي. مصري دانشور نوال الصدادي چيو هو تہ غربت کان علاوه عورت هجڻ، بدقسمتيءَ جي سڀ کان بُري علامت آهي. آئون مجبوراً ان نتيجي تي پهتو آهيان، تہ مسلمان عورت کي هيٺو بڻائي، مسلمان مرد، خود پنهنجو پاڻ کي بہ هيٺو ڪري ڇڏيو آهي.

آمنہ جو انگريزي ايڊيشن آگسٽ 2005ع ۾ شايع ٿيو. هيءُ ناول هيستائين يوناني ڀاشا (انڊونيشيا)، مليالم، عربي، هندي، عذاري ۽ سربين ٻولين ۾ شايع ٿي چڪو آهي. ان کان علاوه جلدئي ان کي چيني، هسپانوي، فرانسيسي، هاؤسا، تامل، ترڪي، ويٽنامي، زاهوسا ۽ زولو ۾ پڻ شايع ڪيو پيو وڃي. اهڙو غير معمولي آڌرڀاءُ، اهو ثابت ٿو ڪري تہ ادب ڪنهن خاص معاشري جي دائري ۾ بند ناهي، پر اهو نسلِ انساني ۽ انساني فطرت لاءِ هوندو آهي. نوبل انعام يافتہ گبرئيل گارشيا مارڪيز چيو آهي، تہ جيڪڏهن ڪو سياسي نقطو بيان ڪرڻ گهرو ٿا، تہ هڪ سُٺو ڪتاب لکو! منهنجو خيال آهي تہ اهوئي منهنجو نقطءِ نظر بہ آهي.

آخر ۾ آئون اهو اعتراف ڪرڻ چاهيان ٿو تہ هن آفريقي ناول جي اردو ٻوليءَ ۾ اشاعت تي آئون گهڻو فخر محسوس ڪري رهيو آهيان. منهنجي لاءِ اهو انتهائي خاص مقام آهي. مون کي اميد آهي تہ اردوءَ جا پڙهندڙهن قصي کي دلچسپ ۽ ڪارآمد محسوس ڪندا.

محمد ڪبير عمر

آگسٽ 2007ع
ڪريڪل وڊ، لنڊن

ڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا. انهن الحاج هارون لاءِ آمنہ ڪي خدا جي رحمت قرار ڏنو. آمنہ مُرڪي، پنهنجي مان پنج سؤ نائره جو نوٽ ڪڍي، ٽوليءَ جي اڳواڻ حوالي ڪري ڇڏيو.

آخرڪار نيٺ آمنہ پنهنجي ڪمري ۾ پهچي ويئي. پهرين مهمان ڪي پنهنجو انتظار ڪندو ڏسي، ڪيس ڪا بہ حيراني نہ ٿي. ڪولا، ضلعي حڪومت جي سيڪريٽري جي زال هئي. هوءَ آمنہ جي سهيلي ۽ ڪامياب ڪاروباري عورت هئي. اها هڪ وچولي جمار ۽ پوري پُني قد جي عورت هئي. هوءَ تمام ڳرن زيورن سان سينگاريل هئي ۽ سندس لباس، نئين رواج جو رُخ مقرر ڪري رهيو هو. رسمي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ، ڪولو آمنہ کي ويس مٿائڻ ۾ مدد ڪئي. آمنہ عام لباس لاهي، پنهنجي قدرتي سُونهن کي سوٽ جي سڳڙن سان سجايل ڀڪندڙ اڇي بلائوز، اُهڙيءَ ئي پوتي ۽ پردي سان وڌيڪ سهڻو ۽ قابل تعريف بڻايو. سوني مُنديءَ، چانديءَ جو ٻاهونٽو ۽ هيرن جون واليون، آمنہ جي اهميت کي پڌرو ڪرڻ لڳيون. ڪولو ڪانئس ڪيمپس وڃڻ جو سبب پُڇيو.

"آئون فاطمہ کي دعوت ڏيڻ لاءِ يونيورسٽي وئي هيس."

"هوءَ! غير ذميوار ۽ بيڪار ڇوڪري!" ڪولو ڪٺڪاريندي چيو.

آمنہ ڪوبہ جواب نہ ڏنو. کيس خبر هئي تہ ڪولو ۽ فاطمہ هڪ ٻئي کي ناهن پسند ڪنديون. ان هوندي بہ، ان جو ٻنهيءَ جي محبت سان ڪو تعلق نہ هو. جڏهن پهرين مهمان جي آمد جو اعلان ٿيو، تڏهن ڪولو ۽ هوءَ، هڪ وڏي آرسيءَ اڳيان بيهي، رسمي طور سينگار ڪرڻ جي بهاني، خودپرستيءَ ۾ مصروف هيون. آمنہ تڪڙي، مهمانن جي آڌرڀاءَ لاءِ هيٺ آئي. من موهيندڙ اکڙين واري ڏيک ويک، جسماني بيهڪ ۽ نرم ڪارڙي چمڙيءَ سان، هوءَ مهمانن جي ميڙاڪي ۾ بهترين ميزبان لڳي رهي هئي- سهڻي، باوقار ۽ من موهيندڙ! دعوت هلندي، جڏهن فاطمہ ۽ يونيورسٽيءَ جون بہ نينگريون اڱڻ ۾ داخل ٿينديون ٿي، سڌيون آمنہ وٽ آيون، تڏهن سندس چهري جو دٻاءُ ڪجهہ گهٽيو ۽ چهري جا هٺرادو تاثرات، حقيقي مسڪراهٽ ۾ تبديل ٿي ويا.

گھڻي ڀاڱي مهمان پهچي چڪا هئا. *الحاج* هارون، ڪولوءَ جي ساٿ سان چاڙهيون لهي هيٺ آيو. هر مهمان جو آڌرڀاءُ ڪرڻ ۽ الحاج هارون کي تقرير ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيڻ بہ ڪولوءَ جي ذميواري هئي. جڏهن ڪولوءَ مهمانن جو ڌيان ڇڪايو، تڏهن هو سندس ڀر ۾ بيٺل هو. هو هڪڙو ٿلهو ۽ ڊگهو ماڻهو هو. ڪولو سندس پيٽ ۾ گڏيءَ وانگر لڳي رهي هئي. سائي پرت سان سينگاريل تيز اڇو گائون، ويڪري پيشاني، ويٺل نڪ ۽ بنا ڏاڙهي مهانڊو، ڪيس ڏسڻ وٽان بڻائي رهيو هو. هن کي ڳاڙهي رنگ جي ٽوپي ۽ چمڪدار پورا بوٽ پاتل هئا.

جڏهن ڪولو الحاج هارون جو تعارف ڪرائي، هڪ پاسي ٿي، تڏهن هُن پنهنجو گائون ٺيڪ ڪري، ڏاڍي سرهائيءَ سان پنهنجي نڙي صاف ڪئي. سڀ کان پهرين هُن مدد ۽ رهنمائيءَ لاءِ خدا جو ۽ پوءِ دعوت ۾ اچڻ وارن سڀني مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو. "اوهان سمورا ڄاڻو ٿا تہ اسلام مرد کي چار شاديون ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. آمنہ منهنجي چوٿين زال آهي. منهنجو اصول آهي تہ 'نئين ڪاميابيءَ کان پوءِ نئين زال!' ٻڌندڙ جي ڇُڻ پُڻ سان هڪڙي هلڪي سرڙاٽ ضرور پيدا ٿي، مگر الحاج هارون فخريہ انداز ۾ پنهنجي گفتگو جاري رکي. "ڪافي سال اڳ، جڏهن آئون خدا جي مهربانيءَ سان ضلعي حڪومت ۾ بطور "اسٽور ڪيپر" مقرر ٿيو هئس، تڏهن مون پهرين شادي ڪئي هئي. خدا جي فضل سان جڏهن منهنجو پروموشن ٿيو ۽ منهنجي وزارتِ تجارت ۾ بطور اڪائونٽنٽ ڀرتي ٿي وئي، تڏهن مون ٻي شادي ڪئي. پوءِ جڏهن خدا پاڪ ڪاروبار شروع ڪرڻ ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي، تڏهن مون ٽين شادي ڪري ورتي. هاڻ جڏهن هن جي ئي مدد سان آئون رياستي اسيمبليءَ جو ميمبر بڻيو آهيان، تڏهن مون چوٿين شادي ڪري ورتي آهي." هُن آمنہ ڏانهن ڏسندي چيو "تون منهنجي چوٿين زال آهين! تون آخري آهين، پر ڪنهن کان گهٽ ناهين!" اهو ٻڌندي ئي سامعين مان ڪن تاڙيون وڄايون، ڪي مُرڪيا، ۽ ڪي کِليا. الحاج هارون خاموشيءَ جو انتظار ڪيو ۽ وڄهہ ملندي ئي هڪدم چيائين، "اسلامي قانونن جو مڪمل طور پاسدار ۽ حمايتي هجڻ ڪري، آئون اوهان سڀني

ڪي اهو يقين ٿو ڏياريان ته آئون پنهنجين چئن ئي ڄالن سان هڪ جهڙي محبت ڪريان ٿو.“

تقرير کان پوءِ مهمانن ٽولين جي صورت اختيار ڪري ورتي، ۽ مختلف موضوعن ۾ مگن ٿي ويا. آمنه هر ڪنهن ٽوليءَ سان رسمي سلام دعا ڪرڻ کانپوءِ، مبارڪباد وصول ڪندي رهي ۽ پوءِ هجوم ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳي. انهيءَ دوران ڪي چاتل سُڃاتل موضوع به سندس ڪنن جي پردن سان ٽڪرايا. موجوده سياسي ڪاميابيون ۽ ناڪاميون، ڪنهن نئين ماڊل جي گاڏي ورتي، يا ڪنهن ڪا جديد مشين ورتي. اڳڻ مهمانن سان ڀريل هو. آمنه مهمانن اڳيان شربتون، بسڪيٽ ۽ ڀُڳل گوشت ۽ ڪُڪڙ پيش ڪري رهي هئي. جڏهن آمنه پنهنجين شاگردياڻين- سهيلين وٽ پهتي، ته سندس ڪنن ۾ فاطمه جو آواز آيو: ”اهو دوکي باز آهي! جيڪڏهن مستقبل ۾ اهو ڪنهن وڏي عهدي تي پهتو ته ڇا ٿيندو؟ ڪيس نئين شادي ڪرڻ لاءِ رڳو چئن مان هڪڙيءَ کي طلاق ڏيڻي پوندي“ اُن ٽوليءَ وٽ پهچي، آمنه اندر ئي اندر مُرڪيو ۽ پوءِ سهيلين سان ڪِل ڀوڳ ۾ لڳي وئي.

دعوت جي پُڄاڻيءَ تي آمنه سُڪيو ساهه کنيو ۽ مٿي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪرڻ لاءِ هلي وئي. پنهنجي تمام وڏي بستر تي ڪِرندي ئي، هُن فخريه انداز ۾ سوچيو: ”شڪر آهه! دعوت ڪامياب ٿي.“ بستر تي ليٽي ليٽي هن اُداس انداز ۾ پنهنجي ڪمري تي نظر ڦيرائي. هُن ٽي. وي، وي سي آر، فريج، آڊيو ڪيسٽ پليئر، شوڪيس ۾ پيل مختلف رنگن ۽ مقدار جي ٿانوَن، ۽ مختلف موقعن لاءِ ڪپڙن سان ڀريل الماريءَ جو جائزو ورتو- ۽ پوءِ ڪمري ۾ رات جي ماني کائي، آمنه نائيٽ گائون رات جو وڳو پاتو ۽ سُمهڻ لاءِ ليٽي پئي.

ڪافي دير کان پوءِ الحاج هارون ڪمري ۾ گهڙيو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين. بستر تي ويهي، پنهنجا بُوٽ لاهڻ دوران کيس اچانڪ ڪجهه ياد آيو. هُن چيو: ”آمنا! دعوت دوران آئون اهو اعلان ڪرڻ وساري

وينس، تہ منهنجي زال ٽيڻ جي سببان تون هڪڙي گهر ۽ زمين جي مالڪياڻي پڻ بڻجي چُڪي آهين۔ ها! آئون اڄ بي چر سان مليو هئس، ۽ هو سياڻ توسان ملڻ گهري ٿو.“

آمنہ، هارون جي مهرباني مڃي. هوءَ سندس اُن سخاوت تي حيران هئي. هن کي اهڙن تحفن جو آسرو نہ هو. توڙي جو هارون وڏي مشڪل سان ڪيس يقين ڏياريو هو تہ جيستائين پاڻ زندھہ آهي ۽ امير آهي، اوستائين آمنہ دنيا جي ڪنهن بہ شيءِ جي خواهش رکي سگهي ٿي. هارون ڪمري جي بتي بند ڪري بستر تي ليٽي پيو. ”گهر هتان ڪان پري ناهي. زمين بہ ويجهي آهي. بلڪل دريا جي ڪناري، پرائمري اسڪول جي سامهون.“

”مهرباني!“ آمنہ پيهر چيو.

ڪي گهڙيون خاموشيءَ کان پوءِ الحاج هارون چيو: ”خدا ڪيڏو نہ مهربان آهي! ڪجهہ مهينا اڳ، اسان اجنبي هئاسين، ۽ اڄ اسان زال مڙس آهيون. هن اونداهيءَ هوندي بہ آئون تنهنجي خوبصورتي محسوس ڪري سگهان ٿو، اها روشن ۽ تابناڪ آهي.“

ٻي ڏينهن آمنہ صبح جو جلدي اُٿي نماز پڙهي. هن پنهنجيءَ الماريءَ مان بهترين لباس ڪڍي، پهريو. هوءَ ڏهين وڳي ڪپڙا مٽائي، ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار هئي. دروازي وٽ نيري لينڊرؤور سندس اوسيئڙي ۾ هئي. هوءَ گاڏيءَ وٽ پهتي، تہ ڪنهن سندس واڪاڻ ڪندي دروازو کوليو. دروازو بند ٿيندي ئي هُن ڊرائيور کي چيو: ”مون کي بي چر جي گهر وٺي هلو!“

بي چر جو گهر شهر جي ئي حد اندر هو. گاڏي هڪ لوهي دروازي وٽ اچي بيٺي. آمنہ پنهنجو شيشو ٿورو هيٺ ڪيو ۽ چيو: ”آمنہ هارون، رياستي اسيمبليءَ ۾ اڪثريتي رهنما جي زال۔ بي چر سان ملڻو آهي!“

پهريدار محافظ ريڊيو ذريعي ڪجهہ ڳالهايو ۽ پوءِ دروازو کُلي ويو. گاڏي پارڪنگ ۾ وڃي بيٺي. هڪ گارڊ آمنہ کي ساڻ وٺي گهر ڏانهن روانو ٿيو. آمنہ، ٻنهي پاسي وڻن سان ڍڪيل رستي تي هلڻ لڳي. رستي ۾ هڪ سوئمنگ پول ۽ هڪ ٽينس ڪورٽ بہ هئي.

”آخرڪار... اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي.“ بي چر دروازي وٽ بيهي، آمنه جو آڌرڀاءُ ڪيو. ”اندر هلي آرام سان ويهون ٿا.“ هو ڪيس ٽڪڙو ڊرائينگ روم ۾ وٺي آيو. اُتي هڪ شخص اڳ ۾ ويٺو هو. هن ڪجهه دير لاءِ معذرت طلبي، ته جيئن پنهنجو اڌورو ڪم پورو ڪري وٺي. انهن ٻنهي ڳالهه ٻولهه شروع ڪري ورتي. آمنه کي پوءِ پتو پيو ته ان شخص جو نالو محمد ادريس آهي. ڪيس سندن ڳالهين سان ڪا دلچسپي نه هئي. موجوده معاملن کان پري رهڻ لاءِ هُن، خوبصورتيءَ سان سجايل ڪمري تي غور ڪرڻ شروع ڪيو. ان جو سنگِ مرمر جو فرش ۽ فانوس ڏسڻ وٽان هئا.

”اوهان جي والد جيڪي شيئر خريد ڪيا هئا، انهن جي قيمت ڪِري پئي.“ بي چُر چيو.

”آئون انهن جي رهيل رقم بابت ڄاڻڻ چاهيان ٿو.“ ادريس چيو.

”منهنجي چوڻ تي اوهان جي والد جيڪا رقم بئنڪ ۾ جمع ڪئي هئي، ان کي ته ڪيترن ئي سالن تائين هٿ به نٿو لائي سگهجي. مون ڪيس مختلف اڪائونٽس بابت ڄاڻ ڏني هئي، هُن ان ۾ رقم جمع ڪرائي. آئون اوهان کي اصل دستاويزن تي سندس صحيح ڏيکاري سگهان ٿو. ايندڙ ڏهن سالن دوران اوهان ڪُل رقم جو فقط پنجويهه سيڪڙو بئنڪ مان ڪڍي سگهو ٿا.“

”هو ته چوندو هو ته وٽس ڪروڙين روپيا آهن...“

”لکت ۾ ته پيسا هاڻي به سندس آهن. تڏهن به عملي طور ڪنهن جا به ناهن. سندس زنده هئڻ جي صورت ۾ به ڏهن سالن دوران پنجويهه سيڪڙو کان مٿي رقم ڪيرائي ئي نه ٿي سگهجي.“ بي چُر تفصيل بيان ڪندي چيو.

”آئون سمجهي نه سگهيس. ڇا اوهان اهو ٿا چوڻ چاهيو ته اسان پنهنجي رقم واپس نائجيريا نٿا آڻي سگهون!؟“

”اوهان بلڪل صحيح سمجهيو. اها رقم واپس آڻڻ ناممڪن آهي.“ بي چُر ادريس جي اکين سان اکيون ملائيندي وراڻيو.

”مگر آئون...“

"...آئون معذرت ٿو چاهيان. ڪو ضروري ڪم آهي. منهنجو پُٽ اوهان کي سمورين خرابين جو تفصيل ٻُڌائيندو۔ لوڪس! لوڪس..!" بي چُر سڏ ڪيو.

"هن کي وٺي وڃو ۽ ڪيس سمورن معاملن کان پوريءَ طرح واقف ڪريو!"

سواليءَ کي روانو ڪرڻ بعد، بي چُر ڊيرج سان آمنہ ڏانهن مُڙيو. سندس ڳالهائڻ جو انداز ڪجهہ وڌيڪ مهذب ٿي ويو.

"آئون اوهان کي پليڪار ڪريان ٿو. مون سان گڏ اچو آئون اوهان جي ملاقات هڪ اهم شخصيت سان ڪرائڻ چاهيان ٿو." بي چر آمنہ کي سوئمنگ پول وٽ وٺي آيو. اُتي هڪ ڳوري عورت ٻُڪل هٽيو چانوَ ۾ ليٽيو وائن پي رهي هئي. آمنہ ٻُڌتر ۾ پئجي وئي. هوءَ سمجهي نہ پئي سگهي تہ ڪهڙي طرف ڏسي. تنهن تي بي چر سندس تعارف ڪرائيندي چيو تہ هن جو نالو پولا آهي. اها لنڊن جي مشهور گل فروش آهي. دعوتن کي گلن سان سجائڻ ۾ هن جو ڪوبہ مَٽ يا ثاني ناهي، ۽ هيءَ هتي گورنر جي حلف برداريءَ جي تقريب کي گلن سان سجائڻ لاءِ آئي آهي، ان کان پوءِ رياست ۾ ٻيهر جمهوري حڪومت جي شروعات ٿيندي.

"مون کي اوهان سان ملي تمام گهڻي خوشي ٿي." پولا، ڏُپ وارو چشمو لاهيندي چيو. "مون کي اوهان جي ملڪ ۽ هتان جي ماڻهن سان محبت ٿي وئي آهي. هيءَ جادو پري جاءِ آهي! هتان جا ماڻهو بہ ڏاڍا سُٺا آهن، هتي ڪاروبار جا بہ ڪافي موقعا آهن." پولا گلاس مان ڍُڪ ڀريندي چيو. "مون کي خبر آهي تہ اوهان بہ تمام جلد ڪاروبار شروع ڪرڻ واريون آهيو. اها تمام سُٺي ڳالهہ آهي. شايد ڪڏهن اسان ٻئي پڻ ويهي، گڏيل ڪاروبار ڪرڻ بابت سوچ ويچار ڪريون."

"آئون في الحال ڪنهن نتيجي تي ناهيان پهتي." آمنہ جواب ڏنو.

"پوءِ بہ اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي."

جڏهن بي چر آمنہ کي واپس ڊرائينگ روم ۾ وٺي آيو. تڏهن وچي ڪو هن شڪ جو ساهہ کنيو. بي چر آمنہ کي پنهنجي پُٽ وٽ ويهاري

هليو ويو. ائين پئي لڳو تہ شايد لوڪس، پنهنجي پهرئين مهمان ڪي روانو ڪري چڪو هو. هُن بہ ٽڏيون بوتلون ۽ گلاس گهرايا. هو آمنہ جي اڳيان ويهي رهيو ۽ گلاس ڀرڻ لڳو "منهنجي والد ٻڌايو آهہ تہ اوهان، اسان سان گڏ ڪاروبار ڪرڻ جا خواهشمند آهيو." لوڪس، ميز تي ڪجهہ ڪتابڙا ۽ ڪاغذ ڪڍي رکندي چيو. "ڇو نہ آئون توهان کي پنهنجين خدمتن بابت پوري ڄاڻ ڏيئي ڇڏيان؟ اسان ماڻهن جي سرمايي جي تحفظ کان وٺي، سرمايہ ڪاريءَ جي ڏس ۾ صلاح مصلحت تائين سمورا ڪم ڪريون ٿا. مثال طور جيڪڏهن ڪو ماڻهو يورپ ۾ گهر خريدڻ گُهري ٿو تہ اسان ڪيس مناسب اگهہ تي گهر خريدڻ ۾ مدد ڪريون ٿا. اسان ميڊيڪل چيڪ اپ، موڪلن جي پروگرام ۽ ٻارن جي بهترين اسڪولن ۾ داخلا تائين مدد فراهم ڪريون ٿا." گڏجاڻيءَ جي پڄاڻيءَ تي لوڪس، آمنہ کي ڪجهہ ڪتابڙا ۽ دستاويز پڙهڻ لاءِ ڏنا، جن ۾ سندن مختلف خدمتن بابت ڄاڻ ڏنل هئي.

آمنہ سندس مهرباني مڃي. "آئون اهي پڙهي اوهان سان رابطو ڪنديس." آمنہ چيو.

لوڪس پنهنجي پيءُ کي سڏيو. ٻي ڇر ڪمري ۾ ڪن سان موبائل فون لڳايو داخل ٿيو. "مون کي خبر آهي، اوهان فاطمہ جون دوست آهيو." هن چيو. ائين پئي لڳو ڄڻ آمنہ سان الوداعي ملاقات خاطر، هو ڪنهن کي انتظار جي حالت ۾ ڇڏي آيو هجي. "اوهان منهنجو هڪڙو ڪم ڪري سگهو ٿيون؟ آئون ڪجهہ مهينن لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيو آهيان. تنهن ڪري جڏهن اوهان جي ساڻس ٻيهر ملاقات ٿئي، تہ مهرباني ڪري کيس اهو ٻڌائي ڇڏجو تہ آئون واپس موٽڻ کان پوءِ ئي يونيورسٽي جي مباحثي جو دعوت نامو قبول ڪندس. آئون واپسيءَ تي پاڻ بہ ساڻس رابطو ڪندس. تيستائين آئون ان دانشوراڻي ويڙهہ لاءِ وڏيڪ تياري ڪري وٺندس!" سندس طنزيہ مُرڪ سبب آمنہ هڪ ڀيرو ٻيهر پريشان ٿي وئي. تنهن هوندي بہ لوڪس بااخلاق شخص هو ۽ اهوئي آمنہ کي گاڏيءَ تائين ڇڏڻ آيو.

## باب ٻيو

ڪيترائي هفتا گذري ويا. نماز پڙهڻ، کائڻ ۽ سمهڻ وارو روزانو جو عمل پرسڪون نموني جاري رهيو. آمنه پنهنجي غير مصروف، مگر آرامده زندگيءَ جو مزو ماڻيندي رهي. سندس مڙس هڪڙو امير شخص هو. سندس سموريون خواهشون پوريون ٿي رهيون هيون. تنهن ڪري کيس واندڪائيءَ بابت ڪا شڪايت به نه هئي. زندگيءَ جي ان دؤر کي هن عارضي ٿي ڄاتو. کيس پڪ هئي ته جلد ئي هوءَ ڪنهن دلچسپ سرگرميءَ جو حصو بڻجي ويندي، ۽ سندس ذهن مان واندڪائيءَ جو احساس دُور ٿي ويندو.

هڪڙي خوبصورت ۽ روشن ڇنڇر جي صبح، آمنه "قانون سازن جي زالن جي انجمن" جي افتتاحي گڏجاڻيءَ ۾ شامل ٿي. اها گڏجاڻي اسيمبليءَ جي حدن اندر منعقد ٿي. هوءَ اُتي جي ڪن ڇهرن کان واقف هئي. اهي ڇهرا سندس دعوت ۾ به موجود هئا. گڏجاڻيءَ جي پڇاڙيءَ تي کيس، انجمن جو نائب سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو ۽ هوءَ خوشيءَ وچان گهر رواني ٿي وئي. پنهنجي ڪمري ۾ پهچي، هن ڪمري کي اندران بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجو بلائوز لاهي، آرسيءَ اڳيان بيهي رهي. اهڙي انداز ۾ پنهنجي جسماني جوڙجڪ تي ناز ڪرڻ ۽ پاڻ وڻائڻ جي کيس پُراڻي عادت هئي. هُن پنهنجي شفاف ڇهري کي چُمي ڏنو "خدا جو شڪر آهي جو هُن مون کي سُهڻو بڻايو آهي. هڪ عورت جون سموريون ضروري صفتون مون ۾ موجود آهن. مون کي لڳي ٿو ته خدا منهنجي تخليق کي ڪجهه وڌيڪ وقت ڏنو هو. آئون دعوت ۾ شريڪ سمورين عورتن کان وڌيڪ حسين آهيان..." دروازي تي هڪڙي ڌيمي آواز

سندس خيالن ۾ خلل وجهي ڇڏيو. هُن ڦڙتيءَ سان پنهنجو بلائوز پاتو ۽ دروازو کوليو.

"آداب شهزادي! ڇا حال آهن؟" کولوءَ هڪ سندر مُرڪ سان کانئس پُڇيو.

"آئون ٺيڪ آهيان. تون ٻڌاءِ!" آمنہ کيس ڪمري ۾ اچڻ جي دعوت ڏيندي چيو.

"بلڪل ٺيڪ! مون وٽ گهڻو وقت ناهي. آئون توکي رڳو اهو ٻڌائڻ آئي آهيان، تہ جلد ئي يورپ رواني ٿي رهي آهيان. ان کان پوءِ آئون مکي وڃي عمرو ادا ڪنديس."

"تون ڏاڍي ڀاڳن ڀري آهين." آمنہ مُرڪندي وراڻيو.

"منهنجي نئين ڪمپني رجسٽرڊ ٿي وئي آهي."

"ڪهڙي؟"

"ٽريول ايجنسي. اڄڪلهہ اهو ڪاروبار وڏو فائدي وارو آهي، ڇو جو هر وقت زيارتي سعودي عرب وڃڻ لاءِ آتا هوندا آهن." کولو گهڙيءَ کن لاءِ خاموش ٿي وئي. "مون کي اُميد آهي تہ سعودي عرب وڃي وڃڻ واري منهنجي پيشڪش توکي اڄ بہ ياد هوندي."

"مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي. جڏهن منهنجو اِرادو هوندو تہ توکي ٻڌائينديس."

ڪجهہ دير کان پوءِ آمنہ آرام ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار هئي، تہ اوچتو مائرو ڪمري ۾ گهڙي آئي. هوءَ عربيءَ ۽ قرآن پاڪ جي مشهور استاد جي ٻي زال هئي. اها هڪڙي ٿلهي، ڳالهر ۽ تيڏين تنگن واري شخصيت هئي. کيس "بڪارو جو ريڊيو" پڻ سڏيو ويندو هو. وٽس هر ويل نيون خبرون موجود هونديون هيون.

"تون وڏي خوشنصيب عورت آهين." مائرو آرام سان ويهندي وراڻيو.

"ڪهڙي حوالي سان؟" آمنہ سوال ڪيو.

"تون ٻين عورتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آرامده زندگي گذاري رهي آهين."

"اها تہ خدا جي مرضي آهي." آمنہ چيو.

”تون نيڪ ٿي چوين- ڇا تون لارائيءَ کي سُڃاڻين؟“

”نه! اها ڪير آهي؟“

”اها هڪڙي نوجوان ماءُ آهي ۽ اسپتال ۾ داخل آهي. ڪجهه مهينا اڳ ويم دوران هوءَ اسپتال ۾ داخل ٿي هئي. ان دوران ڪافي پيچيدگيون پيدا ٿي ويون. جڏهن ننڍي عمر واريون ڇوڪريون ماءُ بڻجن ٿيون، تڏهن اڪثر اهڙن مرضن ۾ مبتلا ٿي وينديون آهن.“

”ان جو مون سان ڪهڙو واسطو آ؟“ آمنه مُنهن گُهنجائيندي سوال ڪيو.

”ڪجهه نه- مون کي اهڙين ڇوڪرين تي ڏاڍو قياس اچي ٿو ڇو جو اهي پوءِ پنهنجي گهڻي ڀاڱي زندگي غربت ۽ مايوسيءَ جي حالت ۾ گذارينديون آهن. منهنجو خيال هو ته هڪ نوجوان ۽ لکيل پڙهيل عورت هئڻ جي حيثيت ۾، توکي شايد انهن بابت فڪرمند هئڻ گهرجي.“ مائرو آمنه کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

آمنه لاپرواهيءَ وچان جواب ڏنو ”مون کي ناهي، اسان سيني جون زندگيون هڪ ٻئي کان ڌار ۽ تقديرون مختلف آهن. مون ڪيس ننڍي عمر ۾ شاديءَ لاءِ نه چيو هو. نه ئي ڪا آئون ڊاڪٽر آهيان، ۽ نه ئي ايڏي امير، جو سندس خرچ برداشت ڪري سگهان. منهنجي خيال ۾ توکي شهر جي ڪنهن امير، يا رياست جي گورنر يا وري ڪنهن بااثر شخص سان ڳالهائڻ گهرجي.“

مائرو هار مڃڻ لاءِ تيار نه هئي. ”اهي سڀ مرد آهن. اهي ان مرض کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهندا.“ هن سنجيده لهجي ۾ وضاحت ڪندي چيو.

”آئون ڪجهه به نٿي ڪري سگهان، اها خدا جي مرضي آهي.“

ڪنڌ ڪُلها ڌوڻڻ بعد مائرو ٻين مقامي مسئلن تي ڳالهائڻ شروع ڪيو. جڏهن آمنه کي محسوس ٿيو ته هوءَ پنهنجي چڱي رَويي جي ڪافي ڳري قيمت ادا ڪري چڪي آهي، تڏهن هن چيو ته هوءَ اڄوڪي مصروفيت سبب ڪافي ٿڪجي چُڪي آهي، ۽ هاڻ ڪجهه آرام ڪرڻ

گهري ٿي. مائرو اهو ٻُڌڻ کان پوءِ هلي ويئي. جيئن ئي آمنہ پنهنجن گهاٽن وارن جو وانگوڙو ٺاهڻ شروع ڪيو تيئن اڱڻ مان هڪ چاتل سچاتل آواز سندس ڪنن سان ٽڪرايو. اهو آواز سندس سهيلي فاطمہ جو هو. هوءَ سندس مڙس جي پهرين زال جي ڏهہ سالہ پُٽ، عبدالله جي پٺيان ڊوڙي رهي هئي. هوءَ کيس تنگ ڪندي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي، ۽ کيس پنهنجو بي دل معشوق سڏيندي چيڙيندي هئي. آخرڪار وچ اڱڻ ۾ موجود زيتون جي وڻ وٽ کيس پڪڙڻ کان پوءِ، فاطمہ وڏي سر نعرو لڳايو: "هاڻ مون سان شاديءَ کان سواءِ تو وٽ ٻيو ڪوبہ گس ڪونهي." پوءِ عبدالله مان هٿ ڪڍي، هُن ٻي زال جي ٽن سالن جي ڌيءَ جميلہ کي قابو ڪري ورتو. سندس مُنهن تي پيار مان هٿ ڦيرڻ بہ ڏ، ٻاتائڻ لڳي:

"تون ڏاڍي سُهڻي آهين. تنهنجي شادي آئون پنهنجي پاءُ سان ڪنديس."

"هيءَ مالي جو پُٽ گمبو آهي؟" فاطمہ اڱڻ ۾ موجود عورت کي، ٽيڙين ٽنگن واري پنج سالن جي ڇوڪري ڏانهن اِشارو ڪندي چيو.

"جيُ!" عورت جواب ڏنو.

"هڪ ڏينهن هيءُ اسان جي ملڪ جو صدر ٿيندو." آمنہ کِلندي چيو.

"اهو ناممڪن آهي." سندس ماءُ مُرڪندي جواب ڏنو.

فاطمہ مٿي آمنہ جي ڪمري ۾ هلي ويئي. "اسان ڪيمپس ۾ ڏاڍا مصروف هئاسين." فاطمہ ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي چيو. اها ايترا ڏينهن نہ ملڻ لاءِ معذرت هئي. "اسٽوڊنٽس يونين جون چونڊون ٿي رهيون هيون، ۽ آئون نائب صدر چونڊجي وئي آهيان."

"مبارڪ هجي!" سياست ۾ عدم دلچسپيءَ جي باوجود، آمنہ دل جي گهرائين سان پنهنجي سهيليءَ کي مبارڪ ڏني.

"مهرباني!" فاطمہ جواب ڏنو. صوفي تي ويهڻ کان پوءِ هُن پنهنجي ڳاڙهي پٽڪي لاٿي ۽ پنهنجن ڊگهن وارن کي پٺيان ٻڌي ڇڏيو.

”ڳُت ٻڌڻ ۾ همراهي ڪرائيندينءَ؟“ آمنہ پنهنجي سهيليءَ کان پُڇيو. ”آئون توسان ڪي اهم ڳالهيون بہ ڪرڻ گهران ٿي.“

”ڇو نہ! مون وٽ ڪافي وقت آهي.“

فاطمہ هيٺ وئي ۽ هڪ ڪانيءَ جو موڙهو کڻي آئي. هوءَ ڪمري کان ٻاهر ننڍڙي ڇپري ۾ هليون ويون.

فاطمہ موڙهي تي ۽ آمنہ فرش تي سندس پيرن ۾ ويهي رهي. فاطمہ وارن جون ڇڳون سنوارڻ شروع ڪيون. ”آمنہ! اليڪشن ڏاڍي مزيدار هئي، ۽ مون ان مان گهڻو ڪجهہ پرايو آهي...“ هن چيو.

”منهنجي ڳالهہ ٻُڌ!“ آمنہ ڳالهہ ڪٽيندي چيو. ”تون ڄاڻين ٿي تہ مون کي اليڪشن ۾ ڪابہ دلچسپي ناهي. مون کي سياست کان ڏپ ٿئي ٿو. آئون ان کان نفرت ٿي ڪريان.“

”تون منهنجي ڳالهہ مڃ! يا، نہ مڃ! هر شخص سياستدان آهي. بس رڳو متحرڪ يا غير متحرڪ هجڻ، اوهان جي پنهنجي مرضي آهي. جيڪڏهن اوهان پنهنجو پاڻ تي اثر انداز ٿيندڙ طاقتن ۽ ضابطن کي پاڻ ئي پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ لاءِ تيار ناهيو تہ پوءِ ٻيا توهان لاءِ اهو ڪم ڪندا!؟“

ڇپري اندر عبدالله جي آمد، ڳالهہ ٻولهہ ۾ رنڊڪ وڌي. هُن شرمائيندي فاطمہ کي ڪولانٽس پيش ڪيا. فاطمہ کيس هٿ کان جهلي، پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ ٻڪوڙي ڇڏيس. اڱڻ ۾ ٻيٺل عورت اهڙو منظر ڏسي ٽهڪ ڏيڻ لڳي. عبدالله ڪافي ڇڪ ڇڪان کان پوءِ آخر پاڻ کي ڇڏائي ورتو ۽ ڀڄي ويو.

”تہ پوءِ تنهنجو تعلق ڪهڙي طبقي سان آهي!؟“ فاطمہ ڇڏيل موضوع کي ٻيهر کڻندي چيو.

آمنہ جي لاپرواهي برقرار رهي. هن بي يقينيءَ جي حالت ۾ جواب ڏنو.“ منهنجو خيال آهي تہ منهنجو تعلق وچ واري راهہ وٺندڙ طبقي سان آهي. ”اچانڪ آمنہ هڪ وڏو ٽڏو ساهہ پريو. بي خياليءَ ۾ فاطمہ جي هٿان، وارن جي هڪ ڇڳ ڇڪجي ويئي هئي. معذرت ڪندي فاطمہ

پنهنجي جوشيلي تقرير ٻيهر شروع ڪئي- ”ياد رکجو! سياست ۾ وچ واري وات ناهي هوندي. ڪوبہ ڪٿهڙي ڪان ٻاهر ٻيهي، راند جو مزو نٿو ماڻي سگهي. اوهان يا تہ ”موجود“ سان گڏ هوندا آهيو يا تہ پوءِ ”سندس“ خلاف- يا تہ اوهان سندس حمايت ڪريو ٿا، يا تہ ڪيس بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو.“

آمنہ ماٺ هئي، ڪيس خبر هئي تہ سياسي مسئلا، سندس لاءِ سڀ ڪان وڏو مسئلو آهن ۽ هوءَ اُن موضوع تي ڪلاڪن تائين ڳالهائي سگهي ٿي. هڪ ڀيرو شروع ٿي تہ پوءِ ڪيس روڪڻ ناممڪن هوندو. تنهن هوندي بہ فاطمہ جي پيار ۽ سندس سچائيءَ سبب هوءَ ڪانئس متاثر هئي. آمنہ لاءِ اهي تقريرون، سندس صحبت حاصل ڪرڻ جو اجورو هيون.

”تون هيئر اسٽائل ۾ وڏيڪ سُهڻي لڳين ٿي. اهو انداز توکي سُونهي ٿو.“ فاطمہ ڳُت ويڙهيندي چيو.

هن اُتي ٻيهي آرس ڀڳي: ”مذاق نہ ڪر!“

”آئون مذاق نہ پئي ڪريان. جنهن ماڻهوءَ کي اکيون آهن، ۽ جيڪڏهن ڪيس صحيح نظر اچي ٿو تہ اهو صاف طور ڏسي سگهي ٿو تہ تون هڪ اڻ لپ موتي آهين. جيڪڏهن ڪو نابين بہ تنهنجي چهري کي هٿ لائي ڏسي، تہ اهو بہ ائين ئي چوندو. پر خوبصورتي عورت جي مڙني ضرورتن مان صرف هڪڙي ضرورت آهي. ٿورو عقل ۽ هڪڙو مضبوط ذهن بہ سندس ضرورت آهي.“

”ڳُت ناهڻ لاءِ مهرباني!“ آمنہ شربت پيش ڪندي جواب ڏنو ۽ آرسيءَ اڳيان ٻيهي ڳُت ڏِسڻ لڳي. آمنہ فاطمہ سان ڪيئي اهم موضوعن تي ڳالهائڻ گهريو ٿي، مگر ڪيس اندازو ٿي ويو تہ في الحال هوءَ ذاتي مسئلن تي ڳالهائڻ ۾ دلچسپي نہ پئي رکي، تنهن ڪري هوءَ ماٺ رهي.

پوءِ آخر هن پُڇي ئي ورتو: ”تنهنجي ڳالهہ ٺا ڪريون. آئون مڃان ٿي تہ عورتن جي حالت کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. مگر انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

اهو ٻُڌي فاطمہ جو مُنهن ٻهڪِي پيو. "اها ڳالهہ ڪرڻ فضول آهي!" فاطمہ هڪدم جواب ڏنو. "اهي ڪڏهن بہ ائين ڪرڻ نہ ڏيندا."

"مگر هو مون سان محبت ڪري ٿو." آمنہ ڳالهہ تي زور ڏيندي چيو.

"ها! آئون مڃان ٿي، مگر هو پنهنجي مفادن سان وڌيڪ محبت ڪري ٿو." فاطمہ اهو چئي، ٿوري دير لاءِ چُپ ٿي وئي. "ان جي ابتڙ قانون سازن جي زالن جي انجمن، عورتن جي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهي ٿي. توهان ماڻهو ڪيتري حد تائين منظم آهيو؟"

"اسان... اسان جي انجمن اڃا بلڪل نئين آهي ۽ اسان اڃا ڪم دوران، پنهنجن مڙسن جي آرام ۽ سهوليتن جي موضوع تي ئي ڳالهايون ٿا. قانون ساز اسيمبليءَ ۾ انهن لاءِ خوشگوار ماحول پيدا ڪرڻ ئي اڄڪلهہ اسان جو موضوع آهي. سياڻ واري گڏجاڻي هتي ئي ٿيڻي آهي. جيڪڏهن توهان اچڻ چاهيو تہ آئون ميمبرن جو ڏيان، توهان جي ضرورت ڏانهن ڇڪرائي سگهان ٿي. شايد اسان سڀ مِلي جُلي پنهنجن مڙسن تي اثر انداز ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ۽ اهي اهڙا قانون جوڙين، جيڪي عورتن لاءِ وڌيڪ لاڀائتا هجن."

"ياد رکجانءِ! نيڪ نيتيءَ تحت اهي ڪڏهن بہ ڪا وڏي تبديلي نہ آڻيندا." فاطمہ جواب ڏيندي چيو. هن پنهنجي هيٺين چپ کي ڏندن ۾ پڪوڙيو ۽ سخت لهجي ۾ چيو: "عورتن تي ظلم جو سڀ کان وڏو سبب جهالت آهي. اسان کي وڌيڪ اسڪولن جي ضرورت آهي. عورتن جي تعليم کي لازمي قرار ڏيئي، ڪين مفت تعليم ڏيڻ گهرجي. خير، اهي مستقبل جا ڪم آهن، في الحال اسان کي بالغ عورتن کي خاص طور تعليم ڏيارڻ گهرجي، تہ جيئن عورتن جي اڻ ڄاڻائي ختم ٿئي."

"ڇا مطلب؟"

"سڀ کان پهرين اسان کي عورتن کي لکڻ پڙهڻ سيکارڻو پوندو. پوءِ ڪين بلدياتي فرضن ۽ انساني حقن کان واقف ڪيو وڃي، ۽ پوءِ ڪين سندن قانوني حقن کان واقف ڪرڻ جي ضرورت آهي. گهٽي ياڳي

عورتون تہ اسلام کي بہ نٿيون سمجھن. اھي پنھنجي مڙس، پيءُ ۽ ڀين ماٺھن جي ڳالھين کي اسلام قبول ڪريو وٺن! اھي رسم و رواج کي اسلام جو نالو ڏيو ڇڏين. جيڪڏھن کين صحيح بنيادي تعليم ڏني وڃي، تہ اھي معاشري ۽ ان ۾ پنھنجي مقام کي بھتر نموني سمجھي سگھنديون.“

آمنہ ڪن ذاتي معاملن بابت ڳالھائڻ گھريو ٿي، پر پوءِ بہ فاطمہ جيترو گھٽو ڳالھائيندي پئي وئي، ھوءَ بہ ڳالھہ ٻولھہ ۾ اوترو محو ٿيندي وئي. ھوءَ نہ تہ ڪا ڳالھہ کي مڪمل طور سمجھڻ جي دعويدار ھئي، ۽ نہ ئي کيس ان سان ڪو اختلاف ھو. ھوءَ فاطمہ جي عزت ڪندي ھئي، ۽ سندس نظريات کي ممڪنہ حد تائين سمجھڻ جي ڪوشش ڪندي ھئي. بہ سال اڳ، اھي ٻئي يونيورسٽيءَ جي ھڪ ئي ڪمري ۾ رھنديون ھيون. ان وقت کان فاطمہ سندس بھترين ۽ سڀ کان وڌيڪ بااعتماد سھيلي آھي. سندس سچ ڳالھائڻ سبب ھوءَ اڪثر مشڪلن ۾ ڦاسي پوندي ھئي، مگر سمورا دوست سادگي ۽ سچائيءَ سبب سندس عزت ڪندا ھئا. سندس شفقت ۽ محبت کي سمجھڻ بنا، کيس ڄاڻڻ ناممڪن آھي. سياسي طور ھوءَ يونيورسٽيءَ ۾ انساني حقن ۽ انصاف جي سڀ کان وڏ حامي ھئي. پھرين ئي ملاقات ۾ ھوءَ فاطمہ تي موھت ٿي ويئي ھئي. پوءِ بہ، ان ھوندي بہ، جڏھن بہ ھُن آمنہ کي سياست ڏانھن ڇڪڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تہ ھوءَ ھٽ ڇڏائي نڪري ٿي وئي. سندس حرڪتن کان خفا ٿي، ھڪ ڀيري آمنہ ھاسٽل جي ڪمري کي تبديل ڪرڻ جي ڌمڪي بہ ڏني ھئي. مگر اھي سدائين ويجھيون دوست رھيون، ۽ آمنہ ان ڳالھہ تي ڏاڍي خوش ھئي، تہ يونيورسٽي ڇڏڻ باوجود، اھي لاڳيتيون رابطي ۾ آھن. توڙي جو سندن نظريات اڄ بہ الڳ آھن.

”عورتن جي تعليم ايتري اھم ڇو آھي؟“ آمنہ پڪائيءَ ڪري پڇيو. ”مون کي ڏس! آئون پڙھيل لکيل ھوندي بہ ھڪ مڪمل گھر گھرستيءَ واري عورت آھيان. آئون ڪنھن حد تائين انھن ماٺھن جي ڳالھہ بہ تسليم ڪريان ٿي، جن جو خيال آھي تہ عورت جي تعليم پيسي ۽ وقت جو زيان آھي.“

”جيڪڏهن توهان پنهنجي تعليم جو درست استعمال نہ پيئي ڪرين، تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ عورتن لاءِ تعليم ضروري ناهي. توهان بيڪار ناهين. توهان رڳو پنهنجو وقت پيئي وڃائين ۽ پاڻ کي ضايع پيئي ڪرين. توهان ڪوڙ سارا ڪم ڪري سگهين ٿي، ۽ توکي ڪرڻ بہ گهرجن.“

آمنہ ٿوري دير لاءِ معذرت چاهي، ۽ نماز پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويئي. ٿوري دير کان پوءِ مصلّي تي ويهي تسبيح پڙهڻ دوران هن اچانڪ چيو: ”رات جي وقت سفر ڪرڻ خطرناڪ آهي. آئون اونده ٿيڻ کان اڳ، تو لاءِ وڃڻ جو بندوبست ڪري ٿي وٺان.“

”منهنجو اُلڪو نہ ڪر! آئون پنهنجو خيال پاڻ رکي ٿي سگهان.“ فاطمہ کيس پڪ ڏياري. ”آئون ڪنهن بہ لچالُت ڪندڙ يا ڪنهن بہ هٿيار بند چور کي مُنهن ڏيئي سگهان ٿي. چا توکي وسري ويو تہ منهنجو جوڊو ۾ بليڪ بيلٽ حاصل ڪيل آهي، ۽ هاڻي آئون ڪراٽي سکي رهي آهيان.“

”مون کي خبر آهي.“ آمنہ مٺو ڏوڙيندي چيو. ”اڇا! مون کي اهو ٻڌائڻ تہ وسري ويو تہ آئون بي چر جي گهر ويئي هيس، هُن تو لاءِ نياپو موڪليو آهي، تہ هوءَ مباحثي لاءِ تيار آهي، اهو ڪهڙو معاملو آهي؟“

فاطمہ ٿوري دير لاءِ مُرڪي، ۽ پوءِ وضاحت ڪندي وراڻيائين: ”آئون بي چر کي گهڻي وقت کان سُڃاڻان ٿي. سندس منهنجي والد سان ڪافي قريبي تعلق هو. اسان اڪثر مختلف موضوعن تي بحث ڪندا رهندا هئاسين. منهنجو خيال هو تہ يونيورسٽيءَ ۾ اسان ٻنهيءَ جي مباحثي سبب، شاگردن ۽ شاگردياڻين کي چڱو فائدو رسندو. انهيءَ ڪري مون کيس هڪڙي مباحثي ڪرائڻ جي تجويز ڏني، جنهن ۾ هڪ غير جانبدار ڪميٽي ڪٽيندڙ ڏُر جو فيصلو ڪندي. بي چر سان اهڙو ڏاهپ ڀريو مقابلو هارائڻ جي حالت ۾ سوانا جي شهزاديءَ کي پنهنجو مٿو ڪپڙي جي پڳڙيءَ سان ڍڪڻ جي ضرورت نہ رهندي. منهنجو واعدو آهي تہ هارائڻ کان پوءِ آئون آئنده صرف حڪومت جي خدمت ڪنديس، پر جيڪڏهن بي چر هارائي ويو تہ اهو سياستدانن مٿان

سياسي قيدين جي آزاديءَ لاءِ زور وجهندو ۽ ڪجهه شاگردن ۽ شاگرديائٽين جي پڙهائيءَ جو خرچ پريندو. آسان لفظن ۾ اهو پنهنجي طاقت ۽ پيسن سان ماڻهن کي فائدو پهچائيندو. آئون اهڙي مباحثي جو بي صبريءَ سان انتظار پئي ڪريان. تون اهو تماشو ڏسڻ ضرور اچجانءِ! مون کي پڪ آهي تہ تون گهڻو ڪجهہ سکندين.“

”مون کي بي چر بابت اچا بہ ڪجهہ ٻڌاءِ! مون کي ان متعلق ڪا گهڻي ڄاڻ ناهي.“

”ڪٿان شروع ڪريان؟“ فاطمہ ايترو چئي، ڪجهہ دير لاءِ خاموش ٿي ويئي. ”خانہ جنگيءَ دوران، پهريون پيرو بي چر نائجيريا آيو هو. ان وقت اهو ڪرائي جو فوجي هو. چيو وڃي ٿو تہ هُن علحدگي پسندن سان گڏ جنگ ۾ حصو ورتو هو. پر شڪست کان پوءِ اهو پنهنجن اڳواڻن سان گڏ ڪيمرون جي رستي ڀڄي نڪتو. ڪجهہ مهينن کان پوءِ اهو ٻيهر نائجيريا آيو ۽ وفاقي حڪومت ۾ ”جنگي معاملن جو مشير“ مقرر ٿي ويو، هن پيري هو جنگ ۾ سڌو سنئون شامل نہ ٿيو. چيو وڃي ٿو تہ ان دوران ڪن باغين ساڻس رابطو ڪيو ۽ منصوبي جي ڪاميابيءَ جي حالت ۾ ڪيس تيل جي ذخيرن مٿان هڪ هٽي قائم ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي وئي. هڪ پيرو ٻيهر هن پنهنجا دوست تبديل ڪيا، ۽ باغين کي هٿيار ۽ جديد مواصلاتي اوزار فراهم ڪندڙ وڏو سپلائر بڻجي ويو. اُميا جي جنگ دوران اهو زخمي ٿي پيو هو اُتان کان کيس پهرين آئيوري ڪوسٽ ۽ پوءِ يورپ جي گاديءَ واري شهر نيو ويو ۽ جنگ جي پڄاڻيءَ تائين اهو اتي ئي رهيو. تندرست ٿيڻ کان پوءِ، اهو پنهنجي ڪمپنيءَ ”فارچون انٽرنيشنل“ سان گڏ هڪڙو عام ٺيڪيدار ٿي آيو. تنهن کان پوءِ هو وفاقي حڪومت لاءِ ’نئين-تعمير ۽ رياستي ترقي‘ جي معاملن جو مشير / صلاحڪار بڻجي ويو.

”اهو وڏو مڪار شخص آهي. اهو هر موقعي مان فائدو وٺندو آهي. تيل جي وڌندڙ قيمتن سبب اهو جلدئي حڪمران جماعت کي پنهنجون نيون خدمتون فراهم ڪرڻ شروع ڪندو. اوٽيهہ سؤ آسيءَ جي ڏهاڪي

دوران هيءَ ڪن ٻين آفريقي ملڪن جي سياست سان بہ واڳيل هو. اهو مابوتوسيسي سيڪو جونزسي ويمبي ۽ ڪيترن ٻين آمريت پسندن جو خاص دوست هو. انگولا ۾ خانہ جنگيءَ دوران اهو باغين جو صلاحڪار هو. اتي جي ڪنهن هڪ دؤري وقت، اهو ڪيوبا جي فوجين جي ور چڙهي ويو. سندس ڪوڙ ساٿي مارجي ويا، پر هيءُ بچي ويو. کيس پڪڙي، لووانڊا جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. نسلي تعصب رکندڙ هڪڙي حڪومت، ڪمانڊو آپريشن ذريعي کيس راتورات بچائي، ڏکڻ آفريقا موڪلي ڇڏيو. شايد هاڻي تون سمجهي وڃين، تہ آئون کيس شاهي حڪومت جو حامي ڇو چوندي آهيان!“

آمنہ پنهنجي سهيليءَ جي ايڏي ڄاڻ تي حيران هئي. کيس آس پاس جي حالتن بابت تمام ٿوري ڄاڻ هئي. هوءَ حيرانيءَ مان پنهنجي سهيليءَ کي گهوري رهي هئي. هن سوچيو پئي تہ فاطمہ وٽ ايڏي املھ ڄاڻ ڪٿان آئي! ۽ آخر کيس انهن ڳالهين سان ايڏي دلچسپي ڇو آهي!؟ اوندهہ وڌي رهي هئي، هُن فاطمہ کي وڌيڪ حيرت مان ڏسڻ شروع ڪيو تہ کيس لڳو تہ هوءَ پنهنجي سادي، صاف سٿري لباس ۾ ويتر وڌيڪ جوان لڳي رهي هئي.

پوءِ بہ هُن ايترو ئي چيو: ”منهنجو خيال آهي تہ، هاڻي توکي گهر هليو وڃڻ کپي.“

فاطمہ ڏاڍي تيز لهجي ۾ پُڇيو: ”آمنہ! مون کي سچ سچ ٻُڌاءِ! ڇا تون حقيقت ۾ پنهنجي هن بيڪار ۽ محتاج زندگيءَ مان خوش آهين؟ تون صحتمند آهين، جوان آهين ۽ گهڻن ماڻهن کان وڌيڪ چڱو ڪم ڪري سگهين ٿي. جيڪڏهن ڪو شخص توکي پنهنجي گهر ۾ رڳو انهيءَ ڪري رکڻ چاهي، تہ اهو توکي انهيءَ هنڌ رکڻ گهري ٿو ڇو جو بس تون رڳو سندس زال آهين، ڇو جو اهو مرد آهي ۽ تون عورت۔ ۽ بس! ڇا تون اهوئي ڪجهہ چاهين ٿي؟“

ان ڳالهہ آمنہ تي ڏاڍو اثر ڪيو. هوءَ يڪي ساهيءَ فاطمہ ڏي ڏسندي رهي، جنهن ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو: ”منهنجو مشورو اهو آهي تہ

تون پنهنجي اردگرد جي ڇوڪرين کي گڏ ڪر، ڪين ممڪن حد تائين تعليم ڏيارڻ سندن اڪيون کول، تہ جيئن اهي پنهنجي اردگرد جي دنيا کي صحيح نموني ڏسي سگهن. هڪ پيري ڪنهن چيو هو: 'هڪ دفعو ڪو شخص پڙهڻ سکيءُ وٺي تہ اهو پوءِ هميشہ لاءِ آزاد ٿي وڃي ٿو.' تون ڪين وڌيڪ صحتمند، بهتر ۽ خوش باش زندگي گهارڻ سيکاري سگهين ٿي. مگر... منهنجي ڳالهہ ٻڌ آمنہ!" فاطمہ هڪ ڊگهو ساهہ کڻڻ بعد چوڻ لڳي: "اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ کان اڳ، توکي خود پنهنجيون اکيون کولڻيون پونديون. توکي وڌيڪ علم حاصل ڪرڻو پوندو. ٿوري ۾ چوان تہ توکي پنهنجي پڙهائيءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻو پوندو. جيتريقدر آئون توکي چاڻان ٿي،ان موجب منهنجو توکي ايماندارانہ مشورو آهي، تہ جيڪڏهن تو پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ وسيع مطالعي ۽ ڪنهن عملي ڪم ۾ مشغول نہ ڪيو تہ تون هن ڇت هيٺان، اڪيلائيءَ ۾ دم ڏينديئن."

فاطمہ اهو چئي اُٿي ۽ چُپ چاپ آهستي آهستي هلندي، هڪ بند دريءَ وٽ وڃي بيٺي، اُتي بيهي هن آڱر سان دريءَ جي تالي کي ڇيڙڻ شروع ڪيو.

"توکي ڊپ نٿو لڳي؟" آمنہ پُڇيو.

"ڪهڙي شيءِ جو ڊپ؟" فاطمہ مُڙندي پُڇيو.

"اهو طرزِ عمل منهنجي يقين جو حصو آهي. منهنجو خيال آهي تہ عورتن جي زندگيءَ کي بهتر بنائي سگهجي ٿو ۽ گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ اهڙي ڪوشش کان ڪوبہ پوءِ نٿو ٿئي."

ڪجهہ گهڙين جي خاموشيءَ کان پوءِ، هن نهٺي نموني چيو: "تون ڄاڻين ٿي تہ آئون بہ شادي شده هيس، ۽ تو وانگر ئي حياتي گذاري رهي هيس. منهنجو اڳيون مڙس وڏو امير هو. اسان ٻئي مُون لاءِ ملڪ کان ٻاهر ويا هئاسين. پهريان ڪجهہ مهينا ڏاڍا سُٺا ۽ دلچسپ هئا. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ حقيقت منهنجي اڳيان اچي ويئي، آئون ٽين زال هيس! جڏهن مون کي خبر پئي تہ ڏاڍ ۽ ڌڪاءُ، ٻڏائڻ کان وڏا ظلم، ونگيل زندگي، اڪيلائي ۽ بيڪار ۽ نڪمو رهڻ منهنجو مستقبل آهي، تہ مون

گهر ڇڏي ڏنو. ها! آئون پنهنجي نياڻيءَ سميت گهر ڇڏي آيس. مون طلاق نامي کي خوشيءَ سان قبول ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح آئون پيهر يونيورسٽيءَ وڃي سگهيس، جتي اسان جي ملاقات ٿي. انهيءَ تجربي مان گذري، نه رڳو آئون وڌيڪ پڙهي سگهيس، پر ٻين عورتن جي حالتن کي پڻ بهتر نموني سمجهڻ لائق ٿيس، ۽ ائين مون اندر اهڙين حالتن خلاف وس آهر جهيڙڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو. ان لاءِ مون قانون پڙهڻ شروع ڪيو. ته جيئن آئون عورتن جي حفاظت خاطر جهيڙي سگهان. آئون سماجي طور سڀ کان مٿين ڏاڪي تي هيس، پر مون کي اِتي خوشي ۽ سُڪون ميسر نه هو. آهستي آهستي ڏاڪا هيٺ لهي، آئون اُتي پهتيس، جتي مون کي هئڻ گهربو هو. هاڻي منهنجي دلچسپي فقط ان معاشري جي پيڙهه آهي.“

اوچتو اڳڻ ۾ ڇُرپُر ٿي. پوءِ ڏاڪڻين طرف پيرن جي ڇُرپُر ٻڌڻ ۾ آئي، ۽ دروازي تي سلڇڻي نموني جو سڏ ٿيو. الحاج هارون، وٽندڙ مُرڪ سان ڪمري ۾ داخل ٿيو. ”مون کي لڳي پيو ته اوهان سڀ ڏينهن ’ڪل يوڳ‘ ۾ مصروف رهيون آهيو.“ سلام دعا کان پوءِ هُن پُڇيو.

”ڳالهه ٻولهه!“ فاطمه سندس جملي کي درست ڪيو.

”مايون ’ڪل يوڳ‘ ڪنديون آهن، مرد ’ڳالهه ٻولهه‘ ڪندا آهن.“ هُن ٺهڪ ڏيندي وراڻيو. ”ٺيڪ آهي! ته ڀلا اوهان ڪهڙي موضوع تي ڳالهه ٻولهه ڪري رهيون هيون؟“

”عورتن جي مسئلن بابت.“ آمنه جواب ڏنو.

”هِن جي چوڻ جو مطلب آهي ته عورتن جون حالتون، يعني هن معاشري ۾ مرد ڪهڙي نموني سندن استحصال ڪري رهيا آهن، ۽ مٿن حاڪم بڻيو ويٺا آهن.“ فاطمه وضاحت ڪئي.

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ الحاج هارون لاپرواهيءَ وچان وراڻيو.

”مرد حڪمرانيءَ لاءِ پيدا ٿيو آهي. توهان الله جا احڪام تبديل نٿيون ڪري سگهو.“

”منهنجو خيال آهي ته مون کي هلڻ گهرجي!“ فاطمه اُٿندي وراڻيو.

غير متوقع طور الحاج هارون، فاطمہ کي ويھڻ لاءِ چيو ڇو جو ساڻس ڳالھہ ٻولھہ ڪيس وڻندي ھئي. ھن ڳالھہ ٻولھہ جو موضوع متائي ڇڏيو ۽ پنھنجي پاءُ لميٻو ڊين بابت ڳالھہ ڇيڙيائين. اھو يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار ھو اخباري ڪالمن ذريعي حڪومت تي تنقيد سبب ڪيس گرفتار ڪيو ويو ھو. "آئون ڄاڻان ٿو تہ تون لميٻو جي رھائيءَ جي ڏِس ۾ تمام گھڻي سرگرم آھين. سندس پاءُ ھوندي بہ، آئون سمجھان ٿو تہ ھو سياسي قيدي نہ پر غدار آھي."

"لميٻو ھن ملڪ جي شھري ھئڻ جي حيثيت ۾ پنھنجي حقن جو استعمال پئي ڪيو. ھن ڪنھن کي نقصان ناھي پھچايو. ھُن تہ رڳو موجوده حالتن جو جائزو ورتو ھو. چوندڙن ۾ ڏانڊلي تي آھي. رياست جو بنياد اقربا پروري، پنھنجا نوازڻ، چاپلوسي ۽ ڪرپشن تي رکيو ويو آھي. ھر ماڻھو اھڙين حقيقتن کان آگاھہ آھي. سياسي تجزيہ نگار ھئڻ جي حيثيت ۾ تجزيو ڪرڻ سندس ڪم آھي..."

"ھي نائجيريا آھي." الحاج ھارون ڳالھہ ڪاٽي. "آخر ھڪ سمجھدار شخص، حڪمران جماعت کي تنقيد جو نشانو ڇا لاءِ بنائيندو؟ آخر ھڪ پاءُ، پنھنجي پاءُ جي جماعت تي ڇو تنقيد ڪندو...؟"

"جمھوريت ۾ ھر شخص کي سوچڻ، سمجھڻ ۽ ڳالھائڻ جو حق ھوندو آھي."

"جمھوريت جو مطلب ڪوڙ ۽ بي ادبي ناھي."

"مون ڪالم پڙھيو آھي. اُن ۾ اھڙي ڪابہ توھين واري ڳالھہ ڪانھي. ان جو مطلب آھي تہ جيڪو بہ حڪمران جماعت تي تنقيد ڪندو تہ ڪيس قيد ڪري ڇڏبو!؟"

"ھا! جيڪڏھن منھنجو پُٽ بہ مون تي تنقيد ڪندو تہ آئون ڪيس بہ جيل موڪلي ڇڏيندس، ۽ ڪيس ھر طرح جي تڪليف رسائڻ جو مناسب بندوبست ڪندس..."

"لميٻو کي ڪڏھن ڇڏيو ويندو؟"

"جيستائين اھو پنھنجي عمل تي پشيمان نٿو ٿئي."

”اهڙي نموني ڪيس قيد ڪرڻ، غير قانوني عمل آهي.“

”آئون قانون کان مٿانهون آهيان.“ الحاج هارون مُسڪرائيندي وراڻيو.

”ڍين هابوءَ جو ڇا ٿيو؟“ فاطمہ سوال ڪيو. اهو پڻ الحاج هارون جو ويجهو مائٽ هو. ان کي بہ هارون جي حڪم تحت قيد ڪيو ويو هو.

”اهو بہ غدار آهي. هُن ٻي جماعت جو ساٿ ڏنو هو پر اها هارائي ويئي. پوءِ انهن احتجاج شروع ڪيو ۽ هو پڪڙيو ويو. هاڻي هو سزا ڀِيو پيو ڪي. امن امان قائم رکڻ تمام ضروري آهي.“

”قانون، احتجاج جي اجازت ڏي ٿو.“

”هي نائيجريا آهي ۽ هِتي سياست ائين ئي هلندي آهي.“

فاطمہ اُٿي بيٺي. ”منهنجو خيال آهي تہ هاڻ مون کي هليو ئي وڃڻ کپي.“ هن سخت لهجي ۾ چيو ۽ ڪمري مان نڪري وئي.

## باب ٽيون

ايندڙ ڪجهه هفتا آمنہ پنهنجي ڪمري اندر اڪيلائيءَ جي حالت ۾ گذاريا. هوءَ خاموشيءَ سان زندگي گهاري رهي هئي. هر نئون ڏينهن، گذريل ڏينهن جهڙو هو. هُن هڪ نوجوان گهريلو عورت جهڙي بي ڪمي زندگي اختيار ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، مگر اهڙي بي ڪمي زندگي هُن لاءِ ويتر وڌيڪ دائمي عذاب بڻجي پئي وئي. بوريت جو احساس دماغ چڪرائيندڙ هو پر هوءَ ڪنهن سان شڪايت نٿي ڪري سگهي. معاشري جي اڪثر عورتن جي زندگي اهڙي ئي هئي. ڪين شروع کان ئي اهڙي سکيا ڏنا ويندي هئي، تہ عورتن جو اولين فرض گهر جي چوديواريءَ اندر رهندي، خاندان ۽ مڙس جي خدمت چاڪري ڪرڻ آهي. گهر ڌڻي، يعني سندس مڙس، هن جي حياتيءَ جو واڳ ڌڻي آهي، ۽ اهوئي فيصلو ڪندو تہ ڪيس ڪڏهن ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي؟ هارون جي منصوبا بنديءَ موجب ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ئي هوءَ ڪنهن ڌنڌي ڌاڙي يا ڪاروبار ۾ داخل ٿي سگهي ٿي. ”جيڪڏهن حمل ٿيڻ ۽ ٻار ڄڻڻ کان پوءِ، ٻار جي گهر کان ٻاهر نڪرڻ واري عمر کي رسڻ واري عرصيَ کي ڏٺو وڃي، تہ اها بہ سال ٿئي ٿي.“ هن ڏُکارو ٿيندي سوچيو. هوءَ ڪنهن ڪم ۾ وچڙي، پنهنجي زندگيءَ جي اڪيلائيءَ کي جلد از جلد دُور ڪرڻ جي خواهشمند هئي.

ان طرح جا بوريت ڀريا ڏينهن گذارڻ خاطر، آمنہ ڪمري ۾ ويٺي، الحاج هارون جي ٽينءَ زال جي پٽ عيسيٰ سان کيڏي رهي هئي. انهيءَ دوران فاطمہ ڪمري ۾ داخل ٿي. هميشه وانگر اڄ بہ هن کي ميڪ اپ ڪيل نہ هو. هوءَ تمام پريشان لڳي رهي هئي.

”ڇا ٿيو؟“ ڪيڪارڻ ڪان پوءِ آمنہ سوال ڪيو.

”گهڻو ڪجهہ! اسان جي تحريڪ مٿان اڻ ڄاڻايل مدي تائين پابندي مڙهي وئي آهي، ۽ اسان جي ڇهن مکيہ اڳواڻن کي يونيورسٽيءَ مان خارج ڪيو ويو آهي. انهن ۾ ڊين باڪي، آريمو جبريل، باگو ريشل ۽ اسان جو دوست مختيار بہ شامل آهي.“

آمنہ ان جماعت بابت گهڻو ڪجهہ ڄاڻندي هئي. ان جماعت جو نالو ترقي پسند شاگرد ۽ شاگردياڻين جي تحريڪ هو. ڪيمپس ۾ اها انقلابين جي اڪيلي جماعت هئي. ”هاڻ ڇا ڪندين؟“ هن ڏکيل لهجي ۾ پڇيو.

”اسان سرڪاري عهديدارن جي مذمت، ۽ پنهنجي تحريڪ کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ لاءِ محنت ڪان سواءِ شايد ٻيو ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهون.“

”توکي ڏپ نہ پيو ٿئي؟“

”نہ! ڇو؟“ فاطمہ دليريءَ وچان وراڻيو. ”مون تحريڪ جي اڳواڻيءَ جو ذمو پاڻ کنيو آهي، ۽ آئون پنهنجي سِر ان لاءِ محنت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”توکي خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، جو توکي يونيورسٽيءَ مان ناهي ڪڍيو ويو. آخر توکي ان جوکم ۾ پوڻ جي ڪهڙي ضرورت؟“

”جيڪڏهن آئون ڪيمپس ۾ ٽڪراءَ وقت موجود هجان ها، تہ شايد مون کي بہ ڪڍيو وڃي ها.“ فاطمہ هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ ڪجهہ دير لاءِ ماٺ ٿي ويئي. پوءِ هُن ڏاهپ ڀريي لهجي ۾ ڳالهہ شروع ڪئي. ”ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ جوکم ۾ پوڻ لازمي شرط آهي. اڳتي وڌڻ لاءِ وِک وڌائڻي پوندي آهي.“ فاطمہ اهو چوندي چوندي اچانڪ رُڪجي ويئي. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ هوءَ پنهنجي ئي لهجي کان ڏڪي ويئي هجي. پوءِ هوءَ اچانڪ آمنہ طرف مُڙي، ”ٻڌ! مون وٽ هڪ تجويز آهي.“ هوءَ اجا بہ ڪيس ويجهي ٿي. سندس چهرو اچانڪ خوشيءَ ۾ ٻهڪي ويو. ”اسان جي تحريڪ جون ڪجهہ ميمبر عورتون تنهنجي ڪمري

بنيادي تبديلين جي حامي آهي، ۽ انقلابي نظرين جو پرچار پيئي ڪري، تہ هو ڇا ڪندو؟

ڇنڇر ڏينهن صبح جو آمنہ معمول کان اڳ جاڳي پئي. ٿڌي هوا، دروازي ۽ درين جي سيرن مان ڪمري ۾ داخل ٿي رهي هئي. هوءَ ڪجھ دير تائين پنهنجي گرم بستر ۾ گرم ڪمبل اندر ويڙهي سيڙهي، ليٽيل رهي. وهنجڻ سهنجڻ ۽ پنهنجي ڪمري جي صفائيءَ کان پوءِ هوءَ اطمينان سان ويٺي، ڇو جو سندس مڙس نائجيريا جي وفاقي حڪومت جي گاديءَ واري شهر ابوجا ويل هو. هُن دري کولي، ڪرٽن ڪمري کي روشن ڪري ڇڏيو. ڏهين وڳي کان ڪجھہ گهڙيون پوءِ هوءَ بي چينيءَ مان دريءَ طرف وڌي، هن ڇهن ڇوڪرين کي هڪ گاڏيءَ مان لهي، گهر ڏانهن ايندي ڏٺو. هوءَ گهبراهٽ وچان ڊوڙي هيٺ وئي، جتي هُن فاطمہ جي ٻن ساٿين کي سُڃاڻي ورتو. انهن مان هڪ دعوت ۾ آئي هئي، ۽ ٻي رياست جي نائب صدر جي ڌيءَ بلقيسو هئي. هوءَ اسڪول ۾، ۽ پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ سندس ڪلاس فيلو هئي. جڏهن اهي ساٿس ملڻ لاءِ اڳتي وڌيون، تہ آمنہ لاچار پنهنجي مُنهن تي مُرڪ آڻي، مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو. جڏهن تہ باقي بيون عورتون اڳڻ ۾ ٻارن سان راند ۾ رُڌل هيون. انهن سمورين جا لباس تمام سادا هئا، ۽ هڪڙي عام ملاقات جو ڏيک ڏيئي رهيا هئا.

مٿي ڪمري ۾ آمنہ مهمانن کي چانهہ بسڪيٽ پيش ڪيا، ۽ فاطمہ گڏجاڻيءَ جي شروعات ڪندي چيو: ”اسان کي اڄ هتي گڏجاڻيءَ جي اجازت ڏيڻ لاءِ، آئون آمنہ جي انتهائي شڪرگذار آهيان. هن گڏجاڻيءَ جو مقصد اتر نائجيريا ۾ عورتن جي حالات تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ آهي. اسان سڀ ڄاڻون ٿا تہ نائيجيريا جي ان حصي ۾ روايتي طور ڇوڪرين کي رڳو گهريلو ڪم سيکاريا وڃن ٿا، ۽ کين هڪڙو بار سمجهيو وڃي ٿو. انهن کي رڳو چار ديواريءَ اندر رهندڙ زال ۽ ماءُ جي ڪردار نڀائڻ جي ئي تربيت ڏني ويندي آهي. کين ٻڌايو ۽ يقين ڏياريو ويندو آهي، تہ سندس پاءُ کانئن بهتر آهي. سندن مڙس سندن آقا آهي ۽ مرد کانئن افضل آهي. کين انفرادي توڙي اجتماعي سطح تي هر چانس

کان محروم رکيو ويندو آهي. کين زندگيءَ جي هر موڙ تي ناانصافيءَ جو احساس هوندو آهي. پوءِ کين هڪ اهم فيصلو ڪرڻو پوندو آهي، يا ته اهي اهو سڀ ڪجهه تقدير جو حصو تسليم ڪن، يا پوءِ ان سڄي عمل خلاف بغاوت ڪن."

اهو موضوع آمنه لاءِ نئون نه هو. جڏهن اهي پيئي هڪڙي ڪمري ۾ رهنديون هيون، تڏهن اڪثر رڳو لفظن جي ڦيرڦار سان، فاطمه اهڙن ئي خيالن جو اظهار ڪندي رهندي هئي. تنهن هوندي به هن پيري ڳالهه ٻولهه دوران، ڪي نوان آواز به شامل ٿي رهيا هئا.

"مون کي لڳي ٿو." بلقيسو ڳالهه ڪٽيندي چيو "نائجيريا ۾ عورتن سان اڻ برابري ۽ ظلم و ستم جو ريشو تمام گهڻو آهي. جڏهن عورتن کي بي رحميءَ سان پيٽ سان لڳائي ڇڏجي، ۽ بي حس ۽ غير ذميوار اڳواڻ استحصالي نظام جوڙڻ لڳي، ته پنهنجي ذات ۾ زندگي بي معنيٰ ٿيو پوي."

"مظلومن وچ ۾ ڪو به فرق ڪونهي." فاطمه خبردار ڪيو. "اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته مرد به ڏاڍائين جو شڪار بنجن ٿا."

"مگر عورتون مردن کان وڌيڪ ظلم جو نشانو بنجن ٿيون." بلقيسو دليل ڏنو.

"نائجيريا جي هڪ عام عورت تمام گهڻي خراب زندگي گذاري رهي آهي. هُن کي پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي بقا جي جنگ وڙهڻ لاءِ مجبور ڪيو پيو وڃي. اهڙين حالتن ۾ اسان رڳو تجزيه نگار بڻيا نٿا ويهي سگهون. جڏهن ته اسان جا حاڪم، اسان کي لاڳيتو صرف تجزيه نگار بڻيو رهڻ جو مشورو ڏين ٿا. معاشي بدانتظاميءَ جو سنئون سڌو نقصان اسان کي رسي ٿو. اسان کي روزانو ڪنهن نه ڪنهن بنيادي ضرورت کان محروم رکيو ٿو وڃي. اسان جي والدين، ڀائرن ۽ مڙسن کي مسلسل قيد رکڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، ۽ جاگيردار سندن زمينون ڦبائيندا وڃن."

ڳالهه ٻولهه اڳتي وڌڻ سان گڏوگڏ، آمنه جي بي چينيءَ ۾ واڌارو ٿي رهيو هو. ڇو ته موضوع پنهنجي عام رواجي شڪل اختيار ڪندو پئي

ويو. "اسان جي اڳواڻن جو پُرفريب رَويو سندن سُجاڻپ بڻجي چڪو آهي." فاطمہ چيو. "اوهان جيڏانهن بہ وڃي ڏسو اتي وسيلن جو غلط استعمال پيو ٿئي. رشوت عروج تي آهي، سياسي ڏوڪي بازي عام آهي، ۽ هاٺوڪين چوندن ۾ تہ نيچ حربا استعمال ڪري، انهن صاحبن پنهنجي تاج ۾ هڪڙو نئون هيرو جَڙيو آهي."

"گذريل سال سوڪهڙو هو." گلوريا چيو سندس چهري مان پريشاني ظاهر هئي. "هن سال ڏڪار جو خطرو آهي ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جي مرڻ جو ڊپ آهي، جن ۾ خاص طور ٻارڙا شامل آهن. ان جي ابتڙ امير ماڻهو بهترين گاڏيون خريد پيا ڪن، مهانگا محل پيا جوڙائين ۽ گهڻي کان گهڻيون شاديون پيا ڪن. منهنجي خيال ۾ اهي بورزوا/ سرمايہ دار آهن، اهي ئي اسان جي سيني مسئلن جو بنيادي سبب آهن. جڏهن سُڌريل ترقي يافتہ ملڪن جي ماڻهن کي معاشري جي ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي، تہ انهن اتي جي معاشي ترقي ۽ سياسي استحڪام ۾ تمام گهڻو اهم ڪردار ادا ڪيو. بدقسمتيءَ سان آفريقي ملڪن ۾ اها حقيقت ابتي ثابت ٿي آهي. اهي سُست، بي وقوف، جاهل، غير معتبر ۽ غير ذميوار آهن. اهي جاڻي واڻي ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ ٿيو پون، ۽ پُراڻن نظرين جي ترجماني ڪن ٿا."

آمنہ ماٺ ميٺ ۾ هيٺ ڪِچن ۾ هلي ويئي، ۽ پنهنجي نوڪرياڻي هوآوا جي ناهيل مانيءَ کي جانچڻ لڳي. جڏهن سڀ ڪجهہ مرضيءَ موجب تيار ٿي ويو تہ هُن انهن کي ستن ٿالهين ۾ سجائي رکيو ۽ هوآوا جي مدد سان ڪمري ۾ کڻي وئي. هتي گڏجاڻي هڪڙي مباحثي جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي. هرڪو هڪ ئي وقت، پنهنجي ڳالهہ ڪري رهيو هو. آمنہ مانيءَ جي صلاح ڪري، پاڻي کڻي آئي. هميشه وانگر هوءَ حيران هئي تہ آخر انهن وٽ ان موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ ايڏو ولولو ۽ همت ڪٿان ٿي اچي؟ مانيءَ کائڻ کان پوءِ هوءَ ٿانوَ ڌوئڻ ٻاهر هلي ويئي. هوآوا، کيس همراهي ڪرائڻ لڳي. اهي ٻئي سٺي ماحول ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيون هيون، تہ اچانڪ ڪولو ڦُڙتيءَ سان اندر داخل ٿي.

جڏهن اهي حال احوال ڪري رهيون هيون، ته اچانڪ آمنه جي ڪمري مان ٺهڪن جا آواز آيا. ڪولوءَ جي چهري تي پريشاني پکڙجي وئي.
"اهي فاطمه ۽ سندس سهيليون آهن." آمنه وضاحت ڪئي.
"ته اهي وري هتي هليون آيون!" ڪولو اُداس لهجي ۾ چيو. "آئون توکي ٻڌائڻ آئي هيس، ته آئون جلد ئي ڪانو ڇڏي رهي آهيان. مون کي معلوم ٿيو آهي ته منهنجون شيون هوائي اڏي تي ضبط ڪيون ويون آهن. ٿي سگهي ٿو آئون ڪانو مان ئي ڪاروبار جي سلسلي ۾ لنڊن رواني ٿي وڃان، ۽ پوءِ سياري جون ڪجهه موڪلون سوئٽزرلينڊ ۾ گذاريان."
"اها ته ڀلي ڳالهه آهي." آمنه جوشيلي انداز ۾ چيو.
ڪولو بناوتي انداز ۾ مُسڪرايو. "سگهو ئي تنهنجو پنهنجو ڪاروبار شروع ٿي ويندو ۽ شايد اسان ٻئي هڪ ٻئي جي مقابلي تي لهي اچون. مٿي موجود ڇوڪرين جي ڳالهين کي ڌيان ۾ نه آڻ! پنهنجو ذهن ڪاروبار ڏانهن موڙ!" اهو چئي ڪولو تيزيءَ سان واپس هلي وئي.
مٿي ڳالهه ٻولهه پنهنجي پڄاڻيءَ تي هئي. فاطمه شام جو يونيورسٽيءَ ۾ فيشن پريڊ ۽ مقابلهِ حسن بابت ڳالهائي رهي هئي. هوءَ مقابلهِ حسن ۾ ماڊلز جي هلڻيءَ جي انداز جو نقل ڪري رهي هئي.
"مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن تون مقابلي ۾ حصو وٺين ته کٽي وڃين." گلوريا ٽوڪ هڻئين.
"ڇا تون حصو وٺڻ چاهين ٿي؟" ربيڪا سوال ڪيو.
"نه! مون وٽ اهڙين ڳالهين لاءِ وقت ڪونهي." فاطمه جواب ڏيڻ کان ڪجهه دير بعد چيو: "شايد ڇوڪرين کي سهڻي جسم سان گڏ سهڻن ڪنڻن جي به ضرورت آهي."
سيڪو ڪِلڻ لڳو. اهي سڀ واپسيءَ لاءِ تيار بيٺا هئا. اگهڻ ۾ فاطمه لِڪ ڇپ ۾ عبدالله وٽ پهچي ويئي، ۽ ڪيس پڪڙي ورتائين. "آئون وڏي فخر وچان اوهان سڀني جو پنهنجي مڙس، جناب عبدالله سان تعارف ڪرائڻ چاهيان ٿي." فاطمه سمورين ڇوڪرين ۽ آمنه سان مخاطب ٿيندي چيو. "ڏسو! منهنجيون سموريون سهيليون هتي موجود آهن. آئون

شاديءَ لاءِ تيار آهيان. تون شاديءَ لاءِ تيار آهين؟" عبدالله ڦِڪائيءَ سبب چُپ رهيو. ڇوڪريون کِلڻ لڳيون ۽ اڳڻ مان ڪُوچ ڪري ويون.

"فاطمہ مون کي پنهنجو مڙس ڇو ٿي سڏي؟" عبدالله آمنہ کان پڇيو.

"ڇو جو هوءَ اوهان سان پيار ٿي ڪري."

"پر هوءَ مون کان وڏي آهي، تمام وڏي... آئون ساڻس محبت نٿو ڪريان. هوءَ تمام گهڻو ڪيڏي ٿي ۽ اها تہ زال گهٽ، مصيبت وڏيڪ بڻبي."

"آئون ڪيس پنهنجين عادتن کي متائڻ جو مشورو ڏيندس." آمنہ کِلندي وراڻيو.

ڪمري ۾ فاطمہ ڪجهہ ڪتاب ۽ هڪڙي چِٺي ڇڏي وئي هئي. ويجهي وڃڻ تي معلوم ٿيو تہ چِٺي، ابوبڪر طوافہ بليوا جي ناول، "شيهو عمر" سان چنبڙيل هئي. "ڪنهن بہ تي ظلم جو سينيءَ کان خراب قسم غلامي آهي. ڪيترين ئي صدين تائين غلام حاصل ڪرڻ لاءِ، آفريقا تي حملا ٿيندا رهيا آهن. اسان جي معيشت کي لٽيو ويو اسان جي ڀهراڙين ۾ ڳوٺن کي تباهہ ڪيو ويو ۽ اسان جي ترقيءَ جي راهہ ۾ جاٽي واٽي رڪاوٽون پيدا ڪيون ويون. فينن هڪ پيري چيو هو: 'هر نسل کي پنهنجيءَ گمناميءَ مان نڪري، پنهنجو مقصد خود ڳولڻو پوندو. پوءِ پلي ڪٽي اهو ساڻس وفا ڪري يا دغا!' پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ کان اڳ، پنهنجي ذهن کي آزاد ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ابوبڪر طوافہ بليوا اهو ناول ان مسئلي تي روشنيءَ وجهڻ لاءِ لکيو هو. مون کي اميد آهي تہ اهو ناول توهان جي نو آبادياتي نظرين کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو- فاطمہ."

## باب چوٿون

اڄ آمنه سويري اُٿي ويئي هئي. موسم بدلجي چڪي هئي. گرمي اوچانڪ وڌي ويئي هئي، ڪمري ۾ ساهه گهٽجندي محسوس ٿيو پئي. هن دري کولي ته صبح جي ٿڌڙي هوا ڪمري ۾ ڊوڪي آئي. هوءَ پنهنجين ٽنگن تي چادر وجهي، ٻيهر بستري تي ليٽي پيئي. هوءَ اڄ پنهنجي ڪمري ۾ ٿيڻ واري ويهڪ/ ميٽنگ بابت سوچي رهي هئي. اها گذريل ويهڪ کان بلڪل مختلف هوندي ۽ مون کي پڙ ان ۾ حصو وٺڻو پوندو. پر اهي ڪهڙي موضوع تي ڳالهائيندييون؟ قانون سازن جي زالن جو معاشري ۾ ڪردار... بڪواس! قانون ساز جي زال به ته رڳو زال ئي ته هوندي آهي.

اها ويهڪ منجهند جو هڪ وڳي شروع ٿيڻي هئي، تنهن هوندي به انجمن جي ميمبرن جي آمد اڍائي وڳي کان اڳ نه ٿي. انجمن جي صدر آسابي سينيءَ کان اڳ پهتي. هوءَ رياستي اسيمبليءَ جي اسپيڪر جي ٽين زال هئي. اها آمنه جي هم عمر هئي. سندس آڱريون مُنديِن سان ڀريل هيون ۽ ڳچيءَ ۾ ڪيترائي هار پيل هيس. هوءَ هٿيلي چال سان اندر آئي، ۽ غور سان ڪمري جو جائزو وٺڻ لڳي. هن واتان ته ڪجهه ڪين ڪُڇيو پر سندس چهرو مطمئن نه هو. قانون سازن جي زالن جو معاشري ۾ ڪردار ۽ سندن فرضن تي روشني وجهي، آسابيءَ ڳڌجاڻي شرووع ڪئي. آمنه کي اهو سڀ ڪجهه چريائپ لڳي رهيو هو پر هوءَ چُپ چاپ ٻڌندي رهي.

مانيءَ جي وقفي دوران آسابيءَ آمنه کي ڳالهين لاءِ هيٺ سڏيو. آمنه کي آسابيءَ جي ڪابه عادت پسند نه هئي، پر پوءِ به هوءَ ان ذاتي/ نجي ملاقات لاءِ هيٺ لهي آئي. شايد شان ۽ شوڪت؟ يا پوءِ تڪبر

وڏائي؟ آسابيءَ رڳو قانون ساز جي زال هئڻ ڪري ايڏي مغرور آهي!" آمنہ ڪيس ڏسندي سوچيو. هوءَ ڪنهن تڏيرڙي ڪُنڊ ۾ گهاٽي ڇانوَ جي ڳولا ۾ هئي. سلامتيءَ واري جاءِ ملڻ تي آسابيءَ سُک پريو ساهہ کنيو ۽ چيو: "ڏاڍي گرمي آهي. بليچ سببان منهنجي جسم جي کل سج جي تپش نہ پئي سهي سگهي." آمنہ ڪوبہ جوابُ نہ ڏنو تہ هوءَ وري ڳالهائڻ لڳي. "آئون ڏسان پئي تہ تون هتي خوش نہ آهين. توکي خودمختار زندگيءَ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن آئون تنهنجي جاءِ تي هجان ها، تہ الحاج هارون تي دٻاءُ وجهان ها، يا تہ مون کي ڪا جاءِ مسواڙ تي وٺي ڏي، يا پوءِ مون کي ڪنهن سرڪاري زمين تي گهر جوڙائي ڏي. اهو وڏو امير آهي. اهو ڪو هُن لاءِ مشڪل ڪم ناهي. بس رڳو توکي پهرين وِک کڻڻي پوندي. مون کي بہ منهنجي مڙس سرڪاري زمين تي گهر ٺهرائي ڏنو آهي. يقين ڪر! ڏاڍي خوبصورت جڳهہ آهي. بلڪل الڳ ٿلڳ، خاموش ۽ فطرت کي ويجهي، شام جي وقت آئون جيڪڏهن گولف ڪلب سير ڪرڻ لاءِ نہ وڃان، تہ وري ويجهي باغ ۾ هلي ويندي آهيان." هوءَ گهڙيءَ ساعت چُپ ٿي، پنهنجون چوڙيون ٺيڪ ڪيائين، ۽ ڳالهہ پيهر اڳتي وڌايائين. "اسان سرڪل انٽرنيشنل ڪلب ۾ عورتن جو شعبو جوڙڻ چاهيون ٿا. رياست جي چيف جج جي زال، صدر جي عهدي لاءِ بيهي پئي. هوءَ پاڻ بہ مئجسٽريٽ آهي. آئون سيڪريٽري جي عهدي لاءِ بيهان پئي، ۽ ڪولو نائب صدر جي عهدي لاءِ مقابلو ڪندي. سيڪريٽري جي عهدي لاءِ بہ خواهشمند عورتون بيون بہ آهن. انهن مان هڪڙي رياست جي پوليس ڪمشنر جي زال آهي، ۽ ٻي هڪڙي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار آهي. اهو ڪلب صرف امير ۽ اثر رسوخ رکندڙ عورتن لاءِ جوڙيو ويو آهي. شهر جون صرف چند عورتون ئي ان جون ميمبر بڻائبيون، ۽ صرف چند قانون سازن جي زالن کي ئي گهرايو ويندو. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ تون ڪنهن عهدي لاءِ مقابلي ۾ حصو وٺندين؟ جيڪڏهن تون چاهين ٿي، تہ پوءِ اسان کي جلد کان جلد تياريون شروع ڪرڻيون پونديون، يا وري ڳٺ جوڙ کان ڪم وٺڻو پوندو."

"ڌنا وڏي مهرباني!" آمنہ مُرڪي وراڻيو.

"اها سٺي ڳالهہ آهي." آسابيءَ ٻيهر سُک جو ساهہ کنيو ۽ چيو: "تون هن ڪلب جي ميمبر آهين. جيئن تہ تون پڙهيل ڳڙهيل آهين، ۽ دلير بہ لڳين ٿي، تنهن ڪري اسان توکي بنيادي باڊيءَ جي ميمبر طور پاڻ وٽ رکندا سين."

"ان قسم جي اداري جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

"اهڙيءَ طرح سموريون سُکيون عورتون هڪ هنڌ گڏ ٿي، پنهنجي گڏيل مفادن جو تحفظ ڪري سگهنديون. اهڙيءَ طرح اسان پنهنجي حصي جي مٺائي پاڻ کائي سگهنداسين، ۽ غريبن جي چڱيءَ طرح مدد ڪري سگهنداسين."

"سمجهي ويس، آئون انتظار ڪنديس."

سيٺي جي وڃڻ کان پوءِ آمنہ ڪمري جي تنهائيءَ ۾ آن گڏجاڻيءَ جي پيٽ، شاگرديائين جي گڏجاڻيءَ سان ڪئي. گڏيل گڏجاڻيءَ ۾ شامل عورتن معاشرتي مسئلن تي ڳالهايو ۽ پاڻ ۾ مِلي جُلي ويون هيون، جڏهن تہ قانون سازن جي زالن کي ذاتي مفادن جو فڪر هو ۽ اهي هر رُخ ۾ هڪ ٻئي کان گهٽو پري هيون. آسابيءَ تہ ڪيس اڳڻ کي ڇڏڻ جو مشورو بہ ڏنو هو. هوءَ پنهنجي سوچ ۾ ايتري گُم هئي، جو کيس الحاج هارون جي اچڻ جي بہ خبر نہ پئي.

آمنہ سندس آڌرياءَ ڪرڻ لاءِ نِوڙي ڪنڌ جهڪايو. ڪيترن ئي هفتن کان پوءِ هن الحاج جو منهن ڏٺو هو. ابوجا کان واپسيءَ بعد هو سرڪاري رهائش ۾ ئي رهيل هو. هن سلام جو جواب نہ ڏنو. الحاج جي چهري تي ڪاوڙ جو تاثر ظاهر هو. سندس ورتاءُ بہ ڪافي ڪڙو هو. "اوهان جو دؤرو ڪيئن رهيو؟" آمنہ باادب انداز ۾ سوال ڪيو. هو چُپ رهيو. آمنہ پنهنجين آڱرين کي وراڻي ٻيهر سوال ڪيو. "مون کي توسان تمام اهم موضوع تي ڳالهائڻو آهي." الحاج هارون ڀروُن موڙي وراڻيو "مگر هن وقت مون وٽ ٽائيم ناهي." آمنہ جو جسم ٿڌو ٿي ويو ۽ ڏپ وچان ڏڪڻ لڳي. "تون ڪيڏانهن بہ نہ وڃجانءِ!" هُن حڪم ڪيو ۽ ڪمري مان نڪري ويو.

آمنہ اهڙي عجيب رَويي جي سببن تي پريشان هئي. هن جي ذهن ۾ رڳو ان خفيہ ڳالهہ جو خيال گُهمي رهيو هو "پر ان بابت ڪو ڪجهہ بہ نٿو ڄاڻي!" هن خيال ڪيو "شايد ڪيمپس ۾ ڪنهن جي واتان اها ڳالهہ نڪري وئي هجي، ۽ الحاج تائين رسي وئي هجي." هوءَ سڄو ڏينهن پريشان رهي. شام جو هوآوا اها خبر ڏني تہ اڱڻ ۾ ڪو ڇئني رهيو هو تہ آمنہ جو بالا سان لِڪ ڇپ ۾ معاشقو هلي پيو. بالا الحاج هارون جو ڊرائيور آهي. آمنہ پنهنجو هينيون ڇَپ ڏندن جي وچ ۾ ڏنو، ايستائين جو ان مان رت سِمڻ تي هو. پوءِ هُن نهڪر ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. "هو مون لاءِ اهو سوچي بہ ڪيئن ٿو سگهي!؟" هن سوال ڪيو. هوءَ تہ بالا کي سُڃاڻي بہ نٿي. اها نيچ ڪهاڻي ڪنهن گهڙي آهي؟ ۽ ڇو؟ سندس ذهن 'الحاج هارون جي تينءَ زال جومائيءَ طرف مُڙيو. توڻي جو انهن وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن دويدو ڪو جهيڙو ناهي ٿيو پر پوءِ بہ ڪجهہ ڏينهن کان جومائيءَ جو رَويو ٺيڪ نہ هو. هنڪڙي اڱڻ ۾ چئن زالن جي موجودگيءَ ۾ اهو سڀ تہ رواجي ڳالهہ هئي، پر آمنہ ڪڏهن بہ ان معاملي کي ايڏي وڏي اهميت نہ ڏني هئي.

پر هاڻ ان ڪهاڻيءَ جي اثرات سبب هوءَ تمام گهڻو پريشان هئي. اهو نہ رڳو خاندان، پر پوري ضلعي ۾ سندس وقار ۽ احترام جو سوال هو. ٻڪارو جهڙي جڳهہ، عورتن جو ميڙاڪو اهڙي خبر تہ جهنگ جي باهہ وانگر پکڙي ويندي آهي، ۽ ڪيترائي هٿ ٺوڪيا ڪوڙ بہ هن ڪهاڻيءَ کي حقيقت جي قريب ڪري ڇڏين ٿا. هن الحاج جي بدترين رِدعمل تي ويچارڻ شروع ڪيو. جيڪڏهن الحاج هارون کيس طلاق ڏئي ڇڏي تہ هوءَ ڪيڏانهن ويندي؟ ڪنهن وٽ؟ اهڙن الزامن کان پوءِ هوءَ ڪهڙي زندگي گذاريندي؟ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هوءَ اهڙي مجرم وانگر سوچ ۾ ٻُڏي ويئي، جنهن کي ڏوهہ جي سزا ٻڌائجڻ واري هجي. "خدا اهو سڀ ڏسي رهيو آهي، اهو منهنجي مدد ڪندو." هن پاڻ کي خيالن جي دُنيا مان ڪڍندي چيو.

رات جو دير سان وتس الحاج هارون جي پهرين زال آئي. پوڙهي عورت ڪافي پريشان لڳي رهي هئي. هن، ان ڪهاڻيءَ بابت آمنہ کان وضاحت گُهري.

"مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پيو اچي، اهو سڀ ڪُوڙ آهي." آمنہ يڪساهيءَ وراڻيو: "خدا ڄاڻي ٿو تہ آئون معصوم ۽ وفادار آهيان."

"تون اڄ يا ڪلهہ اڪيلي گهر کان ٻاهر وئي هئينءَ؟" پوڙهي عورت پُڇيو.

"نہ! آئون تہ ڪنهن بالا کي سُڃاڻان بہ ڪونہ."

"تہ پوءِ اهو ڪُوڙ هوندو." پوڙهي ڪنڌ ڌوڻي وراڻيو. "تون ڄاڻين ٿي تہ آئون ڪيترن ئي سالن کان الحاج هارون سان گڏ آهيان. ياد رکجانءِ! اهو غصي جو ڏاڍو تيز آهي. تمام گهڻي سختي بہ ڪري سگهي ٿو. اهو ڪافي شڪي مزاج آهي. الله....! شاديءَ جي شروعاتي سالن دوران تہ هو مون کي پنهنجي ڪنهن مائٽ مرد سان ڳالهائيندي بہ ڏسي نہ سگهندو هو."

الحاج هارون جي اچڻ تي پنهي نوڙي سلام ڪيو. هُن جي اکين ۾ رت پريل هو. ڪمري ۾ داخل ٿي هن آمنہ تي بيحرائيءَ جو الزام مڙهيو. هاڻ آمنہ صرف دانهون فرياد ڪري سگهي ٿي. سندس اکين ۾ ڳوڙها چمڪي رهيا هئا. آمنہ شاهد پيش ڪرڻ جي گُهر ڪئي. آمنہ الحاج اڳيان پنهنجي پاڪائيءَ جي يقين ڏيارڻ جون ڪوششون ڪندي رهي، پر هو ڪاوڙ ۾ ٿهڪي رهيو هو ۽ ڪجهہ بہ ٻُڌڻ لاءِ تيار نہ هو. هُن طلاط کان مدد گهري، مگر پوڙهي پريشان ۽ سوچ ۾ ٻُڏل هوندي بہ چُپ رهي. الحاج هارون ڪيس ڪمري مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ هُن حڪم جو پورائو ڪيو. الحاج آمنہ کي ڪن مان جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ رڙ ڪندي چيائين: "هاڻي جيڪڏهن مون کي خبر پئي تہ تنهنجو ڪنهن سان چڪر هلي پيو، تہ آئون توکي ٽُپ ماري ڇڏيندس، سمجهہ ۾ آيو...؟"

آمنہ وڏي مشڪل سان ڪنڌ ڌوڻيو. هوءَ پنهنجن ڳوڙهن ۾ پُسي ويئي هئي. سندس ڪاپو ڪن اڃا بہ هن جي هٿ ۾ هو هارون هڪ پيرو

پيھر ڏمڪي ڏني: ”ايستائين جو اگر مون کي معلوم ٿيو تہ تو ڪنهن ٻي مرد جي ساراهہ ڪئي آهي، تہ آئون هن ڀيري جيئان نرميءَ سان پيش نہ ايندس. آئون پهرين توکي موچڙا هڻندس، پوءِ رستن تي ڦرڻ لاءِ ٻاهر اڇلي ايندس.“

جڏهن هو هليو ويو تہ آمنہ صوفي تي ليٽي پيئي، ۽ پنهنجو مُنهن ٻانهن ۾ لِڪائي، بي اختيار روئڻ لڳي. هوءَ پيار ۽ تحفظ ڪاڻ روئي رهي هئي. جن شين ۾ سندس سگهہ لِڪل هئي ۽ جيڪي هن لاءِ تڪبّر جو سبب هيون، هاڻ انهن جو وجود باقي نہ رهيو هو. جڏهن هن سڄي معاملي تي نئين سر ويچار ڪيو، تہ ڪيس محبت ۽ مفاهمت کان محروم، علحدگي، اڪيلائي ۽ پنهنجي ذات کان نفرت جو احساس ٿيو.

ٻي ڏينهن هوءَ ٽڪل دل سان جاڳي. سندس مٿي کي چڪر پئي آيا. هُن ڪنهن ڀروسي لائق ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ گهريو ٿي، جيڪو سندس درد سمجهي ۽ کيس صلاح ڏي. ڪو ويجهو شخص، جيڪو ساڻس سچو هجي. هن چاهيو ٿي تہ ڪو کيس پريشان نہ ٿيڻ جي تاڪيد ڪري. ڪوئي چوي تہ اها خدا جي مرضي آهي ۽ سڀ ڪجهہ خدا تي ڇڏي ڏي. ”ڪاش! منهنجي ماءُ زندهہ هجي ها، اهائي مون کي سٺي صلاح ڏي ها.“ آمنہ پنهنجي مُنهن رڙ ڪندي چيو.

هن سڪون جي ڳولا ۾، پنهنجو درد ۽ تڪليف ڪنهن سان ونڊڻ ٿي گهريو. هوءَ بستر تان اُٿي دريءَ طرف آئي. هُن ٻاهر ڏٺو تہ ڪجهہ نظر نہ آيو. تڪليفون ڀاڇي جيئان سندس پيئان هيون. هوءَ جيڏانهن ٿي وئي، اهي ساڻس گڏ هيون. پوءِ کيس فاطمہ جو خيال آيو. هُن ڳوڙها اُگهيا، ڪپڙا مٽايا ۽ هو آوا کي گڏ وٺي يونيورسٽي هلي ويئي.

سج آسمان تان شعلا پئي وسايا. آمنہ هو آوا کي گاڏيءَ ۾ ويهاري، پاڻ ڇوڪرين جي هاسٽل ڏانهن وڌي. فاطمہ جي ڪمري جي دروازي تي هڪ چِٺي چنبڙيل هئي، جنهن ۾ لکيل هو: ”ڏهن منٽن تائين واپسي ٿيندي، مهرباني ڪري انتظار ڪريو- فاطمہ.“ هو ڪمري ٻاهران ويٺي رهي. انتظار جون اهي گهڙيون ڪلاڪن تائين پکڙيل هيون. آمنہ ڏسڻ ۾

ٿي پريشان ۽ بيمار لڳي رهي هئي. پوءِ فاطمہ پهتي، پنهنجي تڪليف جي باوجود هُن ڏنو پئي تہ فاطمہ جون اکيون ڳاڙهيون آهن، ۽ هوءَ گهڻي ٿڪل آهي.

"اٿين پيو لڳيم تہ جڻ توسان سالن کان پوءِ ملي رهي آهيان."

فاطمہ حيرانيءَ مان پُڇيو: "تنهنجي زندگي ڪيئن پئي گذري؟"

"بدترين۔" آمنہ قبول ڪيو.

"ڇو؟" فاطمہ پريشانيءَ مان پُڇيو.

"ويهي پوءِ ٿي ٻڌايان."

آمنہ فاطمہ جي اڳيان ويهي رهي. سندس اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. هٿ ڏڪڻ لڳا. مٿو جُهڪي ويس ۽ هن سڀ ڪهاڻي ٻڌائي ڇڏي. "خدا سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو ۽ اهوئي منهنجو شاهد آهي. آئون سدائين وفادار رهيس ۽ رهنديس. مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ ڇا ڪريان؟" هن سڏڪا پريندي ڳالهہ پوري ڪئي.

فاطمہ ڪجهہ دير چُپ رهي، پوءِ همدرديءَ وچان چيائين: "منهنجي پياري آمنہ!" هن چيو: "مون کي تنهنجي تڪليف جو احساس آهي، پر توکي پنهنجي حق لاءِ پاڻ اُٿڻو پوندو. منهنجي صلاح آهي تہ تون پنهنجي پيءُ کي هڪدم اها ڳالهہ ٻڌاءِ، کيس خبر پئي تہ توسان ڇا پيو وهي واپري؟ اهوئي اڪيلو ماڻهو آهي، جيڪو الحاج هارون سان سندس سطح تي ڳالهائي سگهي ٿو ۽ سمجهداريءَ سان مسئلي کي حل ڪري سگهي ٿو."

ملاقات کان پوءِ آمنہ واپس گهر هلي وئي. کيس ان همدرديءَ ذريعي ڪي قدر همت تہ ملي، پر حالتون اڃان بہ بدتر هيون. فاطمہ صرف مشورو ڏنو ڪو حل نہ ڏسيو. کيس اهو احساس ڪائي رهيو هو تہ شايد هاڻ کيس ايئن ئي زندگي گذارڻي پوندي، هوءَ ٿڪاوٽ ۽ ڪمزوري محسوس ڪري رهي هئي. هن ڪجهہ ڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ بک ئي نہ رهي. "الله!" هن پنهنجي ڪمري ۾ ويهي رڙ ڪئي. "اي خدا! منهنجي مدد ڪر! خدا، منهنجي حفاظت ڪر!" هوءَ سڄ اُڀرڻ تائين خوف وچان جاڳندي رهي.

## باب پنجون

آمنہ گهڻن مهينن کان پوءِ، فاطمہ ۽ بي چر وچ ۾ بحث مباحثو ٻڌڻ لاءِ يونيورسٽي ويئي. فاطمہ سان چند گهڙيون ويهڻ خاطر هوءَ وقت کان اڳ يونيورسٽي پهچي، اڳين قطار ۾ وڃي ويئي. انتظار دوران سندس نظر بي چر جي پُٺ لوڪس دنفلني تي پئي. اهو مسڪرائيندو ڏانهنس وڌيو، "اوهان سان بيو ڀيرو ملي ڏاڍي خوش ٿي." اهو چئي هو سندس پرسان ويهي رهيو، "ان ڏينهن کان پوءِ اوهان جي ڪا خبر نہ ملي، اُميد تہ اوهان ٺيڪ ٺاڪ هونديون."

"آئون ٺيڪ آهيان- مهرباني!"

"مون اوهان سان ملڻ پئي چاهيو تہ جيئن اوهان کي ٻڌائي سگهان، تہ منهنجي والد اوهان لاءِ هڪ ڪاروباري منصوبو تيار ڪيو آهي."

"سچي! ڇاهي؟"

"اهي چاهين ٿا تہ رياستي حڪومت پنهنجي معدني وسيلن جي تجارت کي منظم رکڻ لاءِ هڪڙي ڪمپني جوڙين، ۽ اوهان کي ان ڪمپنيءَ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر بنائڻ جا خواهشمند آهن. هو دنيا کي اهو ڏيکارڻ چاهين ٿا تہ مسلمان عورتون بہ اهم منصب جي ذميوارين کي سٺي ريت سرانجام ڏيئي سگهن ٿيون. اسان جي رياست معدني وسيلن جي لحاظ کان تمام گهڻي زرخيز آهي، ۽ اسان جو خيال آهي تہ اوهان ۾ ان ڪم ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت آهي."

آمنہ حيران ٿي ويئي. "حيرت جي ڳالهہ آهي. منهنجي تعليم ۽ صلاحيتون ان عهدي لاءِ ڪافي ناهن."

"اهو ڪو وڏو مسئلو ناهي. رهنمائيءَ لاءِ آئون هر وقت اوهان جي ويجهو هوندس. بس اوهان رڳو جلد کان جلد ايم. بي. اي جي ڪورس ۾ داخلا وٺو. ڪمپنيءَ جي شروع ٿيڻ تائين اوهان جو ڪورس مڪمل ٿي ويندو."

هن اجا ان ڪاروباري منصوبي بابت ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو پئي، پر لوڪس اُٿيو ۽ پنهنجي پيءُ جي آڏرياءُ ڪرڻ لاءِ هليو ويو جيڪو ان گهڙيءَ هال ۾ داخل ٿي رهيو هو. ان وقت فاطمه به هال ۾ داخل ٿي ۽ سڌي آمنه ڏانهن وڌي. هوءَ نهايت ئي پرجوش نظر پئي آئي. "مون کي يقين آهي ته هيءَ بحث مباحثو توکي گهڻو وڻندو. بي چر جي گفتگو ڏيان سان ٻُڌجانءِ! تون منهنجي طرفان منصف ٿيڻ چاهيندينءَ."

"نه!" آمنه کِلي. "مون کي الحاج جي ماني تيار ڪرڻي آهي. شايد جلدئي گهر لاءِ روانو ٿيڻو پوي."

تاج رحمان، جيڪو سياسيات جو پروفيسر ۽ اڄوڪي مباحثي جو ثالث/ ٿياڪڙ هو، پنهنجي سيٽ تان اُٿيو ۽ ماڻهن جي ماٺ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. هال ۾ آهستي آهستي خاموشي ٿيڻ لڳي. "مون لاءِ اها اعزازپري ڳالهه آهي، ته آئون اوهان سينيءَ کي جناب جارج ڪنگ فشر سان متعارف ڪرائڻ وارو آهيان. اسان سمورا ڪيس بي چر جي نالي سان ڄاڻون ٿا. برطانيه ڇڏڻ کان پوءِ بي چر هن ملڪ کي پنهنجو وطن بنايو ۽ رات ڏينهن ان جي ترقيءَ لاءِ دل کولي محنت ڪئي. ملڪي ترقيءَ ۾ سندس ڪردار تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. پوءِ به هر شخص سندن طريقي ڪار جو حامي ناهي. اڄ فاطمه سندس طريقيڪار تي ڪي سوال اُٿاريندي ۽ کين جواب ڏيڻو آهي. ٽَن ميمبرن تي مشتمل ڪميٽي، سوڀ ماڻيندڙ بابت فيصلو ڏيندي. سڀ کان پهرين اسان جناب بي چر صاحب کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏينداسين."

بي چر ڳالهائڻ لاءِ پنهنجي سِيٽ تان اُٿيو. هال ۾ موجود هر ماڻهوءَ جو ڌيان ڏانهس هو. هُن ڪمري ۾ نظر ڦيرائي ۽ فاطمه کي سنئون سِڌو تنقيد جو نشانو بنائيندي چوڻ لڳو: "مون پنهنجي زندگيءَ جا ٽيهه سال

هن. ملڪ جي ترقيءَ لاءِ سوچيندي، اڻ ٿڪ محنت ڪندي ۽ پگهر وهائيندي گذاري ڇڏيا. اهي منهنجي جوانيءَ جا بهترين سال هئا. جڏهن ڪو شخص، خاص طور جڏهن ڪو نوجوان، منهنجي محنت کي ساراهڻ بجاءِ، مون تي تنقيد ڪري ٿو ته سچ ته نهايت تڪليف پهچي ٿي. آئون اجوڪي موقعي جو بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهيو هئس، ۽ فاطمه طرفان لڳندڙ الزامن ٻڌڻ جو منتظر آهيان. آئون پڻ ڪانئس ڪجهه پڇڻ گهران ٿو: ته تون مون کان ڇو ٿي نفرت ڪرين؟ ڇا ان جو سبب منهنجي ڪاميابي، دولت يا اثر رسوخ آهي؟ يا پوءِ توکي آئون مغرب جو نمائندو ٿو لڳان؟ تون آخر مغربِ کان نفرت ڇو ٿي ڪرين؟ اسان جي رنگ جي ڪري؟ اسان جي ٽيڪنالاجيءَ سبب! اسان ٻنهي آزاديءَ جي سببان؟ آخر تون هر شيءِ جي منفي رُخ تي ڇو ٿي ڌيان ڏرين؟"

بي چر اهو چئي ويهي رهيو ۽ فاطمه جي ڳالهائڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ٻئي پاسي فاطمه پڻ پوري ريت تيار هئي.

"بي چر! اهو ذاتي نه، پر سياسي مسئلو آهي. آئون ذاتي طور توکان نفرت نٿي ڪريان. آئون مغرب ۾ رهي آهيان. آئون تنهنجي آزاديءَ جي عزت ٿي ڪريان. مون کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ تي رشڪ ٿو ٿئي. منهنجو، تنهنجي مذهب سان به ڪو تعلق ڪونهي. مون کي تنهنجي چمڙيءَ جي رنگت سان به ڪو واسطو ڪونهي. منهنجي نفرت جو سبب ته رڳو سرمايه داري نظام ۽ ان ذريعي سڄي دنيا ۾ ماڻهن جو استحصال آهي. اسان جا حڪمران جڏهن اسان جي آزادي کسين ٿا، ته مغرب ان کي نظر انداز ٿو ڪري، آئون خاص طور مغرب جي ان طرزِ عمل کان نفرت ڪريان ٿي. جڏهن توهان اسان جي ادارن کي منظم سازش تحت تباه ٿا ڪريو تڏهن منهنجي نفرت ويتر وڌي ٿي وڃي. توهان استحصال تي مبني نظام کي هٿي ٿا ڏيو. توهان اسان جا قدر تباه پيا ڪريو مختصر طور چئجي ته توهان جي ڪري موت، تباهيون ۽ احساسِ محروميءَ جو انگ وڌي رهيو آهي..."

ڊاڪٽر تاج، آمنه کي ويهي رهڻ جو اشارو ڪيو ۽ بي چر پيهر اُٿي بيٺو.

"فاطما! منهنجيءَ ڳالهه ڌيان سان ٻڌجانءِ!" بي چر چيو. "سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي، ته سرمايه دارانه نظام جو ڪوبه متبادل موجود ناهي."
هُن آهستي آهستي پر وڏي سر پنهنجو جملو ورجايو. "سرمايه دارانه نظام جو ڪوبه متبادل موجود ناهي! اهو نظرياتي ابهام يا مونجهاري ۾ رهڻ جو دؤر ناهي. جيڪڏهن اوهان ترقي ڪرڻ گهرو ٿا، ته سرمايه دارانه نظام کان سواءِ ڪوبه ٻيو رستو موجود ناهي!"

فاطمه ٽپ ڏيئي اُٿي بيهي رهي، ۽ انڪار ڪندي چوڻ لڳي، "متبادل موجود آهي!"

بي چر ڪليو: "آئون ان متبادل کي ڄاڻڻ ٿو گهران. ياد رکجان! جيڪي آفريقي ملڪ ترقي ڪرڻ چاهين ٿا، ته ڪين بين الاقوامي مالياتي ادارن ۽ ورلڊ بئنڪ جي شرطن کي پورو ڪرڻو ئي پوندو. پائدار ۽ مضبوط ترقيءَ جو اهوئي اڪيلو رستو آهي."

"اهو رڳو فريب آهي! آخر مغربي ملڪن تي اهي پابنديون ڇو نٿيون مڙهيون وڃن؟ آخر اوهان جي نظام لاءِ اهي نسخا ۽ دوائون ٺيڪ ڇو ناهن؟"

"اهو ڪوبه فريب ناهي. هر بيماريءَ جي الڳ الڳ دوا هوندي آهي. هر رياست ۾ ڪٽيندڙ ۽ هارائيندڙ هوندا آهن. تنهنجو نظريو تصوير جو رڳو هڪڙو پاسو آهي. منهنجي ڪري آفريقا جا ڪيترائي ماڻهو امير بڻيا آهن، انهن ۾ تنهنجو پيءُ ۽ اڳيون مڙس به شامل آهن. مون آفريقا جي ڪيترن ئي ملڪن کي پائدار ترقيءَ جا گس ڏسيا آهن، ۽ ڏسيندو رهندس. سمورن آفريقي ملڪن وانگيان نائجيريا جو مسئلو به پيسو ناهي، پر ان کي خرچ ڪرڻ جو طريقو آهي. هتي وسيلن جو به مسئلو ناهي، بس ڪين وسيلن جو درست استعمال نٿو اچي. آفريقا جي ناڪاميءَ جي سببن جو تجزيو ڪرڻ وقت، تون سدائين نو آباد ڪاري ۽ شاهي سلطنت جي توسيع کي ڏوهي قرار ڏينديءَ. سدائين لاءِ موجوده حالتون/

مسئلا تاريخي محرڪ ناهن هوندا، گهڻي ڀاڱي آفريقي ملڪن کي آزاد ٿئي ڪيترائي ڏهاڪا گذري چڪا آهن. پوءِ به توهان پنهنجي موجوده مسئلن لاءِ ڏوهي ماضيءَ کي بڻايو ٿا. توهان پنهنجين غلطين جي ذميواريءَ مڃڻ ڪڏهن سکندا؟

”نو آباد ڪاريءَ/ ڌارين جي آبادي ۽ شاهي سلطنت جي توسيع واري پاليسي اسان جي تاريخ آهي. موجوده حالتن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ان جي ضرورت آهي. ماضيءَ جي صحيح تصوير کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ان جي ضرورت آهي.

”تون مون تي پنهنجي معدني وسيلن جي چوريءَ جو الزام ٿي هڻين. بيشڪ آفريقا کي سمورن معدني وسيلن سان نوازيو ويو آهي. نائجيريا ۾ به گهڻائي معدني وسيلا آهن.“

بي چر پنهنجو بيگ/ ٿيلهو کوليو ۽ ڇهه بوتلون ڪڍيون. هُن نهايت ئي احتياط سان انهن کي ميز تي رکيو. هُن فاطمہ کي ويجهي اچڻ لاءِ اشارو ڪيو. هوءَ نہ چاهيندي بہ ويجهي آئي. بي چُر ماٺهن ڏانهن مُڙيو ۽ چيو:

”هي سڀ هن رياست مان ملندڙ معدنيات جا نمونا آهن. هن يونيورسٽيءَ ۾ موجود هڪ بہ سائنسدان، انهن کي سڃاڻڻ ۽ انهن جي تجزيي جو ڪم نٿو ڪري سگهي. آئون سائنسدانن کي پئسا ڏيئي هتي وٺي ايندو آهيان، تہ جيئن اُهي انهن کي ڳولين ۽ ڪڍن. ڇا تون انهن مان ڪن ٽن جا بہ نالا ٻڌائي سگهندينءَ؟“

فاطمہ مُرڪي، ”اهو منهنجو ڪم ناهي، ۽ مون کي ان ڏِس ۾ پنهنجي گهٽ سمجهہ جو اعتراف ڪندي ڪا بہ لڄ ناهي.“

”اٿين چئو نہ! سچ تہ اهو آهي تہ تون مون تي ان شيءِ کي چوريءَ جو الزام لڳائي رهي آهين، جنهن بابت توکي پاڻ کي ڪا ڄاڻ ناهي، تہ اها تو وٽ موجود آهي.“ بي چُر دليل ڏنو. ”هيءَ سونُ آهي، هيءَ ٽامو هي لوهہ، هيءَ ايلومينيم، هيءَ بڪسائيٽ ۽ هن کي زرد ڪيڪ سڏين ٿا. خبر ٿئي اهو ڇاهي؟“

”يورينيم“ فاطمہ چيو. ”آئون ڄاڻان ٿي تہ اڏ رياست يورينيم مٿان وينل آهي!“

”کھڙي شيءِ ڪتي پيل آهي، ان بابت اندازو ڪرڻ الڳ ڳالھہ آهي، جڏهن تہ ڪنهن شيءِ جو هٿ ۾ هجڻ ۽ ان جو درست استعمال ٻي ڳالھہ آهي.

”تون مون تي تعليم کان توجہ هٽائڻ جو الزام لڳائين ٿي، اهو غلط آهي. مون اسڪولن لاءِ هڪ نئون نصاب تيار ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪئي، مگر توهان جي اڳواڻن ان کي قبول نہ ڪيو. جيڪڏهن توهان جا معزز اڳواڻ مون کان ڪتاب، سائنسي اوزار ۽ ڪمپيوٽر درآمد ڪرائڻ چاهين ٿا، تہ آئون ڪرائي ڏيندس، جڏهن تہ توهان جي رياست جي ڪمشنر براءِ تعليم مون کي وزيرن لاءِ ستاويهہ نيون گاڏيون گھرائڻ، لنڊن ۾ هڪ گھر خريد ڪرڻ ۽ ابوجا ۾ هڪ اعليٰ محل جوڙڻ جو ٺيڪو ڏنو آهي. سڀ کان عجيب مگر حقيقت تہ اها آهي، تہ اوهان جا اڳواڻ تہ پنھنجن ٻارن کي بہ تعليم نٿا ڏيارڻ چاهين!

”ڪجھہ عام صحت بابت بہ ڳالھہ ٿي وڃي. تمام گھڻن موقعن تي تو منهنجي مٿان نسل ڪشيءَ جا الزام بہ لڳايا آهن. اڄ آئون اهو حساب بہ چڪتو ڪرڻ چاهيان ٿو. ٽي سال اڳ، دوائن ٺاهڻ وارين ٻن مغربي ملٽي نيشنل ڪمپنين، رياست جي گورنر جي اجازت سان ٻن نئين دوائن جو تجربو ڪيو. بدقسمتيءَ سان هڪڙو تجربو ڏاڍو ناڪام ٿيو ۽ ڪيترائي ماڻھو ماريا ويا. انهن ۾ عورتن ۽ ٻارن جو انگ وڌو هو. بيشڪ مون کي انهن جي موت تي دلي طور دک آهي، مگر ان جو ذميوار آئون ناهيان. اهي تجربا گورنر جي اجازت کان پوءِ ڪيا ويا. پاڻ مغربي تعليم يافتہ ڊاڪٽر آهي ۽ کيس ان تجربي سان لاڳاپيل خطرن جو پورو پورو اندازو هو. تنهن ڪري ان کي نسل ڪشي نٿو چئي سگھجي. اهي موت، ڪنهن رٿيل حڪمتِ عمليءَ جو حصو نہ هئا.“

”جيڪڏهن ائين هو تہ مرڻ وارن جي وارثن کي معاوضو ڇو نہ ڏنو ويو؟“ فاطمہ پڇيو.

”انهن ڪمپنين سان لاڳيتي ڳالهہ ٻولهہ هلي پئي، ۽ تمام جلد ان حادثي ۾ مرڻ وارن جي وارثن کي معاوضو ادا ڪيو ويندو.“ ٻي ڇُر وراڻيو.

”دوائون گرم علائقن ۾ موجود بيمارين لاءِ هيون.“ ٻي ڇُر فاطمہ ڏانهن ڏسندي چيو. ”هڪ پيرو وري تو مون تي ظالم حڪومتن کي ساٿ ڏيڻ جو الزام لڳايو. اهو ڪُوڙ آهي. آئون مضبوطي ۽ استحڪام قائم رکڻ وارين حڪومتن جو ساٿي آهيان. آفريقا صرف امن ۽ استحڪام جي حالت ۾ ئي ترقي ڪري سگهي ٿو. جڏهن فوجي حڪومتون سرمايہ ڪاريءَ ۽ ترقيءَ لاءِ صحتمند ماحول مهيا ڪن.

”هيءُ ملڪ ڏڪار ۽ سوڪهڙي جو شڪار آهي، پر ڏسو! توهان جي گورنر جي سَٺهين سالگره جي موقعي تي، مون کي هُن لاءِ ڪهڙي تحفي وٺڻ جو چيو ويو آهي!؟ هڪ نئون جهاز! جڏهن تہ جيڪو جهاز ٽي سال اڳ خريد ڪيو ويو هو اهو بهترين حالت ۾ آهي، ۽ ان کي ايترو گهٽ استعمال بہ نہ ڪيو ويو آهي. آئون ان بابت ڪيس ڪا صلاح بہ نٿو ڏيئي سگهان. آئون تہ رڳو حڪمن تي عمل ڪريان ٿو. هو مون کان هڪڙو نئون محل بہ تعمير ڪرائڻ چاهي ٿو. ٻن سالن اندر اهو سندس ٽيون محل هوندو! هاڻ رياست جي هر امير ۽ روايتي رهنُما وٽ نئين ليموزين هوندي، ۽ سگهوئي سندن نوان محل بہ جُڙي ويندا. اهي منهنجون نہ، پر اسان جي اڳواڻن جون ترجيحات آهن. اهي ڪڙا سچ آهن. سڪٺا خيال انهن کي نٿا تبديل ڪري سگهن.

”فاطمہ! آئون دل سان تنهنجي همت، تخليقي صلاحيت ۽ ڄاڻ جو قائل آهيان. بدنصيبيءَ سان تون غلط گروهہ جو حصو بڻجي وئي آهين. تنهنجن انهن خيالن ۽ تصوراتي نظرين مان ڪجهہ هٿ حاصل ناهي ٿيڻو. اسان سان شامل ٿي ۽ پنهنجي محنت جو ڦل ماڻ۔ منهنجو سپنو اهو آهي تہ فاطمہ پنهنجي قابليت جو استعمال حقيقي دنيا ۾ ڪري. هاڻ فيصلو تنهنجي هٿ وس آهي. اسان سمورن کي ڇڙي نعري بازيءَ کان علاوه ڪجهہ پيو بہ ڪري ڏيکارا!“

فاطمہ نفرت ڀريل انداز ۾ کِلي ڏنو. ”آئون مڃان ٿي تہ توهان ماڻهو مضبوط آهيو مگر ان جو مطلب اهو ناهي تہ آئون بہ توهان ۾ شامل ٿي وينديس. منهنجو مقصد ڪجهہ ٻيو آهي ۽ آئون پنهنجن اصولن تي سوديبازي نہ ٿي ڪري سگهان. آئون فقط پاڻيءَ پي عزت جي ننڊ تہ سُمهي سگهان ٿي، مگر سرمايہ دارانہ نظام جو حصو بڻجي، شاهي پڪوان نٿي کائي سگهان.“

آمنہ گهڙيءَ ڏي ڏٺو تہ گهر پهچي مڙس لاءِ ماني تيار ڪرڻ جو وقت ٿي چڪو هو.

## باب ڇهون

واندڪائيءَ جا اهي ڏينهن هفتن ۾ تبديل ٿي رهيا هئا. آمنہ عورتن جي ”بيٺل“ دنيا ۾ رهندي، زندگيءَ جا ڏينهن بسر ڪري رهي هئي. هوءَ ان ماحول ۾ هر گهڙيءَ ڪنهن تبديليءَ جي خواهشمند هئي، جتي سندس جنم ۽ پرورش ٿي، مگر هاڻ هوءَ ان ٿي ننڍڙي ضلعي ۾ قيدياڻي بڻجي ويئي هئي. ڪيس ذهني ۽ جسماني طور آهستي آهستي فنا ٿي وڃڻ جو احساس ستائي رهيو هو. هوءَ زندگيءَ جي مقصدِ حيات کي سمجهڻ کان لاچار هئي، ۽ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ بيتاب هئي پر ڇا ڪري؟ ڪيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو.

تنهنڪري هن قانون سازن جي زالن جي انجمن جي گڏجاڻين ۾ شامل ٿيڻ ڇڏي ڏنو ڇو جو ان ۾ عورتون رڳو بي ڪار ڪل پوڳ ۾ وقت وڃائي رهيون هيون. هن، سرڪل انٽرنيشنل ڪلب جي ميمبر بڻجڻ جي دعوت کي بہ رد ڪري ڇڏيو ڇو جو اهو سندس نظر ۾ نڳن ۽ ٻڌاڪين جو بي مقصد ميڙاڪو هو. ڪاروبار جي ابتدا وارو معاملو بہ بي چر جي روڊ حادثي سبب ملتوي ٿي چڪو هو. ان دوران شاگرديائين بابت هن اچا ڪو فيصلو نہ ڪيو هو. ان ڳالهہ ٻولهہ ۾ سندس دلچسپي نہ هجڻ باوجود، هوءَ سندن ساٿ کي پسند ڪندي هئي. هاڻ الحاج بہ ساٿس تمام گهٽ ملڻ ايندو هو. خاص طور جڏهن کان آمنہ ان واقعي جي پنهنجي پيءَ کي خبر ڏني، ۽ هُن الحاج مٿان سِڌي سنئين تنقيد ڪئي. تڏهن کان شايد ٿي ڪا انهن ٻنهي، ڪڏهن بي تڪلفيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪئي هجي. هن پنهنجو پاڻ تي توجہ ڏيڻ بہ ڇڏي ڏنو هو. ايستائينءَ جو ڪيڏانهن وڃڻ وقت بہ هوءَ نہ ڪي مهانگا ڪپڙا پائيندي هئي، ۽ نہ ئي ميڪ اپ

ڪندي هئي. هاڻ هوءَ ڪلاڪن جا ڪلاڪ آرسيءَ اڳيان ويهي، پنهنجي ايٽري سهڻي هجڻ تي خدا جو شڪريو به ادا نه ڪندي هئي. ان بهتان سبب تينءَ زال ڪان سواءِ آمنه جا پنهنجي گهر ۾ هر ڪنهن سان سٺا لاڳاپا هئا. پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پاڻ کي بلڪل اڪيلي محسوس ڪندي هئي، ۽ سينيءَ کي شڪي نظرن سان ڏسندي هئي. ان مهل هوءَ پاڻ کي ڪمري اندر بند ڪري، روئڻ شروع ڪري ويندي هئي. اهڙي مايوسيءَ جي حالت ۾ هوءَ جيڪڏهن ڪجهه ڪندي به هئي، ته رڳو فاطمه جا ڏنل ڪتاب پڙهندي رهندي هئي.

هڪ ڏينهن معمول مطابق هوءَ هيٺ لٿي، ۽ اڱڻ ۾ لڳل زيتون جي وڻ اڳيان ڪيڏندڙ ٻارڙن سان ڪيڏڻ لڳي. ڪجهه دير ڪان پوءِ آسمان تي گهاٽا ڪارا بادل ڇانئجڻ لڳا ۽ تيز هوا، سُڪل پن ۽ دوڙ اُڏارڻ لڳي. ٻارڙا اندر ڀڄي ويا، جڏهن ته آمنه آهستي آهستي ورانڊي ڏانهن وڌڻ لڳي. هوءَ، مٿي ڪمري ڏانهن وڃڻ ڪان اڳ، ورانڊي ۾ ويهي آسمان کي تڪڻ لڳي، جنهن کي ڪڪر آهستي آهستي ڍڪيندا پئي ويا. هوءَ بستر تي ليٽي ڇت کي تڪڻ لڳي. ڪيس پيرن جو ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ آيو. هڪ ڪان مٿي ڪجهه شخص ڏاڪڻيون چڙهي، مٿي اچي رهيا هئا. اوچتو فاطمه ۽ سندس پنج سهيليون ڪمري ۾ داخل ٿيون. سموريون سهڪي رهيون هيون. فاطمه انهن پرجوش ڇوڪرين جو تعارف آمنه سان ڪرايو. ”هي اسان جي تحريڪ جون نيون ميمبر آهن. اسان ڪيمپس ۾ ڪوڙ ساريون گڏجاڻيون ڪيون، پر ڪالهه ته سيڪيورٽيءَ وارن ذري گهٽ اسان کي پڪڙيو ٿي، تنهن ڪري اڄ اسان هتي هليون آيا آهيون. اسان توکي پريشان ته نه ڪيو؟“

”توهان لاءِ هن گهر جا در سدائين کليل آهن!“ آمنه وراڻيو ۽ سيني کي ويهڻ لاءِ چيو.

شروعاتي رواجي ڳالهين دوران ئي سنجيده گفتگو شروع ٿي وئي. ”مرد ۽ معاشري تي ڳالهائڻ جي بجهر شروعات ٿا ڪريون.“ فاطمه صلاح ڏني ۽ هڪ ڀرپور تقرير لاءِ ويهي رهي. ”اسان جيڪڏهن تاريخ تي

نظر وجهون ۾ رياستن جي ٺهڻ ۽ ڊهڻ تي سوچيون ويچاريون، ته اسان کي فلسفيءَ جي ان ڳالهه کي قبول ڪرڻو پوندو جنهن ۾ ان چيو هو ته: "تبديلي ; کان سواءِ ڪنهن به شيءِ کي بقا ناهي." فاطمه ڳالهائڻ شروع ڪيو ته آمنه اهو سوچي پريشان ٿيڻ لڳي، ته انهن ڇوڪرين کي ڇا ٿي ويو آهي!؟ تحريڪ تي پابنديءَ لڳڻ کان پوءِ به اهي لِڪي لِڪي ملن ٿيون، صرف مرد ۽ معاشري تي ڳالهائڻ لاءِ!؟ آمنه جي خيال ۾ اهي مسئلا ايترا اهم نه هئا. هوءَ ڇُپ چاپ ٻاهر نڪري پري ٿي ويهي رهي. ڪڪر ٽڙي پکڙي چڪا هئا، ۽ سج پوري آب و تاب سان چمڪي رهيو هو. سندس ڪنن ۾ فاطمه جو آواز آيو. "ماڻهن جي علم ۽ تجربن ۾ اضافو آيو ته انهن اڳيان ڪي بنيادي سوال آيا. ماڻهن لاءِ معاشرتي تبديليءَ جي سببن کي سمجهڻ ضروري ٿي پيو. اهو ڄاڻڻ به ضروري ٿي پيو ته آخر شيون ڪيئن ٿيون ظاهر ٿين، ۽ انهن جا ڪارڻ ڪهڙا آهن ۽ ان جو ذميوار ڪير آهي؟ ان مهل مذهب اڳيان آيو. مذهب جي دعوي آهي ته هر شيءِ خدا جوڙي آهي، ۽ هر ڪم جو فيصلو اڳواٽ ئي ٿيل آهي."

پريشانيءَ هوندي به آمنه پوري ڌيان سان فاطمه جي ڳالهه ٻڌي "مذهب جي دعوي آهي ته خدا جي حڪم سان، ڪي ماڻهو ڪجهه به نه ڪندي به سکيا ستابا رهندا، ۽ جڏهن ته ٻيا ماڻهو سڄي زندگي پورهيي ۾ پگهر وهائيندي به ذليل ۽ ٻُچڙي غربت ۾ گذاريندا. ٿورا ڪي طاقتور هوندا، باقي سڀ ڪمزور- انهيءَ کان وڌيڪ اها ڳالهه ته مرد عورت کان برتر آهي. ان کان علاوه اهو به فرمان آهي ته صرف سندس حڪم مڃيندڙ ئي جنت جا حقدار هوندا، جڏهن ته گستاخ ۽ باغيءَ کي سدائينءَ لاءِ دوزخ ۾ سڙڻو پوندو."

ان کان پوءِ فاطمه ۽ ربيڪا وچ ۾ زبردست مناظرو شروع ٿي ويو. آمنه رڌڻي ڏانهن هلي ويئي. الحاج جي پهرين زال طلاطه اتي اڳ ئي ماني پچائڻ ۾ مصروف هئي. "مانيءَ بابت پريشان نه ٿيو. منهنجو خيال هو ته توهان مهمانن سان ڳالهين ۾ مصروف هونديون، تنهن ڪري آئون اوهان لاءِ ماني تيار پئي ڪريان." هن چيو.

”اوهان جي وڏي وڏي مهرباني.“ آمنہ جواب ڏنو.
”ڇا اهي فاطمہ ۽ سندس سهيليون آهن؟“ طلاطہ سوال ڪيو.
”جي! اهي ٿوريءَ دير لاءِ آيون آهن.“
”ڪا ڳالهہ ناهي.“ طلاطہ اهو چئي آمنہ جي ويجهو آئي. ”هوءَ پيهر شادي ڪندي يا نہ؟“
”سچ ٻڌايانءِ تہ مون کي بہ ڪا خبر ناهي.“
”ڪانئس پڇين ڇو نہ ٿي؟ يا وري ڪيس ڪا صلاح ڏي! هن جهڙيءَ جوان ڇوڪريءَ لاءِ اڪيلو گذارڻ مناسب ناهي.“ طلاطہ فڪرمند لهجي ۾ چيو.
”منهنجي خيال ۾ اهو سندس مسئلو آهي.“ آمنہ ڪُلها لوڏي جواب ڏنو.
”ان ڪان پوءِ الحاج جو توسان رَويو ڪيئن آهي؟“ طلاطہ موضوع مٽائيندي وراڻيو.
”آئون ڪجهہ نٿي چئي سگهان. گهڻي وقت کان هو مون وٽ ناهي آيو.“
”مون ٻڌو آهي تہ اڄ اهو اچي پيو.“ هُن آمنہ ڏانهن ڏٺو. ”سنو ڪيئي جو سڀ ڪجهہ پيءُ کي ٻڌائي ڇڏيئي. منهنجي خيال ۾ ان جو چڱو نتيجو نڪرندو... الحاج جڏهن ڪاوڙ ۾ هوندو آهي، تڏهن الله ئي بچائي!“
”هو گهڻي وقت کان مون سان نہ پيو ملڻ اچي. شايد اڄ بہ نہ ايندو.“
”منهنجي خيال ۾ اهو سڀ ڪجهہ ان ڏائڻ جومائيءَ جو ڪيڏ آهي. اها توسان سخت نفرت ڪري ٿي، ۽ اهڙي اظهار کان ڪيٻائي بہ نٿي. اها توسان ڏاڍو سڙي ٿي... مون کي يقين آهي تہ هوءَ ڪڏهن منهنجي جاءِ تي ويهڻ جو سوچي بہ نٿي سگهي... مگر منهنجي تربيت ئي اهڙي ٿي آهي. مون کي سيکاريو ويو آهي تہ الحاج جي زالن جي گهٽائيءَ سبب، مون تي گهرو ڪم ڪار جو وزن گهٽبو.“ طلاطہ ڪلها لوڏيندي چيو.

”اسلامُ عليڪم!“ ڪنهن عورت جي آواز ڳالهين ۾ رنڊڪ وڌي. بلقيسو رڌڻي جي دروازي وٽ مُرڪي رهي هئي. سندس چهرو خوشيءَ ۾ ٽِڙيو پئي.

”وعليڪم السلام!“ آمنه جواب ڏنو. ”ڪيئن آهين؟“

”بلڪل ٺيڪ.“ بلقيسو وراڻيو. سندس چهري تي اجا تائين مُرڪ هئي.

”تون وچ پنهنجي مهمانن سان ويهه. آئون ڪجهه دير ۾ ماني موڪليان ٿي.“ طلاطه ڪيس چيو.

”منهنجي خيال ۾ اوهان سڀ اڄوڪي رات جي دعوت بابت خبردار هوندا.“ بلقيسو مٿي ڪمري ۾ پهچي، پنهنجين سهيلين کان پُڇيو.

”ان دعوت ڪرڻ جو سبب؟“ ربيڪا پُڇيو. عام طور سندس چهري تي اهڙي دلچسپي نظر نه ايندي هئي.

”بس ونڊر لاءِ.“ بلقيسو وهندي وراڻيو. ”دراصل اها اسان جي مڱڻيءَ جي دعوت آهي!“

”آمنه! ڇا تون ايندينءَ؟“ فاطمه پُڇيو.

”ڇري ٿي آهين ڇا!“ کيس خبر هئي ته فاطمه مذاق ڪيو آهي، پر هن هڪدم مُڙي جواب ڏنو. ”جيڪڏهن منهنجي مڙس مون کي طلاق ڏني ته ڇا تون مون کي ٻيو ڪو ڳولي ڏيندينءَ؟“

”نه! مون وٽ فالتو وقت ڪونهي.“ فاطمه کِلندي وراڻيو. ٻيون ڇوڪريون به کِلندي کِلندي ڳالهه ٻولهه جو حصو ٿي ويون. هوآوا مانيءَ جو ٿانوَ کڻي ڪمري ۾ داخل ٿي، ته سڀ چُپ ٿي ويون. پوءِ سڀئي ماٽ ميٽ ۾ ماني کائڻ لڳيون. ڪجهه چمچا کائڻ کان پوءِ بلقيسو پليٽ هيٺ رکي ڊڪي ڇڏي، ۽ مُرڪندي آمنه اڳيان وضاحت ڪئي. ”مون هاڻي ئي ماني کاڌي آهي ۽ وڌيڪ نٿي کائي سگهان. مون کي پڪ آهي ته اوهان ان کي بُرو نه سمجهنديون.“

”پريشان نه ٿي، اهڙي ڪابه ڳالهه ناهي.“

"ان ۾ ڪا تعجب جي ڳالهه ناهي، ته جيڪا ڇوڪري سڌي پنهنجي مگيندي جي گهران ايندي هجي، ته اها ٻڪايل ته نه هونديءَ" فاطمه پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو.

"ان سان تنهنجو ڪو واسطو ڪونهي." بلقيسو جواب ڏنو.

آمنه سندن دوستاڻا تعلق ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ رشڪ ڪرڻ لڳي، ته اهي هڪٻئي جي تبصرن ۽ چالاڪين تي ٿورو به ٻُرو نٿيون محسوس ڪن. مانيءَ کائڻ کان پوءِ آمنه ٿانو ڪٽڻ لڳي، بلقيسو ڳالهه کي وري شروع ڪيو.

"سمورن نه ته، آفريقا جي گهڻن ملڪن ۾-" هن چيو. "آزاديءَ حاصل ڪرڻ کان پوءِ سرمايه دارانه ترقيءَ جي ڏکي تاريخ موجود آهي..."

"...ڪهڙي آزادي؟" فاطمه ڳالهه ڪاٽيندي چيو.

"منهنجي چوڻ جو مطلب سياسي آزادي آهي، جهنڊي ۽ قومي تراني واري آزادي"

"ان قسم جي عواميت خطرناڪ آهي، ڇو ته گهڻي ڀاڱي ملڪ معاشي طور آزاد ناهن." فاطمه پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندي چيو.

"اسان ترقي ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪريون، پر اڳتي وڌڻ بجاءِ پوئتي پيا وڃون. هڪڙو عام آفريقي ڪيئي سؤ سال پوئتي آهي. هاري ۽ مزدور ذلت واري غربت ۾ پيا گذارين. لڪين ماڻهن وٽ کائڻ لاءِ ماني ناهي، ٻارڙن جي صحت خطري ۾ آهي، جڏهن ته عام صحت جو نظام حيران ڪندڙ حد تائين صديون پُراڻو آهي."

"سچ پڇو ته آئون جڏهن به آفريقا بابت سوچيان ٿي، ته روئڻ ٿو اچي." فاطمه ڏُک ڀريل آواز ۾ چيو. "هتي جا سمورا ملڪ شديد معاشي مسئلن جو شڪار آهن، جڏهن ته سندن اڳواڻ دنيا جي امير ترين ماڻهن جي فهرست ۾ شامل آهن. اسان جي پياري ملڪ کي ٿي ڏسو... چورن ۽ لُٽيرن جي گهيري ۾ آهي. لائبيريا تي پڻ بي ايمان اڳواڻ قابض ٿي ويا آهن. سئير اليون ۾ هن وقت تشدد ڪيو پيو وڃي، ۽ ڪانگو خونخوار درندن جي ملڪ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي."

”جيئن اسان ڄاڻون ٿا“، بلقيسو جو آواز آيو. ”نائجيريا جي معاشري ۾ طبقاتي ورڇ آهي ۽ طبقاتي ورڇ وارو اهو عمل اڄا تائين جاري آهي.“

آمنہ ٿانوَ گڏ ڪيا ۽ هيٺ هلي ويئي. ڪيس لڳو تہ معاملو سهپ کان مٿي چڙهندو وڃي. جڏهن هوءَ واپس ڪمري ۾ آئي، تہ نائجيريا جي مختلف طبقن بابت ڳالهہ جاري هئي.

”ڪاروباري ماڻهو، روايتي حاڪم، مذهبي اڳواڻ، رٽائر فوجي، پوليس ۽ بحريہ جا آفيسر، نوڪر شاهيءَ جا رٽائرڊ آفيسر، اهي سمورا ڪتن واري ڊوڙ ۾ شامل آهن ۽ مغربي سرمايہ دار ملڪن جا پالتو آهن.“ فاطمہ چيو. ”انهن ۾ منهنجو پيءُ ۽ اڳوڻو مڙس بہ شامل آهي.“

”ڪي ماڻهو“، بلقيسو سندس حمايت ڪندي چيو: ”هن خطرناڪ ۽ شيطاني فطرت سبب، ان ڪي حاڪم طبقي جو ’هاچيڪار عمل‘ بہ چون ٿا. انهن جا ميمبر وڏا مڪار، وطن جا ويري، بي ايمان ۽ جابر قسم جا ماڻهو آهن. معاشي طور ڏٺو وڃي تہ پنهنجي موجوده ڪين مليل طاقت سبب، اهي هر روز بي حيائيءَ سان عوام جو پيسو لُٽين ٿا، ۽ قومي دولت پوري آزاديءَ سان ڦُرين پيا. ناموافق حالتن سبب، هن طبقي جي ڪن ٻين ميمبرن ڪي پاڻ سان ملائي اهو ڪم ڪيو وڃي ٿو. اهي بين الاقوامي سرمايہ دار ملڪن سان ڀرپور سهڪار ڪري، طاقتور ۽ جابر حڪومتون قائم ڪن ٿا.“ پوءِ هوءَ کِلي ۽ چيائين، ”خوشقسمتيَ چوان يا بدقسمتي، پر منهنجو پيءُ بہ ان جو حصو آهي.“

سڀ کلڻ لڳا. ”آمنہ جو مڙس بہ ان طبقي جو حصو آهي.“ فاطمہ چيو. آمنہ ٿورو رڙهي ۽ هيٺ نهارڻ لڳي. انهيءَ ويل دروازي تي زوردار سڏ ٿيو ۽ الحاج هارون ڏکيون وِکون کڻندو ڪمري ۾ داخل ٿيو. سندس چهري جو رنگ بدليل هو. پر شاگرديائڻيون ڏسي، سندس تاثرات تبديل ٿي ويا ۽ مُرڪڻ لڳو. آمنہ سميت سموريون ڇوڪريون جُهڪيون ۽ کيس سٺي نموني سلام ڪيائون. هُو مُرڪيو ”مون ڪي اوهان جي اچڻ

تي ڏاڍي خوشي ٿي. ويهو! ويهو! هن کي پنهنجو ئي گهر سمجهو. بلقيسو...! ٿنهنجا ڪهڙا حال آهن؟"

"اسان سڀ ٺيڪ آهيون."

"آئون هاڻ ئي هوائي اڏي تان واپس آيو آهيان. توهان جي والد کي عمري لاءِ روانو ڪرڻ ويو هئس. عمري کان پوءِ پاڻ لنڊن ويندو جتي پاڻ رياستي نمائندي جي حيثيت ۾ ٺيڪن ۽ قرضن جا معاهدا ڪندو. خير مون کي معلوم آهي، اوهان سڀ مصروف آهيو."

"جي!" بلقيسو جواب ڏنو.

آمنہ ڪافي پريشان هئي. هُن ڏانهنس ڏٺو به نه پئي. پوءِ به بلقيسو ڳالهہ جاري رکي. "اسان خاندان اندر اسلام جي ڪردار تي ڳالهائي رهيا هئاسين."

"واهہ! اِها تہ چڱي ڳالهہ آهي! مون کي خوشي ٿي تہ اوهان نہ رڳو الله جا لفظ پئي ورجايا، پر منهنجي زال جي ڄاڻ ۾ بہ اضافو ڪري رهيا آهيو."

"الحاج!" فاطمہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ شامل ٿي، "اسان انهي نتيجي تي پهتا آهيون تہ مذهب زندگيءَ جي سڀ کان اهم شيءِ آهي. اسان قبول ڪيو آهي تہ مذهب مايوس کي اميد بخشي ٿو. جيڪي ماڻهو غور نٿا ڪن، انهن کي بہ سوچڻ تي اُڀاري ٿو ۽ ڊڄڻ کي همت ڏي ٿو."

"الله اڪبر! الله اڪبر! خدا واقعي سڀ کان وڏو آهي." هن خوشيءَ وچان چيو "جيڪڏهن فاطمہ اهو سڀ ڪجهہ چئي سگهي ٿي، تہ هن دنيا ۾ ڪجهہ بہ ناممڪن ناهي. خدا سڀ کان عظيم آهي." هن مطمئن ٿي سيني ڏانهن ڏٺو. "ڇا اوهان وٽ گهربل سڀ شيون موجود آهن؟"

"جي!" سيني هڪ آواز ٿي چيو.

"سٺي ڳالهہ آهي. اڳتي لاءِ اوهان کي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت هجي، تہ مون وٽ ايندي گهبراهٽ نہ محسوس ڪجو. مون کي خبر آهي، تہ منهنجي ڪري اوهان تنگ پيا ٿيو."

”نـ! نـ!“ فاطمہ چيو ”اسان تہ ڳالھہ ختم ڪري چڪا آهيون ۽ هاڻي وڃڻ پيا چاهيون.“

”اوهان جي بنا لالچ خدمت جو صلو الله اوهان سيني کي ضرور ڏيندو.“ هن دعا ڪئي.

”آمين!“ سمورين هڪ آواز تي چيو.

هو ڪمري مان وڃڻ وارو ئي هو تہ فاطمہ کيس ويهڻ لاءِ چيو. ”آئون مذهب بابت اوهان کان ڪجھہ پڇڻ گھران ٿي.“ هن چنچل انداز ۾ چيو.

الحاج هارون ٿورو هٻڪيو پر پوءِ آرام سان ويهي رهيو.

”اوهان جو ڇا خيال آهي تہ اڄڪلھہ اسان جي ملڪ ۾ جو ڪجھہ ٿي رهيو آهي، ان کان پوءِ هڪڙو سچو مذهبي ماڻهو ڏڇي ويندو بدگمان ٿي ويندو يا ٻئي نمونا؟“ فاطمہ ڏيرج سان شروعات ڪئي. ”منهنجي چوڻ جو مطلب آهي تہ ڪنهن بہ مذهب جو ماڻهو! ڇا اسان خالي زباني طور مذهب جون ڳالهيون تہ نٿا ڪريون؟ مسلمان نہ رڳو هن ملڪ ۾ پر پوري آفريقا ۽ پوري دنيا ۾ سڀ کان پوئتي ڇو آهن!؟“

الحاج محتاط نموني جواب ڏنو ”اها الله جي مرضي آهي.“

”اها سان جي حاڪمن جي مرضي آهي.“ فاطمہ الحاج سان اکيون ملائي وراڻيو. ”اسان جي حڪمرانن لاڳيتو اختيارن جو ناجائز استعمال ڪندي، اسان کي هڪڙي بند گهٽيءَ ۾ آڻي بيهاريو آهي، جتي اسان هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ کان بہ جواب ڏئي ڇڏيو آهي. اسان هڪ ٻئي سان بي انتها نفرت ڪريون ٿا. مثال طور تو ڪوڙسارن نوجوانن ۽ دانشورن مسلمان ساٿين کي قيدي بنائڻ جو حڪم ڏنو ڇو جو اهي تنهنجي نظريي سان اختلاف رکندڙ هئا. آخر تون ۽ تنهنجا ساٿي هن بابرڪت مذهب جي اصل تعليم جي تبليغ ڇو نٿا ڪريو؟“

”ڇا تون اسان کي بي ايمان ٿي چوڻ گهرين؟“

”بلڪل نـ! آئون اهو ٿي چوڻ چاهيان تہ اسلام بهترين تعليم جو مجموعو آهي، ۽ مسلمان اگر ان مان رڳو پنجويھہ سيڪڙو تي بہ عمل ڪن ها، تہ اڄ اسان انهن حالتن ۾ نہ هجون ها.“

"پنجويهه سيڪڙو جي جاءِ تي، اڪثر مسلمان ته ڪاتو پنجويهه سيڪڙو تي پيا عمل ڪن." بلقيسو چيو.

الحاج شديد مونجهاري جو شڪار پئي لڳو پر هن جواب ڏنو "آئون الله تي يقين رکان ٿو. ڏينهن ۾ پنج وقت نماز پڙهان ٿو. آئون رمضان ۾ روزا رکان ٿو هر سال حج ادا ڪريان ٿو غريبن ۾ خيرات ورهايان ٿو ڇا اهي اسان جي پاڪ ڪتاب جا حڪم ناهن! ان کان علاوه تون ٻيو ڇا تي چاهين؟"

آمنه چُپ چاپ ويٺي رهي، پر فاطمه کي روڪڻ ناممڪن هو. "اهو ڪتي لکيل آهي ته جيڪي ماڻهو توهان جي نظريات جا قائل ناهن، انهن کي باندي بڻايو؟ اهو ڪتي لکيل آهي ته عوام جي پيسن مان ذاتي ضرورتون پوريون ڪريو؟" هوءَ جواب جي منتظر هئي، پر الحاج خاموش ٿي ويو. "مون مغرب ۾ اهو ڏٺو آهي ته اهي غير مسلم هوندي به اسلام تي عمل ڪن ٿا، جڏهن ته مسلمان ملڪن ۾ مسلمان ته آهن، پر اسلام ناهي. مغرب ۾ احتساب جو عمل، علم جي سچي جستجو، صفائي، انسانن جي عزت، مال و دولت ۽ پاڪائي ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه آهي. اسان جي معاشري کي ڏسو هتي هر طرف مسلمان آهن، مگر ڇا ٿو ڏسجي؟ بي مقصدي، ڪرپشن، هوس، آرام طلبي، جهالت ۽ جبر."

"مگر مغرب ۾ شراب پيتو وڃي ٿو. اهي نماز نٿا پڙهن ۽ نه ئي هڪڙي کان وڌيڪ شادي ٿا ڪري سگهن." الحاج اعتراض ڪيو.

"ان هوندي به اوهان پنهنجي جان ۽ مال جي ڏس ۾ فقط انهن تي ئي ڀروسو ڪريو ٿا. بيماريءَ جي حالت ۾ علاج انهن کان ڪرايو جڏهن اوهان وٽ پيسو هوندو آهي ته حفاظت خاطر اهو انهن کي ڏيو ٿا." فاطمه ڪاوڙ ۾ مٿو ڌوڻيو. پنهنجي عزت کي ويڙهي سيڙهي الحاج هارون مسڪرائيندو ڪمري مان نڪري ويو. فاطمه ڪمري ۾ موجود ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ جي خيال کان، پرسڪون نموني چيو: "هيءَ جاءِ اجوڪي گڏجاڻيءَ لاءِ محفوظ جاءِ ناهي رهي. طبقاتي دشمن اسان کي ويجهو آهي." ان دوران آمنه به گهڻي وقت تائين هلندڙ ڊگهن ٿهڪڙن جو حصو بڻجي ويئي.

”هليا ابو جي گهر هلون. هُو تہ اڄڪلهہ لنڊن ۾ آهي.“ بلقيسو صلاح ڏني.

”پر هُن کي تہ پهرين مڪي وڃڻو آهي.“ آمنہ پُڇيو.

الحاج جي معلومات درست ناهي. هو پهرين لنڊن ويندو جتي هو گرفتاريءَ جوڳن شرطن کي قبوليندي، قرض حاصل ڪندو ۽ پوءِ اهو لُٽ جو مال پنهنجي ۽ پنهنجي ساٿين جي بينڪ اڪائونٽ ۾ موڪلي، عمرو ادا ڪرڻ مڪي روانو ٿي ويندو.“ بلقيسو وضاحت ڪئي.

”جتي الله سندس ڏوهن کي معاف ڪري ڇڏيندو. جڏهن تہ قرض جي ادائگي، رياست جي ماڻهن تي فرض ٿي ويندي۔ حرامي!“ فاطمہ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وراڻيو.

”آخر هو تنهنجو پيءُ آهي. تون ان سچائيءَ کان پاڻ نٿي ڇڏائي سگهين.“ ربيڪا زور سان چيو.

”مون ان ڳالهہ کي بہ مڃڻ کان ڪڏهن بہ انڪار ناهي ڪيو. آئون تہ سچائين کي مُنهن پئي ڏيان. مون کي خبر آهي تہ هو ڇا ڪندو آهي؟ پر هاڻ آئون وڏي ٿي وئي آهيان، ۽ جلد ئي شادي ڪرڻ واري آهيان.“ بلقيسو مُرڪندي وراڻيو.

”ياد رکجانءِ!“ فاطمہ خبردار ڪيس. ”تون هڪڙي حافظ کي ڇڏي، ٻي ڏانهن پئي وڃين. سياستدان کي ڇڏي، فوجي ڏانهن. امريڪا يا برطانيہ مان تربيت حاصل ڪرڻ جي باوجود، هر فوجي حڪومت ڪرڻ گهري ٿو. توڙي جو انهن جي فوج جو ڪردار بلڪل مختلف آهي. هتي پهچي، اهي پنهنجين بندوقن سان ماڻهن کي ڊيڄارڻ گهرن ٿا.“

”هلو! هلڻ جو وقت ٿي ويو آهي.“ آمنہ جي پريشاني ڏسي، بلقيسو چيو. موڪلائڻ مهل فاطمہ ڪتابن سان ڀريل هڪ بيگ آمنہ جي حوالي ڪري وئي، ۽ آمنہ آرام سان بستر تي ڪِري پئي.

## باب ستون

فاطمہ وٽ، الحاج سان ٽڪرائڻ لاءِ طاقت ڪٿان آئي؟ ان سوال جي جواب آمنہ کي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ اتساهيو. هن هڪڙي اخبار وڪڻڻ واري سان رابطو ڪيو، جنهن کيس اخبار ۽ رسالا ڏيڻ شروع ڪيا. هن پنهنجي پسند جي سنڌي ميگزين جي هر خبر ۽ ڪالمن کي ڌيان سان پڙهڻ شروع ڪيو. هن فاطمہ کان مليل فرانز فينن جي ڪتاب "ڌرتيءَ تي بدبخت" The Wretched of the earth کي پڙهڻ جي بہ ڪوشش ڪئي، پر ڪي لفظ ۽ جملا سمجهڻ ۾ کيس ڪافي ڏکيائي پيش آئي. خاص طور هن آچر تي، هُن ڪجهہ ڪتاب ۽ اخبارن پڙهڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي، پر سندس ڌيان مٿن نہ ٽڪي سگهيو. تنهن ڪري هن ليٽي، پنهنجي دماغ کي سوچڻ جي مڪمل آزادي ڏئي ڇڏي.

آخر هن پنهنجين تصويرن کي ڏسڻ جو فيصلو ڪيو. انهن کي ڏسي، کيس پُراڻا ڏينهن، دوست، عزيز ۽ جاڻ سُڃاڻ وارا ۽ ڪي ماضيءَ جا منظر ذهن تي تري آيا. ڪجهہ وقت اڳ، کيس جيڪي ماڻهو ڪافي ويجها لڳندا هئا، هاڻ اهي فقط يادون بڻجي چڪا هئا. ائين لڳس، ڄڻ اهي هاڻ ڪنهن ٻي سياري تي رهن ٿا! انهن مان هڪ خاص تصوير، کيس يادن جي دنيا ۾ وٺي ويئي. اهو ميٽرڪ پاس ڪرڻ وارو ڏينهن هو. هوءَ پنهنجي ميٽرڪ واري مخصوص گائون ۾، پنهنجي ڪلاس فيلو مختار خالد سان گڏ بيٺل هئي. مختار سندس ڪافي ويجهو دوست هو. اهو سندس محبوب تہ نہ هو پر سندن هڪڙو مختصر ۽ يادگار رشتو ضرور هو. اهي ٻيئي ابتدائي ڪورس دوران پهريون ڀيرو مليا هئا. هڪڙي ڏينهن نماز کان پوءِ مختار ۽ ٻين ٻا ڪي سندس ڪمري ۾ آيا هئا. ٻين

باڪي فاطمه سان محبت ڪندو هو. ٻين باڪي ٻڌايو ته هو اسٽوڊنٽس يونين جي اليڪشن لڙڻ چاهي ٿو. فاطمه ٻين باڪي جي، اليڪشن مهم ۾ بطور صلاحڪار مقرر ٿي، ۽ مختار کي ان مهم جون سموريون ذميواريون حوالي ڪيون ويون. آمنه کي اڄ تائين ياد هو ته مختار ڏاڍو شرميلو ۽ گهٽ ڳالهائو ڇوڪرو هو ۽ سمجهي نه پئي سگهي ته آخر اهڙي شريف ڇوڪري کي اهڙو ڪم ڇو ڏنو ويو آهي. حالانڪ اهڙو ڪم عام طور ڪيمپس جي غنڊن ۽ بدمعاشن حوالي ڪيو ويندو هو. مهم دوران ساڻس روزانو ملاقات ٿيندي هئي. آخرڪار ٻين باڪي چونڊن ۾ ڪامياب ٿي ويو.

اليڪشن کان پوءِ مختار تمام گهٽ ملندو هو ۽ پڇڻ تي سدائين سياسي سرگرمين ۾ مصروفيت جو بهانو ڪندو هو. پاڻ هڪ سٺو رانديگر به هو. هوءَ کيس هڪ ڏاهي، نيڪ سيرت ۽ پُرعزم انسان طور ياد ڪندي آهي. کيس اهو ڄاڻي ڏاڍو ڏُک پهتو ته احتجاج ڪرڻ سبب مختار کي يونيورسٽيءَ مان ڪڍيو ويو آهي، ۽ سندس زندگيءَ جو تمام قيمتي زيور، تعليم کانئس کسي وٺي آهي. هو پنهنجي تعليم سان محبت ڪندڙ هو ۽ سزا طور کيس هڪ سال لاءِ ريسٽيڪيٽ به ته ڪري سگهيا پئي! "مون کي ان ڏس ۾ ڪجهه ڪرڻ کپي ها." هن سوچيو. "شايد مون کي کيس روڪڻ گهرجي ها ۽ کيس پنهنجي تعليم تي ڌيان ڏيڻ جو مشورو ڏيڻ گهرجي ها. مگر هو هرگز نه مڃي ها. اهو ضدي ته نه، مگر منجهس پڻ فاطمه وانگر همت ضرور آهي. بطور مرد، اڃا هو جوان آهي. سندس اڳيان سموري زندگي پئي آهي. اهو اڃا به زندگيءَ جي ان نقصان جو پورائو ڪري ٿو سگهي. ڪهڙي خبر؟ شايد ان کان پوءِ مٿس زندگيءَ جي نَون موقعن جا رستا کُلي پون." آمنه کي جڏهن اهو ياد آيو ته انهن ٻنهي، اها تصوير ڪيڏائڻ کان پوءِ واعدو ڪيو هو ته، اهي گريجوئيشن واري ڏينهن، ٻيهر گڏجي تصوير ڪيڏائيندا، ته ان مهل هوءَ کِلڻ لڳي. "اسان ٻئي بدنصيب نڪتاسين. ڪوبه گريجوئيشن نه ڪري سگهيو. آئون ساڻس ٻيهر ملڻ چاهيان ٿي، سندس متعلق وڌيڪ ڄاڻڻ چاهيان

تي، همت افزائي ڪرڻ گهران ٿي، پنهنجي سوچن ۽ خدشن بابت اظهار ڪرڻ گهران ٿي، جيڪڏهن هو مون سان محبت ڪندو هجي ها ـ پر هن اهڙي ڪا ڳالهه ڪئي ئي نه ڪانه! پر آئون ته ساڻس پيار ڪندي هيس. تقريباً روزانو اهو منهنجي خوابن ۾ ايندو آهي. هو ڪيڏو نه سُهڻو هو! سگهارو جسم، سمجهدار ـ هو هڪڙو بهترين مڙس ثابت ٿئي ها. پاڻ سدائين اهو ظاهر ڪندو هو ته، هو پنهنجي محبت بابت ڪجهه به نٿو ڄاڻي! پر ڪيس معلوم هو.“ آمنه اچانڪ بيهي رهي، سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ وارا هئا. هن سموريون تصويرون ميڙي واپس دٻي ۾ رکي ڇڏيون.

اوچتو ڪيس فاطمه جي ڊنل پوسٽر جو خيال آيو ۽ هُن پوسٽر کي پٽ تي لڳائڻ جو فيصلو ڪيو. هن پوسٽر کوليو ۽ ان ڪمري اندر ڪا سٺي جاءِ جانچڻ لڳي.

حضرت محمد ﷺ جو آخري خطبو:

- اي انسانو! توهان جو خون ۽ توهان جو مال، اوهان تي اهڙيءَ ريت حرام آهي، جهڙيءَ ريت توهان لاءِ هن ڏينهن، هن مهيني ۽ هن شهر جي حرمت ۽ پاڪائي آهي.
- امانت ۾ خيانت نه ڪريو.
- ڪنهن کي تڪليف نه رسايو ته جيئن ٻيو ڪو اوهان کي ايذائي.
- وياج نه وٺو اهو اوهان لاءِ حرام ڪيو ويو آهي.
- غريبن جي مدد ڪريو ۽ سندن اوگهڙ ڍڪيو، ائين جيئن اوهان پنهنجو بدن ڍڪيو ٿا.
- ياد رکو! هڪ ڏينهن الله اڳيان حاضر ٿيندا، ۽ پنهنجن عملن جو جواب ڏيندا.
- خبردار هجو! الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ مون کان پوءِ گمراهه نه ٿجو.

- اي انسانو! مون کان پوءِ ڪوبہ نبي يا پيغمبر نہ ايندو ۽ نہ ئي مون کان پوءِ ڪو نئون مذهب پيدا ٿيندو.
- اهو سچ آهي تہ اوهان جو اوهان جي زالن تي حق آهي، پر توهان تي بہ سندن ڪي حق آهن. انهن سان سٺو سلوڪ رکو ڇو جو اهي اوهان جو سهارو آهن.
- آئون اوهان وٽ بہ شيون ڇڏي پيو وڃان، ۽ اهي الله جو ڪتاب ۽ منهنجي سُنت آهي؛ جيڪڏهن انهن تي عمل ڪندا تہ گمراهہ نہ ٿيندا.
- صرف خدا جي عبادت ڪجو. نماز پڑهجو. رمضان جي مهيني ۾ روزا رکجو ۽ پنهنجي مال مان زڪوات ادا ڪجو.
- سمورا مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن، ۽ هر ڪنهن جا حق ۽ فرض هڪجهڙا آهن.
- اجازت کان سواءِ ڪوبہ مسلمان، ڪنهن ٻي جي شيءِ نہ ٿو کڻي سگهي.
- ڪنهن کي ڪنهن تي برتري ناهي، سواءِ متقيءَ جي.
- هر شخص، جيڪو مون کي اڄ ٻڌي رهيو آهي، اهو منهنجا لفظ ٻين تائين پهچائي ۽ اهي ٻين تائين.
- آخر ۾ ٻڌندڙ کي منهنجا لفظ اڄ موجود ماڻهن کان وڌيڪ بهتر طريقي سان پهچڻ گهرجن.

—

دروازي تي سڏ ٿيو "السلام عليڪم! ڇا آئون اندر اچي سگهان ٿو؟" ننيڙي عبدالله پُڇيو.

"وعليڪم السلام!" کيس اندر اچڻ لاءِ رستو ڏيندي آمنہ چيو.

"فاطمہ ڪڏهن ايندي؟" عبدالله پُڇيو.

"تنهنجي زال سياڻ يا پرهين اچي ويندي. جيڪڏهن توکي ملاقات لاءِ تڪڙ آهي، تہ آئون يونيورسٽيءَ وڃي کيس ڳوليان ٿي."

"نہ، ايتري تڪڙ ناهي. آئون تہ بس رڳو سندس ۽ سندس ڏيءَ جي عمر بابت پُڇڻ چاهيان ٿو."

"اها تہ اوهان ٻنهيءَ جي وچ ۾ ذاتي ڳالهہ آهي. آئون ڪنهن جي خانداني معاملن ۾ دخل اندازي نٿي ڪري سگهان." آمنہ کيس چيڙيندي چيو. "ان جو مطلب تہ توکي پنهنجي زال جي عمر ناهي معلوم!؟"

"نہ هوءَ منهنجي زال آهي، ۽ نہ ٿي ڪڏهن ٿيندي،" هن سخت لهجي ۾، پر مُرڪندي جواب ڏنو.

"چڱو ڀلا تنهنجي پُڇڻ سواءِ، آئون پنهنجي عمر ٿي ٻُڌايان."

"مون کي تنهنجي عمر ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانهي. آئون رڳو اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ اوهان اڄڪلهہ ايتري دير تائين ڇو سُتل رهو ٿيون؟ اوهان بيمار آهيو؟"

"نہ! آئون تہ چڱي ڀلي آهيان. اوهان کي منهنجي اون آهي، ان لاءِ مهرباني! جيستائين جسماني تبديلي ۽ ننڊ جي وقفي جي ڳالهہ آهي، تہ اهو سوال فاطمہ کان پُڇجانءِ!"

"نہ! اوهان آخر پاڻ ٿي ڇو نٿيون ٻُڌايو؟"

"غور سان ٻُڌ! جڏهن پار چمڻ وارو هوندو آهي، تڏهن عورت کي ننڊ جي وڏيڪ گهرج هوندي آهي."

"مهرباني!" اهو چئي هو ڪمري مان ٻاهر ڀڄي ويو.

اڱڻ ۾ موجود سمورن ٻارن مان عبدالله آمنہ کي وڏيڪ ويجهو هو. هو هر وقت انهن سوالن جي جواب جي ڳولا ۾ رهي ٿو جن بابت هو پنهنجي پيءُ يا اڱڻ ۾ موجود ٻين ماڻهن سان نٿو ڳالهائي سگهي. آمنہ کان اهڙن سوالن پڇڻ جو سبب اهو هو تہ هو کيس هيڪڙي اهڙي پڙهي لکي انسان سمجهي ٿو جيڪا جواب ڏيڻ لاءِ راضي هجي. ويجهڙائيءَ ۾ ئي هُن ڪي سوال پُڇيا هئا، پر اڃا تائين کيس جواب ناهي مليو. "بابا ڇو چوندو آهي تہ، مون کي عورتن مٿان ڪڏهن بہ ڀروسو نہ ڪرڻ گهرجي!؟ ڇا اهو سچ آهي تہ عورت، ڪُتي ۽ گڏهہ جي سببان عبادت تباهہ ٿيو وڃي؟ عورت، مرد سان گڏ مسجد ۾ نماز ڇو نٿي پڙهي سگهي؟

آخر منهنجين ڀينرن کي عربي ۽ اسلامي اسڪولن ۾ ڇو نٿو داخل ڪرايو وڃي؟"

اڪثر وقت جيئن اڄ بہ اڪيلائيءَ ۾ ويٺل آمنہ اوچتو حمل ۽ پنهنجي ماءُ بابت سوچڻ لڳي. هوءَ هڪڙي مضبوط مستقل مزاج ۽ محنتي عورت هئي. ٻهرين زال هئڻ جي باوجود، هن نہ رڳو پنهنجي، پر خاندان جي سمورن ٻارن کي بيحد گهڻو پيار ڏنو. ڪيس آمنہ سان تمام گهڻي محبتي هئي، ۽ هُن سندس پالنا تي خاص ڌيان ڏنو ۽ سندس معاملي ۾ تمام گهڻي محتاط رهي. هوءَ آمنہ جي هر عمل ۾ دلچسپي وٺندي هئي. ڪڏهن موقعي جي نسبت سان هوءَ ڪيس رڳو ٽوڪيندي هئي، پر ڪڏهن بہ تنقيد نہ ڪندي هئي، ۽ سدائين همت افزائي ڪندي هئي. اهڙي همت افزائي، جيڪا فقط هڪ ماءُ ئي ڪري سگهي ٿي. هُن آمنہ جي پيءُ کي ڪڏهن بہ خاندان جي ڪنهن ٻار تي هٿ کڻڻ نہ ڏنو. هوءَ آمنہ کي اڪثر چوندي هئي تہ "پنهنجي عورت هجڻ تي فخر ڪر، پنهنجي عزت ڪر تہ جيئن ٻيا بہ تنهنجي عزت ڪن."

آمنہ کي اڃا تائين ياد آهي تہ پرائمري اسڪول ۾ داخلا جي موقعي تي، هُن ڪهڙيءَ طرح سندس همت افزائي ڪئي هئي، ڇو جو هوءَ اسڪول ۾ داخلا وٺڻ واري، خاندان جي ٻهرين ڇوڪري هئي. سندس ٻن وڏين ڀينرن کي صرف شادي ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي، پر سندس پيري، ماڻس تعليم جي اهميت تي زور ڏنو ۽ ڪيس اسڪول ۾ داخلا ڏيارڻ لاءِ پنهنجي مڙس کي راضي ڪيو. "علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ اوهان امير ٿي سگهو ٿا. اوهان پنهنجي ۽ ٻين جي مدد ڪري سگهو ٿا. سڀ کان اهم ڳالهہ اِها تہ اوهان دنيا کي چڱيءَ ريت ڄاڻي سگهو ٿا." هوءَ اڪثر ان ڳالهہ تي زور ڏيندي هئي. اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ آمنہ سڀ کان اڳ پنهنجي والده کي سندس نالو لکڻ سيکاريو. آه! هوءَ ڪيڏي نہ پرجوش ۽ خوش ٿي هئي. ٻهرين تہ هُن آڏي اُبتي نموني لکيو پر پوءِ صاف ۽ سِڌن اکرن ۾ لکيو: مريم! پرائمري اسڪول پاس ڪرڻ کان پوءِ، هن ڪيس اڃا اڳتي پڙهائڻ گهريو پئي، پڻس بہ اعتراض نہ ڪيو پر

سيڪنڊري اسڪول کان پوءِ گهر ۾ سخت جنگ ڇڙي پئي. آمنه جي پيءُ هڪدم سندس شادي ڪرائڻ چاهي ٿي، پر ماڻس چيو ته هوءَ يونيورسٽي وينديءَ هن چيو هو ته هوءَ پنهنجي ڌيءَ کي هڪ پڙهيل لکيل عورت بڻائڻ چاهي ٿي، اهوئي سندس خواب آهي. جڏهن پڻس صلاح مشوري کان سواءِ ئي آمنه جي شادي طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته هن گهر ڇڏڻ مناسب ڄاتو ڇو جو هوءَ آمنه کي پاڻ وانگر ۽ پنهنجين ڀين نياڻين وانگر ڄار ۾ ڦاسجندي ڏسڻ لاءِ تيار نه هئي.

"اهو ڏاڍو مشڪل دؤر هو." آمنه سوچيو. "بابي ته شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪري، ڏاج به تيار ڪري ڇڏيو هو پر امان انڪار ڪري ڇڏيو. آئون ته گهران ڀڄڻ بابت سوچي رهي هيس، مگر ڀڄي به ڪيڏانهن وڃان ها؟ امان جي حمايت سبب آئون پاڻ کي گهڻو محفوظ ڄاڻي رهي هيس. بابي پيسا واپس ڪري ڇڏيا، مگر عهد ڪيائين ته آئنده نه هو منهنجي اسڪول جي في ڏيندو ۽ نه ئي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا جي صورت ۾ ڪي پيسا! چؤديواريءَ اندر قيد هئڻ سبب منهنجي ماءُ جي ڪا ذاتي آمدني نه هئي. منهنجي يونيورسٽيءَ جي پهرين سال جو خرچ ادا ڪرڻ لاءِ، هن پنهنجون تقريباً سموريون قيمتي شيون وڪڻي ڇڏيون. منهنجي ڀينرن به مدد ڪئي. پنهنجي ماءُ کي خوش ڪرڻ لاءِ مون اهو سڀ ڪجهه ڪيو جيڪو هڪ ڌيءَ ڪري سگهي ٿي. محبت جو اظهار، شفقت ۽ عزت... مون کي اڄ به اها شام ياد آهي، هن مون کي چيو هو: 'آمنه! تون علم ۽ روشنيءَ جي علامت آهين، تون اُن وڏي وڻ مثل آهين، جيڪو پري تائين ڏسي سگهجي ٿو. تنهنجا خواب سُندر ۽ سُهڻا آهن، مگر ڇا تون انهن جي حقيقت کي ڄاڻين ٿي؟!' مون چيو هو ته، 'جي ها، آئون ڄاڻان ٿي.' مگر آئون اڄ ڏينهن تائين سندس ان ڳالهه جو مفهوم ناهيان سمجهي سگهي."

"پوءِ اهو غضب ناڪ سومر جو ڏينهن آيو جڏهن چاچي علي، مون کي يونيورسٽيءَ ۾ اچي، امڙ جي موت جي خبر ڏني. مون کي اُن لوڏي مان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪيترائي هفتا لڳا، ۽ اڃا سوڌو ان نقصان کي پوڳيان پئي. مون کي ائين لڳو ته ڄڻ آئون ڪنهن ڀيڙيءَ ۾ هيس، ۽ وچ سير ۾

منجهس سوراخ ٿي پيو. ان موقعي جو فائدو وٺندي، بابي مون کيٰ شاديءَ لاءِ راضي ٿيڻ تي مجبور ڪري وڌو. هن آرام سان مون کي الحاج هارون جي حوالي ڪري ڇڏيو. مون الحاج هارون کي شاديءَ واري رات پهريون ڀيرو ڏٺو هو. سوچيو! آئون پنهنجي امڙ سان ڪيل واعدو هڪڙي ڏينهن پورو ڪنديس. سندس حياتيءَ ۾ غريبيءَ سبب آئون سندس خواهشون پوريون نہ ڪري سگهيس، پر هاڻ منهنجي گهر ۾ جيڪڏهن نياڻي پيدا ٿي..." ان خواب سان گڏ ئي ڪيس ننڊ اچي ويئي.

جڏهن هوءَ جاڳي تہ ڪمرو گرم ۾ اونداهو هو. هن دريون کوليون ۽ ٿڌي هوا اندر داخل ٿي. آسمان تي گهاٽا ڪارا بادل موجود هئا. ڪڪرن جي گوڙ ۾ ڪنوڻ آمنہ کيٰ ڊيڄاري ڇڏيو. هوءَ دريءَ کان هٽي پري ٿي. هن لائيٽ ٻاري تہ ڏٺائين تہ روسٽ، ڪولانٽ جا پنج ٽڪرا ۽ فروٽ ميز تيٰ پيل هو. هن اندازو لڳايو تہ سُمهڻ دوران الحاج آيو هوندو.

مينهن شروع ٿي ويو. پهرين تہ ڦُڙ ڦُڙ پيئي، پر پوءِ تيز بارش شروع ٿي ويئي. جست جي ڇت تي ٻوندن ساز وڄائڻ شروع ڪري ڇڏيا، ۽ تيز هوا سيٽيون وڄائيندي، دريءَ منجهان ڪمري اندر داخل ٿي رهي هئي. هوءَ دريءَ کي بند ڪري پوئتي مُڙي، تہ پنهنجي مڙس کيٰ ڪمري ۾ داخل ٿيندي ڏٺائين... هو خوشگوار ماحول ۾ ڳالهہ ٻولهہ ذريعي ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ تي راضي نظر اچي رهيو هو. هارون سندس ڪتاب ڪنيا ۽ ڏسڻ شروع ڪيو.

"لڳي ٿو اڄڪلهہ ڪافي ڪتاب پڙهي رهي آهين." الحاج چيو. "اهو ڏاڍو سٺو عنوان آهي." هن اسلام ۾ زالن جي گهٽائيءَ جي عنوان واري ڪتاب ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"جي ها! مون اهو ڪتاب پڙهيو آهي." هِن بي دليءَ وچان وراڻيو.

"How Europe underdeveloped Africa ـ ۽ هيءَ؟" هُن کڻي ڪانٽس پُڇيو. "اهو والٽر روڊني ڪير آهي؟" هن وڏي ڏُکيائيءَ سان نالو اُچاريو.

”فاطمہ اهي ڪتاب پڙهندي آهي ۽ انهن بابت سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿي.“ آمنہ محتاط نموني جواب ڏنو.

”Devil on the cross, Petals of blood_ اهي ڇاجي باري ۾ آهن؟“

”اهي ڪينيا جي هڪ دانشور نگوگيوا ٿيونگو جا ناول آهن.“ هن وضاحت ڪئي.

”ڇا فاطمہ اهي سڀ پڙهي ٿي؟“ الحاج هارون، ٻين ڪتابن کي ڦلهوريندي پڇيو. ”ڏاڍي ضدي ڇوڪري آهي. جيڪڏهن هوءَ ايڏي وڏي ڪتاب کي پڙهي سگهي ٿي تہ... ”هن ڪارل مارڪس جي ڪتاب Daskapital ڏانهن اشارو ڪندي چيو. ”تون ڪيتري وقت ۾ اهو پڙهي پورو ڪري سگهين ٿي؟“

”مون ان کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو. منهنجو خيال آهي، اهو ڪاروبار بابت آهي، ماڻهوءَ کي کهڙيءَ ريت پنهنجي پيسي جو درست استعمال ڪرڻ گهرجي.“

”سٺي ڳالهہ آهي. تون جلد پنهنجو ڪاروبار شروع ڪرڻ واري آهين، ان کي ضرور پڙهہ!“

”پر توکي خبر آهي تہ آئون پيٽ سان آهيان.“ هن حيرانيءَ مان پڇيو.

”ها، مون کي خبر آهي.“ هن چيو ۽ ٻوءِ ٻيو ڪتاب کڻي ورتائين. ”هيءُ سائوٿ آفريقا متعلق آهي. آئون ان کي ڄاڻان ٿو. هيءُ نيلسن منڊيلا آهي. انهيءَ سببان مون کي پنهنجو صدر پسند آهي. اهو بہ نسلي تعصب جي خلاف آهي، توکي خبر آهي.“

آمنہ اڃا نائجيريا ۾ موجود غير منصفانہ روين ۽ تعصّب بابت ڳالهہ شروع ڪرڻ جي همت ڪرڻ واري ٿي هئي. پر الحاج جي دلچسپي ختم ٿي ويئي. هن ڪتاب رکيا ۽ ڪمري مان نڪري ويو. آمنہ ڪتاب سهيڙي رهي هئي، جو اوچتو ڪولو ڪمري اندر رنگ برنگي خوبصورت ۽ مهانگن ڪپڙن مٿان ريشمي بلائوز پهريو داخل ٿي.

”تون انهن ۾ نهايت سهڻي پئي لڳين.“ آمنہ ساراهيو. ”اهو ڪانو مان خريد ڪيو اٿئي؟“

”نہ، لاگوس مان.“ هن وڏائيءَ وچان وراڻيو.

”اهو بلائوز ڪافي مهانگو لڳي ٿو.“ آمنہ ان کي ڇُهندي وراڻيو.

”مون کي نفيس شيون پسند آهن.“ ڪولو نخريلي انداز ۾ جواب ڏنو. ”منهنجو دؤرو ڪامياب ٿيو آهي. مون پنهنجيون شيون ڇڏائي، انهن کي ڪانو ۾ وڪڻي بہ ڇڏيو.“

”اها تہ سٺي خبر آهي.“

ڪولو خوش بيانيءَ سان يتيمن جي پرورش جو ادارو جوڙڻ، نئين گاڏي خريدڻ، سوئمنگ پول تيار ڪرائڻ ۽ اسٽيم باٿ وٺڻ جو خاص ڪمرو جوڙائڻ وارن پنهنجن منصوبن جو ذڪر شروع ڪري ڏنو. ان جي جواب ۾ آمنہ سندس ۽ الحاج درميان موجود مسئلن بابت ڪيس ڄاڻ ڏني. ڪولوءَ جو ردعمل تيز ۽ طنزيہ هو.

”آمنہ! اها تہ تنهنجي غلطي آهي. تون تجربيڪار ناهين. پيسو هر شيءِ خريد ڪري سگهي ٿو. ايستائين جو محبت ۽ خوشي بہ. آئون ڳوٺ ڊيمبي جي هڪ عامل کي ڄاڻان ٿي. اهو توکي اهڙا موتي، بهترين ڪپڙا ۽ خوشبوئون ڏيندو جو الحاج تنهنجي پيار ۾ پاڳل ٿي پوندو ۽ توهين ٻئي خوشين ڀري زندگي گهارڻ شروع ڪندا. جمعي جي ڏينهن ان ڏانهن هلنداسين.“ هن ڪيس مجبور ڪندي چيو.

”آمنہ جي خاموشيءَ تي ڪولو مُنهن ۾ گهنج پائي، ڪيس گُهورڻ لڳي، ۽ فاطمہ بابت ڳالهائڻ لڳي. اهو سندس وڻندڙ موضوع هو. ”هوءَ خطرناڪ آهي. مون کي ان بي وقوف سان تنهنجي دوستيءَ تي افسوس آهي. وٽس سونهن ۽ دولت ٻئي آهن، پر هوءَ انهن جو استعمال نٿي ڪري، ان جي ابتڙ هوءَ هُن بي ڍنگي ڏاڙهيءَ واري، غير منظم ۽ بدمزاج ڇوڪري ڊين با جي محبت ۾ مبتلا آهي. اهو هڪڙو بي مقصد بي ڪار شخص آهي. اهي رڳو ڪيمپس ۾ مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا. آمنہ! آئون توکي ايمانداريءَ سان صلاح ڏيان ٿي، تہ فاطمہ کي پنهنجي ذهن سان کيڏڻ

نہ ڏي! آئون سندس صلاحيتن کان واقف آهيان. هوءَ پنهنجي زهريلي زبان سان توکي مڃائي وٺندي تہ کير ڪارو آهي، منهنجي پياري، هوشيار رهجانءِ!"

ڪولو پنهنجي بيگ مان نوٽن جي هڪ بندي ڪڍي ۽ ڳڻڻ لڳي، اٿين لڳو ڄڻ بيزاريءَ مان نڪرڻ خاطر هوءَ اهو ڪجهہ ڪري رهي آهي. آمنہ ڪيس بنديءَ ڳڻيندي ڏسي رهي هئي. هُن هڪدم چيو: "مون کي پيسا ڳڻڻ وڻندو آهي، اهو منهنجو مشغلو آهي."

کين ڊاڪٽين تي ڇُرپُر محسوس ٿي، پوءِ دروازي تي ڪڙڪو ٿيو ۽ هڪڙو ڄاتل سُڃاتل آواز ڪنن تي پيو "آئون سُهڻي آهيان، تنهنڪري بنا اجازت اندر هلي ٿي اچان." فاطمہ مسڪرائيندي ڪمري ۾ داخل ٿي. جڏهن ڪولوءَ کي بندي جهليل ڏٺو تہ کلڻ لڳي. "اف الله! مون کي توتي قياس ٿو اچي. تنهنجو خيال آهي تہ آئون تو وانگر چور آهيان؟ ڏسو! هوءَ پيسن کي ڪيئن نہ مضبوطيءَ سان جهليو بيٺي آهي، ڄڻ تہ ڪو ڪانئس ڦري پيو!"

"منهنجي ڳالهہ ٻڌو... آئون هتي جهيڙو جهٽو نٿي چاهيان." آمنہ هڪدم ان مسئلي وچ ۾ پئي.

"ڇا اهو اڄوڪي ڦُرمار جو حصو آهي؟" فاطمہ سوال ڪيو.

"اها منهنجي ملڪيت آهي." ڪولو منهن گهنجائيندي ورائيو.

"اسان جي معاشري ۾ تہ ملڪيت ٺاهڻ جو واحد ذريعو چوري آهي، ۽ اهوئي تنهنجو ڪم آهي." فاطمہ ڳالهہ جاري رکي.

"تون ڪُوڙي آهين. مون هي ڪمائڻ لاءِ محنت ڪئي آهي. اهو منهنجي محنت جو حصو آهي."

"ڪهڙي محنت جو حصو؟ تون شيون اسمگل ڪندي آهين، ٽيڪن ۾ بي ايماني ڪندي آهين. معصوم ماڻهن سان دوکيبازي ڪندي آهين، کلي عام چوريون ڪندي آهين ۽ وري مٿان دعوي ٿي ڪرين، تہ اهو تنهنجي محنت جو حصو آهي، بي ايمان!"

"تنهنجو ان سان ڪو تعلق ناهي."

"آهي...!"

"جن ڇوڪرن پويان تون ڀڄندي آهين، انهن بابت ڇا خيال آهي؟"

"زبان سنڀال! ورنه! توکي ماري ماري سبق سيکارڻو پوندو." فاطمه اڳيان وڌي ۽ ڪولوءَ جو گلو پڪڙي ورتائين.

"ٻڌو! آئون هتي ڪنهن به قسم جو جهيڙو جهٽو نٿي چاهيان!" آمنه ٻيهر گذارش ڪئي.

"تون اميرن سان سڙين ٿي." ڪولو ڳچيءَ ڇڏڻ کان پوءِ چيو.

فاطمه پنهنجي مزاج کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ، پاڻيءَ جو ڍُڪ پي رهي هئي، ته ڪولو گانو جُهونگارڻ شروع ڪيو:

ڪي ماڻهو ٿا مون ساڻ سڙن!
مون ساڻ سڙن، اندر ۾ جلن۔
ڏس ڪيڏو ٿا هو ساڙ رکن!
منجهه ساڙ سڙن، ڇاڪاڻ ته جو:
آ مون وٽ مال و زر دولت!

فاطمه کي جهٽڪو لڳو. هن پنهنجي ڇاتيءَ تي هٿ ڦيريندي انتهائي مشڪل سان وراڻيو. "ڪولو! منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻُڌ! جيڪڏهن آئون چاهيان ته توکان ۽ تنهنجي مڙس کان وڌيڪ امير ٿي سگهان ٿي، پوءِ آئون ڇو سڙنديس؟"

ڪولو اُٿي ۽ دروازي ڏانهن وڌڻ لڳي. آمنه ان ڏانهن وڌي، هوءَ ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ واري هئي، ته فاطمه ڪيس قابو جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ اکيون اکين سان ملايون.

"ڪولو! آئون ڄاڻان ٿي ته تون آمنه وٽ ڇا ڪرڻ ايندي آهين، ۽ اڄ ان موقعي جو فائدو وٺندي آئون توکي پنهنجن خيالن کان واقف ڪرڻ گهران ٿي. آئون تنهنجي هر ڇُرپُر کان نفرت ٿي ڪريان. خاص ڪري جنهن نموني تون معصوم ماڻهن جو اعتماد حاصل ڪرڻ بعد کين دوکو ٿي ڏين. جيڪڏهن منهنجو وس هلي ته آئون تو جهڙن ماڻهن کي گولين مان ڪيان."

”تون مون کي آپي مان نٿي ڪڍي سگهين.“ ڪولو مڪارانہ مُرڪ ساڻ جواب ڏنو. ”تون رڳو نعري بازي ڪري سگهين ٿي. منهنجي صلاح آهي تہ ڪنهن نفسياتي ماهر سان صلاح ڪر، ڇو جو تون پاڳل آهين. تون خوابن جي دنيا ۾ رهين ٿي، انقلاب آڻڻ جون ڳالهيون ڪرين ٿي. هن ملڪ ۾ ڪڏهن بہ انقلاب نٿو اچي سگهي. جيڪڏهن منهنجو وس هلي، تہ آئون توکي ۽ تنهنجي نام نهاد اشتراڪيت پسندن ۽ ڪيمپس جي سمورڻ بنياد پرستن کي پاڙان پٽي ڇڏيان! توهين سڀ جا سڀ هن معاشري لاءِ هڪڙي ويا آهيو.“

ڪولو جهٽڪو ڏيئي پاڻ کي فاطمہ جي گهيري مان ڇڏايو ۽ آمنہ ۽ فاطمہ کي هڪ ٻئي ڏانهن تڪيندو ڇڏي، ڪمري مان نڪري ويو.

”تون ايڏي گستاخ ڇو ٿي وئي آهين!؟“ آمنہ حيرت مان پُڇيو.

”مون کي ڪانئس نفرت آهي.“ فاطمہ چيو. پوءِ ڪجهہ آهستي چيائين: ”جيڪڏهن ان ڪان توکي تڪليف پهتي آهي، تہ آئون معافي ٿي چاهيان. هوءَ خوش قسمت آهي، جو اسان جي ملاقات هن ڪمري ۾ ٿي. جيڪڏهن اسان ڪنهن غير جانبدار جڳهہ تي ملون ها، تہ شايد تصو ڪجهہ ٻيو هجي ها.“

”تون هن کي ڇا ڪرين ها؟“ آمنہ پريشانيءَ وچان پُڇيو.

”شايد پنهنجي ڪراٽي جي خاصيت سندس مُنهن تي مڙهيان ها_ هن قِتل نڪ واري جو ڇا حال آهي؟“ فاطمہ الحاج هارون ڏانهن اشارو ڪيو.

”هو ٺيڪ آهي. هو ٿوريءَ دير اڳ ماني کڻي آيو هو. هن ڪتاب بہ ڏنا هئا.“

”پوءِ ڇا چيائين؟“

”ڪجهہ خاص نہ_ هن مون کي Daskapital پڙهڻ جو مشورو ڏنو. توڙي جو ڪيس پاڻ کي بہ ان ڪتاب بابت ڪا خبر ناهي.“

”اها تہ ڏاڍي سٺي ڳالهہ آهي.“ فاطمہ ٺهڪ ڏيندي چيو.

آمنہ مزيدار روست کي کوليو ۽ پنهي ڇٽين ڪاٽڻ شروع ڪري ڏنو. ٿوري ئي دير کان پوءِ مائرو ڪمري ۾ داخل ٿي. سلام دعا کان پوءِ هوءَ ساٽس فرش تي ويهي رهي، ۽ توقع موجب ضلع جي تازين خبرن کان کيس باخبر ڪرڻ لڳي. هوءَ ڏاڍو تيز ڳالهائيندي هئي. سندس جملن ۾ بيهڪ يا بناوت نہ هئي، پوءِ بہ سندس هر ڳالهہ دلچسپ هوندي هئي. سڀ کان پهرين هن شهر ۾ پکڙيل گردن توڙ بخار جي مرض کان محتاط ڪيو. "صرف هڪ هفتي اندر پنجاهہ کان مٿي ماڻهو موت جو ڪاڄ بڻيا آهن. منهنجي اڳ ڄاڻي ڏيءَ اڄ صبح فوت ٿي آهي."

"خدا اسان کي ان مرض کان بچائي." آمنہ دعا ڪئي. "خدا کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي." "ٻڌا!" فاطمہ پنهنجو گرهہ نڙيءَ ۾ لاهيندي چيو. "اهو موت مار مرض درحقيقت علاج لائق آهي. گهڻي ڀاڱي موت جو سبب، اسپتالن جي خراب حالت آهي."

مائرو حقيقت کي تسليم ڪندي ڪنڌ ڌوڻيو ۽ ان عورت جي ڪهاڻي شروع ڪيائين، جيڪا پنهنجي مڙس سان جهيڙي بعد اڄ گذاري وئي هئي. "هوءَ ترڪان جي زال هئي. ڪلهہ سندس مڙس کيس ڪاڏي جي سامان خريدڻ لاءِ ويهہ نائره ڏنا. هن کيس چيو تہ قيمتن ۾ واڌ سبب اها رقم اڻ پوري آهي. ڪجهہ وقت بحث هلندو رهيو ۽ پوءِ هو اچانڪ ٻاهر هليو ويو. هوءَ پڻ سندس پٺيان ٻاهر آئي. مڙس کيس واپس پردي اندر وڃڻ جو حڪم ڪيو پر هوءَ ان مسئلي تي ڳالهائيندي رهي. ڪاوڙ ۾ پرجي هن پنهنجو هڪ اوزار سندس مٿي ۾ هنيو ۽ هوءَ اڄ مري ويئي." آمنہ آهہ ڀري- ٻي طرف فاطمہ پنهنجي تجزيي ساڻ تيار ويٺي هئي.

"ان قسم جون سموريون حالتون، ڪاوڙ کي غلط رُخ ۾ ڪيڏڻ کي ظاهر ڪن ٿيون. بدنصيبيءَ سان هر ڀيري صرف عورت ئي ان جو شڪار بنجي ٿي، پوءِ ڀلي ڪٽي اها ڪهڙي بہ طبقي سان تعلق رکندڙ هجي. ڀل تہ ڪهڙي بہ پيشي سان واسطو رکندڙ هجي، ڪهڙي بہ رتبي تي هجي." هن چيو- "مرد ظلم جو نشانو بڻجي رهيو آهي، پر کيس "ڇو" جو جواب نہ پيو

ملي، ان ڪري اهو مايوس ۽ ناراض آهي. سندس ناراضگي ڏينهون ڏينهن وڌي پئي. هو ان جو اظهار نٿو ڪري، پر جڏهن به ڪو ڪيس تنگ ڪري ٿو ته اهو پنهنجي ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ جو اظهار ان شخص تي ڪري ٿو. ان مان اهو به واضح ٿئي ٿو ته آخر ان قسم جا گهٽي ياڳي واقعا ملڪ جي غريب طبقي ۾ ڇو ٿا ٿين، ۽ گهٽي ياڳي ڪمزور جنس ٿي ان جو نشانو ڇو ٿي بڻجي؟"

"لارائي واپس اچي وئي آهي." مائرو ڳالهه ڪاتي.

"لارائي ڪير آهي؟" آمنہ سوال ڪيو.

"انهيءَ ٽي هاريءَ جي زال، جنهن بابت ٻڌايو هئم. اها ٿي، جيڪا ڪيترن مهينن کان اسپتال ۾ داخل هئي."

"ها! ياد آيو. هاڻ سندس ڇا حال آهي؟"

"هوءَ خوشقسمت آهي، جو اجا زنده آهي، پوءِ به رت اجا تائين ڪڏهن ڪڏهن سمي ٿي." مائرو ايترو چئي اُٿي. "مون کي اجا پين جاين تي به وڃڻو آهي. شب بخير! خدا اوهان جو حامي و ناصر هجي."

آمنہ پنهنجي ڳُت کولڻ شروع ڪئي.

"قتل نڪ واري جي ڪهڙي خبر آهي؟ اهو اڄ ايندو يا نه؟" فاطمہ سوال ڪيو.

"نه! اهو پنهنجي سرڪاري جاءِ ۾ ٿي رات گذاريندو."

"اها لارائي ڪير هئي ۽ ساڻس ڇا ٿيو هو؟" فاطمہ سوال ڪيو.

"اها ننڍڙي ڪنوار هئي، حمل جي ڪري سندس مثانو متاثر ٿي پيو هو." آمنہ جواب ڏنو.

فاطمہ آمنہ جا هٿ مضبوطيءَ سان جهلي ورتا، ۽ زور ڏيئي چيائين، "ڪوشش ڪري ساڻس ملاقات ڪر. شايد تون سندس ڪا مدد ڪري سگهين. منهنجي ڏاڏي اڪثر ڪري چوندي هئي ته ماڻهن جي خوابن جي ساڀيا لاءِ سندن مدد ڪريو ته الله اوهان جا خواب پورا ڪرڻ ۾ مدد ڪندو."

”ٻارنهن ايماندار قيدين کي.“

”اسڪالرشپ جو ڇا ٿيو؟“

”شايد اهو وڏيڪ دلچسپ معاملو آهي. هن شاگردن ۽ شاگردياڻين جي پڙهائيءَ جا خرچ برداشت ڪرڻ جو بہ واعدو ڪيو آهي، مگر اڃا اسان قانوني گهرجن تي پوري ريت ڪم ناهي ڪيو. هو مون کي هن اداري جي ذميواري ڏيڻ چاهي ٿو. آئون پنهنجيون تجويزون ايندڙ هفتي پيش ڪنديس، پر اڃا تائين آئون ان جي نالي بابت ڪو آخري فيصلو نہ ڪري سگهي آهيان. عارضي طور ڪيس ”عائشہ فائونڊيشن“ جي نالي ڏيڻ تي غور ڪريون پيا. هن مون کي رياست جي اسڪولن ۾ ڪتاب گهرن/ لائبريرين لاءِ ڪتاب خريد ڪرڻ جي خيال کان چڱو پيسو ڏنو آهي. اسان ڪم ڪريون پيا!“

”تہ تون ٻي ڄڻ سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهين.“

”جيڪڏهن رياست جي ماڻهن کي فائدو رسي ٿو تہ ڇو نہ!“

”مون کي تہ يقين نہ هو تہ ڪو هو ڪجهہ بہ ڪندو.“

”مون کي خبر آهي تہ ٻي ڄڻ سان منهنجو رَوَيو سخت هو پر اسان ٻنهيءَ کي ان راند ۾ گهڻو مزو آيو. هو نظم و ضبط جو پابند، سمجهدار ۽ بردبار مزاج جو مالڪ شخص آهي، اسان ٻي ڄڻ کان فقط ايترو ئي سکي سگهون ٿا!“

اهي ڪجهہ دير خاموش ويهي رهيا. پوءِ فاطمہ ٻيهر ڳالهايو: ”منهنجو خيال آهي تہ اسان لاءِ ماضيءَ جي ڇنڊڇاڻ، وڏي اهميت ڀري آهي. اسان لاءِ عرب روايتون ۽ اسلامي نظريات وچ ۾ فرق کي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي. ڪيترن ئي سالن دوران، اهو سڀ ڪجهہ هڪ ٻئي ۾ گڏ وچڙ ٿي چڪو آهي، ۽ بدقسمتيءَ سان ان جو سڀ کان وڏو نقصان هر سطح تي عورت کي ئي ڀوڳڻو پيو آهي.“ فاطمہ ٿوري دير خاموش رهي، ۽ پوءِ چيائين: ”مائرو جون ٻڌايل ڪهاڻيون دل کي ڇُهن ٿيون، مگر اهي ڪي نيون ڳالهيون ناهن. تشدد جا اهي واقعا روزاني زندگيءَ جو حصو آهن، پر آئون اهو چوڻ ٿي چاهيان تہ مقدمن جي باوجود قاتل آزاد گهمن

ٿا، يا جيڪڏهن پڪڙيا به وڃن ٿا ته عدالت کين ڇڏيو ڏي. قانون عورتن جي حقن کان بلڪل اڻ ڄاڻ آهي.“

فاطمه ڪجهه دير ترسي، ڏاڍي پيار مان چوڻ لڳي: ”آمنه! تون تماشائي بڻجي نٿي ويهي سگهين. ان جو اثر اسان سڀني تي پوي ٿو. هن نظام ۾ عورتن جي حالتن جي تبديلي اسان سڀني جي ذميواري آهي.“

”اسلام عليڪم!“ ڪنهن شخص دروازي تي سڏ ڪرڻ بعد چيو.

”مرحبا! خوش آمديد! ڀلي ڪري آيا!“ آمنه جواب ڏنو. هڪڙو سفيد وارن وارو ڏاڙهيءَ سان پوڙهو شخص آهستي آهستي هلندو ڪمري ۾ داخل ٿيو. اهو الحاج هارون جو عزيز هو.

”آئون ُوهان کي سلام ڪرڻ آيو هئس. مون پنهنجي زالن سان به ملاقات ڪئي آهي. پيريءَ هوندي به آئون ڏاڪڻيون چڙهي آيو آهيان.“

”اوهان جي ان نوازش لاءِ وڏي مهرباني- ويهو!“

پوڙهو شخص ويهي رهيو ۽ فاطمه کي ڏسڻ لڳو. ”مون توهان جي ڳالهه ٻولهه ٻڌي“ هن چيو: ”اوهان پنهنجي ڳالهه جاري رکو.“ جڏهن فاطمه مُسڪرائڻ کان علاوه ٻيو ڪجهه به نه ڪُڇي، تڏهن اهو ڪِلڻ لڳو. ”آئون پوڙهو ۽ هاڻ بي زبان به آهيان.“ هن ڪنڌ ڌوڻي چيو. آمنه فاطمه ڏانهن ڏٺو هوءَ مُرڪي ۽ ٻيهر نصيحت شروع ڪيائين!

”ها، ته آمنه! ماڻهو انتظار پيا ڪن: لارائيءَ جهڙيون ڇوڪريون، رستي تي اڌ اُگهاڙا پينو اهي ٻار جي اچا ڄاوا ناهن. سڀ- هڪ پوري نسل جون اُميدون اسان سان جڙيل آهن ته اسان مخصوص ماڻهو ڪو هاڪاري ڪم ڪنداسين، ڇو جو اسان پڙهيل لکيل آهيون. آئون ڄاڻان ٿي ته اهو تمام ڏکيو ڪم آهي ۽ تمام وڏي قرباني گهري ٿو پر اهو اسان جو ڪم آهي. غور ڪريو ته اسان جون عورتون ڪهڙين حالتن ۾ زندگي گهاري رهيون آهن. رستي تي ٻارڙن ڏانهن ڏسو! اسان جي اڳواڻن اسان کي دوکو ڏنو ۽ اسان کي ناڪام ڪيائون. اسان جا بزرگ پشيمان ۽ بي اختيار آهن.

پوڙهو شخص وچ ۾ ڳالهائڻ خاطر ٿورڙو کنگهيو- ”آئون اوهان جي همت کي داد ٿو ڏيان.“ هن فاطمہ کي چيو. ”تو جو ڪجهہ چيو سو سڀ سچ آ مگر... توهان جي سٺين سوچن جي باوجود، اوهان جا هٿ ٻڌل آهن.“ هو بيهي رهيو. ”توهان ڏسي سگهو ٿيون تہ آئون پوڙهو ٿي چڪو آهيان، تمام گهڻو پوڙهو. منهنجي خيال ۾ منهنجي عمر اَسي سالن کان مٿي آهي. آئون فخر سان چئي سگهان ٿو تہ منهنجو نسل خوش نصيب هو ڇو جو سندن اڳواڻ نہ رڳو ايماندار نيڪ ۽ عوام جو ڏک سمجهڻ وارا هئا، بلڪ سندن دؤر ۾ ملڪ ترقي بہ ڪئي. موجوده اڳواڻن ۾ خدا جو خوف ناهي، اهي عوام جون دانهون نٿا ٻڌن- ۽ ان سبب ترقي بہ ختم ٿي وئي آهي. منهنجي زندگيءَ جو واحد ڏک اهو آهي، جو آئون دنيا کي ان کان وڌيڪ خراب حالت ۾ ڇڏي وڃي رهيو آهيان، جنهن حالت ۾ اها مون کي ملي هئي- آئون ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان. خدا اوهان کي سٺين رستي تي هلڻ جي توفيق ڏي، خدا حافظ!“ هو آهستي آهستي دروازي ڏانهن وڌڻ لڳو. آمنہ کيس ڏاڪڻين تان لهڻ ۾ مدد ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي، پر هن انڪار ڪري ڇڏيو.

”پريشان نہ ٿيو مون کي ڪابہ تڪڙ ناهي. آئون آرام آرام سان هيٺ پهچي ويندس.“

”توهان هن جي ڳالهہ ٻڌي؟“ فاطمہ چيو ”بزرگن جي ڳالهين ۾ دانائي هوندي آهي.“

”نيڪ آهي، تون ٻڌاءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟“

”گهڻو ڪجهہ!“ فاطمہ سنجيدگيءَ سان چيو. ”انهي مرتبي جي ڪري ماڻهو توهان جي عزت ڪن ٿا. هڪڙو ادارو قائم ڪريو. مون اڳ بہ توهان کي اهڙي تجويز ڏني هئي. ان تجويز تي بهتر نموني عملدرآمد لاءِ، ان تي غور ويچار ڪريو. تجويز ڪنهن جي جهوليءَ ۾ نٿي وجهي سگهجي. ان بابت سنجيدگيءَ سان سوچيو ان تي محنت ڪريو. هڪڙي مشهور چوڻي آهي تہ ’سڀ کان وڏو پڪي، هڪڙي ننڍڙي آني مان نڪرندو آهي.‘ جيڪڏهن تو ڪجهہ بہ ڪيو، تہ عورتون هتي اينديون

رهنديون، تنهنجي تعريف ۽ خوشامد ڪنديون، مگر عزت فقط اُن ڪري ڪنديون، جو تون الحاج هارون جي زال آهين. توکي پنهنجي شخصيت ڪي اُپارڻو پوندو. الحاج هارون جي پاڇي ۾ هلڻ ڇڏي ڏي. پنهنجي شخصيت ٺاهه ۽ ان سان هيٺن جي همراهه ٿي. پنهنجي اردگرد جي عورتن کي ڳڏ ڪر، منظم ڪر، تعليم ڏي، ڪين انسان هجڻ جو احساس ڏيار. پوءِ اهي سڀ بطور انسان توهان جي عزت ڪنديون. جيڪڏهن تو اهو ڪجهه ڪري ڏيکاريو، ته بڪارو جا نسل توکي سدائين ياد ڪندا. جيڪڏهن تو به سندن تڪليفن کان مُنهن ڦيريو يا ظالمن جو ساٿ ڏنو ته پوءِ موجوده ۽ پڻ ايندڙ نسل توکي ڪڏهن به معاف نه ڪندا.“

آمنه اهو سڀ ڪجهه ٻڌو پر هوءَ فاطمه جي ڳالهين جي عادي هئي. هوءَ اڃا به اهو مجڻ لاءِ تيار نه هئي ته هوءَ ڪو وڏو اهم ڪم ڪرڻ جي قابل آهي. ”فاطمه خيالي پلاءُ رڌڻ جي عادي آهي،“ هن پنهنجو پاڻ کي چيو. ”انهيءَ مشوري تي اڄ تائين عمل ناهي ٿيو. مون کي ته اهو به ناهي معلوم ته آئون ڪٿان کان شروعات ڪريان؟“ پوءِ وڏي سڏ چوڻ لڳي:

”سُمهڻ جو وقت ٿي چڪو آهي.“ هُن پاڻ به ڪپڙا مٽايا ۽ فاطمه کي به ڏنائين. فاطمه صوفي تي ليٽيو اوباسيون ڏيئي رهي هئي. هوءَ جڏهن به هتي ترسندي هئي، ته انهي ئي صوفي مٿان چادر اوڍي سمهي پوندي هئي. آمنه بستر تي ليٽي پيئي، ۽ لائيٽ بند ڪري سُمهي رهي.

# باب ائون

ٻئي ڏينهن صبح تائين بہ آمنہ ذهني طور ان تجويز جي قائل نہ هئي. فاطمہ کيس ذميوارانہ رَوَيي جو پابند بنائڻ چاهيو ٿي، پر هوءَ صرف ضرورت جي وقت، ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار هئي. فاطمہ سخت مايوسيءَ جي عالم ۾ هلي وئي. پوءِ بہ بعد ۾ آمنہ ۽ هوآوا، مائرو کي گڏ وٺي لارائيءَ کي پڇڻ لاءِ نڪري پيون، اهي آهستي آهستي سندس گهر طرف وڌي رهيون هيون. آمنہ پرپاسي جي گهرن ۽ رستن تي نظر وڌي، تہ کيس زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو شهر جي اِنهن سوڙهين گهٽين ۾ گندگي ۽ بدبوءِ جو احساس ٿيو. هر طرف سخت بدبودار پاڻيءَ جا ڍُبا هئا. مٽي ۽ گاهہ سان جُڙيل ننڍڙين ننڍڙين درين وارن گهرڙن جي حالت ڏاڍي خراب هئي. نيڻ نهار تائين رڳو غربت هئي. اهي لارائيءَ جي مٽيءَ مان جُڙيل جهوپڙيءَ ويجهو پهتيون. ان جي چؤطرف ننڍڙي پٽ هئي. سڀ کان پهريون مائرو جهوپڙيءَ ۾ داخل ٿي، پوءِ آمنہ دروازي تي لٽڪندڙ پورو ڪپڙو هٽائي، هڪڙي سخت گرم ۽ اونداهين جاءِ ۾ داخل ٿي. اها جاءِ نهايت سوڙهي ۽ بدبودار هئي. پٽ تي هڪڙي ڇوڪري ليٽيل حالت ۾ چيئنگهي رهي هئي. سندس اکين مٿي نشان پئجي چڪا هئا، ۽ هوءَ سخت تڪليف ۾ ورتل هئي. هن سان گڏ هڪڙي وڏي مٽي واري تازي چاول ٻارڙي ليٽيل هئي، جنهن جون وڏيون وڏيون اکيون ۽ پورا وار هئا. ماءُ ۽ ٻارڙي ٻئي ڪمزور حالت ۾ لاچار پئي لڳا. آمنہ کي ڏسي لارائي اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ روئندڙ ٻارڙيءَ کي پنهنجي ويجهو آندو. پوءِ کيس ٿڃ پيارڻ لاءِ ڇاتيءَ سان لڳايائين. ماءُ جي ڇاتي، تمام ننڍي، ليڙي ۽ گوشت کان خالي ٽڪرو هئي. ٻارڙي ڇاتيءَ سان لڳي چُوسڻ شروع ڪيو. ٻارڙيءَ

جي انداز مان سندس بک صاف ظاهر هئي. سندس اکيون بند هيون ۽ هوءَ بيچينيءَ جي حالت ۾ سڏڪا ڀري رهي هئي. لارائي پنهنجو قصو ٻڌائيندي سُڏڪا ڀري روئندي رهي. ويم دوران سندس مثانو متاثر ٿيو هو. تنهن ڪري هوءَ لاچاريءَ ۽ سُور ۾ مبتلا هئي.

"تنهنجي عمر ڇا آهي؟" آمنه ڏڪندڙ آواز ۾ سوال ڪيو.

"خبر ڪانهي، شايد پندرنهن."

"آپريشن کان پوءِ ڇا ٿيو؟"

"اسپتال ۾ مون کي انهن ڇوڪرين جي وارڊ ۾ منتقل ڪيو ويو جن جا مثانا متاثر ٿيا هئا."

"تنهنجي مڙس جو ڇا ٿيو؟"

"جڏهن آئون اسپتال ۾ هيس ته هن ٻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏي." لارائي ڊڪڪي.

"ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟ منهنجو مطلب آهي اسپتال ۾." آمنه ٻيهر سوال ڪيو.

"اسپتال وارن اسان کي واپس ڪري ڇڏيو پهرين ته آئون هڪڙي اڌوري عمارت ۾ رهندي هيس، پر پوءِ برسات جي ڪري مون کي واپس هتي اچڻو پيو."

"تون اُتي گذارو ڪيئن ڪندينءَ هئينءَ؟ منهنجو مطلب آهي رستن تي."

"ڀِني."

"هاڻي تنهنجي مڙس جو رَويو ڪيئن آهي؟"

"جيڪڏهن دل ۾ اچيس ته ڪڏهن ڪڏهن ماني آڻي ڏيندو آهي. اهو پنهنجي نئين زال سان گڏ رهي ٿو. سندس چوڻ موجب آئون گندي ۽ بدبودار آهيان."

"سبحان الله!" آمنه ڪنڌ لوڏي وراڻيو.

لارائيءَ جي سڪل ڳلن تان ڳوڙها ڳڙي هيٺ ڪريا. "اي خدا! منهنجي دعا ٻڌ!" لارائي ٻاڏايو. "مون کي مٿي گهراءِ! هن زندگيءَ کان موت

آمنہ الحاج هارون طرفان ڏنل گهر جي تعمير جي ڪم کي تيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ لارائي ۽ سندس نياڻيءَ کي ان ۾ هڪ ڪمرو ڏنائين. آمنہ لارائيءَ کي هڪڙي پرائيويٽ اسپتال ۾ داخل ڪرايو، تہ جيئن سندس سٺي نموني علاج ٿي سگهي. هوءَ آمنہ جي ايتري تہ ٿورائتي ۽ تابعدار بڻجي ويئي، جو اڪثر ساڻس ملڻ ايندي هئي، ۽ سندس ڪم ڪار ڪندي هئي، جڏهن تہ آمنہ لارائي ۽ سندس ڇوڪريءَ لاءِ ڪپڙن ۽ کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪندي هئي. آمنہ پاڻ بہ الحاج جي گهر جي هيٺين ڪمري ۾ منتقل ٿي وئي. اهو ڪمرو اڳ ۾ مهمانن لاءِ وقف هو. هن پنهنجي ان فيصلي جي وضاحت ۾ چيو: "آئون پيٽ سان آهيان، ۽ بار بار ڏاڪڻ چڙهندي ٿڪيو پوان."

—

صبح جي نماز پڙهڻ هن لاءِ مشڪل ٿي پئي. پوءِ بہ ذهني طور هوءَ ان لاءِ تيار هئي. هوءَ دير تائين پنهنجي بستري ۾ فاطمہ ۽ سندس ٽولي، سندن هفتيوار گڏجاڻين، ڪولو ۽ سندس ڪاروبار، لارائي ۽ سندس ڌيءَ بابت سوچيندي رهي. هوءَ سمجهي نہ سگهي تہ آخر فاطمہ ۽ سندس ٽولو سماجي تبديليءَ جي معاملي ۾ ايترو سنجيده ڇو آهي؟ آخر ڪين اهو سڀ ڪجهہ ڪندي ڪهڙو سڪون ملي ٿو؟ ڪين ڪو ذاتي مفاد تہ ڪونهي، ڇو جو اهي سڀ بذاتِ خود اميرياڻيون هيون. ڪين پوءِ بين عورتن، عوام، طبقاتي فرق ۽ بين متعلق ايترو فڪر ڇو آهي؟ اهي آخر ڪهڙي تبديلي آڻي سگهن ٿيون؟ تحريڪ مٿان پابندي هجڻ باوجود ماڻهو ميمبرشپ پيا وٺن، ۽ پُراڻا ميمبر بہ پاڻ ۾ لاڳيتو رابطي ۾ آهن. آمنہ کي اڇانڪ احساس ٿيو تہ هاڻ هوءَ پاڻ بہ مسئلي کي وڌيڪ بهتر نموني سمجهڻ لڳي آهي.

هُن فاطمہ جي صلاح بابت سوچيو عورتن جي هڪ انجمن، جنهن ذريعي عورتن جي امداد ۽ تعليمي ڪم ڪيو وڃي. هُن اها صلاح ذهن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. ان سان عورتن جي انفرادي مسئلن کي حل نٿو ڪري سگهجي. انجمن جي ذريعي مجموعي مسئلن تي ڳالهہ

ٻولهه ٽيندي. اهڙي قسم جي انجمن سان ڪهڙو فرق پوندو؟ ان سان گڏ ڪيس اهو خيال بہ آيو تہ جيڪڏهن هوءَ لارائيءَ جي مدد نہ ڪري ها، تہ سندس ڇا حال ٿئي ها؟

اوچتو زبردست کنوڻ ڪڙڪي ۽ گڏوگڏ ڪڪرن جي گوڙ سندس ڪنن تي پئي. ٿوري ئي دير بعد برسات شروع ٿي وئي، ۽ جست مان جُڙيل ڇت وڄڻ شروع ٿي وئي. آمنہ فريم ٿيل وڏي تصوير کي ڏسڻ شروع ڪيو. اها تصوير ميٽرڪ پاس ڪرڻ وقت ڪڍي وئي هئي. هوءَ پنهنجي گائون ۾ سيني جي وچ ۾ بيٺل هئي. فاطمہ سندس کاٻي پاسي ۽ ربي سندس ساڄي پاسي گائون پايو بيٺي هئي. ربي گريجوئيشن کان پوءِ شادي ڪئي، ۽ پوءِ وڪالت جي ڊگري حاصل ڪئي. هاڻ هوءَ وڪالت ڪري رهي آهي.

آمنہ عورتن جي انجمن ٺاهڻ بابت ٻيهر سوچڻ شروع ڪيو. هُن ڪنڌ لوڏيو ۽ پاسو ورائي، پاڻ کي سمجهايو تہ اهڙي صلاح تي عمل ڪرڻ جي گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش ضرور ٿيڻ گهرجي. هوءَ عورتن جي مصيبتن کي ڏسي پئي سگهي. ذاتي طور هوءَ پڻ بيڪار ۽ آڌارڪ زندگيءَ کان تنگ ٿي چڪي هئي. آمنہ طئي ڪيو تہ هوءَ فاطمہ کي پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪندي۔ پر اهو سڀ تمام ننڍڙي دائري اندر رهي ڪيو ويندو.

ان ڏينهن شام جو آمنہ جڏهن وضو ڪري رهي هئي، تہ فاطمہ ڪمري اندر داخل ٿي. هوءَ پگهر ۾ شل هئي. هن سهڪندي ٻڌايو تہ ”پيٽرول جي گهٽتائي ٿي وئي آهي ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ بند آهي. آئون يونيورسٽيءَ کان پيادل هلندي پهتي آهيان.“ اهو چئي هوءَ صوفي تي ڪِري پئي. سندس ساهہ اڃا بہ بي قابو هئا.

”آئون نماز پڙهي وٺان.“ آمنہ اجازت چاهي.

”وڃ وڃ، خدا کان دُعا گهر تہ هو ڪٿان پيٽرول موڪلي.“

نماز پڙهڻ کان پوءِ هوءَ فاطمہ جي سامهون ويهي رهي.

”تون پيٽرول بابت ڇا چئي رهي هئينءَ؟“ آمنہ پُڇيو.

"شهر ۾ پيٽرول جي رسد باضابطہ طور منقطع اٿئي، تي ڏينهن گذري چڪا آهن." فاطمہ چيو۔ ۽ پوءِ آمنہ کي ڪجھہ چوڻ جو موقعو ڏيڻ بنا ٻيهر چيائين: "اسان جا ڪرپٽ ۽ غير ذميدار اڳواڻ چون ٿا، تہ بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمت وڌي وئي آهي، ۽ اسان وٽ غير ملڪي ناڻي جي کوٽ آهي. پوءِ بہ ان کوٽ جو سبب سمجھہ ۾ نہ پيو اچي، ڇو جو آخر اسان جي ملڪ مان بہ تہ تيل نڪري پيو!"

"رياستي اسيمبليءَ تيل جي ان کوٽ جي معاملي جي تحقيق ڪرائڻ جو يقين ڏياريو آهي. اسيمبليءَ جا ڪجھہ ميمبر ذخيرو ڪندڙن تي الزام هڻي رهيا آهن." آمنہ چيو.

فاطمہ پکو هلائيندي جنهن سان گوڙ پيدا ٿيڻ لڳو "ذخيرو ڪندڙن بابت سڀ ڄاڻن ٿا. ڪن قانون سازن جا تہ پنهنجا پيٽرول پمپ آهن. اها کوٽ ڄاڻي واڻي پيدا ڪئي وئي آهي، تہ جيئن قيمت وڌائي سگھجي..." فاطمہ اچانڪ چُپ ٿي وئي. کيس ياد اچي ويو هوندو تہ الحاج هارون جا بہ ڪجھہ پيٽرول پمپ آهن.

"آئون بڪايل آهيان." هن آرس موڙي چيو.

"تلوتي! هن وقت رڳو ڪي اُٻاريل بيضا آهن. ماني ٿوري دير ۾ تيار ٿي ويندي،" آمنہ اُٿي بيهي چيو.

"تون اڃا تائين اهو نالو وساري ناهين سگهي؟" فاطمہ جو وڏو پاءُ کيس پيار مان ان نالي سان سڏيندو هو.

"نہ! اڃا تائين تہ نہ!" آمنہ کِلي چيو.

"اچو هڪڙي راند ٿا ڪريون." فاطمہ صلاح ڏني. هن هڪڙو بيضو کنيو ۽ ٻيو آمنہ کي ڏنو. پوءِ ٻنهي پنهنجن بيضن کي هڪ ٻئي سان ٽڪرايو. فاطمہ جو بيضو ٽُٽي پيو. هوءَ مطمئن نہ ٿي ۽ اهو تاثر ڏنائين تہ هُن غلط پاسي کان بيضو ٽڪرايو هو. هُن مقابلو برابر مَٽ و مَٽِ ڪرڻ پئي چاهيو. هنن هڪ ڀيرو ٻيهر ائين ڪيو پر نتيجو ساڳيو نڪتو. "تون کٽي چڪي آهين." هُن مُرڪندي هار مڃي ورتي.

شام جو مائره اچي نڪتي. هميشه وانگر وٽس قصن جو ڍير هو. ”اڄ هڪڙي عورت پنهنجي مڙس سان وڙهي ۽ ڪيس تي پيرا طلاق ڏئي ڇڏيائين. هوءَ هتان جي ڪانهي، ۽ نہ ئي وٽس رات گذارڻ لاءِ ڪا جڳهہ آهي. تنهنڪري هوءَ اڄوڪي رات بازار ۾ گذاريندي، ڇو جو وٽس ڳوٺ واپس وڃڻ لاءِ پيسا ناهن.“

آمنہ ڪو جواب ڏيڻ کان اڳ هڪ ڏکهو ساهہ پريو. ڇو جو هُن ڄاتو ٿي تہ ان معاملي کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ”اسان کي جلد از جلد ڪجهہ ڪرڻو پوندو.“ آمنہ چيو. ”فاطمہ! مون توهان جي عورتن جي انجمن جوڙڻ واري صلاح تي ڪافي غور ڪيو آهي، ۽ آئون گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش ڪرڻ لاءِ تيار آهيان- پر ترس!“ هُن فاطمہ جي چهري تي اڀريل پرجوش تاثرات ڏسندي چيو: ”اها ڳالهہ ياد رکجانءِ تہ منهنجو ڪردار رڳو هڪ مددگار جي حد تائين محدود هوندو- ٺيڪ آهي؟“

”ٺيڪ آهي.“ آمنہ خوشيءَ وچان تاڙي وڄائيندي چيو: ”ڪمال ٿي ويو! اها ڏاڍي سٺي خبر آهي! پهرين وڏي وِک تہ کڻئين اٿئي، اڳتي بہ کڻي وٺنديءَ، مهرباني! اها حيرت ڀري خبر نهايت خوبصورت آهي.“

## باب نائون

ڪجهہ هفتن کان پوءِ آمنہ لارائي ۽ هوآوا سان گڏ بيمار مائروءَ کي پڇڻ لاءِ ويئي. رستي ۾ بہ بار تين کي موچڙا هڻي رهيا هئا. پهرين تہ آمنہ بہ بين سيني وانگر کين وڙهندي چڏي اڳتي وڌي وئي، پوءِ اچانڪ بيهي پوئتي مُڙي، هن هوآوا ۽ لارائيءَ کي جهيڙي بند ڪرائڻ لاءِ چيو. جڏهن اهو ڪم ٿي ويو. تڏهن ٻئي جهيڙاڪ ڇوڪرا خوشيءَ مان سهڪي رهيا هئا، جڏهن تہ مظلوم روئي رهيو هو. سندس ڳوڙها، نڪ مان نڪرندڙ رت سان ڳاڙها هئا. اهي ٽيئي المجير نالي قرآن اسڪول جا شاگرد هئا، جيڪي ماني پِنڻ جي ڪم تي لڳل هئا. سندن چمڪيلي جسم تي غليظ ۽ پورا ۽ ڦاٽا ڪپڙا هئا. سندن سلوارون ايترين تہ ڦاٽل هيون جو جسم نظر پئي آيو. سندن ٽنگون، تارين وانگر سنهڙيون هيون. سندن وار مٽيءَ سان ڀيوت هئا. وٽن هڪ پچل ٿالهي هئي. اهي ٻارن جي ان ننڍڙي فوج جو حصو هئا، جيڪي گهر گهر وڃي، ڪاڏي جون بچيل سچيل شيون پنندا هئا.

”هُن کي ڇو پئي ماريوَ؟“ آمنہ هڪ ٻار کان سوال پُڇيو.

”تورا ڏينهن اڳ اسان گڏجي ماني وٺڻ نڪتاسين، تہ ڪنهن هن جي ٿالهيءَ ۾ ماني وڌي“ هُن رُوئندڙ ٻار ڏانهن اِشارو ڪندي چيو: ”هيءَ ماني ملندي ئي هڪدم اُتان ڀڄي ويو ۽ اڪيلو ئي کائي ويو. هيءَ اَج اسان جي ور چڙهيو آهي ۽ اسان کيس سيڪت ڏيڻ لاءِ ماريون پيا.“

آمنہ ڇرڪي پئي. ”ٻارو! خدا جي واسطي اَج کان پوءِ ڪڏهن بہ ڪاڏي پيتي لاءِ جهيڙو ڦڏو نہ ڪجو. ان جي بجاءِ اوهان سڀ کي پاڻ ۾ ملي، هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.“ هُن ٽنهيءَ کي الڳ رستن ڏانهن

ويچڻ جو حڪم ڪيو. تنهن هوندي بہ هُن ڏنو تہ ٻنهي ڇوڪرن جي ڇڙ
اچا ڊِري نہ ٿي هئي، ۽ اهي پلاند ڪرڻ لاءِ وجهہ ڳولي رهيا هئا. تنهن تي
هُن پيهر کين سڏ ڪيو ۽ ان ڪاڏي جي ڏنڊ طور کين ڪجهہ سڪا ڏِنا.
اهي ٻئي پوءِ مطمئن ٿي خوشيءَ سان هليا ويا. رستي تي هلندي آمنہ
پنهنجي چؤگرد هڪ نئين نگاهہ سان غور ڪيو. هن جي اڳيان
ڪيترائي سوال اُڀا هئا. آخر ڪي ماڻهو غربت ۽ مفلسيءَ واري زندگي
ڇو پيا گهارين، ۽ ڪن ماڻهن کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ئي ناهي!؟
آخر انسان هڪ ٻئي سان سهڪار ڇو نٿا ڪن؟ آخر پلا هر ڪنهن وٽ
مناسب رهائش ڇو ناهي؟ ايڏي مقدار ۾ پيداوار باوجود، هر ڪنهن وٽ
کائڻ لاءِ ماني ڇو نہ آهي؟ آخر سمورن انسانن تائين بنيادي ضرورت جي
شين جي رسائيءَ جي ڏس ۾، علم جي استعمال کان دانشورن کي ڇو پيو
روڪيو وڃي؟ آخر اسان جا اڳواڻ ان مسئلي تي گهٽ يا وري بلڪل ڪو
ڌيان ئي ڇو نٿا ڏين؟

جڏهن اهي اُتي پهتيون تہ آمنہ مائروءَ جي گهر ڏانهن غور سان ڏٺو.
اهو مٽيءَ جو گهر هو جنهن تي جست جي ڇت هئي. اهو پنهنجي اردگرد
جي گهرن جهڙو ئي هو. گهر جي دالان ۾ الاهي المجيري، هٿن ۾ ڪاٺيءَ
جون تختيون جهليو، مائروءَ جي مڙس جي اڳواٽيءَ ۾ آيتن جي تلاوت
ڪري رهيا هئا. اچانڪ آمنہ کي فاطمہ جي، مدرسن بابت تقرير ياد اچي
وئي، تہ اهي ڪهڙيءَ ريت جهالت کي برقرار رکڻ ۾ مدد ڪن ٿا. "اهي
قرآن کي ڏِڳن وانگر پڙهن ٿا. اهي ان کي رڳو چٻاڙين ٿا، هضم نٿا ڪن."
هڪڙو نابين پوڙهو دروازي تي هڪ سنهڙي ڪاٺي ۽ خالي ٿالهي جهليو
بيٺو هو. هو ٻاهر نڪري پنڻ جي تياري ڪري رهيو هو. گهر ۾ داخل ٿيڻ
کان پهرين آمنہ کيس سلام ڪيو ۽ ٿالهيءَ ۾ ڪجهہ سِڪا وڌا، جنهن تي
هن ٿورا مڃيا.

ڇهري تي ٿڪاوٽ ۽ ڪمزوريءَ جي چٽن نشانن باوجود، مائرو
سندس گرم جوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيو. ڪمري اندر ڇهہ ٻارڙا، گول دائري
۾ ويٺا، ٿالهيءَ ۾ ڪجهہ کائي رهيا هئا. واري واري سان گرنهن کڻندا،

ضرورت پوندي، اهي مهيا ڪندي. نرسن ۽ داين جي انجمن به هر ممڪن سهڪار جو واعدو ڪيو مگر آمنه اجا تيار نه هئي. آمنه جو سچو ڏيان پنهنجي ٻار تي هو. ان دوران ٻڪارو وڏي صبر سان سندس مدد جو انتظار ڪيو.

جڏهن الحاج هارون ڪمري ۾ گهڙيو ته آمنه پنهنجي ٻارڙي کي سيني سان لايو ٿڃ پياري رهي هئي. هو صوفي تي ويهي رهيو ۽ آمنه کي ٻڪاروءَ جي عورتن جي انجمن، يا قانون سازن جي زالن جي انجمن مان ڪنهن هڪ کي چونڊڻ جو چيو.

”سڀ ڪان پهرين ٻڪارو.“ هن بنا ڪنهن هٻڪ جي جواب ڏنو.

”پوءِ ته ڪم ڪرڻ يا ڪاروبار شروع ڪرڻ وارو معاملو ملتوي ٿي ويندو.“

”جيڪا اوهان جي مرضي.“

هن ڪجهه دير سوچيو ۽ پوءِ هليو ويو.

آمنه کي پنهنجي مڙس مان وڏيڪ ٻُري رد عمل جي توقع هئي، ڇو جو جڏهن هن پهريون ڀيرو اها خبر ٻُڌي هئي ته ڏاڍو بگڙيو هو.

جڏهن آمنه ڪيس ٻُڌايو ته بلقيسو انجمن جي اڳواڻ ٿيندي، ۽ ان جو مقصد حڪمران جماعت جي منصوبن تي عمل ڪرائڻ هوندو ته هو ڪجهه مطمئن ٿيو. هو حڪمران جماعت جو سرگرم ميمبر هو. آمنه جي ذهن ۾ بلقيسو جو انتباهه به تازو هو: ”هتي عورتن کي متحرڪ ڪرڻ سان، موت کي ويجهو جاگيردارانه طبقو ۽ نئون سرمايه دار طبقو اسان جي سامهون ٿي بيهندو. اهي ان جي خلاف هوندا، يا وري اسان کي هيٺ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندا. اسان کي مضبوطيءَ سان قدم ڄمائڻا پوندا. تون اسان کي ڪم شروع ڪرڻ جو چوندين، ۽ پوءِ روز ڪونه ڪو حيرت ۾ وجهندڙ ڪم ٿيندو.“ آمنه کيس ڪم شروع ڪرڻ جو چٽي ڇڏيو هو. هاڻ هوءَ حيران ڪندڙ شين جي انتظار ۾ هئي. ان کان سواءِ فاطمه سان به ڳالهه ٻولهه ٿي هئي، ”آمنا موں کي باضابطه شروعات جي ڪا تاريخ ٻُڌاءِ! اسان تيار آهيون.“

”توهان کي انتظار ڪرڻو پوندو. آئون اڃا ڏاڍي ڪمزور آهيان.“ آمنہ جواب ڏنو.

”تو پورو مهينو آرام ڪيو آهي، ۽ اڃا بہ توکي آرام جي ضرورت آهي!؟“ فاطمہ ڪاوڙ وچان چيو. ”انهن هارياڻين بابت سوچ! جيڪي پنهنجي ويم دوران ٻنين ۾ پورهيو ڪن ٿيون ۽ اتي ئي ٻار ڄڻين ٿيون. انهن مان گهڻيون تہ هڪ هفتي کان پوءِ ئي ڪم شروع ڪريو ڇڏين.“

ڪولو پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هن، ان انجمن کان پري رهڻ لاءِ آمنہ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ دليل طور انهن عورتن سان تعلقات وڌائڻ جي صورت ۾ پيش ايندڙ خطرن کان ڪيس باخبر رکيو. ”جيڪڏهن انهن ڇوڪرين ــَـي زندگيءَ جي خوشين مان لطف ماڻڻ نٿو ڏانءُ اچي، تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ تون بہ انهن پنهنجين خوشين کان پري ٿي وڃين. پاڻ ڏانهن ڏِسِ! تون جوان ۽ حسين آهين. عورتن جي مسئلن جو بار کڻڻ تنهنجي ذميواري ناهي. ڇا تون ماڻهن کي زندگيءَ جون خوشيون ملهائيندي نٿي ڏسين؟“ هن آمنہ کي قائل ڪرڻ چاهيو.

”ڪولو! آئون اهو سڀ ڪجهہ برداشت نٿي ڪري سگهان. آئون ماڻهن جي مدد ڪرڻ چاهيان ٿي، توڙي جو اهو صرف هڪڙو تجربو آهي.“

”دنيا جي هر شيءِ اڳواٽ طئي ٿي چڪي آهي. لکجي چڪو آهي. اهو سڀ ڪجهہ ائين ئي ٿيندو. اسان خدا جي مرضيءَ اڳيان لاچار آهيون.“ ڪولو سنجيدگيءَ سان چيو.

عورتن جي انجمن واري تجويز سبب، بڪارو ۾ ڪافي شور و غل پيدا ٿي ويو. حڪمران جماعت شروعات ۾ تہ ان جي خلاف هئي، پر پوءِ ان شرط تي راضي ٿي وئي تہ اها انجمن، حڪمران جماعت جي ذيلي شعبي جي حيثيت سان ڪم ڪندي. حزبِ اختلاف انهيءَ انجمن جي حامي هئي ۽ چاهيائين ٿي تہ عورتون آزاديءَ سان ان کي جوڙين. مذهبي ۽ ٻين جماعتن جي مؤقف ۾ بہ ڇٽو تضاد هو. ڪن جو خيال هو تہ اها

اسلامي تعليم جي خلاف آهي، ۽ تمام وڏو گناهہ آهي. پنهنجو خيال هو تہ جيڪڏهن ان ۾ مذهبي تعليم شامل آهي، ۽ اها اسلامي تعليم جي خلاف ناهي، تہ عورتن کي اهڙي انجمن جوڙڻ جو حق حاصل آهي.

بڪاروءَ جي معاشري، عورتن جي هڪ وڏي انجمن جوڙڻ لاءِ سازگار ماحول نہ ٿي مهيا ڪيو. هن ضلعي ۾ ماڻهن جي سُڃاڻپ مذهب، اخلاقيات، سياست ۽ خانداني رشتن جي مُنجهيل ڄار ۾ قائل هئي، ۽ اهو ضلعو هڪڙي اهڙي ملڪ جو حصو آهي، جتي ناانصافيءَ ۽ متڀيد کي وڏي احتياط سان سماجي ۽ معاشي نظام جي بنياد جو حصو بنايو ويو آهي. پيو تہ هن ملڪ ۾ بيروزگار مردن جي شرح تمام گهڻي آهي، ۽ جنسي متڀيد ۽ استحصال چوٽ چڙهيل آهي. هتي غِربت سڀ کان وڏو مسئلو آهي، ۽ انهي سبب عورتن جي تڪليفن ۽ ساڻن ٿيندڙ ناانصافين تي غور نٿو ڪيو وڃي، ۽ عورتن جي آزاديءَ جي خواهش کي بہ ڏوهہ سمجهيو وڃي ٿو. اهڙي صورتحال کي سامهون رکندي، عورتن جي انجمن جي وجود جو مسئلو تمام گهڻو اهم ٿيو وڃي. جڏهن ماڻهن کي ان قسم جي خبر پئي ٿي، تہ سندن توقعات تمام گهڻيون وڌيو وڃن.

بڪاروءَ جي عورتن جي انجمن جي رسمي افتتاح کان اڳ، هڪڙي ويهڪ يونيورسٽيءَ ۾ رکي وئي هئي. آمنہ جي اچڻ کان پوءِ ان جو تعارف بڪارو اسپورٽ گروپ جي ميمبرن سان ڪرايو ويو. ان ۾ ڪُل ست ڄڻا شامل هئا. چار ڇوڪريون ۽ ٽي ڇوڪرا. ان جي اڳواڻ بلقيسو هئي. آمنہ انهن ڇئني ڇوڪرين سان اڳ ۾ بہ ملي چڪي هئي. بلقيسو اعلان ڪيو تہ انجمن کي واسطيدار وزارت رجسٽر ڪيو آهي. هن اهڙو خط پڙهي ٻُڌايو ۽ پوءِ سمورا دستاويز آمنہ جي اڳيان رکي ڇڏيائين. آمنہ ڪوآرڊينيٽر هئڻ جي باوجود، اجلاس دوران خاموش رهي. هوءَ سمورين ڳالهين ۽ تجويزن سان متفق تہ نہ هئي، پر ان ڳالهہ تي خوش هئي، تہ هاڻ هوءَ لاڳيتو پين عورتن سان رابطي ۾ رهندي، ۽ سندس زندگيءَ جا غير مصروف ڏينهن ختم ٿي چڪا آهن. آخرڪار ڪيس ماڻهن ۽ نظريات سان تعلق قائم ڪري، پنهنجين صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ جو موقعو

ملي ويو هو. ان موقعي جي مدد سان هوءَ پنهنجي لڪل ذات کي ظاهر ڪري، دنيا آڏو پيش ڪري سگهي ٿي. شايد ان جي مدد سان ڪا مستقل ۽ مثبت راهہ سامهون اچي. ان سان سندس ناموس ۾ اضافو ٿيندو. ائين پئي لڳو ڄڻ ان سڀان سندس آئنده جا ڏينهن خوشين ڀريا هوندا.

اها ڳڌجاڻي ٻہ ڪلاڪ هلي، ان دوران رسمي افتتاح جي تاريخ بہ طئي ڪئي وئي. آمنہ کي اُتي پهچي تقرير ڪرڻي هئي. ”خدا حافظ! جلدئي اوهان سڀنيءَ سان ٻيهر ملاقات ٿيندي“ هُن وڃڻ کان اڳ مُرڪندي چيو. هوءَ گهر پهچڻ تائين مُرڪندي رهي.

## باب ڏهون

”تنهنجي شادي ٿي چڪي آهي، تنهنجو مڙس ئي هاڻ تنهنجو آقا آهي. سندس هر ڳالهه مڃ! ڇو ته شادي هڪڙو مقدس ۽ تمام سنجيده رشتو آهي. توکي يقين هئڻ گهرجي ته تنهنجي مڙس جي هر ڳالهه صحيح آهي، ۽ توکي سندس هر حڪم مڃڻ گهرجي. مڙس جي عزت ۽ خدا جي عزت ۾ ڪڏهن به فرق نه رکجانءِ...!“ هڪڙي سخت ۽ ڪڙي آواز کيس خواب ۾ خبردار ڪيو. هوءَ ڏپ وچان اُٿي ويٺي، ۽ ڪمري ۾ چئني پاسي نظر ڦيريائين. پوءِ پنهنجي بارڙي کي پيار مان ڇُهيائين، ۽ پيهر ليٽي اکيون پوري ڇڏيائين. عام طور هوءَ صبح جي خوابن مان لطف اندوز ٿيندي هئي. اڪثر اهي خواب اڱڻ ۽ اوسي پاسي جي آوازن، ڪڪڙ جي بانگ، جهرڪين جي چرچر، ڳاڙين جي هارن، اذان، رڙين ۽ روئڻ پٽڻ جي صدائن سان ڀريل هوندا آهن. هوءَ ڪلاڪ کن انهن آوازن هوندي به سمهي سگهندي هئي، پر جڏهن انهن آوازن ۾ تنگ ڪندڙ پيرن جا ڪڙڪا ۽ ڪڏهن ڪڏهن در تي ٺڪ ٺڪ شامل ٿي ويندي آهي، ته پوءِ سمهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي.

اڄ هوءَ عام ڏينهن جي ڀيٽ ۾ جلدي جاڳي پئي هئي، پر بستر تي ئي ليٽيل رهي. هوءَ پنهنجي پريشانيءَ هوندي به پرجوش هئي. اهو ڇنڇر جو ڏينهن هو. اڄ افتتاحي تقريب ٿيڻي هئي. صبح جا روزاني معمول وارا ڪم اُڪلائي، هوءَ ڪمري ۾ ويهي رهي. هوءَ شايد ذهني دٻاءَ جو شڪار هئي. هڪ وڳي ڌاري هوءَ تڪڙ ۾ وهنتي ۽ وڏي احتياط سان ڪپڙن جي چونڊ ڪئي. هن ساڙهي لباس مٿان رنگين بلائوز پاتو ۽ چادر اوڍي ڇڏي. سندس ميڪ اپ به گهٽو سارو هو. جڏهن هوءَ پنهنجي مٿي تي

ڪپڙي جي پتڪي ٻڌي رهي هئي، تہ بلقيسو افراتفري ۾ هڻ وٽ واريءَ حالت ۾ ڪمري اندر داخل ٿي ۽ چيائين: "اسان اسڪول وڃي رهيا هئاسين، هيءَ وٺ پنهنجي تقرير! فاطمہ پاڻ تيار ڪئي آهي." هن فائل بستر تي رکي ڇڏيو. "جلد ئي ملاقات ٿيندي."

بلقيسوءَ جي وڃڻ کان پوءِ آمنہ جي اُڻ تُڻ ويتر وڌي وئي. آمنہ ويهي عبدالرشيد کي ٽيج ڏيڻ شروع ڪئي. هوءَ لاڳيتو سوچي رهي هئي تہ ايترن سارن ماڻهن اڳيان بيهي هوءَ ڪيئن ڳالهائي سگهندي. تياري مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن عبدالرشيد کي پنهنجي پيءُ رقيہ جي حوالي ڪيو ۽ ٻاهر نڪري وئي.

پرائمري اسڪول جي ٻاهر، هوءَ پنهنجي سفيد مرسيڊيز مان ٻاهر نڪتي. هُن فاطمہ ۽ بڪارو اسپورٽ گروپ جي ٻين ميمبرن کي، آخري انتظامن تي نظرثانيءَ ۾ مصروف ڏٺو. ڪافي عورتون گڏ ٿيل هيون. پرنسپل جي آفيس اڳيان ٽينٽ لڳل هئا، جن تي وڏو سائو ڪپڙو هوا ۾ نچي رهيو هو. اهو مهمانن لاءِ هو. اُتي آرام ده ڪُرسيون رکيل هيون. هيستائين اڌ ڪرسيون پُرجي چڪيون هيون. آمنہ اُوسي پاسي نظر ڦيرائي، وزارت اطلاعت و نشريات جي وين پاسي ۾ بيٺل هُئي. ان تي لائوڊ اسپيڪر لڳل هئا.

"پريشان نہ ٿي!" بلقيسو صلاح ڏني. "تون جلدئي ماڻهن اڳيان ڳالهائڻ جي عادي ٿي ويندينءَ. منهنجو چيو مڃين تہ ٻہ ٽي ڀيرا تقرير کي پڙهي وٺ، تہ جيئن سمورن لفظن کان واقف ٿي وڃين."

گهٽي پاڱي مهمان دير سان پهتا. آمنہ تقرير کي رٽڻ ۾ مصروف هئي تہ اچانڪ مختار ميڙ مان نڪري سامهون اچي بيٺو. آمنہ کي پنهنجي دل جو ڌڙڪو تيز ٿيندي محسوس ٿيو ۽ اُڻ تڻ ويتر وڌي ويس. آمنہ ڏانهنس ڏٺو. سندس خوبصورت مهانڊو، نيري سفاري سوٽ سبب وڌيڪ خوبصورت لڳي رهيو هو. آمنہ کي لڳو تہ هو وڌيڪ ڏٻرو ٿي ويو آهي، ۽ شايد ڪو سندس سار لهڻ وارو ڪونهي. هو اڳتي وڌيو. آمنہ ڪانئس سوين سوال پُڇڻ تي گهريا مگر ڪيس ڦڪائي ٿي رهي هئي. هوءَ

اهو سوچي پريشان هئي، تہ ڪٿي ماٺهو سنڌس ڇهري جا بدلجندڙ تاثر ڏسي نہ وٺن. آمنہ هُن ڏانهن ڏٺو مختار جون نظرون آمنہ جي روح ۾ لهي ويون. آمنہ کي لڳو تہ ڄڻ هوءَ هينئر ۾ هن ئي مهل هتي غرق نہ ٿي وڃي. هن پنهنجون اکيون هيٺ ڪري پاڻ سنڀاليو. هن ڪجهہ چيو جيڪو آمنہ جي سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ هن رڳو مُرڪي ڏنو.

”ڪيئن آهيو؟ توهان ڪيئن آهيو؟“ آمنہ پنهنجي آواز کي سنڀاليندي پُڇيو.

”آئون ٺيڪ آهيان– تون ٻڌاءِ؟“

”ٺيڪ!“ آمنہ جواب ڏنو.

”پريشان نہ ٿي. آئون پنهنجو خيال رکان پيو. جلد ئي ٻي يونيورسٽيءَ ۾ مون کي داخلا ملي ويندي.“

”منهنجي دعا آهي تہ خدا توهان جي مدد ڪري. پنهنجو خيال رکو. تون ايترو سنهڙو سيپڪڙو ڇو ٿي ويون آهين؟“ آمنہ ڏڪندڙ آواز ۾ پُڇيو.

”آئون ڪڏهن ٿلهو تہ نہ هئس، توکي تہ خبر آهي.“ هن مُسڪرائيندي چيو.

”تون وڃي ويهہ. مون کي اُميد آهي تہ هي اسان جي آخري ملاقات نہ هوندي.“ آمنہ چيو. هو مڙيو ۽ هليو ويو.

آمنہ هُن ڏانهن جاچي ڏٺو. هوءَ سوچ ۾ ٻڏي وئي تہ هن بي مروّت ڇهري جي پٺيان ڪهڙا تاثرات گردش ڪري رهيا هئا. پوءِ بہ اهو ڇهرو بيشڪ بيحد خوبصورت هو. بلقيسو هن کي جهنجهوڙيو: ”آمنہ!“ هن چيو ”پروگرام مطابق تنهنجي تقرير قومي ترانې ۽ دعا کان پوءِ رکي وئي آهي. پنهنجو پاڻ تي ڀروسو رکجانءِ– ها! هڪڙي ڳالهہ ذهن ۾ رکجان تہ تون پنهنجو آواز لائوڊ اسپيڪر ذريعي پڻ ٻڌندينءَ، سو گهبرائين متان!“

جڏهن خاص مهمان، سنڌس مڙس ۽ گهڻي ڀاڱي سڀ مهمان پهچي ويا، تڏهن بلقيسو مائيڪ تي آئي. مائيڪ کي چڪاسڻ بعد هن سمورن مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو. هن وزارتِ اطلاعات جي هڪ ملازم کي قومي

ترانو شروع ڪرڻ لاءِ اشارو ڪيو. سمورا اُٿي بيهي رهيا. قومي تراني کان پوءِ مسلم اسٽوڊنٽس سوسائٽيءَ جي ميمبر دُعا پڙهي. ان کان پوءِ بلقيسو ٻڪاروءَ جي عورت انجمن جي ڪوآرڊينيٽر ۽ باني، محترمہ آمنہ هارون کي اهم ڳالهيون پڙهڻ لاءِ سڏ ڪيو.

آمنہ کي ان ئي گهڙيءَ جو ڊپ هو. هوءَ اُٿي ۽ انتهائي احتياط سان وڏي مائيڪ تائين پهتي. اتي پهچي هُن سيني ماٿهن جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪيل ڏٺو. اکيون ڪيس گُهوري رهيون هيون. هوءَ ڏڪڻ لڳي، سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو. سندس هٿ ٿڙڪي رهيا هئا. وات خشڪ هئڻ باوجود، هن پنهنجو پاڻ کي ڳالهائڻ لاءِ مجبور ڪيو. هوءَ اهو ٻڌي حيران ٿي وئي، تہ سندس آواز ڪيترو عجيب ۽ غير فطري لڳي رهيو آهي.

"... اسان جو مقصد ٻڪاروءَ جي عورتن جي معاشي، سماجي ۽ تعليمي معيار کي بهتر بنائڻ آهي... تہ جيئن اهي سماج جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن."

"... اسان کي يقين آهي تہ عورتن جي ڪردار کي فعال بنائڻ لاءِ، سندن بلدياتي، رياستي ۽ وفاقي سطح تي نمائندگي وڌائڻ ضروري آهي..." اهو چئي هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو. هن سمورين اکين کي پاڻ ڏانهن کُتل محسوس ڪيو. گهوريندڙ اکين جو اثر ايترو تہ سخت هو جو کيس لڳو تہ ڄڻ سمورا ماڻهو سندس اُگهاڙي جسم کي جاچي رهيا هجن!
هن ٻيهر پنهنجي تقرير ڏانهن ڌيان ڏنو. تقرير ٻيهر شروع ڪرڻ کان پوءِ کيس احساس ٿيو تہ هوءَ هڪ پيراگراف ڇڏي وئي آهي، پوءِ بہ هوءَ قانون جي حد ۾ رهي، ڪابہ ڳالهہ ڪري سگهي ٿي.

"...جيڪڏهن ڏاڍ، استحصال، اطاعت ۽ اڪيلائيءَ جي تاريخ تي غور ڪريون ٿا، تہ محسوس ٿئي ٿو تہ عورتن جي تعليم ڪيتري حد تائين ضروري آهي. انهيءَ ڪري اسان جو پهريون قدم بالغ عورتن جو تعليمي پروگرام آهي. آئون هتي اوهان کي بہ تمام اهم عربي چوٽيون ياد ڏيارڻ چاهيان ٿي: 'دولت ذهني طاقت آهي، نہ پيسو!' ۽ 'جنهن ملڪ ۾

عورتن کي تعليم نٿي ڏني وڃي، اهو هڪ ٻيو واري پکيءَ وانگي آهي. ترقيءَ لاءِ عورتن جي تعليم ضروري آهي. جيڪڏهن عورتون جاهل هونديون، تہ سمورو معاشرو انڌيري ۾ ٻڏل رهندو.“

”اسان بلدياتي، رياستي ۽ وفاقي حڪومت کي پرزور اپيل ڪريون ٿا، تہ هيٺين مسئلن تي ڌيان ڏين. ڪم جي ڏِس ۾ مرد ۽ عورتن جي برابري، ڪم ڪندڙ شادي شده عورتن يا اڻ پڙهيل عورتن جي ڀرپور مدد ۽ حفاظت، ڇوڪرين جي همت افزائي ۽ هر سطح تي تعليم کي يقيني بنائڻ، نابالغ ڇوڪرين جي شادي ۽ زوري شادين جي مذمت، گهريلو تشدد خلاف سخت قانون، سمورين پڙهيل عورتن لاءِ نوڪريون...“

”هڪڙي چوٽي آهي:

جيڪڏهن هڪڙي سال جي منصوبا بندي ڪريو پيا، تہ ڪڻڪ پوکيو!

جيڪڏهن ڏهن سالن جي رٿابندي ڪريو پيا، تہ وڻ پوکيو!

جيڪڏهن پوري حياتيءَ لاءِ رٿابندي پيا ڪريو، تہ ماڻهن کي تعليم ڏياريو!

”اسان بڪاروءَ جي بهتر مستقبل جي رٿابندي ڪري رهيا آهيون. اسان هڪ بهتر، خوشحال ۽ وڏيڪ ترقي يافتہ بڪارو چاهيون ٿا. تنهن ڪري اسان عورتن کي تعليم ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيڪڏهن عورتن جي مسئلن کي حل نہ ڪيو ويو تہ بلدياتي، رياستي ۽ وفاقي مسئلن کي حل نہ ڪري سگهبو.“

”مهرباني!“

## باب يارهون

بڪاروءَ جي عورتن جي انجمن جو افتتاح، خاص خبرن جو حصو بڻجي ويو هو. حزبِ اختلاف ان تنظيم جي آجيان ڪئي، ۽ ان کي ”هڪ اهم قدم“ قرار ڏنو. جڏهن تہ حڪمران جماعت آمنہ ۽ بڪارو اسپورٽ گروپ جي مطالبن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. آمنہ جي تقرير بہ سندس مڙس سان ويتر وڏيڪ اختلافن جو سبب بڻي. تڪرار دوران هن پُڇيو تہ توهان حڪومت تي تنقيد ڇو ڪئي؟ تون انهن ماڻهن جي هٿن ۾ ڪٺ پتلي ڇو بڻجي وئي آهين؟ ڏپ ۽ ڪنهن حد تائين دل ۾ مڙس جي عزت جي ڪري، آمنہ ڪابہ صفائي نہ پيش ڪئي. تڏهن بہ ان تڪرار آمنہ جي خود اعتماديءَ مٿان وڏو وار ڪيو ۽ کيس اهو سوچڻ تي مجبور ڪيائين، تہ آخر الحاج سندس ذاتي معاملن ۾ دخل اندازي ڇو ٿو ڪري؟ هن پنهنجو پاڻ کان پُڇيو تہ آخر الحاج ۽ پيا، منهنجي واتان ڇا ٿا ٻُڌڻ گهرن؟

ٻنپهرن جو آمنہ پنهنجي پيڻ سان ملڻ وئي، ۽ پوءِ اُتان کان پرائمري اسڪول لاءِ رواني ٿي. اڄ اُتي بالغن جي تعليم واري مهم جي، پهرين ڪلاس جو بندوبست ڪيل هو. ٽيهن سالن کان وڏي عمر وارين عورتن سان ڪلاس پريل هو. اهي سڀ پرجوش نموني سيٽن تي مٿي ويهي، پنهنجون تنگون موڙڻ ۾ مصروف هيون. آمنہ وانگر سيني عورتن جي چهري تي گهبراهٽ هوندي بہ هڪڙو ولولو نظر آيو پئي. آمنہ اسپورٽ گروپ جي پنجن ميمبرياڻين سان گڏ، انهن عورتن جي سواليہ نظرن اڳيان اچي بيٺي. ڪمري ۾ ڪجهہ دير لاءِ خاموشي ڇانئجي ويئي،

ان ۾ بيچينيءَ جا جزا پڻ چٽا هئا. هڪ ڏگهو ۽ سنهڙو شاگرد اڇ ڀانهن واري قميص پهريل، سامهون آيو ۽ پنهنجو تعارف ڪرائڻ لڳو.

"منهنجو نالو معاذ ڊين لامي آهي. آئون سياسيات جو شاگرد آهيان. ڊگري حاصل ڪرڻ تائين اسان بڪاروءَ جي تعليمي پروگرامن ۾ حصي وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڪاميابيءَ جي حالت ۾ اسان ٻين شهرن ۽ ضلعن ۾ پڻ پنهنجون خدمتون ادا ڪنداسين. اسان جو خيال آهي ته اهڙيءَ ريت ٻين عورتن کي به اسان جي علم مان فائدو حاصل ٿيندو. اسان "الحسن تعليمِ بالغان جي منصوبي" تحت ڪم ڪنداسين. ان جي مدد سان هڪ اڻ پڙهيل شخص کي ڇهن مهينن تائين لکڻ پڙهڻ سيکاريو ويجي ٿو."

"جيئن اوهان سڀ ڄاڻو ٿا، ته معاشري ۾ تعليم سڀ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي. حضرت محمدﷺ جي حديث آهي، "علم پرائڻ هر مسلمان جو اولين فرض آهي." اسان جي ان منصوبي موجب اهڙيون عورتون، جيڪي ڪنهن سبب هتي نه اچي سگهنديون، اسان جون عورت استاد گهر ويجي کين تعليم ڏينديون."

ڪجهه لمحن جي وقفي کان پوءِ معاذ، پاراٽو جُبو پاتل هڪ ڇوڪري ڏانهن اشارو ڪندي چيو. جيڪو سفيد لباس پهريل هو "هيءَ موسيٰ الاحمد آهي. اهو ۽ مسلم اسٽوڊنٽس سوسائٽيءَ جا به ٻيا ميمبر، اوهان کي اسلاميات ۽ عربي سيکاريندا." واري واري سان هن ٻين استادن جو تعارف ڪرايو. "اسان صحت بابت مسئلن تي ڌيان ڏيڻ متعلق سوچي رهيا آهيون. ربيڪا، بڪارو هيلٿ پروگرام جي اڳواڻ آهي. به نرسون، به دايون ۽ بڪاروءَ جي محڪمءِ صحت جا به آفيسر به اهڙي ڪوشش ۾ اسان سان گڏ آهن. اهي اوهان کي صفائي ۽ صحتمند رهڻ، ۽ ماحول کي صاف سٿري رکڻ جا طريقا سمجهائيندا. پيٽ وارين ماين ۽ ڊائپو ڪرڻ وارين عورتن جي تعليم تي خاص ڌيان ڏنو ويندو." ربيڪا سندس ڪن ۾ ڪجهه چيو. هُن مُسڪرايو ۽ ناڪار ۾ پنهنجو مٿو لوڏڻ لڳو. "آئون معاشرتي علمن جو استاد آهيان، آئون اوهان کي مختلف

انساني گروهن بابت ٻڌائيندس. مختلف رياستن ۽ عقيدن بابت آگاهه ڪندس. اسان هتي پنهنجي ملڪ، پنهنجي براعظم ۽ دنيا کي درپيش مسئلن تي به ڳالهائينداسين.“

هن بورڊ تي دنيا جو نقشو چنبڙائي ڇڏيو. آمنه هڪ پاسي هتي، پٽ سان ٽيڪ لڳائي بيهي رهي. معاذ ٻين لامي هڪ ڊگهي لٺ مٿي ڪري چيو: ”هيءُ دنيا جو نقشو آهي. دنيا ۾ تقريباً هڪ سو آسي ملڪ آهن. هرهڪ جي آبادي، حڪومت ۽ جاگرافي ٻين کان الڳ آهي. هتي ڪافي نسل، ٻوليون، قبيلا، قومون... آباد آهن.“ هن سيني کي دنيا جي آباد ۽ غير آباد علائقن کان واقف ڪيو.

”هيءُ آفريقا آهي. هيءُ اسان جو ملڪ نائجيريا، هيءُ اسان جو شهر، جنهن ۾ اسان سڀ موجود آهيون. اوهان هتي اسان جو هن وسيع دنيا سان گهرو لاڳاپو ڏسي سگهو ٿا.“

”جناب! ڪي ماڻهو چون ٿا ته دنيا گول آهي.“ هڪ عورت چيو.

”اهو سچ آهي. هيءُ فقط نقشو آهي. اوهان کي جاگرافي پڙهائي ويندي، ان جي مدد سان اوهان تي اهي سڀ شيون ظاهر ٿي پونديون. اوهان کي اِهو پڻ ٻڌايو ويندو ته مينهُن ڪيئن ٿو وَسي ۽ موسمون ڪيئن ٿيون بدلجن. ان کان سواءِ اجا اوهان کي گهڻو ڪجهه ٻڌائڻو آهي.“

”جناب! مڪو ڪٿي آهي؟“ صفا آخري قطار ۾ ويٺل هڪ اڌڙوٽ عمر جي عورت پڇيو.

معاذ مُرڪيو ۽ عورت کي ويجهي اچڻ جو اشارو ڪري، نقشي کي ڏيان سان ڏسڻ جو چيائين، پوءِ کيس سعودي عرب ۾ مڪو ۽ مدينو ڏيکاريائين. جنهن تي مائي مهرباني مڃي. ”منهنجو خواب آهي ته هڪ ڀيرو آئون اتي وڃي حج ڪريان.“

”خدا تنهنجو خواب پورو ڪري“ معاذ دُعا ڪئي.

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ اها تعارفي ويهڪ ختم ٿي وئي.

ان کان ٿوري دير پوءِ ٻين عورتن سان تعارفي ويهڪ جي شروعات ٿي. بڪاروءَ جي عورتن جي انجمن وٽ مستقل طور ڪو هڪ اڌ اسڪول

لاءِ ڪمرو استاد ۽ پيسا نہ هئا. پوءِ بہ ان جي اڳواڻن ڪم کي جاري رکڻ گهريو ٿي. ڪن مردن، پنهنجين زالن کي ان جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو جڏهن تہ ڪن مردن ان ڪم تي ڪجهہ وقت ويچار ڪرڻ کان پوءِ ٿي، ڪين شرطيہ طور اجازت ڏيڻ لاءِ راضپو ڏيکاريو. آمنہ جي بيڪار زندگي هاڻي سرگرم ٿي رهي هئي، هوءَ پنهنجو گهڻو ٽائو وقت، ان انجمن کي هلائڻ جي طريقيڪار تي غور ويچار ۾ گذارڻ لڳي.

افتتاحي گڏجاڻيءَ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ، آمنہ پنهنجي گهر ۾ پُٽ سان گڏ صوفي تي ويٺي هئي، تہ اوچتو بلقيسو ۽ فاطمہ اندر گهڙيون. انهن سڀ کان پهرين افتتاحي گڏجاڻيءَ ۾ شامل نہ ٿيڻ تي معذرت ڪئي، ۽ ٻُڌايائون تہ اهي ڪجهہ سکيا وارو مواد کڻي آيون آهن. هن پنهنجي گهر جي هڪڙي ڪمري کي انجمن جو هيڊ ڪوارٽر بنائي ڇڏيو هو. ان ڪمري ۾ هڪڙي ميز ۽ ڇهہ ڪرسيون رکيل هيون. ان کان سواءِ آمنہ اُتي ڪن اخبارن ۽ مختلف هفتيوار رسالن جو پڻ بندوبست ڪيو هو.

بلقيسو ٻاهر نڪري، پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويٺل نوجوان کي ڪجهہ چيو. اهو ڪجهہ دٻا ۽ هڪ پوسٽر کڻي گاڏيءَ مان ٻاهر نڪتو. هُن پوسٽر آمنہ کي ڏسڻ لاءِ ڏنو. "منهنجو نالو ڊين لاڊي آهي. آئون فائن آرٽ جو اسٽوڊنٽ آهيان. گلوريا منهنجي تمام سٺي دوست آهي. مون هيءُ اوهان جي انجمن لاءِ ناهيو هو." آمنہ ڏاڍي احترام سان پوسٽر هٿ ۾ جهليو ۽ ان تي غور ڪرڻ لڳي. اهو نهايت خوبصورت هو. ان ۾ ٽن رنگن: "سائي، ڳاڙهي ۽ ڪاري سان لکڻ پڙهڻ ۾ مصروف عورتن جي تصوير جوڙي وئي هئي. انهن تصويرن جي هيٺان ڇَوٽي لکيل هئي: 'عورت! نہ رڳو پڙهي ۽ ڪم تي ڪري، پر اوهان جي زندگيءَ کي بہ منظم رکي ٿي!' آمنہ پيار ڀريل لهجي ۾ مهرباني مڃي. بلقيسو دٻن مان ڪورس جا ڪتاب، مشق جا ڪتاب، چاڪ جا دٻا ۽ پيون شيون ڪڍي آمنہ کي ڏنيون. "اهي سڀ اوهان لاءِ آهن." هن خوش ٿي چيو.

"اسان اوهان جا ٿورائتا آهيون." آمنہ مُرڪي جواب ڏنو.

جڏهن بلقيسوءَ ڊين لاڏي هليا ويا، تڏهن آمنه سوچ ۾ ٻُڏل انداز ۾ فاطمه ڏانهن ڏٺو.

”توکي ڇا ٿيو آهي؟ بيمار پئي لڳين!“

”مٿي ۾ سخت سُور پيو ٿئي.“

”آئون دوا کڻي ٿي اچان.“ آمنه چيو.

”نه! ان جي ڪا ضرورت ناهي. رات پارلياماني اجلاس هو. اهو صبح تائين جاري رهيو. آئون سمهي نه سگهي آهيان.“ فاطمه آرس موڙيندي چيو.

”تون ڪجهه دير هتي سُمهي رهه. آئون طلاط جي ڪمري ۾ آهيان.“

ٻنهي جي ڏکي ننڊ کان پوءِ فاطمه تازي تواني ٿي وئي، ۽ ماني کائڻ لاءِ ترسي پئي. هميشه وانگر سندس اچڻ سان گهر ۾ رونق اچي وئي. هن ٻارڙن سان ڪيڏيوءِ عورتن سان پوڳ چرچا ڪيا.

”آمنه! اسان کي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي.“ فاطمه واپسيءَ جي تياري ڪندي چيو. ”اسان گهريلو ڏاڍ تشدد بابت ننڍي پيماني تي هڪ اجلاس ڪوٺائڻ چاهيون ٿا. ان ۾ شهر جي عورتن کي سڏيو ويندو. گهڻن مهمانن جي اچڻ جي توقع ڪانهي. پوءِ به اسان ڪيمپس ۾ اهڙو اجلاس نٿا سڏائي سگهون. تنهن ڪري آئون انجمن جي هڪڙي ڪمري ۾ اهو اجلاس گهرائڻ ٿي چاهيان، جيڪڏهن تون اجازت ڏين تـــ!“

”ڪا ڳالهه ناهي! ڪڏهن آهي؟“

”8 مارچ تي، عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي.“

”بهترين! تنهنجي لاءِ هي دروازا هميشه کليل آهن.“ آمنه مُسڪرائيندي چيو.

”منهنجي هڪڙي ٻي به تجويز آهي.“ فاطمه چيو. ”اسان انجمن جي ميمبرن لاءِ شام جو هڪڙي ليڪچر جو بندوبست به ڪري سگهون ٿا. آئون انهيءَ ۾ آفريقي عورتن کي پيش ايندڙ مسئلن تي ڳالهائڻ چاهيان ٿي.“

”مون کي ان تي بہ ڪو اعتراض ڪونهي. آئون سيني کي ٻڌائي ڇڏيندس.“

—

8 مارچ تي آمنہ فاطمہ ۽ ٻيون عورتن جي انجمن جي هيڊ ڪوارٽر جي ڪمري ۾ گڏ ٿيون. فاطمہ هڪڙي ڇوڪريءَ سان گڏ سيني جي سامهون اچي ويٺي، ڇوڪريءَ جو مُنهن پردي سان ڍڪيل ۽ ڪنڌ جهڪيل هو. ”هيءَ سعودا آهي، گهريلو تشدد جو جيئرو جاڳندو ثبوت. هيءَ اسان کي ان نام نهاد انساني ۽ پُرامن معاشري جي وحشتناڪ حقيقت جي ڪهاڻي ٻڌائڻ آئي آهي.“ فاطمہ چيو.

سعودا نهايت ئي نرم ڳالهائيندڙ هئي. سندس آواز مان گهبراهٽ ۽ بيچيني جهلڪي رهي هئي. هوءَ سخت ڏٻل هئي. لفظن جي تلاش دوران هُن روئي ڏنو. پنهنجا ڳوڙها اُگهڻ دوران، هوءَ ڇپن ۾ رڳو ايترو چئي سگهي: ”شاديءَ کان پوءِ مون ڪڏهن بہ سُک ڀريو ساهہ ناهي کنيو. هو مون کي روز ماري ٿو. هو هر وقت موقعي جي ڳولا ۾ هوندو آهي. مثلاً ماني مزيدار ناهي... مون سندس صحيح نموني آدرڀاءُ ناهي ڪيو ۽ اهڙن گهڻن سببن تي... سندس هٿن ۾ جا بہ شيءِ هوندي آهي، هو مون کي ان سان ماريندو آهي. منهنجي ڇوڪريءَ جي اڳيان بہ! بلڪل ساڳيءَ طرح، جيئن منهنجي ماءُ کي ماريو ويندو هو. آئون ۽ منهنجو اولاد خوف ۽ هراس جي حالت ۾ جيءُ رهيا آهيون.“ هن رڙڪري چيو.

”اسان کي پنهنجا زخم ڏيکار!“ فاطمہ درخواست ڪئي. ”انهن کي لڪاءِ نہ!“ سعودا راضي نہ هئي. پوءِ بہ بلقيسو هن وٽ وئي ۽ آهستي آهستي سندس مُنهن تان پردو هٽايو. ڇهري جا تازا زخم سيني جي سامهون هئا. سندس ڇپ سُڄيل هئا ۽ اکين جي چوڌاري، نيراڻ هئي. پوءِ سعودا پاڻ پنهنجي جسم جي باقي حصن جا زخم ڏيکاريا. ”تمام گهڻيون عورتون—“ بلقيسو چوڻ لڳي. ”شرم ۽ خوف سببان پنهنجا زخم لڪائين ٿيون. پردي جو رواج، تشدد ۽ اهڙن زخمن کي لِڪائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. گهڻي ڀاڱي عورتن جي باري ۾ تہ ايتري خبر بہ نٿي پئي، تہ اهي ڪيتريون

گهايل آهن. ڪي تہ پنهنجن زخمن جو علاج بہ ناهن ڪرائي سگهنديون، ڇو جو مڙس کين گهران نڪرڻ جي اجازت ئي نٿا ڏين!"

"ڇا تون واپس موٽي وينديءَ؟" آمنہ سعودا کان پڇيو.

"جي! پيو ڪيڏانهن وينديس؟" هُن جواب ڏنو.

"الله قادرِ مطلق آهي. سينيءَ تي رحم ڪندڙ سينيءَ جو خير خواهہ اهوئي توکي همت ۽ طاقت ڏيندو تہ جيئن تون پنهنجي نام نهاد مڙس جي ظلمن کي مُنهن ڏئي سگهين." فاطمہ دُعا ڪئي.

بلقيسو اُٿي بيٺي، "آئون توکي يقين ٿي ڏياريان تہ هن محفل بابت تنهنجي مڙس کي ڪڏهن بہ خبر نہ پوندي. جڏهن ڪو مسئلو هجي تہ اسان سان يا پوءِ هتي اچي آمنہ سان رابطو ڪجانءِ!" سعودا نِوڙي خدا حافظ چيو ۽ بلقيسو سان گڏ ٻاهر هلي وئي.

"سعودا هينئر اسان کي عورتن تي ٿيندڙ تشدد جي هڪڙي عام جهلڪ ڏيکاري. اهڙي تشدد کان بچي وڃڻ جي ڪري، آئون پنهنجو پاڻ کي وڏي ڀاڳ واري سمجهان ٿي. پوءِ بہ پنهنجي معاشري ۾ اهڙي وحشياڻي طرزِ عمل کي لڳاتار نظر انداز ٿيندو ڏسي، مون کي روئڻ تو اچي." فاطمہ چيو.

"سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي تہ گهڻي ڀاڱي عورتن ۾ خود اعتمادي ڪانهي. انهيءَ ڪري اهي هترادو طور مظلوم آهن." بلقيسو واپس موٽي اچي چيو.

"ڇو تہ آرميءَ جي ميجر اڄ تائين توکي ماريو ناهي؟" ربيڪا پڇيو.

"اڃا تائين تہ نہ، ۽ هُن اهڙي حرڪت نہ ڪرڻ جو واعدو بہ ڪيو آهي."

"وردين ۾ ويڙهيل درندن تي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪجانءِ!" فاطمہ وچ ۾ ڳالهايو.

"هيستائين تہ هُن هڪ دردمند دل رکڻ جو ثبوت ڏنو آهي."

"جيڪڏهن مختار اهڙي ڪوشش ڪري تہ، يا تہ اسان هڪ ٻئي جا ٽڪرا ڪري ڇڏينداسين، يا وري آئون کيس ماري ڇڏيندس." ربيڪا

ٻڌاڪي نموني چيو. ”مگر مون کي يقين آهي تہ ائين هرگز نہ ٿيندو.“ اهو تمام نرم ۽ خوبصورت آهي. ڪيس مار نٿي ڏئي سگهجي. اهو مون لاءِ ڏاڍو قيمتي تحفو آهي. اهو تہ رڳو محبت ڪرڻ لاءِ ئي پيدا ڪيو ويو آهي.“

آمنہ سڙي رک ٿي وئي. پهريون ڀيرو ربيڪا ۽ مختاز جي محبت جو سڻئون سڌو اقرار صدمي جو باعث بڻيو. وري بہ هن هڪدم پاڻ کي ڏڍ ڏنو تہ مختار کي ڪنهن اهڙي ڇوڪريءَ سان خوش گذارڻ جو پورو حق حاصل آهي، جيڪا ساڻس محبت ڪندي هجي.

”مسئلو اهو آهي تہ اگر ڪا عورت ڪنهن مرد سان محبت ڪندي هجي، تہ سندس موچڙا بہ سهي ويندي. اهو پنهنجي مؤقف يا ذاتي راءِ جو ڪيڏو نہ عجيب ۽ کُليو انڪار آهي!“ بلقيسو ٺهڪ ڏيندي چيو.

”مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي.“ فاطمہ موضوع ڏانهن ڦيهر واپس موٽي. ”تہ آخر عورتون هن معاشري جي برائين اڳيان پاڻ کي بيوس ڇو ٿيون محسوس ڪن. انهن کي ڇا لاءِ قبول ڪريو وڃن!؟“

”جيڪي مرد ائين ڪن ٿا، اهي دراصل ڊڄڻا آهن. اهي ڀين مردن کي مُنهن نٿا ڏئي سگهن. تنهن ڪري ئي اهي اسان کي سزا ڏيندا آهن.“ بلقيسو جواب ڏنو.

”هتي ويٺل هر عورت تي ان صورتحال جو الزام لاڳو ٿئي ٿو. موجوده حالتن ۾ تبديلي اسان سڀني جي ذميواري آهي.“ فاطمہ زور ڏيندي چيو. ”اها تہ رڳو هڪڙي ڇوڪري هئي. صرف خدا ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ٻيون ڪيتريون ڇوڪريون اهڙي ظلم ۽ زيادتيءَ جو نشانو بڻجي رهيون آهن. اڃا اسان کي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي.“

شام جي وقت فاطمہ کي ٻُڌڻ لاءِ عورتن جو هڪ وڏو انگ گڏ ٿي ويو. آمنہ پنهنجي پُٽ، هوآوا ۽ لارائيءَ سان اسڪول پهچي وئي. گرميءَ جي هوندي بہ عورتن جو وڏو انگ ڏسي، هوءَ تمام گهڻو خوش ٿي. بلقيسو فاطمہ ۽ آمنہ سڀني مهمانن ڏانهن مُنهن ڪري ميز جي پٺيان ڪرسين تي ويهي رهيون. بلقيسو اُٿي بيٺي ۽ سڀني مهمانن کي ڪيڪاريو.

"اسلام و عليڪم! اڄ اسان ٻڪاروءَ ۾ پهريون ڀيرو عورتن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. اڄوڪي ڏينهن دنيا جون سموريون عورتون پنهنجن مسئلن تي غور ڪن ٿيون، ۽ انهن جو حل ڳولڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿيون. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته اسان اڪيليون ناهيون. اسان ۾ گهڻو ڪجهه هڪ جهڙو آهي. اڄ فاطمه آفريقي عورتن کي پيش ايندڙ مسئلن تي ڳالهائيندي. مون کي يقين آهي ته اوهان سڀئي فاطمه کي سُڃاڻو ٿيون، ۽ سندس تقرير مان لطف اندوز ٿينديون." فاطمه اُٿي بيٺي، ۽ پنهنجو بلائوز ۽ چادر درست ڪئي. هوءَ پنهنجي خود اعتمادي ۽ وڻندڙ لهجي سبب سڀني مقرر هئي. هن مسڪرايو ۽ تقرير شروع ڪئي.

"مردن جي ڪهاڻين ۾ اسان سهڻين عورتن جا قصا ٻڌندا آهيو. اهي هر موڙ تي سندن ساٿ ڏينديون آهن، پوءِ به انهن جي تڪليفن جو ڪوبه ذڪر ڪونه ٿو ڪري! ڪن معاشرن ۾ عورتون ڪنهن حد تائين آزاد آهن، جڏهن ته ٻين ۾ اهي گهريلو ڪم ڪار ڪندڙ غلام کان مٿي ڪجهه ناهن. پهرين آفريقا ۾ گورن جي نوآباد ڪاريءَ دوران اسان تي سخت ظلم ڪيا ويا، مگر هاڻ جڏهن ته گهڻي ڀاڱي آفريقي ملڪ گهٽ ۾ گهٽ سياسي آزادي حاصل ڪري چڪا آهن، ان جي باوجود اسان تي اهي ظلم جاري آهن. گهڻي ڀاڱي آفريقي ثقافت، مرداڻي تسلط جي زيرِ اثر آهي. ان جي ڪري عورتن کي پنهنجي ذاتي معاملن ۾ به ڪو اختيار ڪونهي. نائجيريا جي هن حصي ۾، اسلام جي نالي ۾ عورتن جو استحصال ڪيو ويندو هو. اسان جا مذهبي اڳواڻ، عورتن کي هيسڻ، هيڻاهون ڪرڻ ۽ ظلم جو نشانو بنائڻ لاءِ مذهب جي غلط تشريح ڪن ٿا."

ڪيترين ئي آفريقي ثقافتن ۾ عورت صرف جنسي لذت ۽ گهريلو ڪم ڪار جي شيءِ آهي، هڪڙي وڪري لائق شيءِ، ٻارن جي پالنا، مشين، گهڻي ڀاڱي آفريقي عورتون ڏينهن جو غلام ۽ رات جي وقت شهزاديون هونديون آهن."

فاطمه پنهنجي هينڊ بيگ مان رومال ڪڍيو ۽ پوءِ پنهنجو مُنهن اگهي ڀيهر ٻولڻ لڳي. "اسان جي معاشري ۾ موجود مرداڻي تسلط تي

ضابطو آڻڻ مشڪل آهي، ڇو جو ان جون پاڙون تمام اونهيون آهن، قانون سندن تحفظ ڪري ٿو ۽ مذهب انهن سان گڏ آهي. مگر اهو ممڪن آهي! جيڪڏهن اسان سڀ ٻڌي ڪريون ۽ لڙون. اسان جيڪڏهن اهو انتظار پيا ڪريون ته مرد اسان کي اسان جا فطري حق ۽ آزادي ڏيندا، ته اهو ڪڏهن به نه ٿيندو.“

”آئون اوهان سڀ کي گذارش ٿي ڪريان، ته ٻڪاروءَ جي عورتن جي انجمن جو ساٿ ڏيو. هر تربيتي ڪلاس ۾ شامل ٿيو. جيترو ممڪن ٿي سگهي، اسان جي مدد ڪريو. پنهنجن مسئلن کي لِڪايو نه. اسان کي ٻُڌايو. پنهنجي خيالن جو اظهار ڪريو. سوال پڇو. آمنه ۽ پيا هت موجود ماڻهو اوهان سان سمورن موضوعن تي ديانتداري ۽ سچائيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار آهن. اسان جي هڪ تمام مشهور چوڻي آهي ته: ’پُڇڻا نه مُنجهڻا!‘ جيڪي سوال پُڇن ٿا، اهي گمراهه نٿا ٿين! مهرباني!“

پرائمري اسڪول جي استاد صديقه طلاول اُٿي بيهي، هڪ سادو سوال ڪيو ته مردانه تسلط کي ڪيئن ٿو ختم ڪري سگهجي؟ فاطمه بلقيسو سان صلاح مشورو ڪيو ۽ پيهر بيهي رهي.

”بحيثيت عورت، اسان جي جدوجهد کي معاشري جي نئين سِر تبديليءَ جي جدوجهد سان جڙيل هئڻ گهرجي. سڀ کان پهرين ته سيني عورتن کي گڏجڻو پوندو. ڪم ڪرڻ جي حق خاطر ۽ مردن جي برابر پگهارن حاصل ڪرڻ خاطر، ويڙهه ڪرڻي پوندي، گهٽ عمر وارين شادين ۽ زبردستيءَ جي شادين جي خلاف ويڙهه ڪرڻي پوندي. هر سطح جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي، گهريلو تشدد خلاف ويڙهه ڪرڻي پوندي... ٿورڙي ۾ چئجي ته اسان کي معاشي، سماجي ۽ سياسي موقعن جي برابريءَ جي بنياد تي ورهاست جو مطالبو ڪرڻو پوندو. اهو رڳو ان ئي ايمان، زوال پذير ۽ مردانه تسلط تي ٻيڻل، جديد نوآباد ڪاريءَ جي نظام جي خاتمي جي صورت ۾ ئي ممڪن آهي.“

## باب ٻارهون

ٻڪاروءَ جي انجمن جي ڀيرين رِتا، محڪمهءِ صحت جي هيلٿ پروگرام 'ٻڪاروءَ جي صفائيءَ جي منصوبي' ۾ شامل ٿيڻ هو. سمورن ڇنڇر جي صبح پنهنجي گهرن ۽ گهٽين کي صاف ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. صفائيءَ کان پوءِ کين خبر پئي ته ڪچري کي اُڇلڻ جو ڪو خاص انتظام نه هو. اهو معلوم ڪري ڪي شاگرد مقامي حڪومت جي سيڪريٽري، الحاج ابراهيم وٽ پهتا. هن اهو چئي مدد ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو ته عورتن کي صفائيءَ کان اڳ، ڪچري کي اُڇلڻ جو ڪو مناسب بندوبست ڪرڻ گهربو هو. آمنه کي ان ڳالهه تي سخت ڪاوڙ آئي. ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هڪڙو حڪومت جو ماڻهو ڪنهن اهڙي ڪم ۾ مدد ڪرڻ کان ڇو ٿو انڪار ڪري، جنهن جو مقصد صرف ۽ صرف ماحول کي بهتر بنائڻ آهي. شام جو هن اهو واقعو فاطمه کي ٻڌايو: "مون کي اهڙي رويي جي اميد نه هئي. اسان جو مقصد ته صرف ٿي صرف ضلعي کي صاف سٿرو رکڻ هو."

"هن ملڪ جو سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي، ته جيترو اهم عهدو هجي ٿو اوترو ئي غير ذميدار ماڻهو! هتي ته جنهن کي پاڻيءَ جي يقيني بندوبست لاءِ حڪومت ۾ چونڊيو وڃي ٿو اهوئي ڄاڻي ٻُجهي ان ۾ رڪاوٽون وجهي ٿو. وري ان ڳالهه جو به قوي امڪان آهي ته، خدمتن جي ڏِس ۾ حڪومت طرفان ڪيس ايوارڊ به مليو وڃن!" فاطمه ٽوڪ واري انداز ۾ چيو.

عبدالرشيد ۽ فاطمه آمنه جي ڪمري ۾ سُمهي رهيا. جڏهن ته هوءَ ڪتاب پڙهڻ لڳي. هوءَ ايتري ته محو ٿي وئي جو ڪيس ڪولوءَ جي اچڻ

جيءَ بہ خبر نہ پئي. ڪولو آهستي سلام ڪيو ۽ پوءِ ڪيس ساڻ ڪري ڪمري مان ٻاهر هلي وئي. "شام جو منهنجي گهر ۾ هڪڙي ننڍڙي دعوت آهي، آئون معافي ٿي وٺان جو مصروفيت سبب توکي اڳواٽ نہ ٻڌائي سگهيس."

"آئون شايد نہ اچي سگهان." آمنہ سخت لهجي ۾ جواب ڏنو.

"اچا! ڪهڙي مصروفيت آهي؟"

"ڪا خاص ناهي." آمنہ ڪولوءَ جي اکين سان اکيون ملائي چيو.

"ڇا تنهنجو مڙس اُتي هوندو؟"

"بيشڪ، ها! آئون معافي ٿي چاهيان. آئون توکي ٻڌائي نہ سگهيس تہ هُن پنهنجي رَويي لاءِ معافي ورتي هئي. هُن واعدو ڪيو آهي تہ سياڻي هو گاڏي ۾ مزدور موڪلي ڏيندو."

"ٺيڪ آهي، آئون پهچي وينديس." آمنہ پڪ ڏني.

"فاطمہ کي نہ سڏجانءِ!" ڪولو ڇپن کي لوڏي چيو. "اها جاءِ ان لاءِ مناسب ناهي. جت هُن ڪجهہ پوکيو ئي ناهي، اُتان هوءَ ڪجهہ نٿي لُٽين سگهي."

پنهنجي مُرڪ جي باوجود، آمنہ ڄاتو ٿي تہ هوءَ ڪولوءَ ۽ ان جهڙين عورتن کان پري ٿيندي وڃي. جڏهن تہ فاطمہ ۾ ٻين عام عورتن جي ويجهي پئي ٿئي، جن سان هوءَ سڄو ڏينهن ٿي گذاري.

—

ڪولوءَ جي زندگيءَ جا بہ اهم ترين رُخ آهن، ڏيکاءُ ۽ وڏا خرچ. پنهنجي زندگيءَ جي نموني کي هُن ڪپڙن ۽ گهر جي وراندي ۾ بيٺل گاڏين جي لوڏ/ ٻيڙي سان ڀيٽيو ٿي. پنهنجي ڏهن بيڊ رومن واري محل جي مک دروازي تي هُن آمنہ جو استقبال ڪيو. هيستائين رڳو ڪي ٿورا ئي مهمان پهتا هئا. هن آمنہ تي واضح ڪيو تہ "هن دعوت جو مقصد پنهنجي ويجهن دوستن ۽ ڪاروباري ساٿين کي خوش ڪرڻ آهي. تمام جلد منهنجي هوٽل کُلي ويندي، ۽ آئون چاهيان ٿي تہ اهي سڀ مون سان گڏ هجن."

”تہ اها ڳالهہ آهي.“ آمنہ رُکي انداز ۾ جواب ڏنو.

”پيو تہ جڏهن هيءَ هوٽل چالو ٿي ويندي، تڏهن آئون چاهيان ٿي تہ تون ان جي مئنيجر ٿي وڃين. آئون اهو سڀ توکي فاطمہ جي اڳيان نہ پئي چئي سگهيس. هن جي اندر جو شيطان ايڏو سگهارو آهي، جو اهو توکي هن بهترين موقعي کي ٺڪرائڻ لاءِ بہ تيار ڪري سگهي ٿو.“

”تون سچ پچ مون کي پنهنجي هوٽل جي مئنيجر بڻائڻ چاهين ٿي؟“ آمنہ حيرانيءَ مان پڇيو.

”بلڪل! آئون ڄاڻان ٿي تہ تنهنجو مڙس توکي ۽ تنهنجي وقت کي برباد پيو ڪري.“

”پر مون کي ان ڪم جو ڪو تجربو ناهي.“

”پريشان نہ ٿي، مون انڊيا جي هڪ شهريءَ ڪمار کي نوڪريءَ ۾ رکيو آهي، پهرين اهو هوٽل هلائيندو. ڪم جو تجربو حاصل ڪرڻ لاءِ تون هڪ يا ٻہ سال سندس نائب رهنديئن، ان ڪان پوءِ سڄي ذميداري تنهنجي هوندي.“

اهي اڃا انهيءَ موضوع تي ڳالهائي رهيون هيون تہ اوچتو هڪڙي زيورن سان سٽيل، وڏن وڏن اُرهن واري عورت وچ ۾ ٽپي پئي. هوءَ ڪولوءَ کي هڪ پاسي وٺي وئي. آمنہ سندس وڏين وڏين ڳاڙهين اکين ۽ ڀري آواز جي ڪري پريشان ٿي وئي. هوءَ ٿُن پئي لڳي. سندس ميڪ اپ ڏاڍو تيز ۽ وار گهنڊيدار هئا. هوءَ بلڪل مسخري جيان پئي لڳي.

”هوءَ عورت!“ ڪولو ان جي وڃڻ ڪان پوءِ چيو: ”اها ڪاروباري مائي هئي. سندس نالو مسز جوائي آهي. سندس ڪجهہ هوٽلون آهن. مون کي تہ انهن رَٿُن تي قياس ٿو اچي، جيڪي سندس هوٽل ۾ ڪمرو وٺن ٿيون.“

آمنہ کي اهو ٻڌي سخت لوڏو آيو. ”تنهنجي چوڻ جو مطلب ڇاهي؟“

”هن جي ڪمرن جو ڪرايو تمام گهٽو آهي، منهنجي هوٽل جي ڪمرن جو ڪرايو گهڻ هوندو.“

”اها هوٽل عام ماڻهن لاءِ ناهي؟“

"اها سيني لاءِ آهي. ان جا بہ حصا هوندا، هڪ عام ماڻهن لاءِ ۽ ٻيو رنڊين لاءِ. ڏس! رنڊين جو هجڻ گهڻن ماڻهن کي اسان جي هوٽل ۾ رهڻ تي مجبور ڪندو. ان حصي جي ڪري، ٻي حصي کي بہ فائدو رسندو."

"مذهبي لحاظ کان اهو ٺيڪ آهي؟"

"شايد. جيڪڏهن اوهان باقاعده نماز پڙهو ٿا، تہ يقيناً هو معاف ڪري ڇڏيندو. تون ڄاڻين ٿي تہ گهڻي ڀاڱي رئيس مسلمان يا تہ شراب جي فيڪٽرين ۾ ڀاڱيوار آهن، يا تہ وري اهي پاڻ شرابي آهن. ڇا توکي خبر ناهي تہ انهن رنڊين جا گهڻا ٽڪا گراهڪ مسلمان آهن؟ اسلام موجب ڏاج وٺڻ گناهہ آهي، پر هڪ بہ امير اهڙو آهي، جيڪو اهڙو ڪم نہ ڪندو هجي!؟ ڏس! توکي حقيقت پسند ٿيڻو پوندو."

قانون سازن جي زالن جي انجمن جي صدر آسابي ويجهي آئي، ۽ جوشيلي انداز ۾ ڪولوءَ سان ملي. هُن هِڪ نظر آمنہ ڏانهن ڏنو. سندس رَويي مان لڳو ٿي تہ هوءَ پهرين ڪڏهن آمنہ سان ناهي ملي. آمنہ مُسڪرايو ۽ اتان هلي وئي. هوءَ اڪيلي بيٺي هئي. اچانڪ سندس نظر الحاج ابراهيم تي پئي. اهو ڪمري جي ٻي طرف بيٺل هو. سندن نظرون مليون. هُن مسڪرائي پنهنجو مٿو لوڏيو پر آمنہ تيزيءَ سان مُنهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو.

هڪ اڌڙوٽ وهيءَ جي مهذب عورت، مُرڪندي آمنہ ڏانهن آئي.

"سلام! منهنجو نالو مسز لاڊي عبدالله آهي. آئون مئجسٽريٽ آهيان."

"آئون آمنہ هارون، بڪاروءَ جي عورت انجمن جي ڪوآرڊينيٽر."

"منهنجو مڙس اوهان عورتن جو گهڻو ذڪر ڪندو آهي." مسز لاڊي گرمجوشيءَ جو مظاهرو ڪندي چيو.

"اوهان جو مڙس ڪير آهي؟" آمنہ تجسس وچان پڇيو.

"اهو يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار آهي، ۽ اوهان جي انجمن ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکي ٿو.

"منهنجو خيال آهي تہ منهنجي ساڻس ڪا ملاقات ڪانهي." آمنہ وراڻيو.

”هو فاطمہ ۽ بلقيسوءَ کي تمام گهڻو سُڃاڻي. سندس خيال آهي تہ اها انجمن مستقبل ۾ گهڻين ڳالهين ۾ هڪڙو مثال بڻبي. هو اوهان عورتن بابت ڪتاب لکڻ تي سوچي رهيو آهي.“

ڪولوءَ جي اچڻ سبب وڏيڪ ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي سگهي، ۽ هڪڙي سنهڙين مُڇين واري، ڪاري سوٽ ۽ بو/ٽاءِ پهريل نوجوان جي اچڻ کان پوءِ مسز عبدالله هلي وئي. هو نِوڙي ڪولوءَ سان مليو ۽ مختصر ڳالهہ ٻولهہ بعد هليو ويو. ”هيءُ شهر جي جوان ڪروڙ پتين مان هڪ آهي.“ ڪولو رازدارانہ نموني ٻُڌڪي. ”هن وٽ تمام گهڻيون گاڏيون ۽ گهر آهن، پر هُن اڃا تائين شادي ناهي ڪئي. اهو هڪڙو تمام وڏو ۽ چالاڪ واپاري آهي.“

”ان جو مطلب ڇا هي؟“

”اهو بنيادي ضرورتن جون شيون ٻاهران گهرائي ذخيرو ڪندو آهي. هيءُ ڇانورن ۽ لوڻ کي ٻيهر ڏبن ۾ بند ڪندو آهي.“

”آئون ڪانہ سمجهيس، اهو ’ٻيهر ڏبن ۾ پيرڻ‘ جو مطلب؟“

”هيءُ ڇانورن کي اصل ڏبن مان ڪڍي، انهن کي گهٽائي، وري ٻيهر بند ڪري ڇڏيندو آهي.“ ڪولو وضاحت ڪئي.

”انهيءَ ڪري تون کيس چالاڪ هوشيار پئي چئين!؟“

”نہ- رڳو ايترو نہ. اهو ٺيڪا وٺڻ لاءِ رشوتون ڏيڻ، ڪوڙا دستاويز ٺهرائڻ ۽ اهڙن ٻين ڪمن جو بہ ماهر آهي. هن جي هڪڙي فيڪٽري آهي، اها بند پئي آهي پر اهو هر سال ان فيڪٽريءَ جي نالي ٻاهران شين گهرائڻ جي لائسنس جي درخواست ڪندو آهي؟ کيس لائسنس مليو بہ وڃي. پوءِ مشينري ۽ خام مال/ ڪچو مال گهرائڻ بدران اهو بهترين گاڏيون ۽ ٻيون شيون ٻاهران آڻيندو آهي. اڄڪلهہ اهو تيل جي ڌنڌي مان بہ ڪافي ڪجهہ مال ميڙي رهيو آهي. اهو ڪچو تيل خريدڻ وارين غير ملڪي ڪمپنين ۽ شِپنگ ڪمپنين کي تيل چورائڻ جا موقعا فراهم ڪندو آهي، ۽ اُهي کيس حصو ڏيندا آهن. هيءُ پنهنجو پيسو لِنڪستائن ۽ لڪسمبرگ ۾ رکندو آهي. سندس چوڻ آهي تہ اتان جون بينڪون وڌيڪ محفوظ آهن. پروسي لائق ذريعن وٽان اها بہ خبر پئي

آهي تہ کيس ۾ ٻين فولانيءَ کي رياست جي معدني وسيلن کي منظم رکڻ واري اداري جو اڳواڻ بنايو پيو وڃي.“

”اها ڪافي دلچسپ خبر آهي.“ آمنہ ڳالهہ کي ذهن ۾ رکندي پڇڪي.

”اهو ڪم مون ڪرڻ گهريو ٿي، پر ٻي ڇر ۾ منهنجي مڙس وچ ۾ تڪرار ٿي پيو.“

هڪ سگهاري جسم وارو مرد، سفيد ڪافتان ۾ ڳاڙهي ٽوپيءَ پهريل ويجهي آيو ۽ دعا سلام ڪئي، آمنہ کيس سُڃاڻندي هئي. اهو سندس مڙس جو ڪاروباري دوست هو.

”تون انهيءَ شخص کي تہ سُڃاڻندي هوندينءَ؟“ سندس وجڻ ڪان پوءِ ڪولو سوال ڪيو.

”ها! پر چڱيءَ ريت نہ_“

”آئون ٿي توکي ٻڌايان تہ اهو ڪهڙي نموني امير بڻيو. اهو هڪڙي حڪومتي اداري ۾ گدام جو محافظ هو. هُن گُدام جون سموريون شيون وڪڻي، گدام کي باهہ ڏئي ڇڏي.“

آمنہ پنهنجي جذبات تي ضابطو نہ رکي سگهي. ”ڇا؟“ سندس واتان بي ساختہ رڙ نڪتي. سندس وات بي اعتباريءَ واري حالت ۾ پٽيل هو.

”اهو سچ آهي. جنهن وقت اهو مُنشي هو ان دوران هن خزاني ۾ گهوٻي هڻي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. نيڪ هڪ هفتي بعد سندس اڳوڻي آفيس ۾ اچانڪ باهہ پڙڪي، ۽ گهوٻين بابت سمورا ڪاغذ سڙي خاڪ ٿي ويا.“

”مون کي يقين نہ پيو اچي!“

”ائين ئي ٿيو آهي. اهو سڀ ڪجهہ مون کي منهنجي مڙس ٻڌايو هو. هڪ ٻي ڳالهہ! اهو ان ”باهہ“ واري ڪم ۾ اڪيلو نہ هو هيءَ اڄڪلهہ انهن امير ترين ڪاروباري ماڻهن مان هڪ آهي ۽ سگهوئي پارلياماني سيٽ لاءِ چونڊ وڙهڻ وارو آهي.“

هڪ نوجوان ڇوڪريءَ، ڪولوءَ جي ڪن ۾ ڪجهہ چيو ۽ هوءَ دعوت جي رسمي افتتاح جي اعلان ڪرڻ لاءِ هلي وئي. آمنہ سخت بي

چيني محسوس ڪري رهي هئي. هن واپس وڃڻ لاءِ اجازت چاهي، پر ڪولوءَ جي اصرار تي ويهي رهي. هوءَ ڪنڊ ۾ ويهي مهمانن جا ڪل پوڳ ڏسي رهي هئي. ڪيس انهن کان جدائيءَ جو احساس هو. اوچتو آمنہ جون اکيون ربيءَ تي پيون. هوءَ يونيورسٽيءَ ۾ ساڻس گڏ ڪمري ۾ رهندي هئي. هوءَ ڪن مهمانن سان ڳالهين ۾ محو هئي. ربي آمنہ کان لِڪي ويئي. جڏهن ڪيس احساس ٿيو تہ آمنہ سندس ويجهو اچي رهي آهي، تڏهن هوءَ اچانڪ اتان کان هلي ويئي. سگريٽ جو دونهون ۽ مختلف قسمن جون خوشبوئون پاڻ ۾ مليل، مغز ۾ پئي ڦريون. آمنہ کي اوچتو اوڪارا اچڻ لڳا. پوءِ ڪيس احساس ٿيو تہ الحاج ابراهيم سندس پير ۾ ويٺو ڪن مهمان عورتن سان ڳالهائي رهيو آهي. هوءَ اڳتي وڌي، اچانڪ ڪولوءَ ڪيس اشارو ڪري، پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪايو.

”هيءَ مسز ناگوزي آهي. هيءَ جنرل اسپتال جي دوا تاهيندڙ اداري جي اڳواڻ آهي.“ ڪولو هڪ ٿلهي متاري پوڙهي عورت جو تعارف ڪرايو.

”بڪارو هيلٿ پروگرام ڪيئن پيو هلي؟“ هُن آمنہ جو پيرن کان چوٽيءَ تائين جائزو ورتو ۽ پوءِ تڪبّر ڀري لهجي ۾ پُڇيو.

”هيستائين تہ ٺيڪ آهي.“ آمنہ محتاط نموني جواب ڏنو.

”جهڙيءَ ريت اوهان عورتن کي منظم ڪيو آهي، ان لاءِ اوهان جي حوصلي جو داد ڏيڻو پوندو.“

آمنہ کي ان جو ڪوُ مناسب جواب نہ سُجهيو. ناگوزي ڪجهہ دير ڪولوءَ سان ڳالهائي، موٽي وئي.

”آئون ان سان واسطا وڌائڻ گهران ٿي.“ ڪولوءَ آهستي چيو. ”آئون جلد ئي شهر ۾ ڪلينڪ کولڻ واري آهيان.“

”ڇا تون پنهنجي ڪلينڪ جي دوائن لاءِ اسپتال سان رابطو ڪندينءَ؟“

”نہ! سڌيءَ ريت نہ! آئون انهن کي پيسا ڏينديس.“ ڪولو وضاحت ڪئي. ”پر معلوم ٿيو آهي تہ اها تمام گهڻو معاوضو وٺي ٿي.“

”تون دوائون ۽ طبي اوزار سڌو سنئون ٻاهران ڇو نٿي گهرائين؟“

”نجي ڪلينڪ تي حڪومت تمام گهڻو ٽيڪس مڙهي ڇڏيو آهي. هاڻ سرڪاري اسپتال جي سهاري ڪان سواءِ ڪو بہ چارو ناهي رهيو.“

”تون هڪ دفعو ٽيڪس ادا ڪر، پوءِ مريضن جي بل ۾ ٿورو ٿورو شامل ڪري، پورائو ڪجانءِ!“

”سرڪاري اسپتالن مان ضروري شيون حاصل ڪرڻ وڌيڪ سولو آهي. تون ڪاغذي ڪارروائي ۽ ٻين معاملن بابت فڪر نہ ڪر!“

آمنہ جي صبر جي حد ٿي چڪي هئي. هن اجازت گهري. هن پيري ڪولو ميجي ورتو. ٻاهر باغيچي ۾ سندن ملاقات هڪ بزرگ سان ٿي. ڪيس سفيد گائون ۽ صاف عمامو پهريل هو. سندس هٿ ۾ هڪڙي ڊگهي تسبيح هئي. هُن دير سان اچڻ لاءِ ڪولوءَ سان معذرت ڪئي.

”۽ هيءَ صاحب ڪير آهي؟“ آمنہ سندس وڃڻ کان پوءِ هڪدم سوال ڪيو.

”هيءَ ڳوٺ ڊيمبيءَ جو ضلعي اڳواڻ آهي. ڪيس ”سگهارو قرضي“ سڏيو ويجي ٿو. ڪجهہ سال اڳ، هن هڪ بينڪ مان ڪروڙين رپيا قرض ورتو هو مٿس ايترو تہ قرض هو جو خود بينڪ بہ سندس آسري تي پئي هلي. پوءِ هن قرض موٽائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ بينڪ جو ڏيوالو نڪري ويو.“

ويندي ويندي آمنہ ڪولوءَ جو شڪريو ادا ڪيو ۽ مٿس اهو واضح ڪيائين تہ هوءَ هوٽل جي نوڪري ڇڏي ڪرڻ چاهي. هُن موڪلاڻي ڪئي ۽ گاڏيءَ ڏانهن هلي وئي.

جڏهن آمنہ آئي تہ ڏٺائين فاطمہ تہ عبدالرشيد کي ڪمري اندر هڪ وڏي پلاسٽڪ جي ٽب ۾ ويهاري، وهنجاريو پئي. عبدالرشيد جي مُنهن تي مُرڪ هئي، مگر جيئن ئي فاطمہ کيس پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍيو تہ هو روئڻ لڳو. آمنہ کيس ڪنيو ٻُٽ سُڪايو ۽ ڪپڙا پهرائڻ لاءِ پيهر فاطمہ جي حوالي ڪيو. هن فاطمہ کي دعوت بابت ٻڌايو پر هُن کي ٿوري بہ حيراني نہ ٿي. ”تو جو ڪجهہ ڏٺو ۽ ٻڌو اهي سڀ تہ شروعاتي شيون/ ڳالهيون آهن. آئون انهن کان وڌيڪ ڏسي، ۽ ان کان وڌيڪ ٻُرو ٻُڌي

چڪي آهيان.“ هن پنهنجي وات مان سيفٽي پن ڪڍي، ۽ وڏي احتياط سان عبدالرشيد جي چڊيءَ ۾ لڳائيندي چيو: ”جيڪڏهن اهڙو مقابلو هجي ۽ تون جج هجين، تہ پهريون انعام ڪنهن کي ڏين؟“ هن عبدالرشيد کي آمنہ جي حوالي ڪندي سوال ڪيو.

”بيشڪ ڪولوا!“

”ڇو؟“

”ڇو جو هُن سڀ ڪجهہ سچ ٻڌايو.“ آمنہ پنهنجي ڇوڪري کي سيني سان لائي ٿڃ پيارِيندي چيو.

”تنهنجي ملاقات الحاج اي بي ڊين ساقيءَ سان ٿي؟“

”نہ!“

”اهو اڄ کان ڏهہ سال اڳ، وزارتِ تعليم جو ڪمشنر هو. ڪجهہ سال اڳ، ٻي ڇُر ڪيس لنڊن ۾ گهر وٺي ڏنو. ڪيس اهو گهر پسند نہ آيو ڇو تہ هن جي خيال ۾ اهو ننڍڙو هو. پوءِ بہ ڪيس اهو علائقو ڏاڍو وڻيو. خبر اٿئي پوءِ ڇا ٿيو؟“

”نہ!“

”هُن سڄو رستو خريد ڪري ورتو! جيڪي پيسا هِتان جي ٻارن جي تعليم تي خرچ ٿيڻ کپن ها، انهن مان لنڊن جو سڄو رستو خريد ڪيو ويو! ڪهاڻي اتي ختم نہ ٿي ٿئي. ايجنٽ ڪيس ڌوڪو ڏنو. سندس ايگريمينٽ ۾ هڪ نقطو اهو بہ هو تہ جيڪڏهن هو ٽن سالن تائين اُتي نہ رهيو تہ ملڪيت اصل مالڪن کي واپس ڪئي ويندي. اهو ٽن سالن کان پوءِ جڏهن اُتي پهتو تہ پوليس کيس اتان ڪڍي ڇڏيو.“ فاطمہ ناڪاري انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو. ”ڪولوءَ جي مڙس بابت خبر اٿئي؟ هن وٽ اهو پيسو ڪٿان آيو؟ ڏهن سالن تائين اهو ۽ ٻي ڇُر گڏجي، آفريقا جي مختلف ملڪن ۽ گروپن کي هٿيار ڏيندا هئا. اهي ڄاڻي واڻي جنگ ۽ اتي جي مسئلن کي ٽيڪ وٺائيندا رهيا، تہ جيئن ٻنهي ڌُرين کي هٿيار وڪرو ڪري سگهجن. آخرڪار ٻنهيءَ جي وچ ۾ ڦوٽ پئجي وئي. هاڻي اهو فقط بلدياتي اداري جو معمولي سيڪريٽري آهي. آئون سموري رات پنهنجن

انهن حاڪمن جون ڪهاڻيون ٻڌائي سگهان ٿي! پر آئون پنهنجو موڊ خراب ڪرڻ نٿي چاهيان."

"تنهنجي اڳوڻي مڙس جو ڇا قصو آهي؟ منهنجو مطلب آهي تہ اهو ڪيئن امير بڻيو؟" آمنہ پڇيو.

"اها بہ هڪڙي ڏکهي ۽ دلچسپ ڪهاڻي آهي. آئون بس رڳو مختصر خلاصو ٻڌايان ٿي. اهو منهنجي پيءُ سان گڏ لنڊن ۾ سفير هو. ان کان پوءِ اهو ايئرپورٽ انتظاميہ ۾ هليو ويو. اُتي گهٽي ڪمائي نہ هئڻ ڪري هن شڪايت ڪئي، ۽ پنهنجي بدلي بندرگاهن جي انتظاميہ ۾ ڪرائي، پوءِ اُتان ريلوي ۾ هليو ويو. اهو ڏهن سالن تائين اتي جو سربراهہ رهيو. سندس ان عهدي دوران، حڪومت ملڪ جي آسي سيڪڙو حصي کي ريلوي نظام جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن وٽ تمام گهڻو پيسو آيو پر اڄ پنهنجي اردگرد نظر ڊوڙايو تہ هڪ بہ نئين پٽڙي نظر نہ ايندي. ايستائين جو پُراڻين پٽڙين جي مرمت بہ نہ پئي ڪرائي وڃي. هن، ان ڪم لاءِ حڪومت ۽ غير ملڪي بينڪن کان پيسا ورتا، پر ڪيائين ڪجهہ بہ نہ! سمورا پيسا سندس ۽ دوستن جي اڪائونٽ ۾ هليا ويا."

"هو ايترا پيسا ڪٿي خرچ ڪندو هو؟"

"ڪيس تيز گاڏين جو جنون هو. سندس ابوجا، اميدوگري، نيويارڪ ۽ لنڊن جا گيريج گاڏين سان پُريا پيا آهن، جن ۾ فراري ڪارون بہ شامل آهن. يورپ ۾ ڪنهن هنڌ، هُن جون پينٽنگس بہ رکيل آهن. کيس پينٽنگس خريد ڪرڻ جو بہ وڏو شوق آهي. هو جُواري بہ هو ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ بہ ڪم ڪندو هو. هڪ رات مون کيس چيو تو مرڻ کان پوءِ کيس رڳو هڪ سفيد ڪپڙي ۾ ويڙهي، زمين ۾ دفن ڪيو ويندو. هو ايترو ناراض ٿيو جو هُن مون کي موڇڙا هنيا!"

عبدالرشيد سُمهي چڪو هو. "خبر اٿئي فاطمہ! جڏهن تون اڳ ۾ ان طبقي کي چور، ڪوڙو، ڏوڪي باز ۽ گهڻو ڪجهہ چوندي هئينءَ، جڏهن تون بحث ڪندي هئينءَ تہ پيسي هٿ ڪرڻ جو واحد ذريعو

چوريءِ ڏاڙو آهي، تڏهن آئون سمجهي نہ سگهي هيس. اج آئون سمجهي چُڪي آهيان تہ تون ڇا چوندي هئينءَ.“ آمنہ چيو.

فاطمہ پنهنجي بيگ سنڀالي. ”پاڪ ڪتاب ۾ ڪجهہ لکيل آ...“

”تو پاڪ ڪتاب بہ پڙهيو آهي...“ آمنہ ڳالهہ ڪٽيندي چيو.

”نہ پورو نہ. مون ڪن مکيہ حصن کي پڙهيو آهي، انهن ۾ هڪ هنڌ ڪجهہ ائين آهي: ’جيڪو چاهي ٿو تنهن کي ڏنو وڃي ٿو ۽ ان کي گهٽ ڪجهہ ڏنو وڃي ٿو. تنهن هوندي بہ ڪانئس طلب واپس نٿي ورتي وڃي، توڙي جو وٽس پنهنجي طلب جي گهٽائي هوندي آهي...‘ ڇا اهو جملو سرمايہ دارانہ استحصال کي جائز قرار نٿو ڏي؟“ هن پُڇيو.

ٿوري دير لاءِ گهري سوچ کان پوءِ اچانڪ فاطمہ پرجوش ٿي ويئي. آئون توکي اهو ٻڌائڻ تہ پلجي ويس، مون کي ”جبرائيل بالا محمد ميموريل“ ۾ علم ۽ معاشري جي عنوان تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ سڏيو ويو آهي. ان ليڪچر کي سرڪاري ريڊيو ۽ ٽي. وي چينلن تي سنئون سڌو ڏيکاريو ويندو. اتي يونيورسٽيءَ جي سوين شاگرد ۽ شاگرديائين کان سواءِ ڊپٽي گورنر، ڇهہ ڪمشنر، جن ۾ محڪمہ تعليم جو رياستي ڪمشنر، چيف جج، وائيس چانسلر ۽ ستن تعليمي شعبن جا اڳواڻ بہ هوندا. اهو مون لاءِ هيستائين جو سڀ کان بهترين موقعو آهي، ۽ آئون ان جو پورو پورو فائدو وٺڻ گهران ٿي. مون انتظام سنڀاليندڙن کي، پروگرام کان اڳ پنهنجي لکيل حالت ۾ تقرير پيش ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. توکي ان جو خلاصو ٻڌايان؟“

”ڇو نہ!؟“

فاطمہ اُٿي بيٺي، پنهنجي بيگ مان ڪجهہ ڪاغذ ڪڍيا، ۽ پوءِ فريج مان پاڻيءَ جي هڪ بوتل ۽ گلاس کڻي آئي. هُن پاڻي پيو، گلو صاف ڪيو ۽ پوءِ ڪجهہ چوڻ کان اڳ پنهنجي ڪپڙن کي درست ڪيو:

”بين الاقوامي سياست ۾ ٿوري گهڻي دلچسپي رکندڙ شخص بہ اهو ڄاڻي ٿو تہ ڪن مغربي ملڪن جو اسان جي روزمره جي زندگيءَ تي وڏو اثر آهي. گذريل ڪجهہ ڏهاڪن دوران اسان جي اندروني معاملن ۾

سندن دخل اندازي لڳاتار وڌندي وڌندي خطرناڪ حد تي رسي چڪي آهي. بيشڪ ان جو سبب سندن معاشي، سياسي ۽ فوجي طاقت آهي. سندن طاقت جو اصل بنياد ڪهڙو آهي؟ اها حد کان وڌيڪ طاقت ڪٿان آئي؟ سندن ان طاقت جو راز دراصل سندن علمي جاڳرتا ۾ آهي.

"اسان جي ملڪ ۾ هر سال ستن مهينن کان مٿي مينهن پئي ٿو پر اسان اجا تائين پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ، ان کي صاف ڪرڻ ۽ هٿيڪي ڪرڻ جي قابل ناهيون ٿي سگهيا. اسان جي ملڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ڪلاڪ ڏينهن ۾ روشني هجي ٿي، پر اسان اجا تائين شمسي توانائيءَ جو صحيح استعمال ناهيون ڪري سگهيا. اسان وٽ سيني کان وڌ ڪارائتا ٻوٽا ۽ ڦل آهن، پر اسان اجا تائين ذاتي ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ، انهن مان دوائن ٺاهڻ جي لائق ناهيون ٿي سگهيا. اسان جي زمين ۽ اسان جا هٿ واندا آهن، اسان انهن وسيلي خوراڪ پيدا نٿا ڪريون، اسان روڊ رستا ڇو نٿا جوڙيون؟ اسان ڪپڙو ڇو نٿا تيار ڪريون؟ اسان اهڙا ڪم ڇو نٿا ڪريون، جنهن سان اسان جو ملڪ ترقي ڪري ۽ عام ماڻهو خوشحال ٿئجي؟ هر طرف سوال آهن! ان جي اپٽڙ اسان وٽ ڪوڙ ساريون يونيورسٽيون ۽ ريسرچ جا ادارا به آهن!"

"اسان جون يونيورسٽيون علم پيدا ڪرڻ لاءِ ناهن جوڙيون ويون. انهن ادارن ۾ ته وڏي محنت ساڻ روايتي جهالت کي برقرار رکيو پيو وڃي، ۽ نئين جهالت کي جنم ڏنو پيو وڃي. علم پيدا ڪرڻ جي صلاحيت حاصل ڪرڻ لاءِ، پهرين ته اسان کي سچ ڳالهائڻ سکڻو پوندو. وهم پرستي ۽ تقدير پرستيءَ واري ماحول ۾ سائنس وڏي ويجهي نٿي سگهي!"

"اسان کي علم جي حاصلات لاءِ پنهنجين يونيورسٽين ۽ ادارن مٿان ڀروسو ڪرڻو پوندو، ته جيئن پنهنجن مسئلن ۽ ضرورتن کي سامهون رکي، مسئلن جو حل ڳولي سگهجي. ان لاءِ اسان جي سياستدانن کي ٽون نظرين کي قبول ڪرڻ واري ذلت سهڻي پوندي. موجوده وقت ۾ اسان جا گهڻي ڀاڱي حاڪم ڪا ٻي ٻولي لکي يا پڙهي نٿا سگهن."

”بي ڇُر جون خواهشون ڪهڙي نظام جو احسانمند آهن؟ ان کي سمجهڻ لاءِ اسان کي مغربي تاريخ، مغربي دوائن، مغربي فلسفي، مغربي ادب، مغربي نفسيات ۽ مغربي معاشي نظام جو مطالعو ڪرڻو پوندو.

”اسان جي پهاڪن: ’هانجن جمينہ اڪوائي ناچي، اڪوائي نازو باروا.‘ ان جو مطلب آهي، ”اُٺ پڪيءَ جي آنبن جو ڪجھہ حصو ڪاڏو وچي ٿو ۽ ڪجھہ اُڇلايو وڃي ٿو.“

”اسان کي ماڻهن جي نظريات جي عزت ڪرڻي پوندي، بيشڪ اهي پل تہ اسان جي خلاف ئي هجن. اسان کي ماڻهن جي محنت جو قدر ڪرڻو پوندو ۽ طاقت سارُو صلو ڏيڻو پوندو. اسان کي ماڻهن جي بهترين صلاحيتن کي منظرِعام تي آڻڻ لاءِ بهترين ماحول پيدا ڪرڻو پوندو.“

”معاشري ۾ هر شخص کي علم بنسبت پنهنجو رَويو بدلائڻو پوندو. اسان کي رڳو مذهبي علم لاءِ نہ پر هر علم حاصل ڪرڻ جي بُک پيدا ڪرڻي پوندي. اسان کي سبب ڳولڻ، خيالن جي اظهار ڪرڻ، ايجاد ڪرڻ ۽ نوان رستا ڳولڻ جي سکيا وٺڻي پوندي. اسان اهو نٿا مڃي سگهون تہ اسان علم جي حاصلات ۾ ناڪام ثابت ٿيا آهيون، اسان معاشي ترقيءَ ۾ ناڪام ٿياسين ۽ اسان پنهنجي تهذيب کي غلاميءَ جي روايتن تي آڏڻ چاهيون ٿا.“

”اسان کي پنهنجو علم، اردگرد پکڙيل هيبت ناڪ غربت جي خاتمي لاءِ استعمال ڪرڻو پوندو. ڇو تہ غربت ترقيءَ جي راھہ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. سوچڻ لائق اِها ڳالھہ آهي تہ آخر اسان جا مذهب ۽ روايتون ڪرپشن، جهالت، سُستي، ڪاهلي، ۽ هٺ وڏائيءَ جي اجازت ڇو نٿا ڏين؟“

”جيستائين اسان بين جي جوڙيل علم تي ياڙيندا سين، تيسين اسان کي، علم کي ڏاهپ ذريعي استعمال ڪندڙن جو محتاج رهڻو پوندو. انهيءَ جملي سبب، سون کي پنهنجي بهترين دوست بي ڇُر جو بيهر ذڪر ڪرڻو پوندو. جيستائين اسان پنهنجي معدني وسيلن جي ڳولا، استحصال ۽ وِڪري جي ڏس ۾ بي ڇُر مٿان ياڙيندا سين، تيستائين

اسان غلام رهنداسين. بي چُر پنهنجي علم وسيلي اسان سينيءَ کي پيو ڦيرا ڏياريندو.“

”اسان کي بي چُر مان سکڻ جي ضرورت آهي. اهو تخليقي صلاحيتن ۽ ڪاميابين جي حمايت ڪري ٿو ان جملي جي باوجود، منهنجي سيني عورتن ۽ مردن کي درخواست آهي ته ڪڏهن به بي چُر تي يقين نه ڪجو. سندس ڪافي ڳجها منصوبا آهن. سندس مستقل دوست يا دشمن ناهن. هو بس رڳو مستقل مفادن جو قائل آهي.“

”هر ڪنهن ترقي يافته معيشت جو بنياد علم جي پيداوار، مدد ۽ حمايت ۽ ان جي استعمال سان جُڙيل آهي. اسان جي عرب وڏڙن سموري دنيا تي حڪومت ڪئي، ڇو جو اهي گهڻن علمن جا ڄاڻو هئا. اهي علم فلڪيات ۾ ايتري قدر ماهر هئا، جو انهن ستارن کي ڳولي لڌو ۽ کين نالا ڏنائون. اڄ اها حالت آهي جو گهڻا عرب هڪڙو سادو سودو نقشو به نٿا سمجهي سگهن.“

”جبرائيل بالا محمد هڪ دانشور، استاد ۽ سياسي طور متحرڪ شخص هو. هن علم جي بنياد تحت، معاشري جي نئين سِر اڏاوت لاءِ ويڙهه ڪئي. هڪ پيري هن مون کي چيو هو ته سندس زندگيءَ جو مقصد سچائي ۽ علم جي تلاش آهي. اچو اسان سڀ بالا جي سفر کي جاري رکون.“

”جهالت غلاميءَ ڏانهن ڏڪيندي آهي، ۽ علم آزاديءَ جي راهه ڏيکاريندو آهي. علم طاقت آهي.“

”منهنجين ڳالهين ٻڌڻ لاءِ، اوهان جي مهرباني!“

## باب تيرهون

گذريل ڪن هفتن کان هڪ خيال لاڳيتو آمنه جي ذهن ۾ ڦرندو پئي رهيو: خوراڪ ملڻ جي صورت ۾ ماڻهو ان کي ڪائي ويندا، وسيلن تائين پهچ جي حالت ۾ اهي پاڻ خوراڪ پيدا ڪندا. هوءَ پنهنجي بيڪار زمين بابت سوچي رهي هئي. هُن سوچيو ته جيڪڏهن عورتن کي ٻني کيڙڻ سيکاري وڃي، ته اهي فصل پوکي، پاڻ ۾ ورهائي ڇڏينديون. هن سوچيو ته شايد مٽان ڀين عورتن وٽ به بيڪار زمين هجي، ۽ اهي ان خيال جو آڌرڀاءُ ڪن، ۽ پنهنجي زمين ڏئي ڇڏين. ”جيڪڏهن عورتون ساٿ ڏين... جيڪڏهن اهي وسيلن کي ونڊڻ ورهائڻ واري تحريڪ جو آڌرڀاءُ ڪن... غريب ماڻهو پنهنجي پيرن تي بيهڻ لائق ٿي، پنهنجي محنت جو ڦل ماڻيندا... سهڪار ئي مسئلن جو حل آهي.“

”سلام بيگم صاحبا!“ هڪ آواز سوچن ۾ رُخنو وڌو. فاطمه ۽ بلقيسو ڪمري ۾ داخل ٿيون.

”هي اوهان لاءِ!“ بلقيسو عبدالرشيد ڏانهن رانديڪن ۽ ڪپڙن سان ڀريل بيگ وڌائيندي چيو ”آئون ڪانو وٺي هيس، ۽ اتان خاص تولاءِ اهي آندا اٿم.“ هوءَ عبدالرشيد مٿان جُهڪي ۽ بيگ مان هڪ رانديڪو ڪڍي سندس اڳيان رکيائين. هو خوشيءَ مان ٽهڪڙا ڏيڻ لڳو ۽ رانديڪي کي هٿن ۾ پڪوڙي ورتائين.

”ڏين ڀاڪي مبارڪ موڪلي آهي.“ فاطمه فخريه انداز ۾ چيو ”آئون ڪالهه رات ساڻس گڏ هيس.“

”هن جا ڪهڙا حال آهن؟“

”هوءَ! نيڪ...“ فاطمه جواب ڏئي پاڻيءَ ڍڪ پيتو.

"ربيڪا ۽ مختار ڪيئن آهن؟"
"اهي دوست تہ آهن، مگر..." بلقيسو ڏکھو ساھہ ڀري چيو.
"مگر ڇا؟" آمنہ سوال ڪيو.
"هڪڙو مسئلو آهي. مختار هُن سان ايتري محبت نٿو ڪري، جيتري هوءَ هُن سان ڪري ٿي." بلقيسو چيو. "ان مسئلي جي وضاحت ڪرڻ ڏاڍي مشڪل آهي."
"مختار اڪثر مون سان ملڻ ايندو رهندو آهي. ربيڪا جو خيال آهي تہ منهنجي ۽ سندس وچ ۾ ڪوئي چڪر آهي، ان ڪري هوءَ مون سان گهڻو ڳالهائي بہ نٿي." فاطمہ چيو. "هو هن سان بہ اڪثر ملڻ ويندو رهندو آهي. هوءَ بدگماني ۽ عدم تحفظ جو شڪار آهي. ايمانداريءَ سان چوان تہ مختار ڪڏهن بہ ساڻس ڪو سنجيده واعدو ناهي ڪيو ۽ اهو سڀ کان اهم مسئلو آهي، خاص طور ربيڪا لاءِ."
"ربي ڪٿي آهي؟" آمنہ پُڇيو.
"هوءَ ٺيڪ آهي، ڪَيس ڇوڪري ڄائي آهي. ان جو نالو جميلہ رکيو آهي."
"مون ڪيس ڪولوءَ جي دعوت ۾ ڏٺو هو پر هوءَ پاسو مٽائي وئي. مون تہ ساڻس ملي، تعلقات ٺيڪ ڪرڻ پئي چاهيا."
"اها تہ سٺي ڳالهہ آهي." فاطمہ مٿو لوڏي وراڻيو. "انهن ننڍن وڏن جهيڙن جهٽن لاءِ زندگي تمام ننڍڙي آهي. آئون اوهان ٻنهيءَ جي ملاقات ڪرائڻ جي ڪوشش ڪنديس. توڙي جو منهنجي اندازي مطابق ربي توسان ملڻ لاءِ راضي نہ ٿيندي."
"وقت ڪيئن گذريو وڃي!" آمنہ چيو.
آمنہ انهن ٻنهيءَ کي پنهنجي سهڪاري تحريڪ واري نظريي بابت ڄاڻ ڏني.
"اهو تہ شاندار منصوبو آهي، مگر آئون." بلقيسو جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.
"آئون ان نظريي کي ڀليڪار ٿي چوان، مگر مون کي ان جي ڪاميابيءَ جي اميد نہ آهي." فاطمہ چيو.

”ڇوا؟“ آمنہ جواب چاهيو.

”ڏس! هن ضلعي ۽ رياست جا امير ماڻهو خاموشيءَ سان ويهي، توکي اها تحريڪ هلائڻ نہ ڏيندا. اهي هر طريقي سان توکي روڪڻ جون ڪوششون ڪندا. اهي عدمِ تحفظ ۽ تنگ نظريءَ جو ان حد تائين شڪار آهن، جو ان عمل سان سندن طاقت ۽ دولت کي خطرو پيش ايندو.“

”فاطمہ! تون شايد منهنجي ڳالهہ جو مطلب ناهين سمجهين.“ آمنہ سنجيدگيءَ سان چيو. ”آئون سيني هارين، بي روزگارن ۽ مزدورن کي گڏ ڪرڻ جي ڳالهہ نہ پئي ڪريان، صرف ڪن عورتن کي گڏ ڪرڻ چاهيان ٿي. آخر اهي بہ طبقا مِلي جُلي، خوشيءَ سان معاشري جي بهتريءَ لاءِ ڪو ڪم ڇو نٿا ڪري سگهن؟ مون کي نہ ڪرڻ جو ڪو سبب نٿو سُجهي. اسان کي پنهنجي جاءِ ۽ ذميوارين کي ورهائڻ سکڻو پوندو.“

بلقيسو ڪِلي- ”اسان جا حاڪم تہ ڪجهہ بہ ورهائڻ لاءِ تيار ناهن.“

”ٺيڪ آهي. اسان هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين.“ فاطمہ آمنہ کي يقين ڏياريو. ”اسان اسپورٽ گروپ جي اجلاس ۾ ان تي ڳالهائينداسين. پنهنجي سِر آئون محڪمہ زراعت ۽ مزدورن جي تنظيم جي ميمبرن سان بہ رابطو ڪنديس. آئون ڪيمپس ۾ امدادِ باهميءَ جي معاملن جي ماهرن سان تنهنجي ملاقات جو بہ بندوبست ڪنديس. اهي گڏيل سهڪار جي ان تحريڪ جي ڪاميابيءَ جي امڪانن، ۽ ان ۾ موجود مونجهارن تي ڳالهائي تمام گهڻو خوش ٿيندا.“

”آئون پنهنجي پيءَ سان ڳالهہ ڪري، ڪجهہ پيسا بہ وٺنديس. اسان ان صلاح تي ضرور عمل ڪنداسين.“ بلقيسو غسل خاني ڏانهن ويندي چيو. فاطمہ بہ ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي ۽ ڪجهہ دير بعد عبدالله کي وٺي آئي.

”هاڻ آمنہ کي ٻڌاءِ تہ هينئر تو ٻاهر ڇا ڏٺو هو؟“ فاطمہ حڪم ڏنو. عبدالله جو ڪنڌ هيٺ هو ۽ اکين تي ساڄو هٿ رکيل هئس. ”چڱو هاڻ ڇڏيو! اسان سڀ ٻڌون پيا.“ آمنہ سندس همت وڌائي.

”آئون فاطمہ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ هن جهيڻي آواز ۾ چيو.

سڀ کلڻ لڳيون. فاطمہ سندس هٿ ڇڏيو ۽ هو ڪمري مان ٻاهر ويو. ٿوريءَ دير بعد هو واپس موٽيو. ”مون کي ڪجهہ پڇڻو هو.“ هن چيو. ”آئون ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ اوهان ڪٿان جون آهيو؟“

فاطمہ سندس هٿ جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ چيو: ”منهنجو پڙڏاڏو ڪنهن عرب ملڪ جو هو. اهو عرب هو. صحيح نموني معلوم ناهي تہ اهي ڪڏهن آيا ۽ ڇا ڪندا هئا. پر مون کي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اهو هتي نديءَ جي ڪناري، ڪن دوستن سان گڏ رهيو هو. منهنجو ڏاڏو هڪ واپاري ۽ مذهبي اڳواڻ هو. اهو تمام گهڻو پڙهيل لکيل شخص هو. سندس لائبريري تمام وڏي هئي. هُن تمام پري جو سفر ڪيو هو. منهنجو پيءُ اڄ بہ حيات آهي، انهن قاهره يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ سفير رهي چڪو آهي. آئون پڻ ساڻس گڏ ڪافي ملڪن جو سير ڪري چڪي آهيان.“

”منهنجي پڙڏاڏي بہ عرب هئي. هوءَ نديءَ کي ويجهو رهندڙ ڪنهن شخص جي اڪيلي ڌيءُ هئي. سندس پيءُ، اُن آباديءَ جو اڳواڻ هو. منهنجي پڙڏاڏيءَ کي ڏهہ ٻار هئا. منهنجي ڏاڏيءَ اڌ عرب ۽ اڌ شوآ هئي. سندس تعلق بہ هڪ مذهبي گهراڻي سان هو ۽ کيس نَو ٻار هئا. منهنجي والده شوآ آهي. منهنجي پيءُ جي شادي قاهره وڃڻ کان اڳ ٿي هئي، پر اولاد قاهره کان واپسيءَ کان پوءِ ٿيو. سندس پنج ٻار هئا، جن مان هڪڙو فوت ٿي ويو. منهنجا ٻہ وڏا ڀاءُ آهن، جيڪي يورپ ۾ رهن ۽ ڪم ڪن ٿا. اهي سڀ ٻارن ٻچن وارا آهن. منهنجي هڪ ڌيءُ آهي ۽ آئون اڃا پڙهان پئي.“ فاطمہ پنهنجي بيگ مان ڪجهہ فوٽو ڪڍيا، ۽ عبدالله کي ڏيکاريا. هو اهو سڀ ڪجهہ غور سان ٻڌي رهيو هو. ”هيءُ منهنجو ڏاڏو پنهنجي قرآن اسڪول اڳيان، شاگردن سان گڏ بيٺل آهي. هتي پاڻ لائبريريءَ ۾ ويٺو آهي. پاڻ اڪثر چوندا هئا تہ ’جنهن گهر ۾ ڪتاب نہ هجن، اهو اهڙي گهر وانگي آهي، جنهن ۾ دريون نہ هجن.‘ هيءَ ندي ڪناري منهنجي ڏاڏي بيٺي آهي. هيءُ منهنجو پيءُ وائيٽ هائوس ۾ اڳوڻي آمريڪي صدر سان گڏ، هتي هو لنڊن ۾ اڳوڻي وزيراعظم سان گڏ،

هي ٽوڪيو ۾ مون سان گڏ. هو قونصل خاني ۾ پنهنجا سرڪاري دستاويز پيش ڪري رهيو آهي، ڇو ته هتي اسان سعودي عرب ۾ آهيون. آئون شوآ عرب آهيان! منهنجو قبيلو چاڊ نديءَ جي ويجهو آباد آهي. اڄڪلهه ان قبيلي جا ماڻهو هر هنڌ موجود آهن.“

”تنهنجا ماءُ پيءُ هاڻ ڪٿي آهن؟“

”اهي ميدوگريءَ ۾ آهن.“

”تنهنجي ڏيءَ؟“

”انهن سان گڏ.“

”تنهنجون ٻيون سهيليون ڪٿي جون آهن.“ عبدالله آمنه کان پُڇيو.

”ربيڪا زورو جي آهي. سندس پيءُ تمام وڏو پوليس آفيسر آهي. گلوريا، زينگون قتاف جي آهي. سندس پيءُ هاري آهي. بلقيسو آزير جي آهي. سندس پيءُ رياست جو ڊپٽي گورنر آهي.“

”اوهان مون کي ٻيون ڪهاڻيون ڪڏهن ٻڌائينديون؟“ عبدالله پُڇيو.

”تمام جلد! آئون توکي علي بابا ۽ چاليهه چورن واري ڪهاڻي ٻڌائينديس. توکي الف ليليٰ جي ڪهاڻين مان بابا عبدالله جي ڪهاڻي وڻي هئي؟“

”جي! ڏاڍو مزو آيو هو.“

”توکي ڪهاڻيءَ جو مطلب سمجهه ۾ آيو هو؟“

”نه!“

”پنهنجي پيءُ کان ان ڪهاڻيءَ جو مطلب پڇجانءِ!“ فاطمه مُرڪندي چيو.

”ٺيڪ آهي! وڏي وڏي مهرباني!“ اهو چئي هو ڪمري کان ٻاهر ڀڄي ويو.

”ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي عبدالله سان ڳالهه ٻولهه ٿي هئي.“ فاطمه چيو. ”ان وقت ته آئون کِلندي-ڪُڏندي رهيس، پر پوءِ مون کي معاملي جي سختيءَ جو احساس ٿيو. اسان زندگيءَ ۽ ماڻهن بابت عام رواجي ڳالهيون ڪيون هيون. هُن مون کي ٻڌايو ته دنيا ۾ چڱا ۽ مَنا ماڻهو

ھوندا آھن. امير ماڻھو چڱا ۽ غريب خراب ھوندا آھن. ھُن مون سان بحث ڪيو تہ امير ان ڪري سٺا ھوندا آھن، جو اھي غريبن کي ڪاڏو ڪارائين ٿا، حج ڪن ٿا، نماز پڙھن ٿا، چوري ڪون ٿا ڪن، سٺا ڪپڙا پھرين ٿا ۽ پنھنجن ٻارن کي مھذب بڻائڻ لاءِ اسڪول موڪلين ٿا! سنڊس چوڻ مطابق غريب انھيءَ ڪري خراب ھوندا آھن، جو اھي ھر وقت يا اميرن کان خيرات پِنندا آھن، يا وري چوريءَ جي ڪوشش ڪندا آھن، ۽ اھي، اھو ڪجھ نٿا ڪن جيڪو امير ماڻھو ڪندا آھن. پرورش دورانٰ مون پڻ اھڙو ئي ڪجھ سِکيو ھو.“

—

جنھن مھل فوڪس ويگن پارڪنگ ۾ اچي بيٺي، ان مھل آمنہ عورتن جي انجمن جي ھيڊ ڪوارٽر ۾ ويٺي اخبار پڙھي رھي ھئي. ھوءَ ٻاھر نڪتي تہ ڏٺائين فاطمہ سامھون بيٺي ھئي، ۽ ھڪ پوڙھو شخص گاڏيءَ مان ٻاھر اچي رھيو ھو. فاطمہ مُرڪندي آمنہ ڏانھن وڌي، ”ھيءَ بيگم آمنہ ھارون آھي.“ فاطمہ چيو. ھُن اھو جملو اھڙي انداز ۾ چيو ڄڻ تہ ڪنھن سربراھہ جو ٻئي ملڪ جي سربراھہ سان تعارف ڪرائي رھي ھجي. آمنہ ان جملي جي شان پٽاندڙ مھمان جو آڌرڀاءُ ڪيو. ”آئون يونيورسٽيءَ جو ليڪچرار پروفيسر عدي عبدالله آھيان. آئون گڏيل سھڪار جي معاملن جو ماھر آھيان.“ پروفيسر پنھنجو تعارف پاڻ ڪرايو. آمنہ مُرڪندي سندس آڌرڀاءُ ڪيو. ھو ھڪڙو ڏگھو ۽ ٿلھو ماڻھو ھو. ھُن کي ڇوٽين ٻانھن واري سادي سفيد قميص، ۽ ڪاري پتلون پاتل ھئي.

آمنہ کيس اندر وٺي وئي. پوءِ درين کي مڪمل طور کولي ويھي رھي. پروفيسر بيٺي بيٺي، منڙي آواز ۾ ڳالھائڻ شروع ڪيو. ”مون کي اوھان جي گڏيل سھڪار واري تحريڪ جو خيال تمام گھڻو وڻيو. فاطمہ مون کي عورتن جي انجمن جي ڪارروائين بابت ڄاڻ ڏئي چُڪي آھي. اصل ۾ آئون اوھان جي سرگرمين ۾ تمام گھڻي دلچسپي رکان ٿو. گڏيل سھڪار واري تحريڪ، معاشري ۾ سماجي ۽ معاشي طاقت بڻجي اُڀري

سگھي ٿي، پوءِ بہ اسان جي ملڪ ۾ اڄڪلهہ گڏيل سهڪاري تحريڪ ڪمزور بلڪ اڻ لڀ بڻجي چڪي آهي. جڏهن تہ اصولي طور اها معاشري جي تبديليءَ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي تہ هارين ۽ ٻين بي روزگار ماڻهن کي هارپي، ٻين ڪاراڻتن ڪمن ۽ سماجي ڀلائيءَ لاءِ برابريءَ واري شرڪت تحت گڏ ڪري سگهجي ٿو."

"ڪاروبار کي بہ تہ گڏيل سهڪار ذريعي هلائي سگهجي ٿو." فاطمہ وچ ۾ ڳالهايو.

"توهان درست ٿي چوين، پر اهو وڌيڪ مُنجهيل ڪم آهي." هن جواب ڏنو. هن وڌيڪ گرمجوشيءَ سان پنهنجي موضوع تي ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ هو ڏکين لفظن، نظرين ۽ اصطلاحن جي وضاحت ڪرڻ کان سواءِ ئي تيز تيز ڳالهائيندو رهيو. فاطمہ تيزيءَ سان پوائنٽس لکندي رهي. آمنہ کي اندازو ٿي ويو تہ اهي ٻئي هڪ ٻئي کي چڱيءَ ريت ڄاڻن ٿا.

"آئون اوهان کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان، تہ گڏيل سهڪار جي تحريڪ جي ڪاميابيءَ جو دارومدار حڪومتي پاليسيءَ تي آهي. ڪن ملڪن ۾ ملڪي ترقيءَ جي شرح کي وڌائڻ لاءِ، ان کي تمام اثرائتي نموني استعمال ڪيو ويو آهي. اها ڪا لڪل ڳالهہ ناهي، تہ اسان جي ملڪ ۾ زراعت کي ڪيترن ئي سالن کان نظر انداز ڪيو پيو وڃي. جيڪڏهن اسان زرعي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ سنجيده آهيون، تہ پوءِ گڏيل سهڪار بهترين طريقو آهي. ان جي مدد سان ٻهراڙيءَ جي شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ۽ ٻين سماجي، سياسي ۽ معاشي مسئلن کي حل ڪري سگهجي ٿو."

آمنہ کي محسوس ٿيو تہ سندس گهٽيون ڳالهيون ساڻن واسطو نہ پيون رکن. تنهنڪري سندس دلچسپي گهٽجي ويئي. هن پروفيسر کان رڳو ايترو ٻڌڻ گهريو ٿي، تہ اهو ڪم ممڪن آهي يا نہ۔ پروفيسر عبدالله جو ان طرف ڌيان نہ هو، تہ اهي ڳالهيون سمجهن بہ پيون يا نہ!

”مصر جي اڳوڻي صدر عبدالنصير، گڏيل سهڪار واري نظريي جي ڪمزوريءَ تي ڳالهائيندي چيو هو ته شهرن جو هڪڙو استحصالي طبقو هر وقت مضبوط ۽ بنيادي تبديليءَ کي روڪڻ لاءِ تيار هوندو. آئون اوهان کي خبردار ڪرڻ ٿو چاهيان ته اوهان جي گڏيل سهڪار واري تحريڪ اڳيان پڻ اهڙو مسئلو اچي سگهي ٿو.“ هن فاطمه سان اکيون ملائيندي چيو: ”گڏيل سهڪار واري تحريڪ ذريعي ڪيترائي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. پيسيل هارين ۽ غريب غربن کي به گڏ ڪري سگهجي ٿو يا وري اهي پنهنجي نموني گڏيل سهڪار تي راضي ٿي وڃن. اهڙيءَ طرح اهي پنهنجو پاڻ کي سياسي لُٽيرن ۽ غنڊن کان به پري رکي سگهن ٿا. ڪين معاشي طور به فائدو رسندو. گڏيل سهڪار وڏندو ۽ تعداد ۾ پڻ واڌارو ٿيندو ويندو...“

”...اسان جي گڏيل سهڪار ۾ رڳو عورتون شامل آهن.“ آمنه ڳالهه ڪاٽي.

”ان صورت ۾...“ هن معذرت ساڻ چيو. ”اوهان جو سڀ کان وڏو مسئلو عورتن کي تيار ڪرڻو پوندو. اوهان وٽ زمين ڪٿان ايندي؟“

”مون وٽ ڪجهه زمين آهي.“ آمنه جواب ڏنو.

”اوهان ٻج، پوک جو سامان، مشينري ۽ ٻيا اوزار ڪٿان حاصل ڪنديون؟“

”مون مزدور يونين ۽ محڪمهءِ زراعت سان رابطو ڪيو آهي، اهي اسان کي مشينري ۽ جديد ٽيڪنالاجي فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهن.“ فاطمه جواب ڏنو.

”اڇا...!“ هُن متاثر ٿيندي چيو.

”ان جو ڇا مطلب آهي؟“ آمنه پُڇيو.

”ان جو مطلب اهو آهي ته اهي اسان جي زمين بنا معاوضي کيڙيندا. اهي اسان کي ٻج، ماهر ڊرائيور... گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال تائين مهيا ڪندا. ايندڙ سال يا ته اسان اهو سڀ مسواڙ تي وٺنداسين يا پوءِ وري مالي خساري سبب گهٽ قيمت تي خريد ڪنداسين.“ فاطمه وضاحت ڪئي.

"ڇا توهان ان تحريڪ کي منظّم ڪرڻ لاءِ ڪا منصوبا بندي ڪئي آهي؟"

"آئون هينئر ان تي ئي ڪم ڪري رهي هيس." آمنہ جواب ڏنو.

"تہ پوءِ ڪنهن جو پيون انتظار ڪريو؟" هُن خوشيءَ وچان چيو.

"ماهر جي راءِ ۽ پوءِ رجسٽريشن جو." فاطمہ اطمينان سان وراڻيو.

"ان تحريڪ ۾ هر موقعي تي راءِ ڏيندي، آئون تمام گهڻي خوشي محسوس ڪندس." هن پنهنجي بيگ کڻي يقين ڏياريو ۽ خدا حافظ چئي هليو ويو.

جڏهن سندس گاڏي وڃي چُڪي، تڏهن آمنہ هڪ ٽهڪ ڏنو. "ماهرن جي راءِ کان وڌيڪ بيو ڪجهہ ڪونهي ڪو. هو مون کي سمجهائڻ بجاءِ، مُنجهائي رهيو هو. شڪر آ جو تون گڏ هئينءَ، آئون تہ ڪيس ڪڏهن ڇڏيان ها! سمورا ماهر اهڙائي هوندا آهن؟"

"اهو ڪنهن حد تائين بهتر آهي. گهٽ ۾ گهٽ همت تہ ڏيارياڻين، اسان سان ملڻ لاءِ راضي تہ ٿيو ۽ ڪي ڪم جون ڳالهيون بہ ڪيائين. گهڻن ليڪچرارن کي تہ ڪجهہ بہ معلوم ناهي هوندو. انهن رڳو ڪتابن کي رَٽيو آهي، ۽ طوطي وانگر ليڪچرڪِي ياد ڪري ڇڏيو اٿن. ڪم کان سواءِ گهڻن تہ پنهنجي ڏاهپ کي شراب ۾ لوڙهي ڇڏيو آهي، ۽ ڪي هر وقت ڪتن وانگر ڇوڪرين جو پيڇو ڪندا رهندا آهن. انهن ۽ ڪُتن ۾ رڳو هڪ فرق آهي، جو ڪُتن جي هڪ موسم هوندي آهي، ۽ هنن جي نہ!" فاطمہ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو.

آمنہ کِلڻ لڳي. چند گهڙين کان پوءِ اهي ٻيهر گڏيل سهڪاري موضوع تي ڳالهائڻ لڳيون. "منهنجو خيال آهي تہ هيءُ اهڙي قسم جي تحريڪ لاءِ بهترين موقعو آهي."

"اِها تہ سٺي ڳالهہ آهي. هونءَ بہ هن ملڪ ۾ تمام گهڻا موقعا موجود آهن... آئون ٻُڌان پئي."

"سيئي عورتون ماني پچائين ٿيون."

"ها!"

"هن وقت تمام گهڻي بيروزگاري آهي."
"اهو بہ ٺيڪ آهي."
"اسان وسيلا هٿ ڪري سگهون ٿا."
"ڪيئن؟" فاطمہ ڏاڍي پرجوش ۽ پرتجسس لڳي رهي هئي.
"ڪي عورتون بس رڳو پنهنجي لاءِ کاڌو تيار ڪنديون آهن. آئون هڪڙو ڪاروبار شروع ڪرڻ چاهيان ٿي، جنهن جي ذريعي نوڪرين جون جايون پيدا ٿينديون، ۽ عورتن ۾ پاڻ تي ڀاڙڻ جو مادو پيدا ٿيندو."
"آئون ڪانہ سمجهيس!"
"آئون چاهيان ٿي تہ عورتون اسان کي کاڌي جو مختلف سامان ٺاهي ڏين. مثال طور ڊبل روٽي، ڊؤنٽ، ڪيڪ وغيره. اِهي شيون اُهي گهر ۾ ٺاهين ۽ اسان کي ٺاهيل شيون مهيا ڪن. ان لاءِ کين اجرت ڏني ويندي پوءِ اسان جو پيو گروپ انهن شين کي پيڪ ڪري وڪڻندو. انهن کي پڻ ان ڪم جو عيوضو ڏبو." آمنہ ڪجهہ دير لاءِ خاموش ٿي ويئي. وڏيڪ ڪجهہ چوڻ لاءِ هوءَ لفظن کي ڳولڻ لڳي. "آئون بار بار سوچيان ٿي تہ جڏهن تون ۽ تنهنجا دوست نہ هوندا تہ اسان ڇا ڪنديونسين، جلدئي تنهنجي پڙهائي مڪمل ٿي ويندي ۽ تون هلي ويندينءَ. پر مون کي هِتي رهڻو آهي. اسان وڏي مشڪل سان هيستائين پهتا آهيون، ۽ آئون چاهيان ٿي تہ هِن مقام کي مضبوط ڪيو وڃي. آئون عورتن کي ڪاروبار جو حصو بنائڻ چاهيان ٿي. مون کي ڊپ آهي تہ جيڪڏهن اسان پاڻ پيسا ڪمائڻ شروع نہ ڪيا، تہ اسان سدائين مهربانين جون منتظر رهنداسين. هر وقت پيسن لاءِ هٿ ٽنگينداسين."
"صحيح۔ آئون توسان متفق آهيان."
"آئون هن گڏيل سهڪار کي ڪنهن ٻاهرين مدد جي ٽيڪ تي نٿي بيهارڻ چاهيان. آئون هڪڙو ڪاروباري نمونو جو سهڪار چاهيان ٿي. ان سان خدمت ۽ سٺو منافعو حاصل ٿيندو. اسان جيڪڏهن پيسو نہ ڪمايو تہ اهو سهڪار ختم ٿي ويندو. ايندڙ ڪجهہ ڏينهن دوران ان صلاح تي ڪم ڪنديس. جيڪڏهن هڪڙي کائڻ پيئڻ جي شيءِ هلي

پئي، تہ پوءِ بيءَ تي ڪم شروع ڪيو ويندو. جيڪڏهن هڪڙي ضلعي ۾ ڪاميابي حاصل ٿي وئي، تہ پوءِ بي ضلعي ۾ ڪم شروع ڪري ڏبو. اسڪول وارو مثال وٺ! آئون ٻارن کي سٺي خوراڪ فراهم ڪرڻ لاءِ، شهر جي هر اسڪول ۾ ايندڙ سال جي پڇاڙيءَ تائين هڪ ڪينٽين کولڻ چاهيان ٿي. ان جو سمورو منافعو ان پروگرام ۾ پيهر لڳائي ڇڏبو."

"ڪافي عورتن کي روايتي دوائن بابت تمام گهڻي ڄاڻ آهي. ڪين ٻُوٽين – ٻُوٽن، پنن، ڦرن ۽ وڻن جي مدد سان دوا ٺاهڻ جا طريقا معلوم آهن. آئون سندن صلاحيتن کي ڪم آڻڻ چاهيان ٿي، ۽ انهن سيني کي گڏ ڪري، دوائون تيار ڪرڻ گهران ٿي. پوءِ اهي دوائون اسان کي ڏينديون، انهن کان اهو سڀ مُلهہ سان ورتو ويندو. لارائي اڄڪلهہ انهن سان ڳالهائي رهي آهي. اِهي عورتون پيسا ڪمائينديون، سندن خاندان کي ان جي ضرورت آهي. مون شروعاتي طور پيسن جي انتظام بابت ڪجهہ بہ ناهي سوچيو. پوءِ بہ ڄاڻان ٿي تہ اهو سڀ ڪجهہ آئون ڪري وٺنديس."

"منهنجي توکي درخواست آهي، ڇا بہ ٿئي، رياست، بي ڇُر يا حاڪم جماعت جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان پيسا نہ وٺجانءِ. انهن جا پيسا نياڳا آهن، ۽ خراب پيسا سٺي ڪم کي بہ تباهہ ڪري ڇڏين. انهن جا پيسا، تنهنجي ڪم جي واٽ ۾ ڏُکيائيون پيدا ڪندا."

"تو هڪ پيري چيو هو تہ حرام کي حلال ۾ تبديل ڪرڻ جي موڪل آهي."

"چيو هو-" فاطمہ مُرڪندي چيو "پوءِ بہ منهنجي صلاح آهي تہ ڪنهن بينڪ کان پيسا وٺ! ان حالت ۾ توکي رڳو سخت مالي قانونن تي عمل ڪرڻو پوندو. اسان کي نہ رڳو ٻاڻ تي، پر بين تي بہ اهو ثابت ڪرڻو پوندو تہ اسان ڪاروبار هلائي سگهون ٿا ۽ ها! لارائي، جهڙين ڇوڪرين کي ڳالهين ۽ مختلف معاملن ۾ ساڻ رکجانءِ، اهو ايندڙ نسل لاءِ انتهائي اهم آهي."

"بي شڪ! مون ڪجهہ ڏينهن اڳ ئي لارائيءَ سان ان موضوع تي ڳالهايو هو. هوءَ ڏاڍي پرجوش آهي. هوءَ ضلعي جي بين عورتن سان ان

موضوع تي ڳالهائي پئي، ۽ في الحال هتي تجرباتي طور ڪم ڪرائڻ چاهي ٿي. لاڙائي ۾ هڪ ٻي سيڪنڊري اسڪول جي ماسترياڻي بينتا ضلعي جي مختلف عورتن جي شاعري ۽ افسانا سهيڙين پيون، اهي ان ڏس ۾ هڪ گڏجاڻي به رکڻ چاهين ٿيون، جيڪا هڪ هفتو جاري رهي، ۽ ان ۾ عورتون شامل ٿي ڪهاڻيون ۽ شاعري ٻڌائين. اها سندن صلاح آهي. اُهي مختار سان انهن ڪهاڻين ۽ شاعريءَ کي ڇپائڻ لاءِ ملڻ گهرن ٿيون."

"اها تہ سٺي ڳالهہ آهي."

"ڇا تون هديجہ کي سُڃاڻين ٿي؟"

"نہ! ڪير آهي اها؟" فاطمہ کُلها لوڏيندي جواب ڏنو.

"هُن بڪاروبار خوراڪ جي معاملن ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ هوءَ پنهنجون ڪوڙ ساريون تجويزون کڻي هتي آئي هئي. هُن اسان کي مقامي پيداوار تي دارومدار رکندي، صحت جي معيار کي بهتر بڻائڻ جي طريقن کان واقف ڪيو هو. هوءَ هتي، اهڙو تجربو ڪرڻ گهري ٿي. هوءَ مائروءَ سان گڏ پنهنجو ڪم شروع ڪندي."

—

عورتن جڏهن واپس پنهنجن گهرن ڏانهن موٽڻ شروع ڪيو تہ آسمان تي هڪ ڪڪر بہ نہ هو. آمنہ مٿو کڻي ڏٺو تہ جستي ڇتين واري هڪ گهر مان تيز چمڪو سندس اکين تي پيو ۽ هن بي اختيار پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون. اهي سال جا گرم ترين ڏينهن هئا. رستن تي تمام ٿورا ماڻهو هئا، ۽ جيڪي موجود هئا، اهي پڻ وڻن جي ڇانوَ هيٺ بيٺل هئا. ٻڪريون، رڍون، ڪجهہ ڪُڪڙيون ۽ ڪُڪڙ وڻن جي ڇانوَ هيٺان سُن بيٺا، سج لهڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. سندن چهنبون کُليل ۽ اکيون بند هيون.

"گرمي سهپ کان مٿي ٿيندي وڃي." آمنہ آهستي آهستي هلندي چيو. اڄڻ ۾ سندن ملاقات ربيڪا سان ٿي. هوءَ اُپن ڪالرن واري، اڌ ٻانهن جي قميص، ڊينم جو اسڪرٽ ۽ چمڙي جو سينڊل پهريل هئي. هن

مُرڪندي آمنہ جو آڏرياءُ ڪيو. ”آئون هينئر ئي محڪمءِ صحت مان اچان پئي. محڪمي جا ڪجهہ ماڻهو ايندڙ چنڇر جي صبح جو حفاظتي ٽُڪن هڻڻ واري مهم شروع ڪرڻ لاءِ تيار آهن! پر مفت نہ!“

”ڪيترو خرچ ايندو؟“

”ايترو گهڻو نہ. پيسا ڏئي چڏيا آهن.“

”توهان جي مهرباني لاءِ ٿينڪس! تو پيسا ڪٿان هٿ ڪيا؟“

”اها ڪا ايڏي وڏي رقم نہ هئي. انهن دوائن تي حڪومت رعايت ڏني هئي.“

”حفاظتي ٽُڪا ڪهڙي بيماريءَ کان بچاءَ جا آهن؟“ فاطمہ پُڇيو.

”تون تہ ان گڏجاڻيءَ ۾ موجود هئينءَ.“ ربيڪا چيو. ”تو تہ ان سموري ڳالهہ ٻولهہ ۾ حصو بہ ورتو هو ۽ هاڻ پاڻ ئي پُڇي رهي آهين!“

”اوهہ! معاف ڪجو!“ فاطمہ معذرت ڪئي.

”ڇا کان بچاءَ جا؟“ آمنہ پُڇيو.

”گردن توڙ بخار کان بچاءَ لاءِ.“

”اها تہ مهلائتي مدد آهي.“ آمنہ چپن ۾ چيو.

آمنہ جي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ فاطمہ ۽ ربيڪا جي وچ ۾ ڇڪتاڻ کي ڪيئن ختم ڪري. هُن انهن ٻنهيءَ ۾ موجود غلط فهمين کي ختم ڪرائڻ گهريو ٿي. هوءَ ڪجهہ چوڻ لاءِ ربيڪا ڏانهن وڌڻ واري هئي تہ ربيڪا چيو: ”خدا حافظ! چنڇر جي ڏينهن صبح جو ملاقات ٿيندي.“

”خدا حافظ! مهرباني!“ آمنہ جواب ڏنو.

## باب چوڏهون

آمنہ هڪڙي فوجيءَ وانگر زندگي گذاري رهي هئي. فوجي بہ اهو جيڪو جنگ جي تياري ڪري رهيو هجي. هوءَ صبح جو سوير اُٿي وهنجندي هئي، پنهنجي ننيڙي ڪپ وهنجاري، پنهنجو ڪمرو صاف ڪندي ۽ پوءِ هيڊ ڪوارٽر وڃي، يا تہ ريڊيو ٻڌندي يا وري اخبار ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙن موقعن تي اجلاس بہ ٿيندا هئا. شام ويلي هوءَ اسڪول وڃي، مختلف ڪلاسن جو معائنو بہ ڪندي هئي. اهو ڪم ڪافي مشڪل هو. تڏهن بہ هُن: "ڪري سگهان ٿي." وارو جذبو برقرار رکيو. هن ڄاتو ٿي تہ وڏيڪ ماستريائڻين ۽ عورتن جي جوشيلي شرڪت ذريعي انهن مشڪل ذميوارين جو وزن گهٽبو. هوءَ تسليم ڪري چڪي هئي تہ عورتن جي انجمن جي ڪاميابيءَ لاءِ اهو مُلهہ ڪيس ئي ادا ڪرڻو پوندو.

ان ڪم ۾ جوشيلي شرڪت ڪانپوءِ، ڪيس عورتن جي زندگيءَ جي مختلف پاسن ڪي مُنهن ڏيڻ جو تجربو حاصل ٿيو هو. جڏهن خميس جي ڏينهن، شام ويلي هوءَ اسڪول مان ٿڪي ٽُٽي گهر آئي، تہ لارائي رُوئندي رڙندي ڪمري ۾ داخل ٿي. هُن جي ڏيڏءَ گذريل هفتي کان اسپتال ۾ داخل هئي، ۽ بيماريءَ جو ڪو پتو نہ پئي پيو. لارائي رُوئندي رڳو ايترو چئي سگهي، "منهنجي ڏيڏءَ مري وئي. هوءَ ڪجهہ دير اڳ اسپتال ۾ مري وئي." آمنہ ڪيس ڏڍ ڏيڻ چاهيو ۽ پوءِ ڪفن دفن جي بندوبست ۾ مدد ڪئي.

ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو جڏهن آمنہ هيڊ ڪوارٽر پهتي، تہ عورتن ۽ ٻارڙن جو هجوم گهر اڳيان بيٺل هو. ڪيس اهڙو ڏيک ڏاڍو وڻيو سندس پرجوش آڌرڀاءُ ڪيو ويو. هوءَ ربيڪا ۽ سندس اڳيان بيٺل پنجن

"اهو ٺيڪ آهي. اهو اڄڪلهه پنهنجي سرڪاري گهر ۾ رهي پيو."
"عورتن جي مسئلن کي کيئن پيئي منهن ڏين؟ ڏکيو ڪم آهي."
"بلڪل نه!"
"اها ته سٺي ڳالهه چئبي. آئون پنهنجي اخبار لاءِ تنهنجو انٽرويو وٺڻ گهران ٿو... هينئر ئي."
"نه! هينئر نه! شايد ڪڏهن به نه!"
"ڇو!؟"
"آئون اهو ڪم نٿي ڪري سگهان."
ڪجهه دير لاءِ ماٺ ٿي وئي. آمنه شرمائيندي ڏانهنس ڏٺو.
"مختار! تون هيءَ ڏاڙهي ڇو نٿو صاف ڪرائين؟ اها توکي سٺي نٿي لڳي."
"گهر پهچڻ سان ئي لاهي ڇڏيندس." مختار حيران ٿيندي واعدو ڪيو.
"ڀين باڪيءَ کي پڻ ڏاڙهي ڪوڙائڻ لاءِ چئجانءِ!"
"ها ها! آئون ڪيس تنهنجو نياپو ڏيندس پر مون کي خبر آهي ته هو نه مڃيندو."
"ڇو نه مڃيندو؟"
"هو پنهنجي ڏاڙهيءَ کي فاطمه کان به وڌيڪ چاهي ٿو."
هو کِليو ۽ ڀين سيني‌ءَ سان گڏ وڃي ويٺو...
"اهو قرض اسان کي قبول ناهي. نائجيريا نيلاميءَ لاءِ ناهي." ڳالهين دوران هُن مختار کي اهو چوندي ٻُڌو. "اسان کي دٻاءُ وجهڻو پوندو. اسان کين هن ملڪ کي جديد نموني جو غلام بڻائڻ نه ڏينداسين."
فاطمه وڌي آمنه وٽ آئي ۽ سموري صورتحال بابت وضاحت ڪيائين. "ضدي ۽ جاهل حاڪمن جي ماتحت وفاقي حڪومت، بين الاقوامي مالياتي اداري کان وڌيڪ رقم اُڌاري وٺڻ گهريٰ ٿي. اسان ان جي خلاف آهيون..."

مائرو ڳالهه ڪاتيندي پارڙن جي هڪ ميڙ ڏانهن اشارو ڪندي چيو: ”ڪي عورتون پارڙن ۽ مردن کي ٽُڪا هڻائڻ نه ڏيڻ ڏين.“

”سينيءَ کي ٽُڪا لڳرائڻ ڏيو. مردن ۽ پارڙن ڪِي به.“ آمنه حڪم ڏنو.

شام تائين اها مهم ختم ٿي چُڪي. جڏهن مختار وڏيون وڏيون وِکون کڻندو بلقيسو جي گاڏيءَ ڏانهن وڃي رهيو هو ته ربيڪا مُسڪرائيندي وڌي آئي. آمنه حفاظتي ٽُڪن واري مهم لاءِ پنهنجي اداري طرفان ربيڪا جون مهربانيون مڃيون. ربيڪا هڪ ڀيرو ٻيهر يقين ڏياريو ته آمنه جي ڪاميابيءَ لاءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هر ممڪن ڪوشش ڪنديون. ”اسان ايندڙ هفتي ٻيهر ڪيمپ لڳرائڻ جو بندوبست ڪيو آهي، ته جيئن باقي رهيل ماڻهو به ان سهوليت جو فائدو وٺن.“ ربيڪا گاڏيءَ ڏانهن ڊوڙندي چيو.

”معاذ ڊين لامي، گڏيل سهڪار واري تحريڪ جا ڪاغذ پري، اهي جمع ڪرائي ڇڏيا آهن ۽ پروفيسر عدي عبدالله اسان جو ضامن آهي. ان جو مطلب ته اوهان جي گڏيل سهڪار واري تحريڪ سرڪاري طور رجسٽر ٿي وئي آهي.“ فاطمه تصديق ڪئي. ”معاذ يونيورسٽيءَ ۾ زرعي شعبي جي ڪجهه شاگردن سان رابطو ڪيو آهي، ۽ اهي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن.“

”مهرباني! مون نٿي ڄاتو ته شاگرد ۽ شاگرديائيون ايتري حد تائين مددگار ٿي سگهن ٿيون.“

”ڪي ٿي سگهن ٿا. شاگردن سان وڏو مسئلو اهو آهي ته وٽن هاڪاري مقصدن جي کوٽ آهي، ۽ جن وٽ هاڪاري خيال آهن، اهي وري انهن کي سمجهي نه ٿا سگهن. چڱو ڪم شروع ٿيندي ئي، اهي سڀ عملي طور حرڪت ۾ اچيو وڃن.“

”توهان جي ۽ ربيڪا جي تعلقات جو ڇا ٿيو؟“

”ٺيڪ آهن! مختار ڪالهه رات يونيورسٽيءَ ۾ آيو هو. اسان گڏ ويهي مسئلو حل ڪري ڇڏيو. منهنجي خيال ۾ هُن بيوقوفيءَ جو مظاهرو

ڪيو آهي. هوءَ عدم تحفظ جو شڪار آهي. هوءَ ڪنهن کي بہ مختار جي ويجهو نٿي ڏسي سگهي. هوءَ ڪيس چرين وانگر چاهي ٿي. شايد ان جي ڪري ٿي هوءَ حقيقت کان پري هٽي چڪي آهي. اهو ڏاڍو سخت مسئلو آهي. جيڪڏهن ڪو مختار جو چڙو نالو ٿي وٺي، تہ هوءَ ڏڪڻ شروع ٿيو وڃي. ان کان پوءِ منجهس سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت ئي نہ ٿي رهي. هوءَ ڪنهن بہ ڪم تي ڌيان نہ ٿي ڏئي سگهي، هوءَ ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهي!"

"۽ گلوريا؟"

"هون! گلوريا ۽ ڊين لاڊيءَ وچ ۾ چڪر هلي پيو. هوءَ شادي ڪرڻ گهري ٿي مگر ڊين لاڊيءَ جا گهر وارا قانون کي وچ ۾ آڻين پيا. هوءَ عيسائي آهي، تنهن ڪري سندن گهر وارا چاهين ٿا تہ هوءَ مذهب مٽائي."

"ڇا هوءَ ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟"

"هوءَ ساڻس تمام گهڻو پيار ڪري ٿي، ۽ هن لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار آهي. گلوريا جا گهر وارا مذهب مٽائڻ جي خلاف آهن. پوءِ بہ اهي سندس شادي ڪنهن مسلمان سان ڪرائڻ جي خلاف ناهن."

"اهو معاملو تہ ڏاڍو ڳنڀير آهي."

"ها! منهنجو خيال آهي تہ ڊين لاڊيءَ جا گهر وارا حقيقت پسنديءَ جو مظاهرو نہ پيا ڪن. انهن کي پتو ناهي تہ مذهب مٽائڻ ڪو لازمي ڪونهي."

"ربيڪا ۽ مختار جو ڇا ٿيو؟"

"ها! اهو بہ الڳ مذهبن جو مسئلو آهي. مختار جا گهر وارا شاديءَ جي خلاف ناهن، ڪين ربيڪا ڏاڍي پسند آهي، پر ربيڪا جا گهر وارا مسلمان سان شاديءَ جي خلاف آهن. مختار جا گهر وارا ڏاڍا سمجهدار آهن. اهي چاهين ٿا تہ مذهبي اختلاف سندن سڱاوتيءَ جي وچ ۾ نہ اچن. ربيڪا ۽ مختار جي ماءُ هڪ ٻئي کي تمام گهڻيون ويجهيون آهن، انهن جا پاڻ ۾ سنا لاڳاپا آهن. ربيڪا اڄڪلهہ سخت مسئلن جي مُنهن ۾ آهي. سندس گهر وارن مختار سان ويجهڙائي رکڻ جي صورت ۾ ڪيس

گهران ڪيڏي چڏڻ جي ڌمڪي ڏني آهي. هُئي پاسي مختار بہ اچا شاديءَ لاءِ تيار ناهي. مون کي خبر آهي تہ مختار ساڻس محبت نٿو ڪري. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها بہ آهي تہ ربيڪا ۽ مختار جو رشتو بہ جوڙ آهي.“

”بلقيسو جي ڪا خبر؟“

”پاڳن پري چوڪريا سندس مگيندي جي ترقي ٿي وئي آهي، ۽ اهي جلد ئي شادي ڪرڻ وارا آهن.“

”تنهنجو ۽ دين باڪيءَ جو ڇا ٿيو؟“

”اسان هڪ ٻئي سان محبت ڪريون ٿا. ڪجهہ ڏينهن اڳ سندس گهر وارن سان ملاقات ٿي هئي. اهي پڻ هن رشتي جي خلاف ناهن. منهنجا ماءُ پيءُ هاڻي منهنجي بابت ڪو فيصلو ڪرڻ جو اختيار نٿا رکن. آئون آزاد آهيان!“ فاطمہ ٻڌائڪ هٽندي چيو ”اسان بہ شاديءَ بابت سوچيون پيا. اسان ٿي سگهي ٿو تہ ايندڙ مهيني ئي شادي ڪري وٺون.“

”واهہ! اها تہ سُٺي خبر آهي. توهان شادي ڪٿي ڪندا؟“

”ميدوگريءَ ۾ منهنجي والدين جي گهر. پوءِ اسان لوجوجہ وڃي، سندس مائٽن سان ملنداسين.“

”آئون ان ڏينهن جو بي صبريءَ سان انتظار پئي ڪريان. منهنجي دعا آهي تہ اوهان خوشين پري شادي شده زندگي گذاريو.“

”وڏي مهرباني!“

الحاج هارون جو آواز آيو. هو رشيد سان گڏ ڪمري ۾ داخل ٿيو. رشيد جي ڳلن تي ڳوڙهن جا نشان هئا. ”مون کي اچا تائين حفاظتي ٽڪو ناهي لڳايو ويو.“ هن پوڳن ۾ چيو.

”ايندڙ هفتي پيهر ڪيمپ لڳائي ويندي.“ فاطمہ چيو.

”آئون ٺيڪ ٺاڪ آهيان.“

”امير ماڻهن کي بہ بيماريون لڳي وينديون آهن.“

”اهي ڪهڙيون؟“

”مون کي خبر آهي تہ اوهان اهو ضرور ڄاڻو ٿا.“

## باب پندرهون

جڏهن آمنہ ۽ هوآوا گهران نڪتيون تہ سج لهي چڪو هو. ڪولوءَ جي بيماريءَ جي خبر ٻڌندي ئي اهي حال پڇڻ لاءِ نڪري پيون هيون. اهو نماز جو وقت هو. رستا خالي هئا. ڪٿي ڪٿي ڪا بتي ٻري پئي. اهي سوڙهين گهٽين مان تڪڙيون تڪڙيون وِڪون کڻنديون، جلد ئي ڪليل رستي تي پهچي ويون. ننڍڙن ننڍڙن گهرن جي ختم ٿيندي ئي وڏا محل شروع ٿي ويا. انهن ۾ ويڪرا ميدان هئا. انهن ميدانن کي باقاعده باغن جو درجو ڏيئي سگهيا ٿي. آمنہ انهن گهرن جي اندرين حصي جي شان شوڪت جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. انهن ڪوٺين جي هوا ۾ بہ اميري ۽ نفاست شامل هئي.

ڪولو پنهنجي مڙس سان گڏ انهن ئي گهرن مان ڪنهن هڪ ۾ رهندي هئي. ٻہ ماڙ گهر جي ٻاهران لوهہ جي جنگلي سان گهاٽا وڻ گهيريل هئا. آمنہ دروازي ڏانهن وڌي، تہ خطرناڪ ڪتن جي ڀؤنڪڻ جو آواز سانت کي ڳڙڪائي ويو. هوءَ ڊوڙي لوهہ جي دروازي پرسان پهتي. هڪڙي تيز روشني آمنہ ۽ هوآوا کي اکين پورڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. جنهن مهل ڪتا دروازي پٺيان رڙي رهيا هئا، تنهن مهل اوچتو لائوڊ اسپيڪر مان ڪولوءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: "مهرباني ڪري بيهو. آئون اچان پئي."

ڪجهہ منٽن کان پوءِ اونداهيءَ ۾ چاٻين جي ڳُڇي جو ڇڻڪو ڪنن تي پيو. دروازو کليو ۽ ڪولو نيلي ريشمي گائون سان سينگاريل ٻاهر نڪتي. هوءَ ٽارچ جهليو آهستي آهستي سندن ويجهو پهتي. پوءِ

اندر داخل ٿيندي ئي ڪولوءَ هڪدم ٻيو دروازو پڻ بند ڪري ڇڏيو. پوءِ ڪولو گهر جو دروازو ڪوليو ۽ مهمانن جي اندر داخل ٿيندي ئي ان کي پڻ بند ڪري ڇڏيائين. اهي پنهنجا سينڊل لاهڻ کان پوءِ صوفي تي ويهي رهيون.

ڪمري جي سجاوٽ نهايت خوبصورت هئي. ان کان سواءِ اهو ڪافي هوادار پڻ هو. اهو مهانگي فرنيچر ۽ تصويرن سان سجايل هو. ڏهه ڪرسيون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون رکيل هيون. ان سان گڏ هڪ وڏي آرام ڪرسي پڻ موجود هئي. شيشي جيَ وچ واري ٽيبل درميانَ سونو ايش ٽري رکيل هو. ٻن ايئر ڪنڊيشنرن سڀان ماحول ۾ ڪافي ٿڌڪار هئي. جڏهن تہ فرش مٿي خوبصورت رنگ برنگي قالين وڇايل هو. پٽ تي رياست جي اڳوڻي ۽ موجوده حاڪم جون وڏيون وڏيون تصويرون لڙڪي رهيون هيون. ان کان سواءِ الحاج ابراهيم جي بہ هڪ وڏي تصوير هئي. اهو پولو راند جي سامان سان سجايل هڪ گهوڙي تي سوار هو ۽ سندس هٿ ۾ سونو ڪپ هو. هڪ وچولي سائيز جي تصوير بہ اُتي موجود هئي. ان ۾ شاگردن جو گروپ سفيد ڪافتان ۽ سفيد ٽوپيون پايو بيٺو هو. ان جي هيٺان ڇپيل اکرن ۾ "بڪاروءَ جي اولڊ بوائز ايسوسيئيشن" لکيل هو.

ڪولوءَ نوڪرياڻيءَ کي سڏڻ لاءِ رموٽ جو بٽڻ دٻايو.

"هاڻي تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي؟" آمنہ پُڇيو.

"بهتر آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ تہ منهنجي صحت ڏاڍي خراب ٿي وئي هئي. تنهن ڪري ڪجهہ ڏينهن کان آئون باقاعده عبادت ڪريان پئي." هن وڊيو رڪارڊر تي رکيل هڪ قرآن جي نسخي واري ڪيسٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو: "منهنجي دعا آهي تہ خدا مون کي پنهنجي خزاني مان بخشيل دولت مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ وڏي ڄمار عطا فرمائي."

"ڊاڪٽر ڇا ٿا چون؟"

"ڪجهہ نہ! رڳو آرام ڪرڻ جو مشورو ڏنو اٿن." هوءَ چپن ۾ ٽِڪي. "منهنجو خيال آهي تہ مون کي نفسياتي مسئلو آهي. خدا مون

کي معاف فرمائي، ڇو جو صرف اهوئي سمورين شين بابت بهتر ڄاڻ رکي ٿو.“

”تنهنجي مڙس جو ڇا حال آهي؟“

”ٺيڪ آهي، پر ڏاڍو مصروف رهي ٿو. جلدئي بلدياتي چونڊون ٿيڻ واريون آهن، ۽ کيس حاڪم جماعت لاءِ ڀرپور مهم هلائڻي پوندي. ايندڙ عام چونڊن ۾ به سينيٽر جي سيٽ لاءِ اميدوار هوندو.“

سامهون وارو دروازو کُليو ۽ الحاج ابراهيم، هڪ پوڙهي همراهه سان اندر داخل ٿيو. الحاج ابراهيم سنهڙو ۽ وچولي قد وارو هو. کيس سفيد گائون/ جُبو ۽ ڳاڙهي ٽوپي پاتل هئي. هو ڪمري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ آرامڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ پوڙهو همراهه هيٺ زمين تي سندس پيرن ۾. الحاج ابراهيم پنهنجي تسبيح ميز تي رکي ڇڏي، ۽ سگريٽ دُکائي پيئڻ لڳو جڏهن ته پوڙهو همراهه زمين تي ويهي ڪولانٽ چباڙي رهيو هو.

آمنه الحاج ابراهيم جي آڏرياءَ ڪرڻ واري ڀرين عورت نه پئي بڻجڻ چاهيو. پنهنجي هاٽوڪي ريڊيو انٽرويو ۾ هن، آمنه تي حڪومت خلاف هلچل هلائڻ جو الزام مڙهيو هو ۽ عورتن جي انجمن کي بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو.

ڪمري ۾ ماٺ پکڙجي وئي. بس رڳو گهڙيال جو ڌيمو آواز اچي رهيو هو. ”اوهان لاءِ هن گهر جا دروازا سدائين کُليل آهن.“ آخرڪار الحاج ابراهيم سگريٽ جو ڪش هڻي چيو.

”اسان اوهان جي بيمار زال کي پُڇڻ آيا آهيون.“ آمنه چيو.

”هوءَ ايتري بيمار ناهي، پوءِ به اوهان جي اچڻ لاءِ مهرباني... آهه... هُون... مر مر... اوهان جي انجمن ڪيئن پئي هلي؟“ هن پُڇيو.

”ٺيڪ آهي.“

”جڏهن اوهان وٽ وقت هجي ته مون سان آفيس ۾ اچي مِلو. اسان وٽ غير سرڪاري سماجي ادارن لاءِ ڇانورن جون ڪجهه ڀوريون آهن، اچي پنهنجو حصو کڻي وڃو.“ هُن پنهنجو سگريٽ ايش ٽري ۾ وِسائيندي چيو.

”چانور ڪٽڻ ڪان پوءِ اوهان، عورتن سان منهنجي خطاب ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪجو. آئون پوريون ڏيڍ وقت ساڻن ڪجهه ڳالهائڻ چاهيان ٿو...“

”ڇو؟“ آمنه حيرانگيءَ وچان پڇيو.

”آئون کين بلدياتي حقن ۽ فرضن بابت ڄاڻ ڏيڻ چاهيان ٿو. مغربي جمهوريت جي فائدن بابت ٻڌائڻ گهران ٿو ۽ بلدياتي چونڊن ۾ ووٽ ڏيڻ جي طريقي کان آگاهه ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”ڇا عورتون بلدياتي چونڊن ۾ حصو وٺي سگهن ٿيون؟“ آمنه سوال ڪيو.

”آئيني طور اهو سندن حق آهي، پوءِ به ائين ٿيو ڪڏهن به ناهي، ۽ نه ئي ايندڙ چونڊن ۾ اهڙو ڪو امڪان موجود آهي. هونءَ به حاڪم جماعت وٽ ڪا خالي سيٽ نه آهي.“ هُو مُرڪيو. ”عورتن کي پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻو پوندو.“ هُن ڪيترائي ڀيرا انڪار ۾ مٿو ڌوڻيو.

ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. الحاج ابراهيم جُڙتوءَ غير فطري آواز ۾ جواب ڏنو.

”خدا سڀ کان وڏو آهي! الله اڪبر!“ هن هڪ ڊگهي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ چيو- ”آخرڪار امير جي گاڏي اچي وئي.“

”ڪنهن سان ڳالهائي رهيا هئا؟“ ڪولوءَ پڇيو.

”رياستي حڪومت جي سيڪريٽريءَ سان.“

”امير جي گاڏيءَ جو ماڊل ڪهڙو آهي؟“

”آمريڪا جي جنرل موٽرز خاص طور اها ليموزين تيار ڪئي آ.“

”ڪيتريون گاڏيون گهرايون آهن؟“ ڪولوءَ وڏيڪ پڇيو.

”ڏهه.“ هن ٿورڙو کنگهندي وراڻيو.

الحاج ابراهيم اچانڪ تمام گهڻو جوشيلو ٿي ويو ۽ بنا ڪنهن جهجهڪ ڳالهائڻ لڳو. ”آمنه! توکي آئون پنهنجي گاڏي ڏيکاريان ٿو. هيءَ هڪ هفتو اڳ آئي آهي. جڏهن آئون امير جي سرڪاري گاڏيءَ جو آرڊر ڏيڻ ويس، ته هن کي بند ڪري ويو هئس. ڪنورٽ ايبل مرسڊيز آهي. ڏاڍي آرام ده آهي. مگر ڏک ان ڳالهه جو آهي ته اسان جا رستا نيڪ ناهن،

خير! هيءَ منهنجي واداري گاڏي آهي، ۽ آئون ان جو ڪو گهڻو استعمال به ناهيان ڪندو. مون کي اُميد آهي ته اها ڪجهه وقت هلي ويندي. آئون پنهنجي زال وانگر ناهيان، اها ته پنهنجي چولن وانگر گاڏيون مٽائيندي آهي. آه! عورتن کي ڪڏهن به دلجاءِ تسلي ناهي ٿيندي. تون ڄاڻين ٿي ته ڪولوءَ جيڪڏهن اڄ هڪڙي گاڏي ۾ ڪا لنگوٽي ٿي وئي، ته اها گاڏي، لنگوٽيءَ کان اڳ ۾ مٽائي ڇڏيندي." هن وڏو ٽهڪ ڏيئي چيو. هن هڪ ٻيو سگريٽ دُکايو ۽ آمنه کان پُڇيو: "آمنه! تون ماڻهن جي گاڏين جي انتظار بجاءِ، پنهنجي مڙس کان هڪڙي گاڏيءَ جي فرمائش ڇو نٿي ڪرين؟"

"هيءَ پيادل آئي آهي!" ڪولوءَ پنهنجي مڙس کي ٻڌايو.

هو ٽهڪ ڏيڻ لڳو ۽ آمنه کي مشورو ڏنائين، ته هوءَ ورزش لاءِ گالف ڪلب جي ميمبرشپ حاصل ڪري.

"آئون عورتن سان گڏ مصروف آهيان." آمنه جواب ڏنو.

"آمنه!" هُن مذهبي انداز ۾ چيو "آئون تنهنجين سرگرمين تي گهري نظر رکان پيو ۽ منهنجو ايمانداريءَ وارو مشورو آهي ته تون هڪ ڀيرو ٻيهر سوچ! تون جيڪو ڪجهه عورتن سان ڪري رهي آهين، آئون ان مان خوش ناهيان، تون منهنجي زال ناهين، تنهنڪري توکي حڪم ته نٿو ڏئي سگهان_"

"توهان جي مشوري لاءِ مهرباني! الحاج! آئون ڄاڻان ٿي ته آئون ڇا پئي ڪريان، ۽ منهنجو مشورو اٿئي ته مون کان پري رهو!" هن جواب ڏنو.

"آئون پري نٿو رهي سگهان، ڇو جو بلدياتي حڪومت جي سيڪريٽري ۽ مسلمان هئڻ جي سبب، تنهنجين سرگرمين جو مون تي تمام وڏو گهرو اثر پوي ٿو." هوءَ گهڙي کن لاءِ چُپ ٿي ويو. ان جملي جي ڪري آمنه ڪجهه پريشان ٿي وئي. اهو جملو ٻڌي، زمين تي ويٺل جهوني شخص به مُرڪي ڏنو ۽ نهڪر ۾ پنهنجو مٿو لوڏڻ لڳو. اهو ڏسي آمنه جي بي چيني وڌي وئي. الحاج ابراهيم ٻيهر ڳالهائڻ لڳو: "اسان جي مذهب اسلام جو مطلب مڪمل اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي. اسان سمورن کي

خدا جي مرضيءَ اڳيان ڪنڌ جُهڪائڻو پوي ٿو. مذهبي عهديدار عورتن جي انجمن جي خلاف آهن. مون کين سمجهائڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، تہ هيءَ هڪ جمهوري ملڪ آهي، پر تڏهن بہ توهان جي سرگرمين کي گمراهہ ڪندڙ عمل قرار ڏنو پيو وڃي.“

”آمنہ ڏس! تون هڪڙي امير شخص جي زال آهين. تون آرام سان ويهي الله جي ڏنل نعمتن جو فائدو ڇو نٿي وٺين؟ غريبن لاءِ سوچڻ مان توکي ڇا ملندو؟ تون ڇا بہ ڪرين پر سندن زندگيءَ ۾ تبديلي نٿي آڻي سگهين. اِهو ائين ئي هو ۽ ائين ئي رهندو. هن معاشري ۾ اسان خدا جي مرضيءَ موجب زندگي گذاريون ٿا! توکي حالتن ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ ڪوبہ قدم نہ کڻڻ گهرجي. صرف خدا ئي تبديلي آڻي سگهي ٿو. هو اسان لاءِ چڱو يا بُرو پاڻ بهتر ڄاڻي ٿو. هن رڳو هڪ شيءِ تي زور ڏنو آهي، جيڪا اسان ڪري سگهون ٿا، ۽ اها آهي دُعا. مدد ۽ رهنمائيءَ جي لاءِ.“

الحاج ابراهيم جي پيرن ۾ ويٺل جهوني ها ۾ ها ملائيندي ڪنڌ ڌوڻيو. ڪولو اُٿي ۽ عورتن کي گڏ وٺي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. هن پهرين ٽيپ لڳايو ۽ پوءِ ايئرڪنڊيشنر چالو ڪري چوڻ لڳي: ”منهنجو خيال آهي تہ فرنيچر تبديل ڪرڻ کان پوءِ اوهان هتي پهريون ڀيرو آيون آهيو.“

”هي شيون ڪٿان آيون آهن؟“

”هي دريون فرانس، قالين مراڪش، پاڻيءَ وارو بسترو آمريڪا، تصويرون اٽلي ۽ اليڪٽرانڪ جو سامان جاپان مان آيو آهي.“

هوءَ آمنہ ۽ هوآوا کي ڪمري ۾ ڇڏي ٻاهر هلي وئي. ڪجهہ دير بعد هڪ ننڍڙي عمر جي ڇوڪري ڪمري ۾ داخل ٿي. سندس هٿ ۾ ٿالهي هئي، جنهن تي بہ ڊڪيل پليٽون، گلاس، پاڻيءَ جو جڳ ۽ چمچا هئا. هن ٿالهي ميز تي رکي ڇڏي ۽ آمنہ کي سلام ڪيائين. جڏهن هوءَ وڃڻ لاءِ اُٿي بيٺي، تڏهن آمنہ کيس روڪيو. ”هتي ڇا ٿيو آهي؟“ آمنہ ڳچيءَ تي تازن زخمن ڏانهن اشارو ڪندي پُڇيو. ڇوڪري جواب ڏيڻ کان ڊڄي رهي هئي، پر آمنہ کيس يقين ڏياريو تہ ڪولوءَ کي انهن ڳالهين

بابت ڪڏهن ڪجهه به خبر نه پوندي. آخرڪار ڪجهه دير دروازي ڏانهن ڏسڻ کان پوءِ چيائين:

"ڪالهه مون غلطيءَ وچان ڪتن لاءِ رکيل گوشت ڪاٺي چڏيو تنهن تي ڪولو مون کي ماريو." هُن ٻاتايو ۽ ٻاهر ڊوڙي وئي.

آمنه ۽ هوآوا چُپ چاپ هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳيون. جڏهن ڪولو اندر آئي، تڏهن هو ماني کائي رهيون هيون.

"تو ڪاروبار شروع ڪرڻ بابت ڪجهه سوچيو؟" ڪولو پُڇيو.

"نه! اجا نه! مون کي عورتن سان ڪم ڪرڻ ۾ مزو پيو اچي."

"پنهنجو وقت وڃاءِ نه! آمريڪن مطابق وقت پيسو آهي. انهن عورتن بابت سوچڻ ڇڏي ڏي ۽ چڱو موقعو ملندي ئي ڪاروبار شروع ڪري ڇڏ. تو اها چوڻي وِساري ته نه ڇڏي: 'سج لهڻ کان اڳ ڪجهه ڪري وٺ!'"

"هي انجمن اجا تائين ڪمزور آهي ۽ آئون کيس صحتمند ۽ طاقتور بنائڻ چاهيان ٿي."

"توکي ان مان ڪوبه فائدو ڪونه ٿيندو. تون وقت، پيسو ۽ پنهنجي قابليت کي انهن لاءِ ٿي ضايع ڪندين، جيڪي نه ڪڏهن سمجهنديون ۽ نه ئي سُڌرنديون."

"نه! اهي پاڻ پريون ٿينديون ۽ اسان منافعو به ڪمائينداسين." آمنه جواب ڏنو. کيس خود پنهنجي ڳالهه تي يقين نه هو!

"ڪيئن؟"

آمنه ڪا گهڙي چُپ رهي، ڪولوءَ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ جواب ڳوليندي رهي. "اسان جا مڙس چاهين ٿا، ته عورتون هر طرح جي چونڊن ۾ حاڪم جماعت کي ووٽ ڏين. منهنجو خيال آهي ته اسان جا مڙس گڏجي هڪڙي ٽيڪسٽائيل فيڪٽري لڳائڻ چاهين ٿا. ووٽ لاءِ اهي بس رڳو عورتن کي مزدورن ۾ تبديل ڪن، ٻئي ڪم تي ويندا!"

"اها ته ڏاڍي بهترين اٽڪل آهي. مون نٿي ڄاتو ته تون ڪا ايڏي هوشيار ۽ ڪاروباري آهين!" ڪولو خوش ٿي چيو.

”تنهنجي ڏيءَ ڪيئن آهي؟“ آمنہ موضوع مٽائيندي چيو.

”ٺيڪ! وڏي هوشيار آهي.“

”وڏيڪ پار ڇٽڻ جو ڪو ارادو آهي؟“

”ها آهي، پر اڃا نہ۔ آئون ڏاڍي مصروف آهيان. آئون ڪاروبار سان گڏ اهو ڪم نٿي ڪري سگهان. جڏهن پنج سال اڳ هوءَ ڄمڻ واري هئي، تڏهن ان وقت تہ منهنجو ڏيوالو نڪرڻ وارو هو.“

ڪولو سيٽيءَ وڄائڻ شروع ڪئي ۽ پنهنجو مٿو ۽ ڳلها لوڏڻ لڳي. ”هاڻ اهي ڏينهن ويا، جڏهن ڇوڪري ڇوڪري هوندي هئي. هاڻي تہ ڇوڪرا رانديڪا ۽ هينڊ بيگ آهن. جڏهن آئون يونيورسٽيءَ ۾ هيس تڏهن ڊانس ڪندي هيس. اڃا بہ آئون ڪڏهن ڪلب ۾ ڊانس ڪندي آهيان.“ هوءَ ڪمري جي وچ ۾ آهستي آهستي نچڻ لڳي.

”ڇا تنهنجو مڙس بہ ڪلب ۾ ڊانس ڪندو آهي؟“ آمنہ پُڇيو.

”منهنجي جان! آئون ان بابت ڪجهہ نٿي ڄاڻان. شايد ڪو ٻيو ان بابت توکي ٻڌائي سگهي. عام طور هو پنهنجو گهڻو وقت ڪلب جي پولو واري حصي ۾ گذاريندو آهي. تنهنجو مڙس بہ پولو جو سٺو رانديگر آهي، پر سندس گهوڙا ڪمزور ۽ ٿڪل آهن.“

”ويجهي ڳوٺ ۾ ڪافي گهوڙا آهن.“

”ويچاري ڇٽ آمنا!“ ڪولو ٽهڪ ڏيندي چيو، ”پولو جا گهڻي ڀاڱي گهوڙا غير ملڪي آهن، ۽ ملڪ کان ٻاهران گهرايا ويندا آهن، خاص ڪري ارجنٽائن مان۔ انهن کي خريد ڪرڻ ۽ هتي آڻڻ لاءِ هزارين ڊالر خرچڻا پون ٿا. اهو هڪڙو خاص نسل آهي ۽ انهن جو کاڌو بہ خاص آهي. انهن لاءِ ايئرڪنڊيشنر طبيلا کپن! انهن جي سارسنڀال لاءِ بہ خاص ماهرن جي گهرج هوندي آهي.“

”پولو هڪڙي خطرناڪ ۽ تمام مهانگي راند آهي. اهو گهوڙن تي خرچ ٿيندڙ سمورو پيسو اسڪولن، ٻين سهوليتن، غريبن جي ڪپڙن لٽن ۽ کاڌي پيتي تي بہ تہ خرچ ڪري سگهجي ٿو.“ آمنہ اهو سڀ ڪجهہ چوڻ کان رهي نہ سگهي.

”تون سياسي ڳالهيون ڪري رهي آهين، آئون سياستدان ناهيان.“ ڪولوءَ چيو ۽ آمنہ کي ڪاوڙيل اکين سان ڏٺائين.

ڪجھہ دير کان پوءِ هوءَ واپس ورڻ لاءِ اُٿي بيٺي.

جڏهن آمنہ واپس آئي، تہ اڱڻ ۾ لارائي ٻڌايو تہ فاطمہ آئي هئي، ۽ سياڻي ڪنهن ضروري ڪم سبب هوءَ پنهنجي گهر وڃي رهي آهي. عبدالرشيد سُمهي چڪو هو. آمنہ ڪپڙا مٽايا ۽ سندس پاسي ۾ ليٽي پئي. اونداهين ڪمري ۾، سندس ذهن ۾ ڪيترائي خيال آيا. هُن ڪولو ۽ سندس مڙس جي عياشيءَ پري زندگيءَ بابت سوچيو.

هو مختلف قسمن جي مهانگين گاڏين، ۽ هزارين ڊالرن وارا گهوڙا خريد ڪن ٿا. حڪومتي پيسو چورائين ٿا. جڏهن تہ سرڪاري اسپتالن ۾ ضروري دوائون بہ اڻلڀ آهن. سندن ڪيترن ئي مهانگن گهرن جو تعداد اسڪولن کان وڌ آهي. ڪولوءَ جي مڙس اسان کي چانور وٺڻ جي دعوت بہ ڏني آهي. آهہ! غريب امير ملڪ! آخر اسان جو ملڪ، جنهن ۾ معدني ۽ انساني وسيلن جي ڪا کوٽ ناهي، اهو غير ملڪي چانورن تي دارومدار ڇو ٿو رکي!؟ هتي ماڻهو چانورن لاءِ پنڻن وانگر قطار ۾ ڇو ٿا بيهن!؟ آخر بلدياتي حڪومت جو سيڪريٽري، سرڪاري خزاني مان پنهنجي لاءِ گاڏي ڪيئن ٿو خريد ڪري سگهي؟ آخر شهر جو هڪڙو امير، دنيا جي امير ترين ماڻهن سان مقابلي لاءِ، دنيا جون ايڏيون مهانگيون گاڏيون ڪيئن ٿو خريد ڪري سگهي؟ جلدئي ڪين، ڪيس هڪڙو ذاتي جهاز بہ وٺي ڏيڻو پوندو!

ان شخص کي نيڪيءَ جو احساس بہ ڪهڙيءَ طرح ٿيندو هوندو، جڏهن تہ سندس عوام روزانو ٻُکن ۽ بيمارين وگهي مري رهيا هجن؟ ها! ڪٿي ڪا ڳالهہ، ڪو مسئلو تہ آهي!

## باب سورهون

ٿوري پنڌ تان ايندڙ بادلن جي گجگوڙ برسات جي ابتدا جو سنيهو ڏئي رهي هئي. گذريل ڪجهه مهينن دوران گرميءَ جي شدت وڌي وئي هئي، پر هاڻ جلدئي بارش پوڻ واري هئي. آسمان تي گرم ۽ خشڪ موسم جي باوجود، گهاٽا بادل ڇانيل هئا. اهو سال جي پهرين طوفاني بارش جو پيغام هو. ماحول ۾ گهرن کي ٿڌو رکڻ لاءِ، کوهن ۾ دريائن کي ڀرڻ لاءِ ماڻهن کي برسات جي ضرورت هئي. ٿوري ۾ ڇئجي ته خشڪ ضلعي کي نئين زندگي ڏيڻ لاءِ برسات جي تمام گهڻي گهرج هئي. اهو زندگيءَ جي ڦيري جو اهم حصو آهي.

برسات جي شروعات جو ڪو باقاعده وقت نه هو. گذريل ڪجهه سالن وانگر ۽ خاص طور هن سال، بارش دير سان شروع ٿي رهي هئي. تنهنڪري ماڻهو برسات لاءِ خاص دُعائون گهري رهيا هئا. گذريل سال اميرن ۾ مذهبي اڳواڻن جي چوڻ تي، ماڻهن شهر کان ٻاهر پڙ ان طرح جي پوڄا پاٺ جو بندوبست ڪيو هو. ماڻهن جو عقيدو هو ته ان دُعا سان هڪدم برسات شروع ٿي ويندي، پر ائين نه ٿيو. ان کان ٻه ڏينهن پوءِ هڪڙي مذهبي گروهه، ڪفن دفن ڪرڻ وارا ڪي گروهه جوڙيا، ۽ قبرستان جو جائزو ورتو، کليل قبرن کي بند ڪرڻ شروع ڪيو. ماڻهن جو عقيدو هو ته کليل قبرون بادلن کي ڊيڄاري ڀڄايون ڇڏين. اهو ڪم وڏي ايمانداريءَ سان ادا ڪيو ويو پر پوءِ به مينهن نه پيو. پوءِ پنجين ڏينهن شدت پسند مذهبي اڳواڻن رنڊين ۽ شرابين خلاف مظاهرو ڪيو. انهن شراب خانن ۽ هوٽلن ۾ گهڙي ماڻهن کي ماريو ۽ شراب جون بوتلون ٽوڙيائون. رنڊين جي ڪمرن ۾ گهڙي کين ڏاڍو ماريو ڪُٽيو ويو. ان شدت

پسند مذهبي گروهہ جو خيال هو تہ بچڙاڻ، بي حيائي ۽ فحاشيءَ سبب برسات جي موسم ۾ دير پئي ٿي. خير ان هوندي بہ مينهن نہ پيو. خاص عبادتن جي نيڪ پن هفتن بعد مينهن شروع ٿيو.

آمنہ آسمان تي موجود گهاٽن بادلن کي ڏسي دُعا گهري. بارش جي گهٽتائي ۽ گرمي سندس پريشانين جو سبب نہ هئي، سندس پُٽ بيمار هو. هوءَ دريءَ وٽ بيهي ٻاهر ڏسي رهي هئي. هوءَ الحاج هارون جي گهر اچڻ واسطي بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهي هئي. گهڻن ڏينهن کان سندس الحاج هارون سان ملاقات نہ ٿي هئي. هاڻ ڪيس پنهنجي پُٽ کي ڪلينڪ تي وٺي وڃڻ لاءِ الحاج جي سخت ضرورت هئي. وٽس ڊرائيور نہ هو ۽ بنا اجازت هوءَ سندس سرڪاري گهر ڏانهن پڻ نٿي وڃي سگهي.

اهو جمعي جو ڏينهن هو. وقت ڏاڍو آهستي پئي گذريو. جڏهن ڊرائيور ٻڌايو تہ الحاج شام جو ٽيليفون تي ڳالهائڻ جو واعدو ڪيو آهي، تڏهن سندس ڊپ ۽ پريشاني ويتر وڌي وئي. هر گهڙي عبدالرشيد جي حالت خراب ٿيندي پئي وئي. آمنہ کيس جيڪي دوائون پياريون، اهي بہ هن اُلٽي ڪري ڪڍي ڇڏيون. شام ويل گهاٽن بادلن سموري ضلعي تي گهيرو ڪري ڇڏيو هو. سندس پُٽ ڏڪي رهيو هو. آمنہ ڊرائيور کي الحاج جي سرڪاري گهر هلڻ لاءِ عرض ڪيو پر هن چيو تہ گاڏي خراب آهي. مايوسي ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ مسئليءَ جو حل ڳولڻ لڳي. هوءَ ٽيڪسيءَ ذريعي سرڪاري گهر ڏانهن وڃڻ واري خطري کي مُنهن نہ پئي ڏي سگهي. هاڻ سندس سموريون اميدون الحاج جي گهر اچڻ سان واڳيل هيون. تيز هوا پاڻ سان گڏ مٽي اُڏاري رهي هئي. ڪمري جون دريون زور سان لُڏي رهيون هيون. هوءَ ٻاهر گُهلندڙ تيز هوا جا سوساٽ ٻڌي رهي هئي.

"هاڻ سندس طبيعت ڪيئن آهي؟" بي زال لارا بہ پُڇيو.

"بدتر نہ، تہ بہ بُري ضرور آهي." آمنہ جواب ڏنو.

"ڪا دوا ڏنئي؟"

”ها! پر هُن التي ڪري ڇڏي. آئون الحاج جو انتظار ڪريان پئي،
تہ جيئن اسان ڪلينڪ وڃون.“

”هاڻ تہ مينهن پوڻ وارو آهي. هو شايد نہ اچي. هو سدائين
مصروفيت جو بهانو ڄاڻائيندو آهي.“

”اي خدا! الحاج کي اُماڻ!“ آمنہ دُعا گهري.

لارا بہ ڪنهن خاص دوا پيارڻ جي صلاح ڏني.

”هوآوا ڪٿي آهي؟“ آمنہ پُڇيو.

”مون کيس پنهنجي ڀيڻ جي گهر موڪليو آهي.“

”پوءِ آئون دوا وٺڻ لاءِ ڪنهن کي موڪليان؟“

”ٻاهر ڪجهہ ٻار آهن.“

آمنہ هڪ ڪاٺيار لاڏن کي سڏ ڪيو. ”مهرباني ڪري اسٽور تان
هيءَ دوا وٺي آ!“ هن ڪجهہ پيسا ۽ پرچي لاڏن کي ڏني. پوءِ ڪمري ۾
وڃي پنهنجي پُٽ کي سَوڙ ۾ ويڙهي ڇڏيائين. زوردار کنوڻ ڪڙڪي ۽
هڪ زوردار گوڙ سڄي ضلعي کي لوڏي ڇڏيو. آمنہ ڌپ وچان ڪي قرآني
آيتون پڙهڻ لڳي.

”بيگم صاحبہ! آئون اچي ويو آهيان.“ لاڏن دروازي وٽان پُڪاريو.

”هيڏانهن ڪٽي آءُ!“ هُن التيون ڪندڙ ننڍڙي کي سنڀاليندي چيو.
لاڏن دوائون ڏنيون. هو واپس وڃڻ لڳو تہ آمنہ کيس عرض ڪيو: ”مهرباني
ڪري هن کي سنڀال تہ آئون کيس دوا پياريان.“ لاڏن رُوئندڙ ٻار کي
جهليو. آمنہ دوا کولي ۽ لاڏن کي، ٻار زور سان پڪڙڻ جو حڪم ڪيو. هن
چمچي ۾ دوا ۽ گرم پاڻي وڌو. پوءِ هوءَ ان جي ڳرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي.
جڏهن اهو ڪڙو مرڪب رشيد جي وات ۾ پيو تہ هن ڏڪڻ ۽ روئڻ شروع
ڪيو. گوڙ سان گڏ کيس اچانڪ الحاج جو آواز ڪنن تي پيو. هو
جومائيءَ کي سڏي رهيو هو. لاڏن پريشان ۽ خوفزده ٿي ويو. آمنہ کيس پڪ
ڪرائي تہ هوءَ پنهنجي مڙس کي سمجهائيندي.

”چا پيو ٿئي؟“ الحاج جي آواز سان ڪمرو گونجي ويو. ”منهنجي
گهر ۾ هي چا پيو ٿئي؟“

آمنہ پنهنجي ٻارڙي کي دوا پيارينديءَ رهي. عبدالرشيد اُلٽيون ڪنديءَ ڪنديءَ آخرڪار دوا ڳڙڪائي ڇڏي. پوءِ آمنہ کيس گرم پاڻي پياريو جيڪو هن هڪدم پي ڇڏيو. هوءَ اُٿي بيٺي. "عبدالرشيد بيمار هو ۽ آئون کيس دوا پئي پياريان."

"هيءُ ڇوڪرو منهنجي هنڌ ۾ ڇا پيو ڪري؟" الحاج، لادن ڏانهن اشارو ڪنديءَ رڙ ڪئي.

"اهو منهنجي لاءِ دوا وٺي آيو آهي. مون کيس پنهنجي ٻارڙي کي جهلي ويهڻ لاءِ چيو تہ جيئن کيس دوا پياري سگهان. آئون اهي پئي ڪم هڪ ئي وقت نہ ٿي ڪري سگهيس. رشيد ڏاڍو پئي رُنو." هُن وضاحت ڪئي ۽ رشيد کي لادن کان ورتو. لادن اُٿي واپس وڃڻ لڳو تہ هارون کيس روڪيو.

"توکي هڪڙي شادي شده عورت جي ڪمري اندر سندس مڙس جي اجازت کان سواءِ اچڻ جي همت ڪيئن ٿي؟" هن لادن کان پڇيو.

"هن مدد لاءِ چيو ۽ مون ڪئي." هُن همت سان جواب ڏنو.

"تون ڪوڙو آهين!" الحاج رڙيو.

"اهو سچ آهي." آمنہ عبدالرشيد کي هٿ ڦيرينديءَ چيو.

"خدا منهنجو شاهد آهي. آئون سچ پيو چوان. آئون رڳو مدد ڪرڻ آيو هئس..." لادن جي مُنهن تي زوردار ٿڦڙ لڳي ۽ هو چُپ ٿي ويو. هو ڪنڌ جُهڪائي ڪجھ وِڪون پوئتي هٽيو.

"خدا جو قسم مون تہ رڳو مدد پئي ڪئي." هو ايترو ئي چئي سگهيو.

"چُپ!" الحاج ظالماڻي انداز ۾ چيو. سندس اکيون ڳاڙهيون هيون. "تون پنهنجن بُرن ڪمن کي لڪائڻ لاءِ خدا کي استعمال پيو ڪرين." هو چِڙ وِچان آمنہ ڏانهن وڌيو. "مون تنهنجن عشقن بابت ٻُڌو هو. هاڻي توکي روبرو پڪڙيو اٿم."

"الحاج! خدا جو قسم..." لادن ڪجھ چوڻ چاهيو پر هڪ زوراتي مُڪ سندس ڇاتيءَ تي لڳي. هو ڪِري پيو ۽ ڳوڙهن ڀريل اکين سان ٻاڏائڻ لڳو. جڏهن هو کيس لتون هڻڻ لڳو تہ آمنہ کي احساس ٿيو تہ هاڻ

هن کان پوءِ سندس وارو آهي. هن پنهنجي دل کي اهو جهيڙو تارڻ لاءِ حڪم ڏيڻ چاهيو پر وري چُپ چاپ ڏڪندڙ هٿن سان هُن ٻارڙي کي بستر تي ليٽائي ڇڏيو.

"الحاج منهنجي ڳالهہ ٻُڌ! هوآوا گهر ۾ نہ هئي. رشيد سخت بيمار هو. آئون پريشان هيس ۽ مون کي سهاري جي ضرورت هئي. ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو ۽ پوءِ مون هن کان مدد گهري. خدا ۽ ان جي رسول جي واسطي منهنجي ڳالهہ ٻُڌ..."

"بڪواس بند ڪر!" هن ڪڙڪندڙ آواز ۾ چيو. سندس چپ ڪاوڙ مان ڦڙڪي رهيا هئا. "مون کي اهو سمجهہ ۾ نٿو اچي." هُن آمنہ کي زوراٿي ٿڦڙ هنئين. جڏهن هن رُوئڻ شروع ڪيو تہ لادن ڪمري مان نڪري وئي پڳو. الحاج هڪ ٻي ٿڦڙ هنيس. هو ٽين ٿڦڙ کان بچي وئي. الحاج جا عضوا تاٺجي ويا. هُن ٻي هٿ سان ٿڦڙ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر آمنہ پاڻ بچائيندي رُوئڻ لڳي. آمنہ جي پيٽ تي هڪ ٺونشو لڳو ۽ هو ٺيڙي تي پئي. هڪ ئي وار بہ ٺؤنشا سندس مٿي تي لڳا. الحاج پنهنجا ٻئي هٿ استعمال ڪري رهيو هو. هوءَ پٺ تي ڪِري ۽ سندس مٿو ڪبٽ سان ٽڪرايو. گوڙ ڪنوڻ سان گڏ مينهن پوڻ شروع ٿي ويو ۽ جست جي ڇت تي جلترنگ شروع ٿي ويو.

"تون پنهنجي مڙس جي، هن گهر ۽ ان جي روايتي گهڻن جي مالڪ جي عزت ڪرڻ سکي ويندينءَ! ان کان سواءِ تون هاڻ خدا جي عزت ڪرڻ بہ سکندينءَ! آئون اجهو آيس!"

"اسين ٻي ڏوهي آهيون." آمنہ سُڏڪندي چيو پر هو وڃي چڪو هو.

آمنہ مٿي جي ان حصي کي دٻايو جتي کيس سخت سُور هو. هوءَ عبدالرشيد جي تڪليفن کان باخبر هئي، پر طلاط، لارابہ ۽ هوآوا ڪمري ۾ داخل ٿيون ۽ کيس سهارو ڏنائون.

برسات تيز ٿي وئي هئي. بار بار کنوڻ ڪِجي رهي هئي. الحاج هارون برسات ۾ پُسيل حالت ۾ واپس موٽيو. جڏهن هُن پين عورتن کي ڪمري اندر ڏٺو تہ کين ڪاوڙ وچان نڪري وڃڻ جو چيائين.

"تنهنجو ڇا خيال آهي، تہ مون توکي ڏاج انهيءَ لاءِ ڏنو هو تہ تون پين سان موجون ڪرين؟" هو اهو چئي اڳتي وڌيو. "مون توکي ڇا ڪونہ ڏنو آهي؟ تو سرِ عام منهنجي عزت جو جنازو ڇو ڪڍيو؟ تو مون کي ڇو ذليل ڪيو؟ اهو منهنجي عزت جو معاملو آهي!"

"آئون بي ڏوهہ ۽ توسان وفادار آهيان..." آمنہ عرض ڪيو.

"اهو ڪوڙ آهي..."

"الحاج! تنهنجو پُٽ بيمار هو. ڏس... تنهنجي ڊرائيور توکي ڪونہ ٻُڌايو؟"

"چُپ ڪر! مون کي ڪهڙي خبر تہ اهو منهنجو ئي پٽ آهي يا نہ؟"

"آهہ! الحاج خدا جي واسطي ائين نہ چئو! اهو تنهنجو ئي ٻچو آهي. اسان کي سهارو ڏي! خدا جي واسطي اسان جي مدد ڪر، هو ويچارو مري رهيو آهي!" آمنہ هٿ جوڙي عرض ڪيو.

"هي توکي آخري موقعو آهي. آئنده جيڪڏهن مون کي تنهنجين انهن ڪِريل حرڪتن جو پتو پيو تہ آئون توکي وڃ رستي تي اڇلائي ايندس!"

آمنہ کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. هُن ڊنل اکين سان الحاج ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ لاڳيتو روئڻ لڳي.

"آئون توکي پنهنجي مڙس جي عزت ڪرڻ سيکاريندس." اهو چئي هو ان پهلوان وانگر اڳتي وڌيو جيڪو پنهنجي ڪمزور مخالف کي چيڀاٽڻ چاهيندو هجي. "هيءَ چابڪ ڏسين پئي؟" هن هٺيلي انداز ۾ چهبڪ لوڏيندي چيو. "هي خاص طور بي ايمان ۽ بدڪار زالن لاءِ جوڙيو ويو آهي." هن چهبڪ کنيو ۽ سندس چيلهہ تي هنيو. آمنہ کي جڏهن اهڙو زوراڻتو ڌڪ رسيو تہ هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي. ڪمري اندر ليلڙاٽ گونجڻ لڳا، پر ويتر وڌيڪ تيز ڌڪ سندس جسم کي چيرڻ لڳا. هُن

ڏکن کان بچڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ چاهيو پر ڪيٽ سان وچي لڳي. ڪيٽ جي ڳنڍ سندس ڪاٻي اک تي لڳي. هُن ڏپ وچان ٻئي اکيون پوري ڇڏيون ۽ زور سان ڀڳي، پر وري سامهون شيشي سان ٽڪرائجي ڪِري پئي. هوءَ ڪوشش ڪري اُٿي، پر الحاج هارون کيس ڪنڌ کان جهلي ورتو. آخري ڳالهه، جيڪا کيس ياد هئي ته هُن سندس مٿو پٽ ۾ هنيو هو.

جڏهن کيس هوش آيو ته ڪمري ۾ اونداهه هو. دروازو کُليل هو. کيس تيز هوا ۽ برسات جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو پئي. آمنه ٻيهڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن دروازو بند ڪري، ٻارڙي کي ڪپڙن ۾ ڍڪي، پر سندس ٽنگون لاچار هيون ۽ وري ڪِري پئي. هن ليٽي دُعا گهري: "اي خدا! ڪنهن کي منهنجي مدد لاءِ موڪل!" پنهنجن ڳوڙهن ۽ سُورن کي پيي، هوءَ رڙهندي ڪٽ وٽ پهتي، ۽ مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ماءُ ۽ پُٽ اونده ۾ رُئندا رهيا. هوءَ رڙهندي دروازي وٽ پهتي ۽ مدد لاءِ دانهون ڪيائين، پر مينهن جي گوڙ سندس رڙيون دٻائي ڇڏيون.

جڏهن لارابه جون رڙيون ٻُڌڻ ۾ آيون تڏهن آمنه پٽ تي ٻُڏل حالت ۾ پئي هئي. "اي خدايا! هو مري ويو! رشيد مري ويو!" جڏهن اڳڻ ۾ ويٺل ٻيون عورتون اندر آيون، تڏهن آمنه ڇرپڻ واري حالت ۾ سيني کي ڳهورڻ لڳي. لارابه ننڍڙي کي ڪنيو مدد لاءِ رڙيون ڪري رهي هئي. لارائيءَ ڪجهه مدد ڪندي آمنه کي مٿي اُٿاريو. هُن پنهنجي ساڄي اک سان رشيد کي پويان ساهه ڪڍندي ڏٺو. جڏهن طلاطه ٻارڙي جو لاش ڪڍي ٻاهر نڪتي، تڏهن آمنه بستري تي ڪِري، مايوسيءَ مان سُڏڪا ڀرڻ لڳي.

پوءِ ڪنهن کيس ننڊ جون گوريون کارائي سُمهاري ڇڏيو. جڏهن هوءَ سجاڳ ٿي ته کيس ان حقيقت تي يقين نه پئي آيو. هوءَ ان کي ڪو ڊيڄاريندڙ خواب سمجهي رهي هئي. پر سچائيءَ کي ڄاڻڻ کان پوءِ هوءَ اُن سموري واقع ۾ پنهنجي ڪنهن غلطيءَ کي ڳولڻ لڳي. هوءَ ايڏي وڏي هاڃي کان بچڻ لاءِ ڇيو ڪري به ڇا ٿي سگهي! جڏهن عورتون تعزيت لاءِ آيون، ته هُن مُنهن ويڙهي، ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ رڳو ايترو چئي

سگهي تہ، ”آئون جلد پاڻ سنڀالي وٺنديس.“ ڪيس الحاج جي اهڙي ورتاءَ جو سبب سمجھہ ۾ نہ پئي آيو تہ آخر هو حالتن کي ڇو نہ سمجھي سگهيو! هُن دُعا گهري: ”خدايا! مون کي هن غير يقيني صورتحال، پريشانين ۽ مسئلن کان آزاد ڪر! مون کي رحمدل يا بي رحم موت عطا ڪر! آخر ڪيستائين مون کي هن خوف ۽ ويچارگيءَ جي حالت ۾ زندهہ رهڻو پوندو؟ خدايا! آخر ڀلا تون ماڻهن جي دلين کي محبت، شفقت ۽ سچاهہ سان ڇو نٿو نوازين!؟“

هن جي ڪابيءَ اک مٿان رت جو ڳاڙهو داغ هو. سندس اکيون ڳاڙهيون ۽ چپ سُوڄيل هئا. سندس جسم جي هر حصي تي زخم هو. هوءَ هيٺائيءَ جي ڪري اُٿي بہ نٿي سگهي. هوءَ کٽ تي ليٽيو سڏڪا ڀري رهي هئي. سندس مٿي ۾ سُور هو. هن پنهنجو مُنهن ٻانهن ۾ ڏيئي رُوئڻ شروع ڪري ڏنو. هوءَ پنهنجي ماءُ ۽ اولاد جي مرڻ تي ماتم ڪري رهي هئي. هن رُنو پئي، جو سندس مڙس ڪيس بي رحميءَ سان ماريو هو ۽ غليظ گاريون ڏنيون هيون. هُن رُنو پئي جو هاڻ ڪيس سمجھہ ۾ اچي چڪو هو تہ هوءَ گهر ۾ ڪمزور ۽ غير محفوظ آهي. هوءَ پنهنجي معصوميت ۽ وفاداريءَ جي شاهد هئي، پر پوءِ بہ سموري رات ليٽي، ماتم ڪندي رهي.

ٻن هفتن تائين آمنہ سخت ڏُک ۽ بي عزتيءَ جي احساس جو شڪار رهي. ان بي رحم رات جون يادون اڃا تائين تازيون هيون. هوءَ هيٺائيءَ جي ڪري پنهنجي وحشت جو اظهار نہ پئي ڪري سگهي. آمنہ کي الحاج هارون جو هٺ اڃا سوڌو ياد هو. ڪيس احساس هو تہ الحاج مٿس ۽ پنهنجي پُٽ تي، پنهنجي طاقت ۽ ڪاوڙ جو غلط استعمال ڪيو آهي. هو ڪيس وفادار، ايماندار ۽ فرمانبردار بنائڻ ۾ تہ ڪامياب ٿيو پر... ان خوفناڪ رات کان پوءِ هوءَ ٻهريون ٻيهر مُرڪي، پر اُها مُرڪ مُرجهايل هئي. ٻهريون ٻيهر پنهنجي مئل پُٽ جي تصوير ڏسي هوءَ رُني ڪانہ! هن هڪڙي مختصر حياتي گذاري، صرف ڇهن مهينن جي، ۽ پوءِ هڪ درديلي انداز ۾ مري ويو. ڪيس موچڙن دوران ڪيل پنهنجون سموريون

التجائون ياد آيون. جڏهن مرڻ هُن پٺي گهريو پر مري رشيد ويو ۽ پاڻ اُجا زندهہ هئي!

سندس سُڄيل اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا ۽ هوءَ دريءَ ڏانهن وڌي. ڪڪر اڃا بہ گهاٽا هئا ۽ هوا گُهٽيل رهي هئي. جسماني تڪليف سهڻ جوڳي بڻجي رهي هئي. هن ڪي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هوءَ رشيد جي موت کي ڪيئن تسليم ڪري!؟ زندگي عارضي ڇو آهي؟ موت ڪان ڇو ٿا ڊڄن؟ ماڻهن کي ظلم ڪرڻ سان ڇا ٿو حاصل ٿئي؟ ڇا ظلم ۽ سنگدلي انساني فطرت جو حصو آهي؟ ماڻهن جي نفرت، بدسلوڪي ۽ قتل و غارت جو ذميوار ڪير آهي؟ خدا يا انسان؟

هن ڳوڙها اُگهي مستقبل بابت سوچيو. هن طلاق نہ وٺڻ ۽ ان ئي هنڌ رهڻ جو فيصلو ڪيو. جيڪڏهن طلاق وٺي ڇڏيو تہ ڪير مون سان شادي ڪندو؟ بابي تہ پرڻائي گهران روانو ڪري ڇڏيو هاڻي مون کي ڪير پاڻ وٽ رکندو؟ هوءَ هن ئي گهر ۾ رهي، پنهنجون سموريون صلاحيتون عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪندي.

فاطمہ مُرڪندي ڪمري ۾ داخل ٿي. آمنہ پنهنجيون سُڄيل اکيون ۽ ڦتيل مُنهن ڏانهنس موڙيو. فاطمہ جي مُنهن تي حيراني ڏسي هوءَ بس ڪِلڻ واري ٿي هئي.

"رشيد مري ويو!" آمنہ سندس حيرانگيءَ جي جواب ۾ چيو.

"ڇا!؟"

"ويهہ! ٻڌايانءِ ٿي... ڪافي ڏکي ڪهاڻي آهي."

آمنہ سڄو قصو ٻڌايو. فاطمہ ڏڄي وئي. آمنہ جا زخم ڏسڻ جي باوجود ڪيس يقين نہ پئي آيو. هوءَ پاڻ کي سنڀالي نہ سگهي ۽ رڳو ايترو چئي سگهي: "اهڙي وحشيانہ حرڪت ڏوهہ آهي!" ۽ پوءِ رُوئڻ لڳي.

"پريشان نہ ٿي!" آمنہ ڳوڙها اُگهندي چيو "آئون جسماني طور چاڪ چڱي ڀلي ٿي چڪي آهيان. اهو سڀ تقدير جو حصو آهي پر فاطمہ! آئون هن حياتيءَ مان ٿڪجي پئي آهيان، پنهنجو پاڻ تي شرم ٿو اچي، پاڻ سان ٿيل سلوڪ تي شرم ٿو اچي. جو ڪجهہ ٿيو ان لاءِ مون

پاڻ کي گهڻو ئي سمجهايو پر ڪجهه بہ نہ وريو. اهي زخم بہ مون کي ذلت جو احساس ڏياريندا. مون کي تشدد ۾ حقارت جي ياد ڏياريندا. ها! مون کي لڳي ٿو تہ آئون هن دنيا ۾ اجنبي آهيان. هر شخص مون کان نفرت ڪري ٿو. هر ڪو منهنجي خلاف آهي. آئون سيني کي دوکو پيئي ڏيان... هر ڪنهن کي...“ هوءَ بيهي رهي ۽ زور سان رُوئڻ لڳي.

جڏهن فاطمہ آمنہ جون ڳالهيون ٻڌيون، تہ پنهنجا ۾ سندس ڳوڙها اُگهڻ لڳي. هن پنهنجي سهيليءَ کي همت ۽ حوصلي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. ”جڏهن انسان ڏک، تڪليف يا دٻاءَ جو شڪار هجيّ، تہ نفرت جو احساس فطري عمل آهي. پر ڪڏهن بہ هار نہ مڃجانءِ!“

کين ٻاهر الحاج جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو ۽ ٻنهي هڪٻئي ڏانهن ڏٺو.

هَو هٿ ۾ بيگ کڻيو مُسڪرائيندو اندر داخل ٿيو. فاطمہ اُٿي بيهي چوڻ لڳي، ”آئون هلان ٿي.“

”آئون اوهان کي وڃڻ لاءِ نہ پيو چوان!“ الحاج مُرڪندي چيو.

”مون ائين ناهي چيو! مون کي پيا بہ ڪم آهن.“

”لاگوس ۾ هڪ دعوت دوران منهنجي اوهان جي والد سان ملاقات ٿي هئي.“

”مون کي معلوم آهي، هو لاگوس ۾ آهي.“

”جلدئي تون وڪيل بڻجي ويندينءَ!“

”جڏهن ڪورس مڪمل ٿي ويندو.“ فاطمہ وراڻيو. هوءَ الحاج ڏانهن مُڙي ۽ اکيون ملائي چوڻ لڳي. ”مون کي آمنہ ساڻ اوهان جي رويي تي مايوسي ٿي آهي. هوءَ اوهان جي زال آهي، ٻانهي ناهي. هوءَ بہ اوهان وانگر انسان آهي. توهان جي اها حرڪت، هيستائين جي اوهان جي ڪِريل ۽ ذلت آميز حرڪت هئي. تو ساڻ ڪو مسئلو آهي! جڏهن بہ ڪو مرد پنهنجي زال کي مارڻ جو سوچي ٿو. تڏهن اهو بهادر نہ پر بي وقوف ۽ ظالم هوندو آهي. زال سان پيار ڪرڻ گهرجي، کيس مارڻ نہ گهرجي...“

الحاج هارون ڳالهہ ڪاٽيندي چيو: ”مون کي پنهنجي ئي گهر ۾ ذليل نہ ڪر!“

”آئون ٻاهر وڃان ٿي! مون توکي رڳو ايترو ٻڌائڻ ٿي گهريو تہ تون ڪيترو غير مهذب آهين...“

”وچ وچ ۾ سُڪون سان رهہ!“ هن سخت لهجي ۾ چيو.

فاطمہ وڃڻ ويل آمنہ کي چيو ”آئون جلد ئي توسان ملڻ ايندس. پلائي ڪري ايترو سوچڻ ۾ روئڻ کان پاسو ڪر! آئون تنهنجي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهيان. خدا رشيد جي روح کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي.“

الحاج جي شڪل مان آمنہ کي ڊپ پئي ٿيو. هوءَ پنهنجي مڙس کان نفرت محسوس ڪري رهي هئي، توڙي جو نفرت ڪرڻ سندس فطرت ۾ شامل نہ هو ۽ هوءَ لڳاتار منفي سوچن کي ذهن مان ڪيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هن اهو تسليم ڪرڻ پي چاهيو تہ اهو سڀ ڪجهہ تقدير جو حصو هو. هُن ان کي تقدير جو ظلم ستم ٿي ڄاتو. هن کي اُها بہ اميد هئي تہ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ خدا ڪيس بهتر طور نوازيندو. هوءَ الحاج جي تيز رَويي جي سبب کي نہ پئي سمجهي سگهي.

ان وچ ۾ گذريل ڪجهہ ڏينهن دوران سندس رَويو تبديل ٿي چڪو هو. هو اڪثر ٿوري ٿوري وقت لاءِ ايندو هو پر هن اڃا ڪنهن تبديليءَ تي تفصيلي ڳالهہ نہ ڪئي هئي. هو پنهنجي ڪاروبار بابت ڳالهائيندو هو ۽ ڪنهن بہ چڙ واري موضوع کان پاسو ڪندو هو. آمنہ منجهس مثبت سوچ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، ۽ سندس هر ڳالهہ ٻڌندي هئي. اهي ٻئي ڊيرج سان اُن خال جي پرجڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا.

آڌي رات هئي ۽ آمنہ سُمهي چڪي هئي. الحاج هارون ڪمري ۾ داخل ٿي، جلدي دروازو بند ڪري ڇڏيو. ان جهيڙي کان پوءِ هو پهريون ڀيرو وٽس سُمهڻ آيو هو. آمنہ گهبرائجي اُٿي ويٺي ۽ انڌيري ۾ سندس عڪس ڏسي ڊڄي وئي. ”هاڻ تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي؟“ هن بستري تي ويهندي پُڇيو.

”بهتر آهي.“ آمنہ آهستي وراڻيو.

الحاج ڳالهائيندو رهيو پر آمنه جي ذهن ۾ اُن رات وارا واقعا ڦرندا رهيا. ليڏڻ کان پوءِ آمنه اڪيون ٽيڙيون ڪري هُن ڏانهن ڏٺو. هن ڪا ڪم واري ڳالهه نه پئي ڪئي. هو اڌورا جملا ۽ بي معنيٰ لفظ ادا ڪندو پئي ويو. جڏهن سندس جسم آمنه کي ڇُهيو ته هوءَ روئڻ لڳي.

—

ٻڪاروءَ جي عورتن جي انجمن، پنهنجي منصوبن تحت عمل ڪري رهي هئي. آمنه جي غير موجودگيءَ ۾ گڏيل سهڪار واري تحريڪ جو افتتاح ٿي چڪو هو. وڏيڪ عورتن پنهنجي بيڪار زمين کين حوالي ڪئي هئي. اسپورٽ گروپ، پنهنجي منصوبي ”مضبوط قوم“ جو افتتاح ڪري، جماعت لاءِ فرنيچر، ڪتابن ۽ ٻي مواد جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو.

آمنه ان عمل مان خوش هئي. توڙي جو هوءَ ٻيهر ”ٻڪاروءَ جي صفائيءَ جو پروگرام“ تحت هڪ نئين مهم شروع ڪرڻ جي خواهشمند هئي، ڇو جو سندس خيال ۾ رستا ٻيهر خراب ٿي رهيا هئا. هن ٻيري هن مردن کي به پاڻ سان شامل ڪرڻ چاهيو پئي. ٻار پڻ وڻن جي پنن ۽ ٻين شين کي صاف ڪرڻ ۾ مددگار ٿي پئي سگهيا. اُهي ڪڏن ڪٻن کي به مٽي ۽ پٿرن سان پُري پئي سگهيا. عورتون پنهنجي اڱڻن، گهرن ۽ گهٽين ۾ ٻهارو ڏئي ٿي سگهيون.

## باب سترهون

سجّ جا ڪِرِٽا دريءَ مان داخل ٿي آمنہ جي چهري کي ڇُهي رهيا هئا. هُن اوٻاسيون ڏيڻ ۽ آرس ڀڃڻ شروع ڪري ڏنا. اڃا ڪم تي نڪرڻ جو وقت نہ ٿيو هو ۽ ٿورا ماڻهو ئي گهرن کان ٻاهر نڪتا هئا. آمنہ دريءَ ڏانهن وڌي. ٻڪارو اڃا آهستي آهستي سجاڳ ٿي رهيو هو. آمنہ اڳيان وڌي دريءَ کولي ڇڏي. ٿڌي ۽ تازي هوا اندر داخل ٿي وئي. هوءَ وهنجي اگهڙ ۾ آئي ۽ نيرن ڪيائين.

ڪجهہ دير کان پوءِ هيڊ ڪوارٽر ڏانهن رواني ٿي. اُتي مردن، عورتن ۽ ٻارڙن جو هجوم ڏسي، هوءَ پاڻ بہ حيران ٿي وئي. اهي سڀ سندس سڏ تي، ٻڪاروءَ جي صفائيءَ جي منصوبي تي عملدرآمد لاءِ گڏ ٿيا هئا. هوءَ ان معاملي ۾ ڏاڍي پرجوش هئي. گلوريا مُرڪندي هجوم جي اڳيان آمنہ جو آڌرڀاءُ ڪيو. ”پوري تياري ٿي چڪي آهي.“ گلوريا چيو. ”ريبڪا محڪمءِ صفائيءَ جي آفيسرن کي وٺڻ وئي آهي.“

”توکي ڇا ٿيو آهي؟“ آمنہ گلوريا کي ويجهو سڏي ڪن ۾ ڀُڻڪي. ”وزن ڪافي گهٽجي ويو اٿئي!“

”اها ڊگهي ڪهاڻي آهي.“ گلوريا جواب ڏنو ”پوءِ ٻڌائينديس.“

آمنہ ڪجهہ ٻارن کي ٻڪاروءَ جي نقشي سان گڏ، ميز تي جهڪيل مٿي سان بيٺل ڏٺو. اهي پاڻيءَ جي نيڪال واري هڪ نئين نظام ۽ ان کي دريا سان جوڙڻ واري منصوبي تي ڳالهائي رهيا هئا. ان گروهہ جي صدر پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو تہ پاڻ نٿ اينل آهي ۽ ٽائون پلاننگ جي شعبي جو شاگرد آهي. هن پنهنجي منصوبي جي تفصيل کان آمنہ کي آگاهہ ڪيو.

”مشڪل ڪم آهي؟“ آمنہ پُڇيو.

”بيشڪ! پر مزيدار آهي.“

”ڪوتائي ڪير ڪندو؟“ آمنہ پُڇيو.

”اهي ماڻهو هُتي-“ هن ڪوڏرن، بيلچن ۽ رنبن سان ليس ماڻهن جي هڪ ٽولي ڏانهن اشارو ڪيو.

”اسان دانشور آهيون.“ ٽولي مان آواز آيو.

اهو ٻُڌي سڀ کِلڻ لڳا. ”آئون ڄاڻان ٿي تہ اوهان دانشور آهيو.“ آمنہ چيو.

”بيگم صاحبہ اوهان ڄاڻو ٿيون،“ نٽ اينل ڳالهہ شروع ڪندي ٻيو ”تہ اسان هتي سمورن ڳتُرن کي گڏي، پاڻيءَ کي هِن طرف ڪيڻ چاهيون ٿا.“ هن نقشي مٿان هٿ ڦيريندي چيو ”پر اسان اڳيان ڪي مسئلا آهن.“

”اهي ڪهڙا آهن؟“

”منصوبي جي تڪميل لاءِ هاڻ اسان وٽ هڪ ئي راهہ آهي، تہ ڪوتائي ڪري، پاڻيءَ جي نيڪاليءَ لاءِ هڪ ٻيو رستو جوڙيون. ان ڪم لاءِ اسان وٽ ضروري سامان جي کوٽ آهي.“

”پاڻيءَ جي نيڪالي هتان کان ڪري، هُتان کان ڇو نٿا موڙيو؟“ آمنہ نقشي تي آڱر ڦيريندي پُڇيو.

”زمين جي مالڪ جڳهہ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.“

ٺيڪ آهي، سڀ کان سولو رستو ڳوليو ۽ ڪم شروع ڪريو!“ اهو چئي فاطمہ ڏانهن وڌي، فاطمہ هاڻ ئي پهتي هئي.

”ماڻهن جو ايڏو وڏو انگ ڏسي، آئون ڏاڍي خوش ٿي آهيان.“ فاطمہ چيو. ”اهو توتي اعتماد جو ثبوت آهي. تون اڪيلي ناهين. ماڻهو توتي ڀروسو ڪن ٿا، توتي اعتماد ڪن ٿا. سمورن هتي پهچي ان جو ثبوت ڏنو آهي، تون جيڪي چوندينءَ، هي اهو ڪندا. جيستائين اسان جي ڳالهہ آهي تہ تون سدائين لاءِ اسان تي ڀروسو رکي سگهين ٿي! اسان سدائين توسان گڏ آهيون!“

"آئون پاڻ اهو هجوم ڏسي حيران هيس." آمنہ قبول ڪيو "۽ اوهان جي ساراهہ بہ مون کي خوش ڪيو. وڏي وڏي مهرباني!"

"قتل نڪ وارو ڪيئن آهي؟" فاطمہ پڇيو.

"ٺيڪ آهي، سگهو ئي سعودي عرب وڃي رهيو آهي."

"هن معافي گهري؟" فاطمہ پڇيو.

"هُون...! ڇا ٻڌايان؟ هن مڃيو تہ هو بنا ڪنهن سبب جي جذباتي ٿي ويو هو پر هُن معافي نہ گُهري." آمنہ ڏاڍي ڏکيائي سان ايترو چيو ۽ سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ هن جلدئي اهي اُگهي ڇڏيا.

"خدايا!" فاطمہ دانهن ڪئي ۽ ڏُک وچان متو ڏوڻڻ لڳي. "اهي سيئي هڪجهڙا آهن."

هنن هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو. آمنہ اُداسيءَ مان ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. "پريشان نہ ٿي، آئون ٺيڪ ٿي ويندس. جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي چڪو... تاريخ..."

"ها! پنهجي دل وڏي رکجانءِ ۽ همت متان هارين. ۽ نہ ئي شڪست قبول ڪجانءِ!"

"تو 'مضبوط عملن' وارو منصوبو ڇا لاءِ شروع ڪيو؟"

"جڏهن توسان اهو سڀ ڪجهہ ٿيو تڏهن اسان کي لڳو تہ رشيد تہ مري چڪو آهي، پر اسان کي عورتن جي انجمن کي زندهہ رکڻو آهي."

شام تائين صفائيءَ وارو ڪم مڪمل ٿي چڪو هو. صرف سنيال واري ڪم ئي آمنہ کي هٽي ٿڪائي وڌو هو. مرد ۽ شاگرد شام تائين نيڪاليءَ واري نظام لاءِ ڪوتائي ڪندا رهيا. سڄو ڏينهن موسم مزيدار رهي ۽ آسمان تي ايڪڙ ٻيڪڙ بادل موجود هئا. پر شام واري نماز کان پوءِ بارش جا ٿُلها ٿُلها ڦڙا ڪِرڻ لڳا. ٿوري ئي دير ۾ بارش طوفاني شڪل وٺي وئي. تيز هوا دريون کڙڪائي رهي هئي ۽ پاڻيءَ جا ڦوهارا ڪمري کي لوڏڻ لڳا هئا. ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين مينهن وسندو رهيو ۽ پوءِ آهستي آهستي طوفان جو زور ٽُٽڻ لڳو. بارش سج اُڀرڻ کان ٿورو اڳ بيهي چڪي هئي.

صبح جو آمنہ وٽ نيرن ڪرڻ جو بہ وقت نہ هو. هوءَ تيزيءَ سان ٻاهر نڪري ويئي. سج پوري آب و تاب سان چمڪي رهيو هو ۽ گرمي محسوس ٿي رهي هئي. هن سموري ٻڪاروءَ جو چڪر لڳايو. گهٽي پاڳي ماڻهن عزت ۽ محبت سان سندس آڌرڀاءُ ڪيو. ماڻهو سڀ ڪم ڇڏي سندس مهرباني مڃڻ لاءِ هن جي اڳيان گڏ ٿي ويا. مردن ۽ عورتن سندس ساراهہ ۾ وسان ڪين گهٽايو. رستن جا ڪڏا ۽ پاڻيءَ جا ڍبا ختم ٿي چڪا هئا. گٽرن مان پاڻي وهي رهيو هو. ٻڪارو يقين جي حد کان وڌ صاف سٿرو هو ۽ هوءَ ان تي فخر محسوس ڪري رهي هئي.

الحاج هارون سعودي عرب هليو ويو. آمنہ گهر ۾ رهي ۽ پنهنجا رات ڏينهن اڪيلائيءَ ۾ ڪاٽڻ لڳي. هوءَ پنهنجي ڪمري مان تمام ٿوري وقت لاءِ نڪرندي هئي. ٻارن کي ڏسي سندس طبيعت خراب ٿي ويندي هئي. شايد اهوئي سبب هو جو هوءَ گهڻو وقت ڪمري ۾ ئي ويٺي سوچيندي رهندي هئي. رات جي وقت هوءَ ڪمري اندر ستي ستي روئڻ لڳندي هئي. ڪيس رڳو ڪتابن پڙهڻ سان ئي سڪون ملندو هو. ماڻهن جا مشاهدا ۽ تجربا مٿس گهرو اثر ڇڏيندا هئا. اهي ڪيس يقين ڏياريندا هئا تہ سندس مسئلا ڪي انوکا نہ هئا. اهو احساس سندس ڏک درد کي ڪي قدر گهٽائيندو هو.

هڪ ڏينهن هوءَ لاڙائيءَ سان، گڏيل سهڪار واري تحريڪ جي زمينن جي جاچ لاءِ وئي. ٻنيءَ وچان هلندي هن هڪ مڪئيءَ جي ٻوٽي کي هٿ لاتو اهو ڪانئس ڏڪهو هو. هن سوچيو تہ يقينن عورتن جي آڳرين ۾ زندگي آهي، پاڻ کان سواءِ بہ فصل سٺو هو اهو هڪ يادگار ۽ تاريخي ڏينهن هوندو. آمنہ خدا کان ان ڏينهن تائين زندهہ رهڻ جي دُعا گهري.

اڳڻ ۾ سندس ملاقات ربيڪا سان ٿي: "اسان وٽ تو لاءِ ۽ ٻين عورتن لاءِ هڪڙو خاص تحفو آهي." ربيڪا اعلان ڪيو.

"ڇا آهي؟" آمنہ ڄاڻڻ لاءِ بي تابيءَ مان پُڇيو.

"اسان ڇنڇر ڏينهن ٻڪاروءَ ۾ 'صحت جو ڏينهن' ملهائي رهيا آهيون.

"اها تہ ڏاڍي سٺي ڳالهہ آهي، مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟"

”هميشه وانگر عورتن کي گڏ ڪرڻو آهي، پر هن ڀيري تمام سخت محنت ڪرڻي پوندي. فاطمہ تنهنجي شامل ٿيڻ لاءِ ضد ڪري ويٺي آهي.“
”ٺيڪ آهي.“
”اوهه! توکي ٻڌائڻو هو تہ مختار کي هڪ ننڍڙو حادثو پيش آيو آهہ.“
”هو هن وقت ڪٿي آهي؟“
”گهر ۾ آرام پيو ڪري.“
”منهنجي طرفان ڪانئس پڇجانءِ!“
”پڇنديس.“ ربيڪا واعدو ڪيو ۽ تيزيءَ سان واپس هلي ويئي.
ڇنڇر ڏينهن آمنہ محڪمہءِ صحت جي ملازمن، ڊاڪٽر، نرسن، محڪمہءِ صفائيءَ جي آفيسرن ۽ ربيڪا بڪاروءَ جي سمورن گهرن جو دؤرو ڪيو. انهن بيمارن جو حال پڇيو ۽ مفت طِبي مشورا ڏنا. آچر جي صبح جو آمنہ ٿڪل ٽُٽل حالت ۾ اُٿي. ٻنپهرن جو فاطمہ ۽ بلقيسو ملاقات لاءِ آيون، تہ هوءَ اڃا تائين بستري ۾ هئي. هوءَ اُٿي ويٺي ۽ نِڇون ڏيڻ لڳي. ڇوڪريون کِلڻ لڳيون. ”ربيڪا ڪيئن آهي؟“ آمنہ هڪدم پڇيو.
”اسين جڏهن آياسين پئي تہ هوءَ سُتي پئي هئي.“ بلقيسو جواب ڏنو.
”هيءَ مهم بہ ڪامياب رهي.“ آمنہ جهيڻي آواز ۾ چيو. ”پر ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. ڏاڍي ٿڪاوٽ ۽ هيڻائيءَ جي شڪار آهيان. آئون سمورو ڏينهن ڳالهائيندي ۽ هلندي رهي آهيان.“ هوءَ ٿورو کنگهي ۽ پوءِ نِڇون ڏيڻ لڳي.
”جلدئي تون دنيا جو نِڇون ڏيڻ وارو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيندينءَ!“ بلقيسو پوڳ ڪندي چيو.
”... ۽ تنهنجو نالو گنيز بُڪ ۾ شامل ٿي ويندو.“ فاطمہ جملو پورو ڪيو.
”مگر...“ آمنہ وڏي آواز ۾ چيو ”اهو زندگيءَ جو سٺو تجربو هو.“
”تنهنجي آگر کي ڇا ٿيو؟“ فاطمہ پڇيو.

"هڪڙيءَ مائيءَ جا ٻُنهن لاهيندي زخمي ٿي پئي، زخم زياده گهرو ناهي، پريشان نہ ٿي، مون کي تہ اُن عورت تي قياس پيو اچي. هوءَ پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ اڪيلي رهي ٿي."

"آمنہ اُٿي ۽ وهنجي سهنجي، ڪپڙا مٽائڻ هلي ويئي. پوءِ هن ٽُڪن لڳرائڻ دوران عورتن جي تاثرات تي ڳالهايو. اجا هوءَ نيرن مان مس واندي ٿي هئي تہ فاطمہ چيو: "جلدئي ڪيمپس ۾ عورتن جي مسئلن بابت ڪانفرنس ڪوٺائي پئي وڃي. اسان بڪاروءَ جي عورتن جي انجمن بابت تنهنجي نالي هڪ دستاويز پيش ڪرڻ چاهيو ٿا. اسان ڪن ٻين منصوبن تي بہ ڪجهہ مواد گڏ ڪيو آهي، ۽ اسان توکان صحت واري مهم جي حوالي سان ڪي سوال پُڇڻ گهرون ٿا. ربيڪا ان ڪانفرنس ۾ انهيءَ مهم جو خلاصو پيش ڪندي."

"مون کي ڪو اعتراض ناهي." آمنہ جوشيلي انداز ۾ وراڻيو.

"ڪالهوڪي مهم مان تو ڇا سبق حاصل ڪيو؟" فاطمہ هڪدم ٻيهريون سوال ڪيو.

آمنہ پنهنجي ذهن کي يڪجاءِ ڪيو. هاڻ کيس ڳالهہ ٻولهہ جي اهڙي انداز مان ڪو ڊپ محسوس نہ ٿي ٿيو. "آئون ٻيهرين تہ اوهان کي ان مهم جي مقصدن کان آگاهہ ڪرڻ چاهيان ٿي." هن چند گهڙين جي ماٺ بعد چيو: "اسان صفائيءَ جي معيار کي بهتر بنائڻ ۽ بنا معاوضي تڪڙي طبي امداد فراهم ڪرڻ جي خيال سان گهرن ۾ ويا هئاسين. اسان اٽڪل ٽَوي سيڪڙو گهرن جو دؤرو ڪيو ۽ مردن ۽ عورتن ۽ ٻارڙن جو معائنو ڪيو... اسان ملڪ جي غريب ترين حصي ۾ هئاسين. هتي هڪ سال جي عمر کي پهچڻ کان اڳ ٽي چئن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻار مريو وڃي. ڊاڪٽرن موجب ان جو سبب ويم جي معاملن کان اڻ ڄاڻائي، ۽ صحت جو خراب معيار آهي. پيئڻ جو پاڻي کوهن يا دريا مان حاصل ڪيو وڃي ٿو ۽ ان کي استعمال کان اڳ اوٻاريو نٿو وڃي. انهيءَ ڪري دست هيضہ ۽ ٻيون وبائي بيماريون عام آهن."

"گهڻي ڀاڱي عورتون لاچاريءَ جي حالت ۾ جيئريون آهن، ۽ انهيءَ ڪري ئي اهي پنهنجي اصل عمر کان وڏيون لڳن ٿيون. ان مهم دوران مون اندازو لڳايو تہ گهرن جي خراب حالت پڻ صحت تي منفي اثر پيدا ڪري رهي آهي، ۽ خاص طور ٻارڙن تي- ان دباءَ جو مٿن ڏاڍو اثر پئجي رهيو آهي. ڪالهہ اسان اهڙن ڪيترن ٻارن جي طبي مدد ڪئي يا وري اهي قصا ٻڌا، جيڪي ٻاهہ، ٿهڪندڙ پاڻيءَ يا وري اهڙي نموني جي حادثن جو ڪاڄ بڻيا هئا. هڪ نوجوان ڊاڪٽر پڻ اهڙن ئي خيالن جو اظهار ڪيو ڇو جو گهڻي ڀاڱي خاندان جا ڀاتي هڪ ئي ڪمري ۾ رهن ٿا، ۽ ماني پڪائين ٿا. اُتي هوا جي اچ وڃ جو بہ ڪو خاص انتظام ناهي، تنهنڪري گهڻن کي دم جي مرض جي شڪايت آهي."

"توهان کي ڪهڙن بنيادي مسئلن کي مُنهن ڏيڻو پيو؟"

"مهم جي شروعات ڏاڍي سُست رفتاريءَ سان ٿي. ڪن مردن، اسان جي مرد ڊاڪٽرن کي ۽ ٻين طبي ماهرن کي گهرن ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو ۽ پنهنجين زالن جي چڪاس لاءِ صرف ڊاڪٽرياڻين ۽ نرسن کي ئي چڪاس جي اجازت ڏنائون. اوهان تہ ڄاڻو ٿيون تہ ڊاڪٽرياڻين جي کوٽ آهي، قومي سطح تي گهڻي ڀاڱي ڊاڪٽرياڻيون اسان جي رياست جون ناهن. تنهنڪري عورتن ساڻ ڳالهہ ٻولهہ دوران ٻوليءَ جا مسئلا پيدا ٿي پوندا هئا. شايد هاڻ اوهان کي منهنجي آواز جهيڻي ٿيڻ جو ڪارڻ سمجهہ ۾ اچي ويو."

"اوهان ماڻهن جي صحت جي معاملن بابت وڌيڪ ڇا ٿيون چئو؟" بلقيس ان مسئلي تي وڌيڪ روشني وجهڻ تي زور ڀريو.

"صحت جي مسئلن بابت بنيادي ڄاڻ ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. ڪوڙ ساريون قابلِ علاج بيماريون موجود آهن، پر بدقسمتيءَ سان انهن جو علاج ئي نٿو ڪرايو وڃي، ۽ اهڙيءَ طرح عام بخار بہ موت جو ڪارڻ بڻجيو وڃي. اسان ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جماعتن مان ان موضوع تي وڌيڪ ڏيان، ۽ وقت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هڪ ٻي دردناڪ حقيقت اها بہ آهي، تہ پيچش ۽ هيضہ جهڙيون عام قابلِ

علاج بيمارين ۾ خاص طور ٻارن ۾ خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويون. طبي ماهرن موجب گهڻي ڀاڱي عورتن جي صحت جي مسئلن جو بنياد نفسياتي دٻاءُ آهي.“

”ڪلهوڪي تجربي کان پوءِ آئون اها ڳالهه يقين سان چئي سگهان ٿي، ته عام ماڻهن لاءِ سستي ۽ سِڌي طبي امداد جي فراهميءَ کي يقيني بنائڻ آسان آهي، پر شايد ان دوران ڪن ماڻهن کي پنهنجو حق سچ جو سڌ قربان ڪرڻو پوي.“ هن هڪڙو ٿهڪ ڏئي ڳالهه پوري ڪئي.

”اوهه! آئون هڪ ڳالهه ٻڌائڻ ته ڀلجي ويس!“ آمنه ٻيهر ڳالهايو: ”اسان حڪومت کي صفائيءَ جي حوالي سان عدالت جوڙڻ جي تجويز ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. بنيادي طور ان ۾ عورتن کي نوڪريون ڏنيون وينديون، جيڪي هر هفتي شهر جي جانچ ڪنديون. بلدياتي حڪومت اسان کي ڪچري اُڇلڻ لاءِ ڊرم ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي. اسان ضلعي ڊسپينسريءَ کي عارضيءَ طور کولڻ جو بندوبست به ڪيو آهي. ڇهه سال اڳ ان کي بند ڪيو ويو هو. ٻه نرسون شام جو واري واري سان مريضن کي چڪاسڻ لاءِ راضي به ٿي ويون آهن. مستقل قدمن کڻڻ جي ڏِس ۾ آئون پنهنجي گهر جي ڪجهه ڪمرن کي فلاحي ڪلينڪ طور استعمال ڪرڻ چاهيان ٿي. مستقبل ۾ اسان ذاتي طور ڊاڪٽرن ۽ نرسن کي نوڪريءَ ۾ رکڻ واري منصوبي تي به ڪم ڪري رهيا آهيون.“

آمنه پنهنجي ڪولڊ ڪافيءَ جو ڍڪ ڀريو. فاطمه هڪ ٽيپ رڪارڊر کڻيو ۽ رڪارڊنگ جي معيار بابت پڪ ڪرڻ لاءِ انٽرويوءَ جو آخري حصو ٻڌو.

آمنه حيران ٿي وئي، ”تو انٽرويو رڪارڊ پئي ڪيو!؟“ هن پڇيو.

”ها ــ ريبيڪا جو ڪردار ڪيئن لڳو؟“ فاطمه پڇيو.

”ڏاڍو سٺو بهترين، هُن گهڻي محنت ڪئي آهي.“

”هوءَ اڃا به بهتر ٿي سگهي ٿي، پر منجهس پڇرين وِڪ کڻڻ جي صلاحيت ناهي.“ فاطمه چيو.

"نہ! آئون توسان متفق ناهيان." آمنہ ڳالهہ تي زور ڏيندي چيو: "هن جو ڪم نهايت سٺو هو. توکي ڪيس داد ڏيڻ کپي، ۽ چڱي ڪم ڪرڻ سبب سندس مدد بہ ڪرڻ گهرجي."

"ڪالهہ منجهند جي مانيءَ جي حوالي سان ربيڪا ڪجهہ چئي رهي هئي، ڇا ٿيو هو؟" بلقيسو پُڇيو.

"هڪڙي هارياڻي اسان کي ماني کارائي هئي، ان عورت ٻڌايو تہ سندس مڙس گذريل ڇهن مهينن کان بيمار هو شهر جي هر حڪيم وٽ بہ ويو پر مرض نہ لٿو. هاڻ وٽس خدا جي دعا کان سواءِ ڪوبہ چارو ناهي، ڇو جو هوءَ پرائيويٽ اسپتالن جا خرچ نٿي سهي سگهي. ان عورت ٻڌايو تہ مهم جي صبح ويل هن خدا کي ليلايو ۽ ٻاڌايو هو تہ هوئي هن لاءِ ڪو اهڙو مددگار موڪلي، جيڪو بنا معاوضي سندس مڙس جو علاج ڪري. جڏهن مون کيس ٻڌايو تہ هي علاج بنا معاوضي آهي، تہ هوءَ ذري گهٽ بي هوش ٿيڻ واري هئي."

"سندس مڙس جي مڪمل چڪاس تي، ڊاڪٽرن ڪجهہ دوائون لکي ڏنيون، ۽ مون کيس ڪجهہ پيسا ڏئي ڇڏيا. هڪڙي ڊاڪٽر پڻ سندس مڙس جي مڪمل صحتيابيءَ تائين باقاعدي چڪاس ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي. دوائن جو سڀ خرچ آئون ڪنديس.منجهند جو هن مانيءَ جي دعوت ڏني هئي. ماني ايتري ڪا سُٺي بہ نہ هئي، پر مون کيس خوش ڪرڻ لاءِ کائي ڇڏي. ربيڪا چواڻيءَ تہ اها ڪڙي هئي."

"ڇا هوءَ انجمن جي سرگرم ميمبر آهي؟" فاطمہ پُڇيو.

"نہ! هُن چيو تہ سندس مڙس انجمن جي ميمبرشپ جي خلاف آهي."

ڳالهہ ٻولهہ جو پاسو ٻي طرف مُڙيو بلقيسو ٻڌايو تہ هڪ ٻي يونيورسٽيءَ جي هڪ ليڪچرار دوست، هڪ هفتي لاءِ وٽس اچي رهي آهي.

"اها ڪير آهي؟" فاطمہ پُڇيو.

"تون کيس چڱيءَ ريت ڃاڻين! ادبي شعبي جي لڪچرار هاجره- هوءَ پنهنجي يونيورسٽيءَ ۾ عورتن جي تنظيم جي ڪوآرڊينيٽر آهي."

”پوءِ تہ اسان پنهنجي اڌوري ويڙهہ مڪمل ڪري وٺنداسين.“ فاطمہ چيو. ”گذريل سال آئون انهن جي ڪانفرنس ۾ وئي هيس، ۽ هڪ نقطي تي اسان جو سخت اختلاف ٿي پيو. هوءَ عورتن کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ نهايت ڪارائتي ٿي سگهي ٿي.“

—

ڪولوءَ اچي تعزيت ڪئي. آمنہ جي پُٽ جي موت وقت هوءَ ملڪ ۾ نہ هئي.

”تنهنجو مڙس توکي پاڻ سان گڏ سعودي عرب ڇو نہ وٺي ويو؟“ ڪولوءَ پڇيو.

”آئون پاڻ نہ ويس. انشاءَ الله آئون ذهني طور ٺيڪ ٿيڻ بعد حج ادا ڪنديس.“

”آمنہ، تون چري آهين! تو وٽ قيمتي شين خريد ڪرڻ جو بهترين موقعو هو. جيڪڏهن توکي خبر ناهي تہ ٻڌ! خدا سعودين کي تمام گهڻي دولت ڏني آهي. اُتي زيور تمام گهڻا سستا آهن، تون اُتان خريد ڪري هِتي وڪڻي چڱو نفعو ڪمائي پئي سگهين.“

”هُن مون سان سوڪڙين آڻي ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي.“

”جيڪڏهن ڪيس ڳالهہ وسري وئي؟ تون مردن کي ڄاڻين ٿي. هُن وٽ ڪوڙ سارو پيسو آهي، هو اُن ۾ ترندو رهي ٿو. پيسن ڪپائڻ ۾ سندس مدد ڇو نٿي ڪرين؟“ آمنہ ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ”آئون جلدئي سعودي عرب وڃان پئي، ۽ هن ڀيري توکي گڏ وٺي هلنديس. آئون ڪن ٻين عورتن کي بہ موڪليان پئي. تون ڪيترا زيوَر آڻيندينءَ— ۽ تنهنجي منافعي جو فيصلو پوءِ ڪبو.“

آمنہ سندس ردِعمل تي حيران نہ هئي، ۽ هاڻ ڪيس برابريءَ جي سطح تي جواب ڏيڻ لاءِ تيار هئي. ”منهنجو خيال آهي تہ هاڻي اسان کي اها ڳالهہ ڇِتي ڪري ڇڏڻ گهرجي.“ هن سخت لهجي ۾ چيو. ”آئون مذهبي ڪسوٽيءَ تي پوري لهڻ بعد، ۽ صرف مذهبي فرض ادا ڪرڻ لاءِ

سعوري عرب ويندیس. آئون اُتي ڪاروبار ڪرڻ يا وري تنهنجي لاءِ مال آڻڻ جي خيال سان نہ ويندیس! آئون جڏهن بہ سعودي عرب ويس، تہ ان جو مقصد صرف ۽ صرف حج هوندو.“

آمنہ کي ديمبيءَ ڳوٺ جو مذهبي پيش امام مُلون ياد آيو. هوءَ ڪولوءَ سان گڏ ڪانئس تعويذ وٺڻ لاءِ وئي هئي، تہ جيئن الحاج هارون جي دل ڪسي سگهي. ”ان شخص جي حقيقت کي بہ ڄاڻڻ گهرجي.“ آمنہ پنهنجو پاڻ کي چيو. هُن هيڏانهن هوڏانهن ڏِسي پڪ ڪئي، تہ ڪٿي سندس سوني واچ تہ نہ پئي نظر اچي.

”منهنجي واچ گم ٿي وئي.“ آمنہ ڪولوءَ کي ٻڌايو.

”انهيءَ مُلين (امام) وٽ ٿا هلون.“ ڪولوءَ هڪدم صلاح ڏني. ”صرف واچ لاءِ نہ، پر الحاج جي واپسيءَ کان پوءِ مٿس ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪا نئين دوا وٺي ٿا اچون.“

”هيءَ تنهنجي نئين گاڏي آهي؟“ آمنہ اڳڻ ۾ بيٺل گاڏيءَ ڏانهن ڏسندي چيو.

”ها! بلڪل نئين.“ ڪولوءَ فخريہ انداز ۾ چيو.

”ڏاڍي آرام ده آهي.“ آمنہ ويهندي چيو.

”مون کي سندس اهائي تہ خوبي پسند آهي.“ ڪولوءَ سِيٽ بيلٽ ٻڌندي چيو.

هن گاڏي استارٽ ڪئي ۽ ڊائڻ شروع ٿي وئي.

”مرسڊيز ڪيڏانهن وئي؟“ آمنہ پُڇيو.

”مون گهر ۾ بيهاري ڇڏي آهي.“

”توکي هر وقت گاڏيون مٽائڻ جو شوق ٿو ٿئي؟“

”منهنجي وندر آهي.“

اهي چُپ چاپ سفر ڪرڻ لڳيون. گاڏيءَ هڪ ڪائين جي نهيل پُل ڪراس ڪئي، ۽ پوءِ ڪچري ۾ رڙهندي اُن شخص جي گهر وٽ پهچي وئي. اهو هڪ سنهڙو سيپڪڙو ننڍي قد وارو شخص هو. سندس اکيون اندر ڌپيل هيون. هُن شاندار نموني سندن آڌرڀاءُ ڪيو.

"تنهنجيءَ دوست ڪولوءَ کي مون تي ڀروسو آهي." هُن آمنہ کي چيو. "هيءَ گُذريل پنجن سالن کان منهنجي مُريد آهي. مون کي معلوم آهي تہ اوهان هتي ڇا لاءِ آيون آهيو. تنهنجي مڙس سان تنهنجو سخت اختلاف هلي رهيو آهي، ۽ تنهنجي هڪڙي قيمتي واچ بہ گُم ٿي وئي آهي. تون هڪ وفادار ۽ نيڪ عورت آهين، پر ڪي ماڻهو توکي خوش نٿا ڏسڻ چاهين."

ڪولوءَ سندس نقطءِ نظر کي ساراهيو. آمنہ ڪجهہ گهبرائجي رهي هئي. پنهنجين ڪرامتن جي شروعات کان پوءِ هُن واچ جي وڃائجڻ جي بہ تصديق ڪئي. "ٻڌايو!" هُن پُڇيو. "ڇا الحاج کان سواءِ بہ ڪو مرد تنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيندو آهي؟"

"نہ!"

"پر ترس!" هُن پنهنجي رنگ برنگي تسبيح جي داڻن کي ڦيرڻ شروع ڪيو ۽ ڪجهہ ٻڙ ٻڙ ڪرڻ لڳو. "ها! هاڻ چٽو پيو ڏسجي! هيءَ عورت آهي. سندس ٽين زال۔ اها توسان سڙي ٿي، ڇو جو الحاج اڪثر تو وٽ ايندو رهندو آهي."

سندس ڳالهين دوران آمنہ مطمئن ٿي وئي، ۽ هاڻ ڪيس ڪِل پئي آئي! پوءِ بہ پاڻ چُپ رهي ۽ سندس ڳُوڙهن آسرن تي ڪيس داد ڏيندي رهي. هُن چيو: "۽ پيو ڪنهن کي تنهنجي واچ پسند هئي؟"

"اِستيلا نالي درزياڻيءَ کي."

"پوءِ اهائي آهي."

"پر اها تہ ڪڏهن بہ منهنجي ڪمري ۾ ناهي آئي." آمنہ هڪدم چيو.

"تہ پوءِ اها ٽين زال آهي. واپس وڃي ڪيس چٽو تہ الحاج هاديءَ مون کي ٻڌايو آهي تہ تون چور آهين. آئون پنهنجين اڳ ڪٿين سبب سڄي اُتر ۾ مشهور آهيان." هو ڪولوءَ طرف مُڙيو "مون کي خبر پئي آهي تہ تنهنجو مڙس اجا تائين اسڪول جي انهن ڇوڪرين جي پٺيان لڳل آهي۔ هيءَ هُن کي..." هُن هڪڙي پُڙيءَ ڪولوءَ کي هٿ ۾ ڏيندي چيو "مانيءَ ۾ بہ پيرا ملائي ڏجانءِ. هو انهن کي ڇڏي، توسان پيار ڪرڻ لڳندو."

ڪولوءَ بيگ کولي ۾ ڪجھ نوٽ ڪڍي کيس ڏنا.

”جلدي ملبو۔ خيال سان وڃجو!“ موٽڻ مهل هن پيو مشورو ڏينديءَ، کين روانو ڪيو.

”آئون هول سيّل واري کي ٻڌائي ڇڏيان تہ منهنجو مال اچي ويو آهي.“ ڪولوءَ مارڪيٽ ڏانهن گاڏيءَ کي موڙيندي چيو.

هن مارڪيٽ اڳيان گاڏي بيهاري ۽ ٻاهر هلي وئي. آمنہ اڪيلي سر ويٺي کِلڻ لڳي. کيس فاطمہ جي ياد آئي. اها اڪثر اهڙن امامن بابت ڳالهيون ڪندي هئي، تہ اِهي ڪهڙيءَ طرح هٿ ٺوڪيون صلاحون ڏيڻ دوران تعويذ، عطر ۽ جادوئي موتي وڪڻندا آهن. هوءَ حيران هئي تہ خوف، وهم ۽ جهالت تي ٿتولين ڪرڻ باوجود، ماڻهو انهن کان صلاحون وٺن ٿا!

ڪولوءَ واپس گاڏيءَ ۾ ويٺي، هڪ پينو پنڻ لاءِ آمنہ ڏانهن وڌيو پر ڪولوءَ گاڏي اڳتي وڌائي ڇُڪي هئي.

”اسان جي راڻي! هڪڙيءَ ڳالھ صاف صاف ٻُڌي ڇڏ!“ ڪولوءَ ٻڪاروءَ ڏانهن ويندڙ سوڙهن رستن تي گاڏيءَ کي ڀڄائڻ دوران خاموشيءَ کي ٽوڙيو ”جلدئي تون پڻ ٽيڪسٽائيل فڪٽريءَ جي ڪاروبار جو حصو هوندينءَ. منافعي ڪمائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪجانءِ! جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي، تون انهن عورتن کان ڪجھ بہ حاصل نہ ڪري سگھندينءَ. پنهنجي ڪُلهن تي اهڙي ذميواريءَ کڻڻ لاءِ تون اجا تمام ننڍڙي ۽ سهڻي آهين. ماڻهن کي مستيون ڪندي ڏس، توکي پنهنجو پاڻ کي زندگي جي خوشين کان محروم رکڻ جو حق ناهي، توکي ڪجھ بنجڻ گهرجي، توکي معاشري ۾ پنهنجو صحيح مقام حاصل ڪرڻ گهرجي.“

”توکي خبر تہ آهي، تہ ڪسٽم جي ڪن ملازمن مون تي ڏوڪي بازيءَ جو ڪيس مڙهيو هو!؟ آئون هر ڀيري کين رشوت ڏيندي آهيان. هن ڀيري انهن ڪجھ وڏيڪ رقم طلبي تہ مون انڪار ڪري ڇڏيو هن ڀيري آئون اُتي ويس تہ انهن مون کي پڪڙي ورتو ۽ سندن عهديدارن سندن تائيد ڪئي. مون انهن ڪِريل ماڻهن ۾ اهڙي رَويي جي توقع نہ پئي رکي.

آئون ڄاڻان ٿي تہ ڪاروبار ۾ انسانيت وارو ورتاءُ ضروري آهي، پر ڪرڻ نہ گهرجي! جيڪڏهن اهڙو ڪو جذبو جاڳي، تہ ان کي اهڙيءَ طرح لڪايو جهڙيءَ طرح پنهنجي قيمتي واچ کي چورن کان لِڪائين ٿي، نہ تہ يا تون پاڻ چور بنجي ويندينءَ يا وري تنهنجي ئي چوري ٿي ويندي. مون پهرين بہ توکي دولت جي هوس پيدا ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي، جيڪڏهن ظلم ڪرڻو پئي تہ ڪريو ۽ خدا کان هر نماز کان پوءِ معافي گهرو. اهو اوهان کي معاف ڪري ڇڏيندو.“

”تنهنجي شادي هڪڙي امير ماڻهوءَ سان ٿي آهي. تون ڄاڻين ٿي تہ جيڪا زمين تو عورتن کي ڏني آهي، اُها الحاج ڪهڙيءَ ريت حاصل ڪئي هئي؟ هُن ٻها هارين کان کسي هئي. هزارين جوان ۽ سهڻيون ڇوڪريون موجود آهن، پر اهي سموريون تو جيئان خوشنصيب ناهن. تون خوشنصيب آهن، جو توکي هڪ امير مڙس مليو آهي. جيڪڏهن هُن توکي طلاق ڏيئي ڇڏيو تہ پوءِ تون ڇا ڪندينءَ؟ تو وٽ پُراڻن ڦاٽل ڪپڙن کان سواءِ ڇا آهي؟ توکي مستقبل بابت سوچڻ گهرجي!“

”جيڪڏهن مون کي منهنجو مڙس طلاق ڏي تہ آئون خوشيءَ سان قبول ڪنديس. آئون پاڻ کي سنيالي سگهان ٿي، منهنجي پيڙهہ پڪي آهي. هڪ امير عورت، اڪيلي خوش رهي سگهي ٿي. سندس عزت سلامت رهندي، ماڻهو سندس پُوڄا ڪندا. اڳتي مقابلو سخت ٿيندو پيو وڃي. نئين جمهوريت راتورات امير پيدا ڪري رهي آهي. گهڻيون ڳجهون گوشت جي ٽڪر جي انتظار ۾ آهن. تون جيترو جلدي پنهنجو حصو ڪٽي وٺندينءَ اوترو سُٺو ٿيندو!“

آمنہ خاموش رهي. ڪولوءَ گاڏيءَ کي اڳڻ اڳيان بيهاري ڇڏيو. ثنا خوانن جي گروهہ هڪ نئون گيت ڳايو پر آمنہ کين نظر انداز ڪري ڇڏيو ”مفت خورا“ اڳڻ ۾ ايندي هُن پنهنجو پاڻ کي چيو. هُن سوچيو تہ جيستائين اهڙا ٽُلها متارا ڦُرلٽ ۾ لڳا رهندا، تيستائين ماڻهو غريب، جاهل، ڇٽ ۽ ٻين جا محتاج رهندا.“

”سانئڻ! ڪالهہ فاطمہ سان وڙهڻ واري عورت ڪير هئي؟“ عبدالله ڪجهہ دير بعد آمنہ کان پڇيو.

”اهي وڙهيا نہ پئي، ڪنهن مسئلي تي ڳالهائي رهيا هئا.“

”اهي وڏي سر ڳالهائي رهيا هئا.“

”توکي تہ خبر آهي، تنهنجيءَ زال کي ڳالهائڻ وڻندو آهي، توکي منهنجي ڪهڙي سهيلي سينيءَ کان سُٺي لڳندي آهي؟“

”گلوريا. پر ڪيس ٻڌائين متان!“

”اها ڇو وڻندي آهي؟“

”اها خاموش رهندي آهي، تمام گهٽ ڳالهائيندي آهي.“

”ٺيڪ آهي، آئون ڪيس تنهنجو انتظار ڪرڻ لاءِ چونديس.“

”نہ!“

”جڏهن تون وڏو ٿيندين، تہ آئون تنهنجي لاءِ هڪڙي سُهڻي ۽ تمام سُٺين عادتن واري ڇوڪري ڳوليندس.“

”جيڪا گهٽو نہ ڳالهائيندي هجي.“

”قبول آهي!“ آمنہ چيو.

عبدالله پنهنجي سائيڪل کڻي هليو ويو. آمنہ تيار ٿي، هيڊ ڪوارٽر طرف رواني ٿي. اڄ اُتي هاجره جي تقرير هئي. عورتون اُتي اڳواٽ موجود هيون، پوءِ بہ شاگردياڻين جو انتظار ٿي رهيو هو. عورتون ٽولين جي صورت ۾ بيٺل هيون. انهن مان هڪڙي ٽوليءَ، لارائيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ نچي رهي هئي.

”مون هڪڙو ننڍڙو گيت جوڙيو آهي.“ لارائي مهمانن جي وچ ۾ بيهي چيو. ”ان جو عنوان آهي، ’غريب هاري‘.“ هُن ڳائڻ شروع ڪيو ۽ ڪن ڇوڪرين ڪيس ساٿ ڏنو:

”هاري ٻُڪيو مري ٿو
ڪوئي نٿو ڪارائي!
هاري ٻُڏي وڃي ٿو:
ڪوئي نٿو بچائي!

ڏُکڙا سهي ٿو هاري،
پرواهہ ڪنهن کي ناهي!
روئي رڙي ٿو هاري،
ڪوئي نٿو نهاري!
هاري ڇنگهي ويچارو
ڪو واهرو نہ آهي!
آخر مريو وڃي پر،
ڪو لُڙڪ ڪين هاري!
هرءِ هرءِ! ويچارو هاري!!

آخرڪار سموريون شاگرديائيون اچي ويون. سيني جي ويهڻ کان پوءِ، هاجره پنهنجو تعارف ڪرائڻ بنا 'روايتون ۽ معاشرو' جي عنوان تحت تقرير شروع ڪري ڏني. هوءَ هڪ ننڍڙي قد واري ڏُبري عورت هئي. سندس ڪاڙهي ڳل تي قبائلي نشان موجود هو. فاطمہ سان پنهنجي مناظري جي اُبتڙ هوءَ هِتي تمام ڌيمي لهجي ۾ ڳالهائي رهي هئي.

"ڪيترا سال اڳ اسان جا نظم، گيت ۽ موسيقي، تخليقڪارن جي روزاني زندگي ۽ تجربن جي عڪاسي ڪندي هئي. اڄا بہ ڪافي موسيقار سگهٽي ساراهہ يا ثنا خواني نٿا ڪن. اهي منظرِعام تي ناهن ۽ خاموشيءَ سان ساهہ پورا ڪندا پيا رَهن... لالچ جي نظام ۾ "هيري" جي پُوڄا واري عادت، اسان جي رنگ کان سواءِ سڀ ڪجهہ تبديل ڪري ڇڏيو آهي."

"اسان جا روايتي حاڪم، ڪهڙيءَ طرح اسان جي روايتن جا رکوالا ٿي سگهن ٿا؟ سندن آندل شاهاڻين گهرجن کان سواءِ ڪهڙي شيءِ روايتي آهي؟ اهي ڪوڙا آهن! اُهي اسان کي ماضيءَ جي اکين سان مستقبل ڏيکارڻ چاهين ٿا. اهي 'ليموزين' ۾ هلن ٿا، پولو ۽ گالف کيڏن ٿا، ماڻهن جون زمينون ڦُرين ٿا، ماڻهن مٿي وڏا ٽيڪس مڙهين ٿا، بهترين زمين، ڌارين غير ملڪين کي وڪڻيو ڏين ۽ روايتن تحت نٿا هلن. پوءِ بہ

ڪين روايتي حاڪم چيو وڃي ٿو. مون کي يقين آهي ته انهن مان ڪنهن کي به اسان جي تاريخ ۽ روايتن بابت ڪا به ڄاڻ نه آهي- ڇٽ!"

"ڪين اڳواڻ راهنما سڏڻ به غلط آهي. ڪنهن اڪين واري ساڄاهه وند شخص کي ٿي اڳواڻ يا راهنما چئبو آهي، اهي ته انڌا آهن. اهي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ايجادن کي استعمال ڪندي خوش ٿا ٿين، پر ڄاڻي واڻي جهالت وارين روايتن کي پڪيڙين ٿا. اهي پنهنجن ماڻهن کي مرندي ۽ انڌيرن ۾ ڪِرندي ڏسي، غير يقيني خوشيءَ ۽ سڪون جو اظهار ڪن ٿا!"

"منهنجون پيارڙيون عورتو! انهن جي ڏوڪي ۾ نه اچجو! دنيا جي ٻين ملڪن ۾ روايتي اڳواڻ/ راهنما معاشري جي ترقيءَ جي همت افزائي ڪندا آهن. اهي پنهنجي عوام جون گُهرجون پوريون ڪندا آهن. اهي ماڻهو جديد معاشري جي اڏاوت ۾ سهڪار ڪندا آهن، اهي پنهنجي عوام کي اسڪول ۽ تعليمي ادارا جوڙڻ ۾ مدد ڪندا آهن. اسان جا نالي ۾ روايتي اڳواڻ ان جي ابتڙ آهن. اهي تعليم خلاف آهن. اهي اسان کي بيڪار پُراڻن قانونن ۽ قاعدن جو پابند بنائڻ چاهين ٿا."

"انهن ڏوڪي باز نام نهاد روايتي اڳواڻن بجاءِ، عورتون روايتن جون اصل محافظ آهن. اسان ٻار ڄڻيون ٿا. انهن جي پالنا ڪريون ٿا ۽ منجهن علم ۽ اخلاقيات کي منتقل ڪريون ٿا. اهڙيءَ طرح اسان پنهنجي معاشري ۾ روايتن جي بقا کي يقيني بنايون ٿا- مهرباني!" هاجره تقرير ختم ڪئي.

بلقيسو تقرير ڪرڻ لاءِ هاجره جي مهرباني مڃي. فاطمه پڻ ڳالهائڻ لاءِ بي تاب هئي. بلقيسو کيس روڪڻ چاهيو پر هوءَ اُٿي بيٺي ۽ چيائين: "هڪ مشهور چوڻي آهي ته 'اوهان کي پنهنجي صلاحيت جو پورو پورو معاوضو ملي ٿو.' اسان کي انهيءَ ڪري مڪار اڳواڻ ملن ٿا، ڇو جو اسان بيڪار خيالن ۽ روايتن کي خوشيءَ سان قبول ڪريو وٺون. ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ کي سامهون رکي ڏسون، ته مِٺو پوندو ته اسان سُٺين ۽ سگهارين تبديلين کي دل سان قبول ٿي نِتا ڪرڻ چاهيون.

جيڪڏهن اسان تبديلي چاهيون ٿا ته اسان کي هاڪاري سوچ سان گڏ، هاڪاري عمل به ڪرڻا پوندا، انهن جي طاقت علم آهي. هر معاشري کي ترقي ڪرڻ لاءِ سوچڻو پوندو، ڪم ڪرڻو پوندو ۽ ڪجهه بڻجڻو پوندو. جيڪڏهن اسان جي زندگيءَ جو مقصد صرف نماز ۽ ڏکي ننڊ آهي ته پوءِ اسان ترقي نٿا ڪري سگهون. پوءِ ته اسان ڪنهن معجزي جو پيا انتظار ڪريون! جيڪڏهن اسان ترقيءَ جا خواهشمند آهيون، ته پوءِ اسان کي پنهنجين زوال پذير روايتن جو تنقيدي تجزيو ڪرڻو پوندو. آئون هر شيءِ کي غلط نه پئي چوان! جيڪڏهن ڪا تهذيب آرام طلبي، جهالت ۽ ڪاهليءَ جو پرچار ڪري ٿي، ته اها تهذيب مستقبل لاءِ سٺي نه چئبي. پنهنجي ماڻهن جي خواهشن ۽ اميدن جي معاملي ۾ انڌي ٻوڙي ۽ گونگي تهذيب عوام ۾ مقبول نه ٿي سگهندي. اسان کي پنهنجين روايتن کي تبديليءَ خاطر ڪشادو ڪرڻو پوندو يا ٻي صورت ۾ پنهنجي تباهيءَ لاءِ تيار ٿي وڃون!"

بلقيسو فاطمه ۽ هاجره کي بحث کان پري رهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر اهي ٻئي آخري وقت تائين دليل پيش ڪنديون رهيون.

## باب ارڙهون

چند هفتن بعد منجهند ويلي، الحاج هارون مُرڪندو آمنہ جي ڪمري ۾ داخل ٿيو "آئون ٿڪي پيو آهيان، اڄ اسيمبليءَ جي ڪارروائي ڏاڍي ڏکي هئي. اڄ اسان اضافي بجيٽ تي بحث ڪيو."

آمنہ چُپ رهي. "آئون هڪ نئون گودام ٺهرائڻ گهران ٿو."

"نئين گودام جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

"آئون چانورَ بناسپتي گيهہ لوڻ ۽ پاڻ ٻاهران گهرائڻ چاهيان ٿو ان ڪم ۾ ڪافي منافعو آهي."

"اوهان زمين خريد ڪري، هارين کي رکو ۽ پاڻ ئي چانورَ پوکيو يا وري پاڻ ٺاهڻ جو ڪارخانو کوليو."

"ائين تہ منافعي ڪمائڻ ۾ ڏهہ سال يا ان کان بہ گهڻو وقت لڳي ويندو. سيئي ٻاهران گهرائين ٿا، هتي جا چانور وِڪامجن بہ تہ نٿا." هُن شڪايت ڪئي. "مون ٻڌو آهي تہ تو يونيورسٽيءَ ۾ تقرير ڪئي آهي."

"جي! ڪئي آهي."

"ڇا ڪا مذهبي ڳالهہ ڪئي هئي؟"

"نہ! ٻڪارو اسٽوڊنٽ يونين، مون کي پنهنجي انجمن جي حوالي سان ڪجهہ ڳالهائڻ لاءِ سڏيو هو."

"انهن شاگردن ۽ شاگرديائين وٽ اهڙن ڪمن تي ضايع ڪرڻ لاءِ پيسو ڪٿان ٿو اچي؟"

"ٻڪارو جو هر شاگرد اسان جي انجمن کي ٿورو ٿورو چندو ڏئي ٿو ۽ اسٽوڊنٽ يونين اسان کي مواد فراهم ڪري ٿي."

”ڇا تو ڪين منهنجي نالي ۽ منهنجي وڏي پيماني تي سهڪار کان آگاهہ ڪيو آهي.“

”نہ. ڇو جو هر شخص ان بابت چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.“

”منهنجي شهرت ۾ اضافي جي خيال کان، اهو ڪم اڪثر ڪندي رَهـا اهو منهنجي سياسي مستقبل لاءِ نهايت سُٺو آهي. تون تہ ڄاڻين ٿي تہ ايندڙ چونڊن ۾ آئون سينيٽر جي سيٽ لاءِ اميدوار آهيان.“

”اها تقرير بڪاروءَ جي عورتن جي انجمن بابت هئي.“

الحاج واپسيءَ لاءِ بيتاب هو ”آمريڪا مان منهنجو ڪاروباري پارٽنر آيو آهي.“ هن ٻڌايو ”اهو ڪولوءَ جي هوٽل ۾ ترسيل آهي، منهنجو ساڻس اڄ ٿي ملڻ تمام ضروري آهي.“

—

جڏهن آمنہ هيڊ ڪوارٽر پهتي تہ ڏٺائين، ڪافي عورتون ورانڊي ۾ ويٺل هيون. هُن جُدا جُدا ماپ جي دلن کي ڏُپ ۾ سُڪندي ڏٺو. ڪي عورتون وڻ جي ڇانوَ ۾ ويٺيون سلائيءَ جو ڪم ڪري رهيون هيون، جڏهن تہ ڪي عورتون هڪ ٻئي جا وار سنواري رهيون هيون. هوءَ هڪ ڪمري ۾ داخل ٿي، جنهن کي گڏيل سهڪار واري تحريڪ جو دڪان بڻايو ويو هو. لارائي اتي ويٺي، اسڪول جي ٻارن کي دڪانداريءَ جي ڪم ڪار بابت ڄاڻ ڏئي رهي هئي.

”اسان عورتن کي اُجرت ڏئي شيون خريد ڪريون ٿا، ۽ پوءِ اهي وڪڻون ٿا. ان مان حاصل ڪيل منافعو بينڪ ۾ رکيو وڃي ٿو تہ جيئن وڏيڪ شيون وٺي سگهجن. جلدئي اسان سڌو سنئون ڪاريگرن کان شيون خريد ڪري، اهي سستي مُلهہ ماڻهن کي وڪڻي ڏينداسين.“

آمنہ مطمئن ٿي مُسڪرايو. هر گهڙي سندس هڪ سرگرم ۽ صحيح نموني زندگي گهارڻ وارو احساس پختو ٿيندو ويو. هوءَ عورتن جي سرگرمين ۽ ڪمن کان تمام گهڻي متاثر هئي. هوءَ پنهنجي آفيس ۾ هلي وئي، ۽ هڪ ڪلاڪ تائين استڏي ڪندي رهي. آخرڪار الحاج هارون ۽ هڪ ڳوري شخص جي آفيس ۾ آمد کان پوءِ، سندس مطالعي ۾

رنڊڪ پئجي ويئي. ”هيءَ منهنجو ڪاروبار حصيدار جناب ٽام وائيٽ هيڊ آهي.“ الحاج هارون چيو. هُن شخص آمنه سان هٿ ملايو اهو ڏگهو ۽ سنهڙو همراهه هو. سندس وار ننڍڙا هئا. هن ڪي گهري رنگ جي سُوٽ مٿان بُو/ٽاءِ ٻڌل هئي ۽ هٿ ۾ بيگ جهليل هئس. تعارف ڪان پوءِ الحاج چيو: ”هيءَ ٽيڪسٽائيل فيڪٽريءَ ڪي سنڀاليندي ۽ مزدور عورتون مهيا ڪندي، آئون زمين، خام مال ۽ پيسا گڏ ڪندس. اوهان بيروني سرمايه ڪاريءَ، مشينري ۽ ماهر مهيا ڪندا.“ الحاج ان ڪان پوءِ اجازت وٺي، عورتن سان ڳالهه ٻولهه لاءِ هليو ويو.

”آئون ويهي سگهان ٿو؟“ جناب وائيٽ هيڊ پُڇيو.

”ضرور!“ آمنه پڻ اهو چئي ويهي رهي.

”اوهان عورتن ڪي گڏ ڪرڻ ۾ جو ڪجهه ڪيو آهي، آئون ان ڪان تمام گهڻو متاثر ٿيو آهيان.“

”اهو بس هڪڙو تجربو آهي.“

”آئون نائجيريا جي ماڻهن سان ڪاروبار ڪرڻ پسند ڪريان ٿو. اوهان جو مڙس ڏاڍو مددگار ماڻهو آهي. منهنجو آفريقا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪاروبار آهي.“

”ڪهڙي قسم جو ڪاروبار؟“

”آئون هر طرح جو ڪم ڪريان ٿو. آئون هاڻ ئي گهانا مان ڪجهه سرڪاري هوٽلون خريد ڪري آيو آهيان. آئون آڪارا جي حڪومت لاءِ فضائي منصوبه بنديءَ جو ڪم پڻ ڪري رهيو آهيان. آئون ڪينيا جي صدر ڪي پاڻي پڻ فراهم ڪريان ٿو ۽ سمورن آفريقي ملڪن ڪي هٿيار پڻ. زائر، لائبيريا ۽ سيراليون منهنجا سڀ ڪان وڏا خريدار آهن. آئون آمريڪا ۽ يورپ ڪي هيرا ۽ معدنيات به ايڪسپورٽ ڪندو آهيان. آئون پنهنجي جاءِ جي حساب سان ڪاروبار جو اندازو ڪندو آهيان. آئون مغربي مالياتي ادارن ڪان قرض ۽ امداد حاصل ڪرڻ ۾ به مدد ڪندو آهيان. جيئن اوهان ڏسي سگهو ٿيون، ته آئون هر ميدان جو رانديگر آهيان.“

”اهو ته ڪافي دلچسپ ڪم آهي.“

”ها! بلڪل ان ڪتاب وانگر، جيڪو اوهان پڙهيو پئي.“

”ها! ان ۾ ڪافي اهم ڳالهيون آهن، پڙهي اکيون کليو وڃن!“ آمنه جواب ڏنو.

”بيگم هارون! يورپ آفريقا جي بدحاليءَ جو ذميوار ناهي، جڏهن ته هن ڪتاب جو عنوان ته اهوئي ڪجهه ثابت ڪرڻ گهري ٿو. ان جي ابتڙ يورپ، آفريقا جي ترقيءَ ۾ مدد ڪئي آهي ۽ اجا سوڏو ڪري رهيو آهي. يورپي ماڻهن هتي تهذيب ۽ عيسائيت آندي. انهن اوهان لاءِ رستا، بندرگاهون، پُل، ريلوي نظام ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه تعمير ڪيو. اهو سڀ اوهان وٽ اڳ ۾ موجود نه هو.“ هو پنهنجي ڳالهه مڃرائڻ لاءِ زور ڏئي رهيو هو. آمنه کي جواب ڏيڻ ضروري محسوس ٿيو. جڏهن هُن ماٺ ڪئي ته آمنه ڏڪندڙ آواز ۾ ڳالهه شروع ڪئي:

”اهو سچ آهي ته يورپ آفريقي ترقيءَ ۾ رنڊڪون وڌيون آهن. مغربي يورپ جي ملڪن شروع کان ئي آفريقا کي لُٽڻ ڦُرڻ ۽ استحصال جو نشانو بنايو آهي. غلامي ڪنهن به شڪل ۾ چڱي نٿي ٿي سگهي!“

وائيٽ هيڊ چڙڪي ٿورو پوئتي هٽيو ۽ پنهنجو لوڏڻ لڳو. هوءَ ٻيهر ڳالهائڻ لڳي: ”نوآباد ڪاريءَ دوران، اهي شيون اسان جي محنت سان جوڙيون ويون. اهي شيون انساني همدرديءَ لاءِ نه، پر معاشي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ جوڙيون ويون. ڇا آفريقي ماڻهن لاءِ اسڪول ۽ اسپتالون تعمير ڪيون ويون؟ يورپ جي خرچ ۽ منافعي جي ڀيٽ، منهنجي مؤقف کي وڌيڪ واضح ڪندي. آئون مڃان ٿي ته انهن اسان کي لُٽيو ڦريو اسان جو استحصال ڪيو ۽ اسان جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيا. هڪڙي ڏينهن حقيقي آفريقي تاريخ لکي ويندي- هيءُ ڪتابُ-“ هُن والٽر روڊنيءَ جو ڪتاب How Europe underdeveloped Africa هٿ ۾ کنيو. ”صرف ابتدا آهي.“

هُن جو وات ٻنجي ويو. ”ٻُڌو!“ آمنه خود اعتماديءَ سان ڳالهه جاري رکندي چيو. ”نوآباد ڪاريءَ دوران يورپ اسان جو سنئون سِڌو

استحصال ڪيو ۽ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. هاڻ ان جديد نوآباد ڪاريءَ دوران توهان جهڙن ملٽي نيشنل ڪمپنين جا دلال، سموري آفريقا ۾ ٿورو گهڻو سرمايو پُراڻي مشينري ۽ نام نهاد ماهر ڪنيو گهمندا وتن. توهان 'سرمايه ڪاري'، پيسي جي سيڙپ ڪري، ڪِريل سياسي حربا هلايو ٿا ۽ پوءِ بهترين منافعو ميڙيو ٿيا. توهان آفريقا جي جاهل، لالچي ۽ غريب محب وطن ماڻهن کي استعمال ڪري، اسان جا وسيلا لُٽيو ٿا. توهان جا قائد آمريڪا ۽ يورپ جي شهرن ۾ ويهي، غير محب وطن آفريقي اڳواڻن ۽ ڪاروباري ٺڳ ماڻهن کي، يا وري انهن ظالم ۽ جابر ورديءَ وارن کي حڪم ڏين ٿا، ۽ اهي ڪُتن وانگر هيٺ مٿي پڇي ڊوڙي ڊُڪي توهان جي مفادن جي حفاظت ڪن ٿا. اهڙي نيچ ڪم لاءِ کين منافعي مان ڪجهه حصو پٽي ملي ٿو. توهان آفريقي عوام جي رت ۽ پگهر جي پورهيي ذريعي حاصل ڪيل منافعي کي لُٽيو ڦُريو پيا."

ائين لڳي رهيو هو ڄڻ جناب وائيٽ هيڊ کي نانگ ڏنگي ويو هجي. "بي بي!" هن ڌُڪاري آواز ۾ جواب ڏيڻ چاهيو: "اسان جي سرمايه ڪاريءَ جو مقصد اوهان جي معاشي ترقي آهي."

"تون مون کي اها ڳالهه نٿو مڃرائي سگهين. توهان منهنجي مڙس جا پاڻيوار ضرور آهيو پر ان جو مطلب اهو ناهي ته آئون به توهان جي هر ڳالهه کي مڃي وٺان. توهان جو فريب پڪڙجي پيو آهي. توهان اسان کي ڏينهن ڏٺي ڌاڙا هڻي ڦُري لُٽي، شام جو مدد جي دعويٰ ٿا ڪريو جيڪڏهن توهان جهڙا فريبي اڳ ۾ يا هاڻي اسان جي ترقيءَ بابت فڪرمند هجڻ جا دعويدار آهيو ته پوءِ هتان ڪان اوزار ڇو نٿا ٻاهر موڪليو؟ توهان هتي سدائين مڪمل ٺهيل جُڙيل شيون ئي ڇو ٿا موڪليو؟ اسان کي اهڙيون مشينون ٺاهڻ ڇو نٿا سيکاريو؟ توهان اسان جي معدنيات ڇو نٿا مُلهه خريد ڪريو؟ توهان انهن معدنيات جي صفائي هتي ڇو نٿا ڪريو؟ توهان هتان جي مقامي صنعت جي واداري لاءِ ڇو نٿا ڪجهه ڪريو؟ توهان هتي تحقيقاتي ادارن جي قيام لاءِ پيسا ۽ جڳهه ڇو نٿا مهيا ڪريو؟ توهان سدائين انهن غير محب الوطن اڳواڻن جي مدد ڇو ٿا ڪريو.

جيڪي اُوهان کي اسان جي معدني وسيلن کي چورائڻ ۾ مدد فراهم ڪن ٿا؟ توهان هٿيارن کي برآمد ڪريو ٿا، جڏهن تہ توهان کي خبر آهي تہ اُهي معصوم ماڻهن کي قتل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا! توهان لائبيريا جهڙي جنگ ۾ گهيريل علائقي مان ئي ڇو ٿا هيرا ٻاهر موڪليو؟ ٿوري ۾ چوان تہ، آخر توهان آفريڪا ۾ جنگ جهيڙن ۽ تڪرارن کي ڇو ٿا ٽيڪ ڏيو؟ توهان آفريڪا جي بي ايمان، ظالم ۽ جابر حڪومتن جا حامي ڇو آهيو؟

”توهان جا قرض ادا ڪرڻ بہ ناممڪن آهن، مٿان وري وياج ايترو گهڻو جو گهڻن آفريڪي ملڪن جي اڌ بجيٽ تہ قرضن جي وياج ادا ڪرڻ ۾ ئي خرچ ٿيو وڃي...“

”اوهان جا معزز اڳواڻ ئي تہ انهن شرطن تي صحيحون ڪن ٿا، انهن سان زبردستي تہ نٿي ڪئي وڃي...“ وائيٽ هيڊ ڳالهہ ڪٽي چيو.

”بيشڪ نٿي ڪئي وڃي، پر توهان ئي تہ هڪڙي لالچي ۽ جاهل شخص جي چونڊ ڪندا آهيو پوءِ اهو ورديءَ وارو هجي يا عام شهري- ان کي اڳواڻ بنائي، ڪيس صحيح ڪرڻ لاءِ چئو ٿا! اهو تہ ڪنهن بہ شيءِ تي صحيح ڪري ڇڏيندو. اسان جا حاڪم تہ شيطان سان گڏ ڪاروبار ڪري، پنهنجي ماءُ کي بہ وڪڻي ڇڏيندا، ۽ توهان انهن جي وچ ۾ خوشيءَ سان تياڪڙ تي ويندا!“

”اوهان تہ حد اورانگهيو پيون!“ هن پريشانيءَ مان چيو.

”ها! ڄاڻان ٿي! پر مون تہ اوهان کي نہ گهرايو آ- اوهان هتي ڪا بہ ڳالهہ ڪري، بنا جواب ٻڌڻ جي نٿا وڃي سگهو. مون ۾ ۽ منهنجي مڙس ۾ ڪافي فرق آهي!“

الحاج اندر داخل ٿيو.

”مون کي لڳي ٿو تہ اوهان کي ڪتاب پڙهڻ سُٺو ٿو لڳي، ۽ اوهان هر لکيل ڳالهہ کي تسليم ڪريو ٿو-“ وائيٽ هيڊ چيو ۽ پنهنجي بيگ کولي، هڪ ڪتاب ڪڍيو. ان جو عنوان: USA and Africa:

هن ”هن ڪتاب کي ضرور پڙهجو!“ Partners in progress هو
ڪتاب ڏيندي چيو.

”مهرباني۔ خدا حافظ!“ هن ڪتاب وٺندي جواب ۾ چيو.

الحاج ۽ وائيٽ هيڊ جي وڃڻ کان پوءِ آمنه مطمئن ٿي مُسڪرايو. هوءَ پنهنجو پهريون دانشورانه مقابلو کٽي، خوشيءَ ۾ نه پئي ماپي. سندس پڇتاءَ جو احساس گم ٿي ويو ۽ هاڻ هوءَ چاهي وئي ته هوءَ ڪنهن به بحث ۾ حصو وٺي سگهي ٿي.

شام جو الحاج هارون واپسيءَ کان پوءِ ناخوش لڳي رهيو هو.

”اوهان جي ڪاروباري ڳالهه ٻولهه جو ڇا ٿيو؟“ آمنه پُڇيو. هوءَ پنهنجي خوشي لِڪائي نه پئي سگهي.

”هو هاڻ اهو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.“ الحاج هارون ڏُکي انداز ۾ چيو ”هن جي چوڻ موجب آفريقي ملڪن ۾ تمام گهڻا گُمان موجود آهن.“

”ها۔“ آمنه وڏي پُرجوش انداز ۾ ڳالهه ڪاٽي، ”سياسي غير مضبوطيءَ سبب پڻ غير ملڪي سرمايه ڪار ڊڄن ٿا.“

”پر اسان جو ملڪ غير ملڪي سرمايه ڪاريءَ لاءِ تمام گهڻو زرخيز خوشحال آهي. ڪابه جنگ نه پئي ٿي، اسان جو صدر ته سدائين غير ملڪي سرمايي خاطر گذارش ڪندو رهي ٿو ۽ سرمايه ڪارن کي هر قسم جو يقين ڏياريندو رهي ٿو.“

”ڇا اوهان جي ڪاروباري ڀائيوار ڪو ٻيو سبب به ٻڌايو؟“

”نه! هُن کي صرف هن ڪمپنيءَ جي مستقبل بابت ڪٿڪا آهن.“

آمنه سُک جو ساهه کنيو. جڏهن کان الحاج کيس ماريو ۽ سندس پُٽ مئو هو. تڏهن کان سندس دل الحاج جي معاملي ۾ ڏاڍي سخت ٿي وئي هئي، ۽ هاڻ هوءَ ڪانئس ڊڄندي نه هئي. هن خود اعتماديءَ سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو. ”الحاج! آئون توکي ڪجهه چوڻ گهران ٿي. اسان کي غير ملڪي سرمايي جي ضرورت ناهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي پيسي ۽ وسيلن جو درست استعمال ڪريون ته اهوئي ڪوڙ آهي. آئون ڄاڻان ٿي ته تو وٽ حڪومتي بنگلا ۽ ابوجا جي گهرن جي بند

ڪمرن جي ڪبٽ ۾ تمام گهڻا پيسا موجود آهن. آئون ڄاڻان ٿي تہ هاڻ تو لاءِ ۽ تنهنجي دوستن لاءِ، ڪمرن ۾ ويهي پيسن جي ڍيرن کي تڪيندو رهڻ ۾ ڪوبہ مزو باقي ناهي رهيو! بس پيسن سان اهو ڪجهہ نہ ڪرڻ گهرجي، پيسي جو مقصد ۽ فائدو لازمي آهي. پيسي کي ڪاروبار جو حصو هئڻ گهرجي. جڏهن پيسي کي توهان هڪ هنڌ رکي ٿا ڇڏيو تہ اهو بيڪار ٿيو پوي."

"منهنجي صلاح آهي تہ پيسي جي سيڙپ ڪاري ڪريو ڪارخانا جوڙيو مشينري، زمين ۽ مزدور خريد ڪريو اهڙيءَ طرح اهو ڪارائتو ٿي ويندو. ماڻهو ڪم ڪندا، پيسا ڪمائيندا ۽ سدائين اهڙي نوڪريءَ لاءِ توهان جا ٿورائتا رهندا. اهي پنهنجي عزت ڪندا." آمنہ چُپ رهي، ڪنهن جواب جو انتظار ڪرڻ لڳي، توڙي جو سندس مڙس جو مٿو ان ڳالهہ ٻولهہ ڪري چڪرائجي ويو هو. "تون نائجيريا جي ماهرن کي گهرائي، پنهنجي پيسي ذريعي ماڻهن کي خوشحال بنائڻ جي طريقي تي غور ڇو نٿو ڪرين؟" هُن پُڇيو.

"ڇو؟" الحاج ڪافي پريشانيءَ جي حالت ۾ پُڇيو "آئون پڙهيو لکيو ناهيان. هونءَ بہ نائجيريا جا اڪثر ماڻهو چور آهن. هونءَ بہ بي چُر مون لاءِ سوچڻ جو ڪم ڪندو آهي."

"بي چُر هميشه توکان وڌيڪ، پنهنجي مفادن جو خيال رکي ٿو."

"آئون بي چُر مٿان مڪمل يقين ڪريان ٿو."

آمنہ پريشانيءَ جي باوجود هلڪي لهجي ۾ ڳالهائيندي رهي، "منهنجي ذهن ۾ هڪ ڳالهہ آهي. توهان شروعاتي نموني ٻڪاروءَ ۾ ٻہ يا ٽي ڪارخانا، فارم ۽ ٽرانسپورٽ ڪمپنيون جوڙيو. توهان ان سان گڏوگڏ هڪ ڪاڏي پيتي جي شين جي فيڪٽري پڻ لڳائي سگهو ٿا. انهيءَ ۾ ماڻهن کي مختلف ڪم ڪرڻ لاءِ ڪي هنر بہ سيکاريا وڃن، اهي جيڪي پيسا ڪمائيندا، انهن مان اهي توهان جون شيون ۽ سهوليتون حاصل ڪندا. پوءِ توهان هڪڙو بهترين اسڪول کوليو، جنهن ۾ مزدورن جا ٻار پڙهن، في بہ اوهان کي ملندي ۽ مستقبل جا لکيل پڙهيل ملازم پڻ

تيار ٿي ويندا. توهان پنهنجي مزدورن لاءِ رهائش جو بندوبست ڪريو اهي اوهان کي ڪرايو بہ ڏيندا رهندا. مطلب تہ هر ڪنهن کي فائدو رسندو. مزدورن جي ٽيڪس سان رياست کي منافعو رَسندو اسڪول جي ڪري استاد پڻ ڪمائيندا، مزدور بہ شين ۾ سهوليتن کي استعمال لائق بنجي ويندا، سيئي خوش هوندا. توهان جو پيسو بہ وڌندو.

"اهڙيءَ طرح توهان، سيني لاءِ هڪڙو مثال بڻجي ويندا. جيئن چوندا آهن تہ 'ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي' جيڪو توهان پاڻ نٿا ڪري سگهو اها خدمت ٻيا مهيا ڪندا. پوءِ توهان ۾ ٻيا ڪارخانيدار حڪومت تي دٻاءُ وجهي رستا، بجلي، پاڻي، ٽيليفون ۾ ٻين شين جا مطالبا ڪري سگهندؤ. اهڙيءَ طرح اسان هڪ صحتمند معيشت جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين ۾ سڀ ماڻهو خوشحال ٿي ويندا."

"هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ آمنہ! توکي اها اٽڪل ڪيئن سُجهي؟"

"مون ڪجهہ ڪتاب پڙهيا آهن، پر گهڻي ڀاڱي آئون انهن شين بابت پاڻ سوچيندي رهندي آهيان."

"انهن ڪتابن جون گهڻيون ڳالهيون ممڪن ناهن. اهو طريقو هتي ڪڏهن بہ ڪامياب نٿو ٿي سگهي."

"ڪوشش تہ ڪريو! جيڪڏهن توهان پيسي جي معاملي ۾ نائجيريا جي ماڻهن تي ڀروسو نٿا ڪريو تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي زال تي تہ ڪري ڏس! آئون پاڻ ڪاروبار هلائينديس. آئون هڪ مڪمل منصوبو جوڙي، جلدئي توکي ڏينديس."

"مون کي تنهنجي مشوري جي ضرورت ناهي."

"ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟"

"بي چُر ڪونہ مڃيندو. هُن مون کي ڪن انديشن سبب پنهنجو پيسو ملڪ کان ٻاهر ٻين ملڪن ۾ رکڻ جو مشورو ڏنو آهي."

"معنيٰ تہ تنهنجو پيسو اهوئي ڪم ڪري پيو جيڪو مون ٿوريءَ دير اڳ توکي ڏسيو هو- هِتي نہ پر يورپ ۾..."

"مون کي بي چُر تي پورو ڀروسو آهي."

## باب اُوٹيهون

ڪيترائي مهينا گذري ويا. ڳِهم جي جاءِ خُشڪي والاري ورتي هئي. سيپٽمبر جي آخري هفتي ۾ عورتن جي انجمن، "سماجي تعليم جو هفتو" ملهايو. اُن موقعي تي آمنہ انجمن جي هيڊ ڪوارٽر ۽ ڪيمپس ۾ تقريرون ڪيون. عورتن ۾ تعليم، صحت ۽ سذهب متعلق پوسٽر ۽ ڪتابڙا ورهايا ويا. اسپورٽ گروپ، انجمن جي سرگرمين جو تجزيو ڪيو ۽ مستقبل جي منصوبا بندي ڪئي.

"اسان پنهنجي فصلن جو ڇا ڪنداسين؟" آمنہ فاطمہ کان پنهنجي ڪمري ۾ ويهندي پُڇيو.

"هر شخص جي محنت مطابق، انهن ۾ ورهائي ڇڏينداسين." فاطمہ مشورو ڏنو.

"اهو تہ نيڪ ناهي! اسان کي سمورن سان انصاف ڪرڻ گهرجي."

"فصل وڪڻي، پيسا بينڪ ۾ رکائي ڇڏيون." فاطمہ نئون مشورو ڏنو.

"نہ، اِن سان چڱو تاثر نہ جُڙندو." آمنہ چيو.

"پوءِ هر مزدور جي خاندان جي حساب سان فصل ورهائي ڇڏ."

"اسان مختلف جنسون پوکيون آهن." آمنہ وضاحت ڪئي. "ياجين کي رعايتي اگهن تي وڪڻي چڪا آهيون. هڪ زمين جي ٽڪر تي ڪٽڪ پوکي وئي هئي، ۽ ان کي بہ اهڙيءَ طرح وڪيو ويو آهي. اهي سڀ جنسون صرف ميمبرن کي وڪيون ويون آهن."

"پنهنجي عملي تجزيي سبب تون عورتن کي مون کان وڌيڪ سٺي نموني سمجهين ٿي، جيئن توکي بهتر لڳي تو تيئن ڪر." فاطمہ هار مڃيندي چيو.

"اسان هرهڪ ميمبر لاءِ هڪ بلائوز ۽ چادر جوڙائي آهي." آمنہ ٻڌايو.

"توهان لاءِ بہ؟"

"ها! آئون بہ تہ عورت آهيان."

"وقت ڪيئن گذريو وڃي! سگهوئي هن انجمن کي شروع ڪندي، هڪ سال پورو ٿي ويندو..."

"اهو ناممڪن لڳندو هو!"

"...هڪڙي خواب وانگر!"

"الحاج ابراهيم جلدئي هڪ ٻي شادي ڪري رهيو آهي." مائرو ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي هڪ تازي خبر ٻڌائي.

"ڪير!؟ ڇا!؟" آمنہ حيران ٿي وئي.

"ها! ڪولوءَ جو مڙس! سندس پهرين زال مون کي ٻڌايو آهي. هن هڪڙي سيڪنڊري اسڪول جي ڇوڪريءَ کي پيٽ سان ڪري ڇڏيو آهي. ڇوڪريءَ جو پيءُ رياست جو ڪمشنر آهي. هاڻ اهو شاديءَ لاءِ زور پيو لڳائي."

"ڪولوءَ جو ڇا ٿيندو؟"

"مون کي ان بابت ڪابہ خبر ناهي."

"اها تہ دلچسپ خبر آهي."

"اڇا، اڄ شام جو ڇا ٿي رهيو آهي؟" مائرو پُڇيو.

"اڄ فصل لُڻڻ جو ڏينهن آهي. رات جو دعوت آهي. اسان پاڻ پڪائيندا سين ۽ رلي ملي کائيندا سين، اسان نچندا سين، ڳائيندا سين ۽ فلمون ڏسندا سين. سڀ کان پهرين سمورين عورتن جي نئين لباس کي يادگار بنائڻ لاءِ هڪڙي گڏيل تصوير ڪڍائبي."

"آئون ان جو بندوبست ڪرائي ڇڏينديس."

آمنہ کي ان گهڙيءَ جو بي صبريءَ سان انتظار هو. اڄ سموريون عورتون پنهنجي محنت جو ڦل ماڻينديون. هُن گڏيل نموني جوڙايل لباس اوڊيو ۽ هيڊ ڪوارٽر ڏانهن رواني ٿي. عورتن کي کلندو ڏسي، سندس دل خوشيءَ وچان جهومڻ لڳي. سمورين کي هڪ جهڙو لباس پهريل هو. سيئي باجماعت تصويرون ڪيرائڻ لاءِ هڪ هنڌ گڏ ٿي ويون. آمنہ سينيءَ کان اڳلي قطار جي وچ ۾ ويٺي هئي: ان جي پٺيان عورتن جون ٻہ قطارون بيٺل هيون، ۽ ٻيون سڀ اڳيان ويٺيون هيون. جڏهن فوٽو گرافر فوٽو ڪڍيو، تہ ان ئي وقت بلقيسو جي گاڏي اچي بيٺي. فاطمہ، ربيڪا، معاذ ۽ مختار جلدي گاڏيءَ مان ٻاهر نڪتا، ۽ عورتن انهن کي ڏسي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. اهي بہ ڊوڙي پهتا، ۽ آمنہ جي اڳيَن ويهي رهيا، مگر مختار تصوير ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

جڏهن ٻي تصوير نڪري چڪي، تڏهن عورتون مانيءَ پچائڻ ۾ مشغول ٿي ويون. عورتن جي جوڙيل ٿانوَن، سبيل ۽ رنگيل ڪپڙا ۽ ٻيون شيون، سوئيٽر ۽ ٻيون هٿ جون شيون گهٽ قيمت تي وڪاڻيون پئي.

"ماني پچائيندي، نچندي ۽ ڳالهيون ڪندي عورتن ۽ شاگرديائڻين جون ڪجهہ تصويرون ضرور ڪڍجانءِ! آئون هن دعوت جي هر گهڙيءَ کي البم ۾ محفوظ ڪرڻ ٿي چاهيان." آمنہ فوٽو گرافر کي هدايت ڪئي.

"آئون صرف اوهان جي هڪ تصوير ڪڍڻ چاهيان ٿو." هن عرض ڪيو.

هوءَ سڌي ٿي بيٺي، هن پنهنجي عينڪ ٺيڪ ڪئي، ٿورو اڳيان ۽ پوءِ ڪجهہ پوئتي ٿي، پوءِ پنهنجو مُنهن ٿورو ساڄي پاسي موڙيو. هُن جون اکيون مختار سان مليون، ۽ جيئن ئي هُن مسڪرايو، تصوير نڪري وئي.

گهڻائي مرد پڻ دعوت ۾ اچي نڪتا. انهن ۾ ضلعي جا موسيقار بہ هئا. مانيءَ کان پوءِ انهن ڍُهل ۽ واڃا وڄائڻ شروع ڪري ڇڏيا. ڪي عورتون نچڻ لڳيون، جڏهن تہ ٻيون ويهي ٻوڳ چرچا ڪنديون رهيون. لاڙائي نچڻ ۽ ڳائڻ ۾ سينيءَ کان اڳيان هئي. آمنہ جو مُنهن ۽ من ڏاڍو مطمئن هو. پوءِ هڪڙو يادگار گيت گونجيو_ فاطمہ ۽ آمنہ جون اکيون

مليون. آمنہ فاطمہ کي هجوم ۾ گهلي آئي. فاطمہ سينڊل لاهي وچ ۾ هلي آئي. عورتن هُن لاءِ جاءِ خالي ڪئي ۽ پوءِ اهي ٻئي وچ ۾ نچڻ لڳيون. تاڙين جي گُونج پري تائين ٻُڌڻ ۾ اچي رهي هئي.

شام جو وڏيڪ مرد عورتن جي ڪاڄ ۾ شامل ٿي ويا، ۽ جشن جاري رهيو. عورتن کي انڊيرو گهٽو پسند هو. آمنہ فلم جي رِيل چاڙهي، خاموشيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي. جڏهن هن پروجيڪٽر هلايو تڏهن بہ ڪافي گوڙ هو. آمنہ فلم تي غور ڪرڻ بجاءِ، آسمان ۽ بادلن پويان اُپرندڙ چوڏهينءَ جي چنڊ کي ڏسي رهيٰ هئي. بادلن جي هٽڻ کان پوءِ ويڪري سِڏي ميدان جي هر شيءِ، چانڊاڻ ذريعي چمڪڻ لڳي. رات جا پکي ۽ جيت پڻ پنهنجن گيتن سان گڏ شامل ٿي ويا. ماڪ جي ڪري ڪڙڪبيتي جي چمڪ وڏيڪ دل لبائيندڙ لڳي رهي هئي.

آمنہ خاموشيءَ سان پنهنجي زندگيءَ جي اهم واقعن کي ياد ڪندي رهي. ننڍپڻ کان هيستائين... ڪيترين مشڪلاتن کان پوءِ ڪيس پرائمري اسڪول ۾ داخلا ملي، ۽ پوءِ ڪيس اوڏانهن وڃڻ کان روڪيو ويو. سندس اسڪول وڃڻ کان وٺي واپس گهر اچڻ تائين، ڪهڙيءَ ريت خيال رکيو ويندو هو ڪهڙيءَ ريت سندس ماءُ هن جي حوصلہ افزائي ڪئي هئي. سندس ننڍپڻ جا دوست، سندس سيڪنڊري اسڪول، سندس ماءُ ۽ ڀينرون، يونيورسٽيءَ جو ڪجهہ عرصو رجسٽريشن واري ڏينهن فاطمہ سان ملاقات، هڪڙي ڪمري ۾ رهڻ جو فيصلو. شادي، پُٽ جو موت، عورتن جي انجمن، تعليم ۽ صحت جي مهم، گڏيل سهڪار واري تحريڪ، اچوڪو ڏينهن ۽ فِصل جو لوب... هوءَ اهو تہ نہ پئي ٻُڌائي سگهي تہ ماضيءَ تي هوءَ خوش، پُرسڪون يا اُداس آهي! پوءِ بہ سندس چهرو ڳوڙهن سان پريل هو.

—

هڪڙيءَ منجهند ويلي آمنہ پنهنجي ڪمري ۾ سُتل هئي، تہ اوچتو الحاج هارون تيزيءَ سان ڪمري ۾ داخل ٿيو. هُن ڏُم ڪري دروازو

بند ڪيو ۽ ڪڙو ڏئي ڇڏيو. هو سهڪي رهيو هو. آمنہ اڪيون ڪولي ڏٺو تہ هو صوفي تي ڪِريو پيو هو. هو سخت پريشان ۽ ڊنل لڳي رهيو هو.

"ڪائڻ لاءِ ڪجھہ آهي؟" هُن پُڇيو.

"نہ، آئون ناهي تي وٺان..."

"نہ، هونءَ بہ آئون ڀُکيو ناهيان." هو ڪجھہ دير ڪيس ڏسندو رهيو پوءِ نظرون جُهڪائي، پيرن سان زمين ٺپڪائڻ لڳو.

"ڇا ٿيو؟" آمنہ ڪيترا ڀيرا پُڇيو پر هو چُپ رهيو.

هوءَ پريشانيءَ جي سبب سوچڻ لڳي. ڇا وري ڪنهن سندس ڳنَ پريا آهن يا سندس ڪاروباري ڀائيوار اسان جي ڳالهہ ٻولهہ بابت ٻڌايو آهي؟ شايد ڪنهن ساڻس ڌوڪو ڪيو آهي! خاندان ۾ بہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي، ۽ هو اڄ بہ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي، بلڪ هاڻ تہ هو قائم مقام اسپيڪر بڻجي چڪو آهي.

"آهہ! خدايا!" هن خاموشي ٽوڙي. "هاڻي ڇو؟" هُن آمنہ ڏانهن ڏٺو "ماڻهن ۾ خدا جو خوف ڇو ناهي رهيو!؟" ماڻهو خدا جي بخشيل شين مان خوش ڇو ناهن؟ آخر ڪي ماڻهو اسان کي ڇو ٿا تباهہ ڪرڻ چاهين؟ ماڻهو اسان جي خلاف ڇو آهن؟ ڇو؟"

"ڇا ٿيو؟" آمنہ وري پُڇيو.

"آئون توکي ٻڌايان ٿو." هو سندس پير ۾ ويهي رهيو. "مگر ڪنهن کي ٻڌائين متان! اهو راز اسان جي وچ ۾ رهندو."

"ٺيڪ آهي."

هو ٽڪڙا ساهہ کڻي رهيو هو ۽ پگهر ۾ شل هو. هُن ڏک ڀريل انداز ۾ مٿو لوڏيو ۽ ٻُڌڪيو: "اسان کي خبر پئي آهي تہ ڪي نوجوان فوجي هن جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ٿا گهرن." هن پيشانيءَ تان پگهر اُگهيو. اڱڻ ۾ ڪن ڳرن قدمن وڌڻ جو آواز آيو ۽ هن ڊنل اکين سان دروازي ڏانهن ڏٺو. وِڪون اڳتي وڌيون. "اهي آزاديءَ واري ڏينهن فوجي پريڊ دوران ان منصوبي تي عمل ڪندا." هن سخت پريشانيءَ جي حالت ۾ چيو.

"توهان کي کهڙي ڳالھہ ڪري ڏپ آهي؟" آمنہ آرام سان پڇيو.

"مون کي ڇو نہ؟ آئون قائم مقام اسپيڪر آهيان. اصل اسپيڪر لنڊن ۾ علاج لاءِ ويل آهي، ۽ سنڌس نائب هني مُون ملهائڻ دبئي ويو آهي."

"پريشان نہ ٿيو. خدا تي يقين رکو." آمنہ سنڌس همٿ وڌائي ۽ گائون لاهڻ جو چيو. سخت نفسياتي دٻاءَ جي سبب هُن آمنہ جي صلاح نظر انداز ڪري ڇڏي.

"اُهي فوجي آمريت جا ايترا سال گذارڻ کان پوءِ، هاڻي ڇا لاءِ جمهوريت جي خلاف آهن؟ اهي ڇا ٿا چاهين؟ اهي پنهنجين بيرڪن ۾ ڇو نہ ٿا رهن؟ آخر اهي انهن لاءِ ئي تہ جوڙيون ويون آهن. فوج سياست ۾ مداخلت ڇو ٿي ڪري؟" هُن آمنہ کان پڇيو.

"منهنجو خيال آهي تہ في الحال تہ ڪوبہ اهڙي حرڪت نٿو ڪري سگهي، اهو صحيح موقعو ناهي."

"تون ڇوڻ ٿي چاهين تہ اهي پوءِ تختو اونڌو ڪندا؟" هُن آمنہ جي اکين سان اکيون ملائيندي چيو.

"جمهوريت لاءِ ٽن سالن جو عرصو تمام ٿورو..."

"...خاموش! توکي سياست بابت ڪا ڄاڻ ناهي." هو ڪمري ۾ ڦرڻ لڳو. "اهي ڏکڻ جا ماڻهو آهن. اهي صدارتي ڪرسي وڃائڻ سبب ناراض آهن. انهيءَ ڪري اهي صدر جي خلاف آهن، ۽ جمهوريت کي ٽوڙڻ ٿا چاهين."

"اهو منصوبو اُتر جي فوجين جو بہ تہ ٿي سگهي ٿو."

"نہ! صدر پاڻ اترادي آهي." هُن جواب ڏنو.

"پر سمورا اترادي تہ کيس پسند نٿا ڪن. سچ تہ اهو آهي، جو گهڻن اترادين کي سنڌس حڪومت مان ڪو فائدو نہ رسيو آهي، سو اهي ان جي خلاف آهن."

"ڇا مطلب؟" هن وضاحت گهري.

”مثال طور مون کي سنڌن حڪومت پسند ناهي، سو جيڪڏهن مون کي موقعو مليو ته آئون به ان گروهه جي مدد ڪنديس، جيڪو ان کي ۽ ان جي نظام کي هٽائي ڇڏي.“

”ڇري ٿي وئي آهين؟ ڏس! اسان جي صدر جي دل ۾ سڀ کان وڏيڪ خوفِ خدا آهي! اُهو نه رڳو مذهبي، پر ذميدار ۽ باعزت انسان آهي. اسان کي سنڌس صدارت کي پنهنجي لاءِ باعثِ رحمت ڄاڻڻ گهرجي...“

ڳرا قدم ڪمري وٽ پهچي ويا ۽ دروازي تي سڏ ٿيو. هو دريءَ ڏانهن ڊوڙيو. مگر اُتي لوهه جو جنگلو لڳل هو. هن ڊپ جي حالت ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ”دروازو نه کولجانءِ!“ هن پنهنجي عام رواجي جهيٽي آواز ۾ التجا ڪئي، هن ڪبٽ کوليو ۽ اندر گهڙي ويو. ”آئون گهر نه آهيان.“ هارون چيو. آمنه ڪبٽ جو در بند ڪيو ۽ دروازو کوليو.

”تڪليف لاءِ معافي ٿو چاهيان، بيگم صاحبه! مون کي معلوم ٿيو هو ته هو هِتي آيو آهي.“ سرڪاري ڊرائيور پُڇيو.

”ڪنهن سان ملڻو آهي؟“ آمنه پُڇيو.

”ڪي ماڻهو آفيس ۾ انتظار ڪري رهيا آهن.“

”ٺيڪ آهي، هو هتي ته ناهي، پوءِ به آئون نياپو موڪليان ٿي.“ آمنه چيو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

الحاج هارون ڏڪندو ۽ ٿڙندو ٿابڙندو ڪبٽ مان ٻاهر نڪتو. آمنه پنهنجي اندر ۾ اُٿيل ٽهڪڙن جي طوفان کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي.

”آئون رڳو پريڊ جي ميدان ۾ وڃڻ نٿو چاهيان.“ هن پنکو چالو ڪندي چيو. ”عهدو وڃي ٿو ته وڃي، آئون ته بس رڳو پنهنجو سِر بچائڻ چاهيان ٿو.“

”توهان کي پوءِ به اُتي سڏيو ويندو.“

”ها! آئون اڄ بيمار آهيان... هن ملڪ جي ماڻهن مٿان حڪومت ڪرڻ مشڪل آهي. جيڪي پيسا ميڙي هن ملڪ مان هليا وڃن ٿا، اهي بلڪل صحيح ٿا ڪن، اهي سڪون سان رهن ٿا. هتي اعصابي دٻاءُ ئي اڳواڻ کي ماريو وجهي.“ هُن پنهنجو وڏو گائون لاٿو. آمنه کي محسوس ٿيو

تہ چڻ سندس ڇاتي سوڙهي پئي آهي. هُن مسڪرائي آمنہ جي اڻ پُڇيل سوال جو جواب ڏنو "مون کي بُليٽ پروف جيڪٽ پاتل آهي."

"بُليٽِ پُروف جيڪٽ!؟" هن غير يقيني حالت ۾ پڇيو.

"شہ شش! ها! اسان ان جي عادي ٿيڻ لاءِ اها پائڻ شروع ڪئي آهي." هُن ٻڌايو. "خدا فرمايو آهي تہ اول پنهنجي مدد پاڻ ڪريو پوءِ آئون اوهان جي مدد ڪندس."

"جيڪڏهن انهن بم، گرنيڊ يا وري ٽينڪ جي گولن جو استعمال ڪيو؟"

"نہ نہ! اهي ائين نہ ڪندا! آئون خون خرابي بنا ئي تختي اونڌي ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويندس. آئون پنهنجو ڪاروبار ڪندس... آهہ! انهن کي اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي..."

هڪ بلند آواز سڏ ڪيس چُپ ڪرائي ڇڏيو. هڪ مرداني آواز رڙ ڪندي چيو: "الحاج! تنهنجي تڪڙي ضرورت آهي!" هو چند ئي گهڙين اندر پنهنجي اصلي جاءِ ڏانهن موٽي ويو.

"ڪير آهي؟" آمنہ پڇيو.

"بيگم صاحبہ اسان وٽ وقت تمام ٿورو آهي. مهرباني ڪري ڪين اچڻ ڏيو. ڪين ٻڌايو تہ وڃڻ جو وقت ٿي چڪو آهي، ۽ اسان کي گڏجي وڃڻو آهي."

الحاج آواز سُڃاڻي ٻاهر نڪتو ۽ پُڇيو "ڪٿي؟"

"ايئرپورٽ۔ اسپيڪر صاحب جن اڄ اچي رهيا آهن."

الحاج ڪپڙا پاتا ۽ ٻاهر ڀڄي ويو.

آمنہ ٿڪ ڏيندي بستر تي ڪِري پئي. هوءَ ايتري تہ ڪِلي جو سندس اکين مان ڳوڙها نڪري آيا. "فوجين جي هڪڙي ٽولي ٻيهر قابض ٿي ويندي. نوان حاڪم پيدا ٿيندا. پراڻن حاڪمن تي ڪرپشن جا ڪيس داخل ٿيندا، پر اهي پوءِ بہ باعزت بري ٿي ويندا. انهن مان ڪن کي تہ نئين حڪومت ۾ بہ جاءِ ملي ويندي. پُراڻي حڪومت کان مايوس، غريبن جون اُميدون نئين حڪومت سان سلهاڙجي وينديون. واعدا ٿيندا،

پوءِ آخر ۾ ٿيندو ڪجهه بہ ڪونہ! طاقتور ماڻهو هڪ ٻيءَ پٺيان بي شرميءَ سان سرڪاري مال لُٽيندا. ڪهڙو عجيب ملڪ آهي! هتي هڪ عام پڙهيو لکيو جاهل فوجي، ڊڪٽيٽر حاڪم بڻجيو وڃي. سرڪاري ادارن ۾ حاڪمن جي تصويرن کان سواءِ ٻيو ڪجهه نہ بدلبو. اها ساڳي پرين واري ڪهاڻي آ!"

فاطمہ ٿوري ئي دير ۾ پهچي ويئي، ۽ آمنہ هڪدم سڄي ڪهاڻي ٻڌائي ڇڏي.

"تختو ڪڏهن ٻيو اونڌو ٿئي؟" فاطمہ پڇيو.

"ٻن ڏينهن کان پوءِ، جشنِ آزاديءَ جي موقعي تي."

"اسان جي ملڪ ۾ طاقت رسڻي تي پئي آهي، ۽ ڪوبہ شخص ان کي ڪٽي، استعمال ڪري سگهي ٿو."

—

جشنِ آزادي آيو ۽ گذري بہ ويو پر ڪوبہ هنگامو نہ ٿيو. ان دوران عورتن جي انجمن پنهنجون سرگرميون جاري رکيون. نوان موضوع متعارف ڪرايا ويا. هاڻي وڏيڪ شاگرد ۽ شاگرديائيون استادن جي صورت ۾ شامل ٿي رهيون هيون. ڪپڙا ڪاڙهڻ، سلائي، ڀرت، ڪپڙا رڱڻ ۽ ٻين هٿ جي هنري ڪمن ۾ وڏيڪ عورتون شامل ٿي رهيون هيون. ڪيمپس ۾ اسٽوڊنٽس يونين جون چونڊون ٿيون. نوان اڳواڻ بہ فاطمہ جي گروهہ جا ميمبر هئا، ۽ انهن انجمن جي امداد جاري رکڻ جو واعدو ڪيو. وڏيڪ شاگرد اسپورٽ گروپ جو حصو بڻجي رهيا هئا. بلقيسو اڳواڻيءَ جي ذميواري، نئين نائب صدر ليليٰ جي حوالي ڪئي.

جڏهن بالغن جي تعليم واري مهم جو هڪ سال پورو ٿيو تڏهن يونيورسٽيءَ جي بالغن جي تعليم واري شعبي امتحان ڪرايا، ۽ عورتن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ورهايا. شعبي جي ڊائريڪٽر ۽ مهمانِ خاص، ان موقعي تي سندن ڪوشش کي ساراهيو ۽ اعلان ڪيو تہ جلدئي لاڳاپيل شعبو ان مهم کي يونيورسٽيءَ جو حصو بڻائيندو. آمنہ ان شعبي جي باقاعدي عهديدار هوندي، ۽ ٻين ضلعن ۾ پڻ اها مهم شروع ڪئي ويندي.

آمنہ مونجهاري جو شڪار ٿي وئي. جڏهن هو انٽرويو لاءِ تياري ڪري رهيو هو، تڏهن آمنہ لاڳيتو سوچيندي رهي تہ اقوامِ متحده ڪي سندن انجمن بابت ڪيئن معلوم ٿيو. هوءَ خط جي مٿان پنهنجو ڇپيل اڪرن ۾ لکيل نالو ڏسي خوش ٿي رهي هئي. هن، انهيءَ ڪم جي مختلف پاسن متعلق آمنہ جا تاثرات رڪارڊ ڪيا.

بالغن جي تعليم واري مهم جي حوالي سان ڳالهائيندي آمنہ چيو: "هتي تعليم ڪڏهن بہ اهميت حاصل نہ ڪري سگهي آهي. هاڻ بہ ڪافي مرد، عورتن جي تعليم کي غير ضروري ڄاڻن ٿا. تبديليءَ جا مخالف "پُراڻ پسند" گروهہ اڃا بہ اسان جي خلاف نفرت پيدا ڪن ٿا. اسان ٻڪاروءَ جي عام عورت کي تعليم ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪريون پيا. عام طور انهن عورتن کي بنيادي تعليم بہ ڏنل ناهي هوندي. 'الحسن تعليمِ بالغان جو منصوبو' اسان کي ڏاڍو ڪم آيو. تعليم، هوا ۽ پاڻيءَ وانگر ئي اهم آهي. اسان جا حڪمران اسان کي جهالت جي انڌيري ۾ رکڻ چاهين ٿا، پر هن پهرين سال کان پوءِ آئون يقين سان چئي سگهان ٿي تہ ٻڪاروءَ جي عورتن آڌو بيٺل جهالت جي ديوار ۾ ڏار پئجي چڪا آهن."

پوءِ آمنہ گڏيل سهڪار واري تحريڪ بابت ٻڌايو "اسان پنهنجين سرگرمين جو دائرو وسيع ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان بي روزگار نوجوانن ۽ هارين کي پڻ ان جو حصو بڻائڻ گهرون ٿا. اها انتهائي ڏُکائيندڙ حقيقت آهي، تہ هارين وٽ زمين جي کوٽائيءَ لاءِ کهيڙو ئي بچيو آهي. هن ملڪ کي پنهنجي کاڌي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ گڏيل سهڪار واري وسيع پيماني تي تحريڪ جي ضرورت آهي. حڪومت جا ٻاهر گهرايل ڄانور ۽ ٻارڻ ڏاڍا مهانگا آهن، جڏهن تہ زميندار چند امير ماڻهن جي مُٺ ۾ بند آهن، ٿوري ۾ چئجي تہ حاڪم ڪنهن جٽاءَ دار زرعي پاليسيءَ کان وڌيڪ، پنهنجن گهٽ عرصي وارن مفادن کي ترجيح ڏين ٿا!"

"صحت پڻ هتان جو هڪ اهم مسئلو آهي. اسان ٻڪاروءَ مان عام بيمارين جي خاتمي، ۽ ماڻهن کي صحت بابت بنيادي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ هر

ممڪن ڪوشش ڪريون پيا. اسان جي اسپتالن ۾ دوائون موجود ناهن ۽ رياست وٽ صحت سان لاڳاپيل بنيادي تعليم جي فراهميءَ بابت، ڪوبہ منصوبو ناهي. اسان جون اسپتالون مرده خانا آهن، جتي ماڻهو مرڻ لاءِ ويندا آهن. اميد آهي تہ اسان ٻن سالن جي اندر ضلعي ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۽ ماهرن سان سنواريل ڪلينڪ جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين."

"مستقبل جي حوالي سان اسان شهر جي مختلف حصن ۾ وڏيڪ ڪم شروع ڪرڻ جا خواهشمند آهيون، ۽ پوءِ اهڙو ڪم سموري رياست تائين پکيڙڻ چاهيون ٿا. اسان خوراڪ جي تياري ۽ وڪري ۾ پڻ دلچسپي رکون ٿا. اسان وٽ ڪيترين ئي بيروزگار عورتون موجود آهن. اسان کين زراعت کان هٽائي، خوراڪ جي تياريءَ وسيلي ڪارائتو بڻائي سگهون ٿا. اسان خاص طور ٻارن ۽ عورتن لاءِ هڪ لائبريري ۽ هفتيوار اخبارن جو بندوبست ڪريون پيا. ان سان معلومات ۽ ڳالهہ ٻولهہ لاءِ باقاعده هڪ نڪاتو بڻجي پوندو. ضلعي جي هڪڙي عورت پوڪ، شين کي گهڻو وقت محفوظ رکڻ لاءِ حفاظتي اُپائن ۽ پاڻيءَ جي نظام کي منظم بنائڻ لاءِ هڪڙي افسانوي تجويز ڪٺي آئي هئي. معاذ ڊين لامي ۽ ٻيا شاگرد، ان تي تجرباتي سطح تي ڪم ڪري رهيا آهن، جيڪڏهن اهو تجربو ڪامياب ٿي ويو تہ اسان ان تي باقاعده عمل ڪنداسين. جيئن اوهان ڄاڻو ٿا تہ هتي پاڻيءَ جو هڪڙو تمام وڏو مسئلو آهي."

"آئون هتي اهو ضرور چوڻ چاهينديس تہ اسان جا گهڻي ڀاڱي منصوبا ڪامياب رهيا آهن. آئون پنهنجي دوست فاطمہ جي مشورن، مدد ۽ حمايت لاءِ سندس ۽ سندس گروهہ جي زندگيءَ ڀر ٿورائتي رهنديس."

"اسان هڪ ئي رات ۾ تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ نٺا ڪري سگهون، پر وري بہ اسان هڪڙي سٺي مستقبل لاءِ رستو جوڙي ورتو آهي."

—

منجهند جي وقت آمنہ، فاطمہ، گلوريا ۽ ليليٰ پنهنجن بهترين ڪپڙن سان تيار ٿي، بلقيسو جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿي رهيون هيون. "تون پنهنجي پٽڪيءَ بنا وڏيڪ سُٺي لڳين پئي." آمنہ فاطمہ کي الحاج عمر

عثمان جي گهر ڏانهن وڃڻ لڳا. هو اڳ ۾ پهچي، ٻين عورتن سان ملي هڪ ٽي ويون. گهر جي اندر ۾ ان جي اوسي پاسي سوين ماڻهو موجود هئا. هو اڳڙ ۾ پهچي، ٻين عورتن سان ملي هڪ ٽي ويون.

"مبارڪ هجي!" آمنہ بلقيس جي ڪمري ۾ وڃي مُرڪندي چيو.

"تشريف آڻڻ لاءِ وڏي مهرباني!" بلقيس خوشگوار لهجي ۾ چيو.

"توکي اچا تمام گهڻن ماڻهن سان ملڻو آهي، پوءِ ڳالهيون ڪنداسين."

"اها ڳالهہ سمجهي وٺڻ لاءِ وڏي وڏي مهرباني!" بلقيس وراڻيو.

"آئون انهيءَ لاءِ ڏاڍي خوش آهيان." ليليٰ ميدان جي ڇانوَ واري حصي ڏانهن وڌندي چيو. "مون ڪيس ڪڏهن بہ ايترو خوش ناهي ڏٺو."

ڪجهہ دير کان پوءِ ليفٽيننٽ ڪرنل ابوبڪر عثمان ميدان ۾ داخل ٿيو. جڏهن هو عورتن ڏانهن وڌيو تہ آمنہ منهن مٿي ڪري، سندس چهري جي مڪمل تصوير ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. هن کي گهري رنگ جو چشمو پاتل هو ۽ سندس چهري تي ڪوبہ تاثر نہ هو. هو سڌو آمنہ ڏانهن وڌيو. "اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. اچڻ لاءِ وڏي وڏي مهرباني!" هن ويٺل آواز ۾ چيو.

"مبارڪ هجي، ۽ منهنجي دُعا آهي تہ اوهان جي شادي هميشه قائم رهي، ۽ خدا اوهان کي اولاد سان نوازي."

"مهرباني! مون اوهان بابت گهڻو ٻڌو آهي. منهنجو هڪ دوست اوهان کي 'خاموش انقلابي' سڏيندو آهي."

"ڇا واقعي؟" آمنہ حيران ٿيندي پُڇيو.

ليفٽيننٽ ڪرنل ابوبڪر عثمان، ٻين عورتن جي اچڻ تي، سندن مهرباني مڃي هليو ويو.

—

بعد ۾ پنهنجي ڪمري ۾ آمنہ، فاطمہ کي انجمن بابت پنهنجي آئيندي جي منصوبن کان آگاهہ ڪيو. ڪجهہ دير خاموشيءَ کان پوءِ آمنہ تمام گهڻي جذباتي انداز ۾ چيو: "هن انجمن جي قيام خاطر رضامند ٿيڻ لاءِ مهرباني- خاص طور مون ۽ ٻين ڪوڙ سارن ماڻهن گهڻو ڪجهہ سِکيو آهي. اهو بهتر مستقبل جي اميدن جي پيڙهہ بڻجي ويو آهي."

”مون کي انجمن جوڙڻ واري تجويز ڏيڻ لاءِ مهرباني! تنهنجي سهائتا لاءِ مهرباني! توهان جي گروهہ جي سهائتا لاءِ مهرباني! آئون هر شيءِ لاءِ تنهنجي شڪرگذار آهيان. منهنجي شامل ٿيڻ سان مون کي تہ تمام گهڻي خوشي ٿي. جڏهن مون پنهنجي ڪم جا عملي ۽ هاڪاري نتيجا ڏٺا، تہ آئون خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيس. مون کي قدردانيءَ جو احساس ٿيو. منهنجو خيال آهي تہ مون ان دوران علم ۽ تجربو حاصل ڪيو آهي. آئون زندگيءَ کي بهتر نموني سمجهي سگهي آهيان، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ، مون پنهنجو پاڻ کي ٻيهر ڳولي لڌو آهي.“

”آئون توکي ٻڌائڻ پلجي ويس.“ فاطمہ چيو ”ڊاڪٽر ادريس پنهنجي رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. کيس اُميد آهي تہ اقوامِ متحده ان کي قبول ڪندي، توهان کي اعزازي سَنَد سان نوازيندي.“

آمنہ لڄي ٿي مُسڪرايو ”مون توکي ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو پر سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڪيئن چوان!“ آمنہ گهٻراهٽ جو شڪار هئي. فاطمہ ڏانهنس ائين ڏٺو ڄڻ تہ چوندي هجي: ”چئو!“

”گذريل ڪجهہ مهينن کان آئون عجيب تبديلي محسوس ڪري رهي آهيان۔ هاڪاري تبديلي، تنهنجين ماضيءَ جي گهڻين ڳالهين جي معنيٰ سمجهہ ۾ اچي رهي آهي. هاڻ جڏهن آئون پنهنجي چوطرف جي دنيا کي ڏسان ٿي، تہ منهنجي سوچ ۽ تاثر مختلف هجن ٿا. ٿوري ۾ ائين چوان تہ زندگيءَ ڏانهن منهنجو رَويو تبديل ٿي ويو آهي. منهنجو خيال آهي تہ تون پڻ اهڙو تجربو ڪري چڪي آهين يا ڪري رهي آهين...“

فاطمہ ڪجهہ ڇڪرائجي وئي ۽ کيس ڪوبہ جواب نہ سُجهيو. ”هُون! منهنجو خيال آهي تہ آئون سمجهي ٿي سگهان، تہ تون ڇا ٿي چوڻ چاهين.“

”زندگيءَ ڏانهن منهنجو رَويو تبديل ٿي ويو آهي. آئون پنهنجي ترجيحات ۽ پسند ناپسند تي پاڻ کان سوال پُڇي رهي آهيان... آئون هڪ نئين نظر سان دنيا کي ڏسي رهي آهيان...“

”ان کي دانشور، هڪ بئي شخص جو ظهور چون ٿا. هڪ وڏيڪ عقلمند ۽ ڏاهو شخص!“ فاطمہ چيو.

”منهنجو خيال آهي تہ منهنجي پُٽ جي موت، مون کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي.“ آمنہ ڳالهہ جاري رکي. ”مون بيشڪ توکان ۽ تنهنجي دوستن کان گهڻو ڪجهہ سِکيو آهي. الحاج جي رَويي، منهنجي شادي شده زندگيءَ بابت نظريي کي هڪدم تبديل ڪري ڇڏيو مگر رشيد جي موت، منهنجو شين کي ڏسڻ وارو انداز ئي بدلائي ڇڏيو.“

”آئون صرف اندازو ڪري سگهان ٿي تہ اهو سڀ تو لاءِ ڪيترو ڏکيو هوندو.“ فاطمہ همدرديءَ ڀريل مُرڪ سان جواب ڏنو.

”ڏسو!“ آمنہ پنهنجيءَ سوچ جي وضاحت جاري رکي، ”مون کي هاڻي پنهنجي ذات اندر موجود گهڻن جهيڙن کي ختم ڪرڻو آهي. ان کان سواءِ مون کي اهو خيال بہ اچي ٿو تہ آئون هڪڙي بہ- واٽي تي پهچي وئي آهيان، ۽ مون کي ڪڏهن نہ ڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪ رستي کي چونڊڻو پوندو.“

فاطمہ هُن ڏانهن غور سان ڏٺو ”اسان سڀائين بہ- واٽي تي هوندا آهيون. سڀ کان اهم ڳالهہ صحيح رستي جي چونڊ آهي. ان کان علاوه خدا ۾ اُميد رکڻ آهي، تہ اهو اسان کي صحيح رستي جي چونڊ ۾ مدد ڪندو.“

بئي عورتون هڪ بئي ڏانهن ڏسي مُرڪڻ لڳيون.

”عورتن جي انجمن ڪيئن پئي هلي؟“ فاطمہ پڇيو.

”رمضان جي ڪري هڪ مهيني لاءِ هر قسم جي سرگرمي بند ڪئي وئي آهي.“

”اهو تہ ڪو سبب ڪونهي.“

”توکي حقيقت پسند ٿيڻ گهرجي. ڪوڙ ساريون عورتون، تمام گهڻو ڪم ڪنديون آهن. ٻيو اهو تہ مذهبي ۽ سياسي ماحول سُٺو ناهي. رتوڇاڻ وڌي وئي آهي ۽ گذريل هفتي هڪ جهيڙي ۾ ڏهہ ماڻهو مارجي ويا. ٻن مذهبي گروهن جي جهيڙي دوران هوآوا پڻ جيئن تيئن ڪري بچي آهي. عورتن جي زندگي خطري ۾ نئي وجهي سگهجي.“ آمنہ وري بہ

موضوع متائي ڇڏيو. "تنهنجو ڇا خيال آهي ته ليفٽيننٽ ڪرنل ابوبڪر عثمان مون کي 'خاموش انقلابي' ڇو چيو؟"

"مون کي خبر ناهي، هو مون کي دنيا جي خطرناڪ ترين عورت چئي ٿو. هڪ ته اسان کي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، ڇو جو گهٽي پاڳي فوجين کي خبر ئي نه هوندي آهي ته هو ڇا چئي رهيا آهن، ٻيو ته اسان کي محتاط پڻ رهڻ گهرجي."

"ڇو؟"

"ڪرنل عثمان جاگيردارانه طبقي جو نمائندو آهي ۽ اهو ڪنهن به سماجي تبديليءَ جو قائل ناهي. کيس فوج ۾ "اوندهه جو شهزادو" چوندا هئا. گذريل فوجي حڪومت دوران، پنهنجي مخالفن کي دٻائڻ لاءِ ظالماڻن حربن استعمال ڪرڻ سبب، کيس اهڙو نالو ڏنو ويو هو. دراصل اهو به اندازو لڳايو ويو ته گذريل فوجي بغاوت پنيان هيءَ به هو، پر صبح ٿيڻ کان ڪجهه دير اڳ هن پنهنجي ڪمانڊر کي ڌوڪو ڏنو ۽ انهن سڀنيءَ کي قتل ڪري ڇڏيائين. سندس ظلم جا قصا مشهور آهن، ۽ هيءَ فقط رات جي وقت ئي ڪم ڪندو آهي. رياست جو فوجي سربراهه مقرر ٿيڻ کان پوءِ کيس اهڙو لقب مليو هو."

"هن ڪهڙو ڪارنامو ڪيو هو؟"

"کيس خبر ملي ته ڪجهه شاگرد مظاهرو ڪرڻ وارا آهن، ته هُن يونيورسٽيءَ کي بند ڪري ڇڏيو. ڪن ليڪچرارن مذمت ڪئي، ۽ خبر جي سچائيءَ لاءِ ثبوت گهريا. هُن انهن سڀنيءَ کي گهيري ۾ ورتو ۽ سندن پگهار بند ڪري ڇڏيائين. هن چيو ته سندن خاندان کي به سبق حاصل ٿيڻ گهرجي. پوءِ هن فنڊ جي ڪميءَ جو بهانو بنائي، ڪي سيڪنڊري اسڪول بند ڪرايا. هن وزارتِ تعليم کي ٻکن ڪاٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. گهڻن استادن کي ته هڪ سال تائين پگهار نه مليا." فاطمه گهڙيءَ کن لاءِ ماٺ ٿي وئي. "مون هن معاشري ۾ ڏاهپ جا ڪيترائي مخالف ڏٺا آهن، پر هيءَ منهنجي ڏهن بدترين مخالفن جي فهرست ۾ شامل آهي."

آمنه هڪڙو نئون موضوع شروع ڪيو "ڪجھ ڏينهن اڳ هڪ پريشان ڇوڪري مون وٽ مدد لاءِ آئي. هن چيو ته ڪجھ مهينا اڳ ساڻس زيادتي ڪئي وئي آهي، ۽ هاڻ هوءَ پيٽ سان آهي. هوءَ شيون وڪڻي رهي هئي ته هڪڙو ڇوڪرو سندس پرس ڦري ڀڄي ويو. هوءَ ان جي پويان وئي ته هُن ڪيس جهلي، ساڻس زوري زنا ڪيو. مون ان ڇوڪري جي ڳولا ڪئي. اهو هڪڙو پوليس واري جو پٽ هو. اسان سندس خلاف بلدياتي عدالت ۾ وياسين. اسان چاهيو ٿي ته ڇوڪرو اها ذميواري قبول ڪري، ۽ ڇوڪريءَ جو خيال رکي، پر جج جو فيصلو ٻڌي مون کي سخت حيرت ۽ مايوسي ٿي. هن چيو ته اها غلطي ڇوڪريءَ جي آهي، ڇو جو هوءَ ماڻهن کي لپائڻ وارا ڪپڙا پهري، رستن مٿي ڇوڪرن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لاءِ گهمي رهي هئي، ۽ هن زنا جي دوران ڪا رڙ نه ڪئي. ڇوڪريءَ کي ڳالهائڻ جو موقعو به نه ڏنو ويو ۽ ڇوڪرو سرِعام مٿس الزام تراشي ڪري رهيو هو هن اکين ڏٺا شاهد نه هئڻ ڪري ڇوڪري کي آزاد ڪري ڇڏيو. مون وڏي سڏ اعتراض ڪيو ته جج مون کي به حراست ۾ وٺڻ جي ڌمڪي ڏني. هن ڇوڪريءَ کي لُپائيندڙ ڪپڙا پائي گهمڻ جي ڏوھ ۾ ڇهن ڪوڙن جي سزا ٻڌائي. مون کي پنهنجي ڪنن تي يقين نه آيو."

"هاڻي خبر پئي ته اهي ڇاڪي ٿا انصاف چون؟"

"هوءَ ڇهن مهينن جي حمل سان آهي، ۽ مون کي ٻار ڪِرڻ جو خدشو آهي."

"هوءَ هاڻي ڪٿي آهي؟"

"هوءَ لاراڻيءَ سان گڏ منهنجي گهر ۾ رهي پئي. سندس پيءُ اهو چئي کيس گهران ڪڍي ڇڏيو ته سندس پيٽ ۾ هڪڙو حرام نپجي پيو ۽ هوءَ خاندان لاءِ بي عزتيءَ جو باعث آهي."

"تنهنجي ڪهاڻي ٻڌي افسوس ٿيو. تون انصاف جي ڳولا ڪري رهي هئينءَ، ۽ ناانصافيءَ جي ور چڙهي وئينءَ."

”مون کي پڇتاءَ جو احساس ٿي رهيو آهي. آئون ان ڇوڪريءَ کي اُتي بي عزت ڪرائڻ، سزا ڏيارڻ ۽ ذليل ڪرائڻ لاءِ خواهه مخواه وٺي ويس. آئون اڃا سوڌو سنڌس اکين سان اکيون نٿي ملائي سگهان ـ مگر آئون ان کان علاوه ڇا ٿي ڪري سگهيس؟“ آمنہ سوچن سان جهيڙينديءَ چيو.

”آمنا!“ فاطمہ ڪيس ڏڍ ڏيندي چيو: ”تون ڏوهي ناهين! تو اهوئي ڪيو جيڪو هڪ ساڃاهہ وند ڪري ها. اڃا تہ ڪيترين ئي پريشانين کي مُنهن ڏيڻو پوندو ڇو جو تون هڪ عورت آهين ۽ ٻين عورتن جي حقن لاءِ وڙهي رهي آهين.“

آمنہ فاطمہ ڏانهن ڏٺو ۽ پنهنجي هڪ تمام پُراڻي تجويز بابت کيس ٻُڌائڻ شروع ڪيو. ”فاطما! ڇو نہ اسان ماڻهن جي حالات ۾ بهتري آڻڻ جي خيال سان هڪ دستاويز تيار ڪريون. آئون سماجي حالات ۽ گڏيل سهڪار واري تحريڪ کي منظم ڪرڻ بابت لکي سگهان ٿي، تون تعليمي نظام ۾ تبديلين تي لک. ربيڪا صحت جي مسئلن متعلق بنيادي تعليم جي فراهميءَ جي اهميت تي لکي. اهڙيءَ طرح هڪ دستاويز تيار ٿي ويندو ـ اهو ’ٻڪاروءَ جو منشور‘ هوندو. ان ۾ ماڻهن کي موجوده نظام اندر بهتر تبديلين آڻڻ جي حوالي سان معلومات مهيا ڪئي ويندي. اسان ان منشور جا نقل سرڪاري اهلڪارن، پريس، حاڪمن ۽ ججن کي بہ موڪلي سگهون ٿا.“

”اها تہ ڏاڍي سٺي صلاح آهي.“ فاطمہ پنهنجي روايتي پرعزم لهجي ۾ چيو ”اسان اڄڪلهہ فائنل امتحان جي تياري ۾ گهڻو مصروف آهيون، پر آئون پوءِ بہ سينيءَ سان ڳالهہ ڪنديس.“

## باب ويهون

رمضان المبارڪ کان پوءِ انجمن جون سرگرميون پنهنجي پوريءَ سگهه سان ٻيهر شروع ٿي ويون. شاگرديائڻيون دستاويز تيار ڪرڻ واري صلاح تي عمل ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويون. آمنہ انهيءَ دستاويز ۾ گڏيل سهڪار وارين تحريڪن بابت لکي رهي هئي. اهو پهريون موقعو هو جو هوءَ پنهنجي سوچ کي تحريري صورت ڏئي رهي هئي. شايد انهي سببان هوءَ ڏاڍي پرجوش هئي. هُن انهي موضوع جي حوالي سان گهڻو ڪجهه پڙهيو ۽ پنهنجن نظرين کي آخري شڪل ڏئي، کين لکت ۾ آندو. هڪڙي شام الحاج هارون ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ آمنہ کي لکندي ڏسي چيائين:

”گذريل ڪجهہ عرصي کان تون ڪافي مصروف آهين.“

”ها. اسان رياست جي ترقيءَ جي حوالي سان پنهنجون تجويزون تيار ڪري رهيا آهيون.“

”ڇا مطلب؟“ الحاج پُڇيو. هاڻ هو آمنہ جي ڏاهپ تي حيران نہ ٿيندو هو ۽ لِکل نموني سندس تجويزن تي غور ويچار بہ ڪرڻ لڳو هو.

”ان جي وضاحت ۾ گهڻو وقت لڳي ويندو. اسان ان جا نقل اسيمبليءَ ۾ موڪلي ڏينداسين.“ هن پڪ ڏياريندي چيو. هو مطمئن ٿي ويو ڇو جو سندس ذهن ۾ ان کان وڌيڪ اهم ڳالهہ ڦري رهي هئي.

”سِگهو ئي مون کي ’روايتي حاڪم‘ جي اعزاز سان نوازيو ويو وڃي.“ الحاج پنهنجي دل جي ڳالهہ پڌري ڪري ڇڏي.

”تہ پوءِ هاڻ هن اڳڻ ۾ هڪ نئين زال ايندي؟“ آمنہ پُڇيو.

”نہ نہ! جيڪڏهن خدا چاهيو... في الحال منهنجو اهڙو ڪوبہ ارادو ناهي، پر جيڪڏهن ائين ٿيو تہ؟“

”جيڪڏهن آئون تنهنجي زال رهيس، تہ اسان سڀ ملي جُلي رهنداسين.“ آمنہ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

”تون هميشه منهنجي زال رهندينءَ...“ الحاج يقين ڏياريو.

”روايتي حاڪم ڪتي يا ڪهڙي شيءِ جو هوندو آهي؟“ هُن پُڇيو.

”ٻڪاروءَ جي اپرندي حصي جو.“

”پر اُتي تہ ڪوبہ نٿو رهي.“

”مستقبل ۾ اُتي ڪافي ماڻهو هوندا.“ هن مختصر جواب ڏنو ۽ هليو ويو.

تنهن بعد فاطمہ بلقيسو ۽ ليليٰ آمنہ سان ملڻ آيون. دستاويز جو جيڪو حصو ترتيب ڏيڻ سندن ذميواري هئي، اهي سڀ ان سان لاڳاپيل مواد پاڻ سان کڻي آيون هيون. ”اسان صحت، سياست، تعليم ۽ سماجي سڌارن بابت لکيو آهي. اهو فقط هڪ خاڪو آهي. ان کي پڙهي ڏس ۽ پوءِ اسان سڀ گڏجي ان جا تفصيل تيار ڪنداسين.“ فاطمہ ڪاغذ آمنہ جي حوالي ڪندي چيو.

”مون سُڌارن بابت عملي ڪم جي حوالي سان پهريون باب لکي ورتو آهي.“ ليليٰ جي آواز ۾ ڪجهہ تڪبّر هو.

آمنہ پنهنجا ڪاغذ ميڙي گڏ ڪيا، ۽ وڏي آواز سان پنهنجا ڪي اهم نقطا پڙهڻ لڳي. انهن ۾ رياستي حڪومت کان هر ضلعي اندر گڏيل سهڪار واري تحريڪ جي ابتدا ۽ ان ۾ عورتن جي شامل ٿيڻ کي يقيني بنائڻ لاءِ مضبوط عملي قدمن، هارين، ننڍن زميندارن، ڪارخانيدارن لاءِ گڏيل سهڪار واري بينڪ جي قيام ۽ آسان شرطن تي قرضن جي سهوليت، زمين تي محنت ڪندڙ هارين کي سندن ملڪيت ڏيڻ، سوڪهڙي کان بچاءَ جي منصوبن تي عمل ڪرڻ، فالتو زمين جي غريب هارين ۾ ورهاست، گڏيل سهڪار وارين تحريڪن ذريعي يا سنئون سڌو هارين تائين گهٽ قيمت ۾ ٻج ۽ پاڻ جي فراهمي، ذخيري اندوزن کان بچاءَ لاءِ فصل جي وڪري واري عمل ۾ حڪومتي مداخلت، ۽ هارين کان غير قانوني طور کسيل زمينن جي واپسيءَ جا مطالبا هئا. هُن وضاحت لاءِ

ڪندڙ مٿي ڪنيو ”هي سڀ ترتيب ۾ ناهي، آئون پنهنجن خيالن کي مڪمل صورت ڏئي، ان ۾ وڌيڪ نقطن جو اضافو ڪنديس. مون اڃا تائين رڳو زرعي سهڪار متعلق ڪم ڪيو آهي.“

”اهي انهن مان هڪ به تجويز قبول نه ڪندا. اهي ان کي ڪچري جي دٻي ۾ اڇلي ڇڏيندا. آئون ان ڳالهه تي پنهنجي زندگيءَ کي به شرط طور لڳائي سگهان ٿي.“ فاطمه چيو.

”تون ڪين خودڪشيءَ ڪرڻ لاءِ چئين پئي. تنهنجو مڙس انهن تجويزن کي رد ڪرڻ وارو پهريون شخص هوندو. منهنجي اها اڳڪٿي ياد ڪجانءِ!“

”تو چاڻين ته ٿي، ته اهو ڪهڙو ماڻهو آهي.“ بلقيس وضاحت ڪئي.

”آئون انقلاب جي نه، صرف سڌارن جي ڳالهه ڪري رهي آهيان.“ آمنه چيو. هن پنهنجو پاڻ کي مايوس ٿيڻ کان روڪي ورتو ڇو ته هاڻ دستاويز تي ڪم، نهايت اهم مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو هو. هوءَ پنهنجي مڪمل سوچ ۽ همت ان ڪم تي استعمال ڪري رهي هئي، ۽ ڪيس ناڪاري نتيجن لاءِ ڪو به سبب سمجهه ۾ نه پئي آيو.

---

ٻن هفتن کان پوءِ اسپورٽ گروپ، ’ٻڪارو جو منشور، اصلاحات ۽ حڪمتِ عملي، پيش ڪري ڇڏيو. ان جون ڪاپيون رياستي گورنر، ڪمشنرن، قانون سازن، بلدياتي حڪومت جي سيڪريٽرين، امير، رياستي ججن، پريس ۽ اهم حڪومتي عهديدارن کي موڪلي ڏنيون. ان سلسلي ۾ يونيورسٽيءَ اندر هڪ اجلاس پڻ سڏايو ويو جنهن ۾ آمنه کي پنهنجي حصي متعلق ڳالهائڻ لاءِ سڏيو ويو هو. دستاويز تي ٿيندڙ بحث نهايت سخت ۽ مزيدار هو. اهو بحث ڪمرن مان نڪري، ٻاهر رستن تي پهچي چڪو هو. ڪافي حلقا/ ماڻهن جا گروهه ان تي خوش نه هئا. تنهن هوندي به ان دستاويز کي عام ماڻهن جي ڳالهه ٻولهه جو حصو بنائڻ، آمنه لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه هئي. ڪيس پهريون ڀيرو معلوم ٿيو ته ٻڪاروءَ جا ماڻهو سياسي طور جاهل ناهن. ڪيس پنهنجي پُراڻي نظريي تي شرمندگي

”ٻڌ آمنہ! آئون هن وقت تنهنجون توکون برداشت نٿو ڪري سگهان! خدا حافظ!“ الحاج اهو چئي هليو ويو.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن فاطمہ اندر آئي تہ آمنہ هڪدم بستري مان ٻاهر نڪري آئي، ”ڇا ٿيو؟“ آمنہ ڳڻتيءَ وچان پڇيو.

”گهڻو ڪجهہ! اسان جي اسٽوڊنٽس يونين تي يونيورسٽي پابندي مڙهي ڇڏي آهي، ۽ يونين جي صدر پيٽر ايڪن ۽ نائب صدر ليليٰ کي هڪ سال لاءِ معطل ڪيو ويو آهي. توکي فنطوا جي اها عورت ياد آهي، جنهن تي زنا جو ڪيس هلي رهيو هو؟“

”ها، بلڪل ياد آهي.“

”ڪيس ڪورٽن جي سزا ملي آهي.“

”ڀوڳ پئي ڪرين.“

”توهان جي قابلِ احترام مڙس طرفان پيش ڪيل عورتن جي تحفظ وارو بل، مڪمل طور عورتن جي خلاف آهي. توڙي جو اسان کي في الحال ان معاملي جي گهڻي ڄاڻ ناهي. اسپيڪر، اسيمبليءَ جي سمورن ميمبرن کي هدايتون ڏنيون آهن، تہ ان بل کي قانوني حيثيت ملڻ تائين، ان جا تفصيل عورتن اڳيان نہ پيش ڪيا وڃن.“

”توکي ڪيئن خبر پئي؟“

”حزبِ اختلاف جي هڪ قانون ساز مون کي ٻڌايو آهي. هن احتجاج ڪيو تہ ڪانئس اسيمبليءَ اندر ئي ان بل جي ڪاپي کسي ويئي!“

فاطمہ بل جا ڪجهہ نقطا وڏي سر آمنہ کي ٻڌائڻ لڳي. اهو ٻڌڻ دوران آمنہ جي مُنهن تي ڪاوڙ جا تاثر وڌندا پئي ويا.

- ”سمورين مسلمان عورتن کي رستي تي، پردو ڪرڻو پوندو.

- اسڪول صرف ڪنهن خاص حد تائين ڇوڪرين کي تعليم فراهم ڪندا.

- عورتون، رستن تي ڪاروبار نہ ڪري سگهنديون.

- عورتن جي سمورين تنظيمن کي ٻيهر رجسٽريشن ڪرائڻي پوندي.

- اهي رجسٽرڊ تنظيمون سرڪاري ملازمن ۽ مذهبي اڳواڻن جي سخت نگرانيءَ ۾ ڪم ڪنديون.
- گهريلو صنعت سان لاڳاپيل عورتن تي ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو.
- غير شادي شده عورتون سرڪاري نوڪرين ۾ حصي دار نه هونديون.
- سرڪاري گهرن مان اڻ پڙهيل عورتن کي نيڪالي ڏني ويندي.
- اڻ پڙهيل عورت پيٽ سان ٿيڻ جي حالت ۾ ڦِٽا ڪار ڄاتي ويندي.
- ويم دوران سندن موڪل جي درخواست قبول نه ڪئي ويندي.
- مزدور عورتون نوڪريءَ مان ٻي دخل ٿيڻ جي حالت ۾ قانوني سهارو نه وٺي سگهنديون.
- عورتن جي لباس تي نظر رکڻ لاءِ، هر جاءِ تي هوشيار ٽولا مقرر ڪيا ويندا.
- عدالتون، عورتن ٿي فحش ڪپڙن پائڻ جي حالت ۾ فردِ جرم لاڳو ڪري سگهن ٿيون.
- عورتون هاڻي قانوني طور ڪنهن به زمين جون مالڪ نٿيون بڻجي سگهن.
- اڪيلي ماءُ تي غير قانوني ٻار رکڻ جو الزام پڻ لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

آمنه غير يقيني حالت ۾ اهو سڀ ڪجهه ٻُڌي رهي هئي. "اي خدايا! اهو ايتري حد تائين حقيقت ڪان پري ڪيئن ٿو رهي سگهي؟ اسان تي پنيان ڪان وار ڪيو ويو آهي. اهو نهايت ڳنڀير مسئلو آهي. اسان آرام سان ويهي، اهو سڀ ڪجهه نٿا ڏسي سگهون!"

"توهان عورتن کي ان مسئلي خلاف ويڙهه لاءِ ڪيئن گڏ ڪري سگهنديون؟" فاطمه پُڇيو.

"سياڻي." آمنه بنا ڪنهن هٻڪ جي جواب ڏنو "اسان وٽ وقت ٿورو آهي."

"ٺيڪ آهي. آئون انهن سان ڳالهه ڪنديس." فاطمه مُرڪي، "اهو اسان لاءِ هيستائين جو سڀ کان ڏکيو مرحلو آهي. اسان کي مضبوطي ۽

پڪي ارادي جو مظاهرو ڪرڻو پوندو. سياڻ ملاقات ڪبي. پنهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي ويڙهه لاءِ تيار ٿي وڃ!“

ٻي ڏينهن فاطمه، بلقيس، ليليٰ ۽ آمنه خاموشيءَ سان، سوين اوسيئڙي ۾ ويٺل عورتن ڏانهن وڌيون. فاطمه ورانڊي ۾ بيٺي ۽ عورتن کي اسيمبليءَ ۾ موجود بل بابت ٻڌايو.

”اهو اسان تي قبضو ڪرڻ ۽ اسان کي پراڻي گندل پيٽل نظام جي پابند بنائڻ جي ڪنهن ۽ ڪريل ڪوشش آهي. خدا جي طرفان عطا ڪيل ماءُ بڻجڻ واري حق، ۽ ٻارڙن جي پالنا وارو فطري حق اسان کان کسيو ويو آهي. ان بل مطابق پالنا جو حق پيءُ کي ڏنو ويو آهي. ملڪ جي هن حصي ۾ عورتن کي هميشه لاءِ جديد تعليم کان محروم رکيو ويو آهي. هاڻ کين گهٽ علم ۽ ڄاڻ ۽ جهالت جي انڌيري ۾ اڇلايو پيو وڃي.“

هوءَ پگهر ۾ شل، هڪ به ڦڙو اگهڻ کان سواءِ ڳالهائيندي رهي. سندس ڳلي جون رڳون ڦوڪيل هيون، ”نالي جا قانون ساز بي ايمان آهي. اهي چون ٿا ته اڻ پرڻيل عورت ٻار ڄڻڻ جي حالت ۾ زنا جي ڏوهاري ليکبي... ساڻس ڪير ستو؟ ڇا ڪا اڪيلي عورت ٻار ڄڻي سگهي ٿي؟ مرد کي ڇڏي، عورت کي ڇو پٽي سزا ڏني وڃي؟ هيءَ حڪومت اسان لاءِ ڪجهه به نه ڪندي. اسان کي پنهنجي جنگ پاڻ وڙهڻي پوندي! اسان کي هار ناهي مڃڻي!“

فاطمه درخواست يا خيرات گهرڻ جي حامي نه هئي. هُن قانون، نظام ۽ حاڪمن کي عرض ڪري ڪانئن ان جو جواب نٿي چاهيو. هُن آمهون سامهون ٺوٺشن سان اهو فيصلو ڪرڻ چاهيو ٿي. ”ساڻن بي رحميءَ سان پيش اچو. سندن ڳچيءَ مروڙيو. مٿن پوري طاقت ۽ ڦڙتيءَ سان حملو ڪريو. صرف اهوئي طريقو آهي. اسان کان سواءِ ڪوبه اهو مسئلو حل نٿو ڪري سگهي. ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، اسان کي اهڙا حاڪم هٽائڻا پوندا.“

فاطمه جي حوصلي افزائيءَ ۽ همت کي داد ڏيڻ لاءِ آمنه هُن ڏانهن مُرڪي ڏٺو. جلسو ختم ٿي چڪو ۽ سموريون عورتون پنهنجي سوچ ۽

حوصلو بلند هو. هوءَ رستي ۾ پنهنجو پاڻ کي سمجهائيندي رهي، تہ اسيمبليءَ جا ميمبر سندس ڳالهہ ٻڌندا ۽ سمجهندا. اتي پهچي سڀ کان پهرين هوءَ سماجي خوشحالي، نوجوان نسل ۽ تهذيب جي معاملن بابت، اسيمبليءَ جي چيئرمين، الحاج عيسيٰ سان ملي- اهو ننڍي قد ۽ ٿلهي متاري هجڻ سان گڏ، جهيڙاڪ رَويو رکندڙ هو.

"جي! آئون اوهان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟" هن تيز لهجي ۾ چيو.

"اسان چاهيون ٿا تہ عورتن جي بل بابت اسان کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو وڃي." آمنہ مهذب لهجي ۾ جواب ڏنو.

"اوهان پنهنجي مڙس سان ڳالهايو. اهو اوهان جو آواز مٿي پهچائي ڇڏيندو." هن اکيون اکين سان سلائيندي وراڻيو.

"اهو قانون، عورتن جي مفاد جي خلاف آهي، ۽ اسان پنهنجو آواز اسيمبليءَ تائين پهچائڻ چاهيون ٿا." آمنہ چيو.

"پر عورتن جا تہ ڪي بہ مفاد ڪونهن." هن ٺهڪ ڏيندي چيو. آمنہ تي ان جو ڪو اثر نہ ٿيو.

"اسان ان بل کي رد ڪرائڻ گهرون ٿا..." هن مضبوط انداز ۾ چيو.

"اهو تہ تنهنجي مڙس پيش ڪيو آهي." هُن آمنہ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "تون سائِس پنهنجي جذبن جو اظهار بستري اندر ڪرين ها. تنهنجي معلومات لاءِ ٻڌائي ڇڏيان تہ اهو بل هاڻ قانون بڻجي چڪو آهي. صرف هڪ ئي شخص مخالفت ڪئي هئي. اهو قانون وقتي طور بنايو ويو آهي، ۽ ان جو مقصد صرف اخلاقي بگاڙ کي روڪڻ، ۽ نظم و ضبط قائم ڪرڻ آهي. هيستائين تہ گورنر ان تي صحيح بہ ڪري ڇڏي هوندي.."

"توهان چوڻ گهرو ٿا تہ مون کي ميمبرن سان ڳالهائڻ جو موقعو نہ ڏنو ويندو."

"لااِلٰہ اِلاالله!" هو ٺهڪ ڏيڻ لڳو. "تون ڪهڙي دنيا ۾ رهين ٿي! تون خواب ڏسي رهيَ آهين؟ تون ڇري آهين؟ تون پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿي سمجهين؟ تون قابلِ احترام ميمبرن سان ڳالهائڻ چاهين ٿي؟ .تنهنجيءَ دل ۾ وڏن لاءِ عزت آهي؟"

"ٻڌو!" آمنہ ڳالھ ڪاٽي، "توهان عورتن جي اجازت ۽ منظوريءَ کان سواءِ انهن لاءِ قانون نٿا جوڙي سگهو."

هو چڙڪي پيو "اهو چرپڻ آهي! اهو ناقابل يقين آهي! آمنہ، تون چري آهين!" هن ناڪار ۾ مٿو لوڏيو ۽ اڪيون اکين سان ملائيندي چيو: "هڪڙي عورت، هڪڙي مرد سان اهڙيءَ طرح ڳالهائي رهي آهي، جهڙوڪر اهي ٻئي برابر هجن! اهو مرد بہ ڪو عام مرد نہ، پر اسيمبليءَ جو ميمبر آهي. جيڪڏهن لکيل پڙهيل آهين تہ تنهنجو خيال آهي تہ تون مردن کي سيکاريندينءَ؟ منهنجون چار زالون آهن، جيڪي نهايت سياڻيون، فرمانبردار ۽ باعزت آهن. اهي تو جهڙيون بلڪل ئي ناهن."

آمنہ پنهنجي ڳالھ تي قائم رهي، "آئون توهان جي زالن بابت ڳالهائڻ نہ آئي آهيان. وقت تيزيءَ سان گذري رهيو آهي!" هُن چيو.

"اسان وٽ وقت گهٽ آهي. اسان هاڻ رياست ۾ شراب جي پيداوار، خريد و فروخت ۽ استعمال تي پابنديءَ جي سلسلي ۾ پيش ٿيندڙ بِل کي قانوني شڪل ڏئي رهيا آهيون. اسان پنهنجي هڪ اهم شاهراھ جو نالو بہ مٽائي، پنهنجي بهترين دوست بي چُر جي نالي تي رکڻ جو ڪم بہ ڪريون پيا. پوءِ اسان هڪ مهيني جي موڪل وٺنداسين."

آمنہ اهو ٻڌي چڪرائجي وئي. هن ڀرپور وضاحت ڪندي چيو: "ٻڌو! اهي سڀ ڪم لازمي ناهن! ماڻهن کي پنهنجي زندگي بهتر بنائڻ لاءِ صاف پاڻي، کاڌي، گهر ۽ ٻين مادي شين جي ضرورت آهي. مهرباني ڪريو! اوهان کي اهڙا قانون جوڙڻ گهرجن، جيڪي ماڻهن مان بي روزگاري ختم ڪن، کين تعليم مهيا ڪن، ۽ جن سان ڪاروبار ۽ تحقيقي ڪمن کي هٿي ملي..."

"...بس!" هُن رڙ ڪئي. هُن چوڪيدارن کي سڏيو ۽ حڪم ڏنو تہ انهن عورتن کي باعزت طور اسيمبليءَ جي حدن کان ٻاهر ڪڍيو وڃي.

آمنہ ۽ سندس ساٿي گورنر هائوس ڏانهن وڌيا. اتي رياست جو گورنر رهندو هو. اهڙيءَ ابتدا باوجود، کيس يقين هو تہ هوءَ اهڙي قانون کي

روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي، ۽ هوءَ پنهنجي مضبوط ارادي جا چڱا نتيجا سامهون ڏسندي.

گورنر هائوس مان معلوم ٿيو ته گورنر بل تي صحيح ڪري ڇڏي آهي.

"ڇا آئون چيف جسٽس سان ملي سگهان ٿي؟" آمنہ پڇيو.

"نہ اوهان نٿيون ملي سگهو." ملازم جواب ڏنو.

آمنہ مايوس ٿي گورنر هائوس مان نڪتي، پر هُن همت نہ هاري هئي. هوءَ امير جي محل طرف وئي. ڪيس احساس ٿيو تہ اهي اڳواڻ ڪنهن ٻي دنيا ۾ رهن ٿا، ڪنهن خيالي دنيا ۾- اهي هڪڙي ڪُنڊ ۾ ويٺل هٿڻ ڪري، ماڻهن جي ڳُهرجن کان اڻ ڄاڻ آهن.

آمنہ جي مڙس جي منصب سبب، امير ساڻس ملاقات لاءِ راضي ٿي ويو. هن خوش اخلاقيءَ جو مظاهرو ڪندي، سندس سموري ڳالهہ ٻڌي پوءِ چياڻين: "مهرباني ڪري موٽي گهر وڃ، ۽ پُرامن زندگي گهار! تنهنجو مڙس گهر جو ڏٽي آهي، پنهنجي مڙس جي خدا وانگر عزت ڪر." آمنہ پريشانيءَ جي حالت ۾ واپس موٽي آئي، ۽ پوءِ هن ڪجهہ عورتون گڏ ڪيون.

شام جو اهي سڀ آمنہ جي ڪمري ۾ ريڊيو چالو ڪري ويهي رهيون. خبر هلي، "اڄ، ڪجهہ عورتن ٻڪاروءَ جي رستن تي هڪڙي مغربي تعليم يافتہ عورت جي اڳواڻيءَ ۾ مظاهرو ڪيو ۽ اسيمبليءَ جي ڪارروائيءَ ۾ رڪاوٽ وڌي. اهي عورتون جمهوري طريقي مطابق جوڙيل قانون جي مخالفت، ۽ عورتن جي حقن ۽ آزاديءَ جو مطالبو ڪري رهيون هيون. اکين ڏٺن شاهدن مطابق سندن اڳواڻ، اسيمبليءَ جي هڪ باعزت ميمبر کي گاريون ڏنيون، ۽ کيس گهٽ وڌ ڳالهايو."

"اسيمبليءَ جي اسپيڪر الحاج ٻڪائو ٻڌايو تہ اهڙي ذلت آميز واقعي جي جانچ لاءِ اسيمبلي ڪميٽي جوڙي آهي. هن چيو تہ اهڙو قانون عورتن لاءِ ضابطهءِ اخلاق جوڙڻ، ۽ غلط چال چلت کي روڪڻ لاءِ پوري

ديانتداريءَ سان جوڙيو ويو آهي. هن اهو پڻ چيو تہ اهو قانون اسان جي مذهبي، ۽ روايتي قدرن جي عين مطابق آهي.“

”اسپيڪر عورتن کي غلط فهمين جي شڪار ٿيڻ کان بچڻ جي صلاح ڏني، ۽ پنهنجي گهرن ۾ پرامن زندگي گذارڻ جي هدايت ڪئي. هن وڌيڪ چيو تہ، جن عورتن کي ان تي اعتراض آهي، اهي عدالت سان رجوع ڪري سگهن ٿيون. مظاهرو ڪندڙن جي حوالي سان ڳالهائيندي هن چيو تہ عورتن جي اعليٰ تعليم سان اهڙا خطرا پيدا ٿي سگهن ٿا. ان کان سواءِ حڪومت بڪاروءَ جي عورتن جي انجمن تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي، ۽ بڪاروءَ جي عورتن جي گڏيل سهڪاري تحريڪ کي بيان ڏيڻ لاءِ طلب ڪيو ويو آهي. ان دوران سندس سمورا بينڪ اڪائونٽ ۽ اثاثا ضبط ڪيا ويا آهن. عورتن جي اجلاس، ڪارروايين ۽ مظاهرن تي بہ پابندي لڳائي وئي آهي. اسان، عورتن جي اڳواڻ بيگم آمنہ هارون سان لڳاتار رابطي جون ڪوششون ڪري رهيا آهيون، پر اجا تائين رابطو نہ ٿي سگهيو آهي.“

آمنہ ريڊيو بند ڪري ڪجهہ دير سوچيو. عورتون اميد ڀريل نظرن سان ڏانهنس ڏسي رهيون هيون. آمنہ ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ مُرڪندي سيني ڏانهن ڏٺو ”هر ڪنهن جي زندگيءَ ۾ هڪ اهڙو موڙ ايندو آهي، جو ڪيس کو هڪ فيصلو ڪرڻو پوندو آهي. زندگي يا موت، هار مڃڻ يا ويڙهہ ڪرڻ. اسان اهڙي جاءِ تي پهچي چڪا آهيون. جلدئي ٻيهر گڏجڻ جي تياري ڪريو ۽ اڳلي قدم کڻڻ جو فيصلو ڪريو!“

جمعي جي ڏينهن، جڏهن سمورا مرد نماز لاءِ مسجد روانا ٿي ويا، تڏهن آمنہ عورتن کي اجلاس لاءِ گهرايو. تعداد گهٽ هئڻ باوجود، آمنہ تقرير ڪئي. ان کان پوءِ فيصلو ٿيو تہ هوءَ اهڙي قانون کي روڪڻ لاءِ ڪا راهہ ڳولي ڪيندي. سمورين عورتن سندس اڳواڻيءَ تي اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجين وفادارين جو يقين ڏياريو.

”اسان مشڪلن جون عادي آهيون.“ لارائيءَ چيو ”ڪِريل عورت کي ڪِرڻ جو ڪهڙو ڏپ ـ اسان اڳتي وڌيونسين ته مري ويندءيونسين، ۽ پوئتي هٽڻ جو به نتيجو ساڳيو ئي آهي، ته پوءِ ڇو نه اڳتي وڌون!“

—

عيدالاضحيٰ جون تياريون ٿي چڪيون هيون، ۽ ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ عيد هئي. سمورا مرد شهر کان ٻاهر عيد نماز لاءِ ويندا. آمنه ان ڏينهن موقعي مان فائدي وٺڻ لاءِ سوچي رهي هئي.

”تنهنجي خيال ۾ تون ڇا ڪري رهي آهين؟ هِن گهر جو مالڪ آئون آهيان يا تون؟“ الحاج جي سوالن سان ڪمرو گونجڻ لڳو. ”منهنجي غير موجودگيءَ ۾ تو مون کي بدنام ڇو ڪيو آهي؟ مون تي، توکي حد کان وڌيڪ آزادي ڏيڻ جو الزام لڳايو پيو وڃي. اسان جي امن ۽ سڪون خاطر، انهي عورتن جي انجمن کي وِساري ڇڏ!“ هو تمام گهڻي پريشانيءَ جي حالت ۾ اڳتي وڌيو. آمنه ڏڄي وئي، ڇو ته سندس خيال هو ته هو مٿس تشدد ڪندو. پريشانيءَ جا آثار الحاج جي مُنهن مان ظاهر هئا، هو سمجهي نه پئي سگهيو ته پنهنجي زال کي پين عورتن جو ساٿ ڇڏڻ لاءِ ڪيئن راضي ڪري؟ هن التجا ڪئي پر هن نه مڃيو. هن تمام وڏا واعدا ڪيا، پر هن ٺڪرائي ڇڏيا.

”توکي خبر آهي ته تنهنجي ڪري منهنجي پارليامينٽ جي ڪرسي، ۽ ڪاروبار کي سخت خطرو لاڳو ٿي ويو آهي؟ توکي خبر آهي ته تنهنجي بدتميزيءَ جي سبب، هاڻ شايد مون کي اعزاز به نه ملي؟“

”اهي منهنجا نه، تنهنجا مسئلا آهن!“ آمنه ڪنڌ لوڏي چيو.

”مون پوري ايمانداريءَ سان اهو بل پيش ڪيو آهي.“ هن وضاحت ڪئي.

”الحاج!“ آمنه سندس ويجهو وڃي چيو ”ڇا تون ڄاڻين ٿو ته هن رياست جا ماڻهو سخت مشڪلاتن جو شڪار آهن، خاص طور عورتون، ۽ اهو قانون سندن مشڪلن ۾ اڃا اضافو ڪندو؟“

”پر آئون ڇا ٿو ڪري سگهان؟“ الحاج بهانو پيش ڪيو.

”توهان سندن مشڪلاتن ۾ اڃا به اضافو ٿا چاهيو؟“

”ايمانداريءَ سان چوان ته ها! آئون ڄاڻان ٿو ته ماڻهو مسئلن جو شڪار آهن، پر آئون نٿو ڄاڻان ته ان سڀ لاءِ ڪير يا ڪهڙيءَ شيءِ ذميوار آهي؟ آئون نٿو ڄاڻان ته انهن مشڪلن کي ڪهڙيءَ ريت گهٽائي سگهجي ٿو.“

”اسان ڪي تجويزون ڏنيون هيون.“

”توهان جون تجويزون حقيقت کان پري هيون. توهان حڪومتي معاملن کي نٿيون ڄاڻو.“

”هن ملڪ جي شهري هئڻ جي حيثيت ۾ مون کي ڳالهائڻ جو حق آهي. مون گهڻن ماڻهن سان گڏ ڪم ڪيو آهي، ۽ مون وٽ غربت جي خاتمي لاءِ ڪوڙ ساريون تجويزون آهن. توهان جهڙا اڳواڻ ماڻهن جي معاملي ۾ ايترا بي حِس ڇو هوندا آهن؟“ آمنه ڪيس گهوريندي پڇيو.

الحاج پريشانيءَ ۾ هو. هو پنهنجي زال جي اهڙي رَويي جو ته عادي هو پر پنهنجي حاڪميت ٻيهر قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون به ڪري رهيو هو. ”مون کي ٻڌاءِ!“ هُن غصي وچان پُڇيو ”تنهنجي پريشانين جو سبب ڪهڙي سياسي جماعت، يا پوءِ ٻيو ڪير آهي؟“

”انهن مسئلن جو سبب توهان، توهان جهڙا ماڻهو ۽ توهان جو سمورو طبقو آهي.“

سندس مضبوط انداز ڏسي، الحاج ٻيهر التجا ڪئي، ”خدا جي واسطي اهڙو خطرو نه قبول!“

”آئون ڪين وچ گس ۾ نٿي ڇڏي سگهان. اهو ڪم انجام تي پهچندو. جيڪڏهن توهان جو خيال آهي ته غريبن جي مدد ڪرڻ خطرو قبولڻ آهي، ته پوءِ آئون اهڙي خطرناڪ رستي تي هلڻ لاءِ تيار آهيان.“

”پوءِ توکي هيءُ گهر ڇڏڻو پوندو.“ الحاج پنهنجي آخري چال ڪيڏيو. ”آئون عيد کان پوءِ هلي ويندس.“ آمنه اطمينان سان وراڻيو. الحاج کي سخت لوڏو آيو پر هُن پنهنجو تاثر لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ٺيڪ آهي، مون کي قبول آهي.“ هن اهو چئي انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. اڃا سندس زال وٽ هڪ ٻي ڇرڪائيندڙ خبر هئي.

”آئون ماءُ بنجڻ واري آهيان.“ جڏهن الحاج واپس وڃڻ لڳو ته آمنه چيس. هو پوئتي مُڙيو ۽ کيس گُهوري ڏٺائين. پنهنجي هار قبوليندي هو پوئتي مُڙيو ۽ وري هليو ويو. آمنه ڏاڍي خوش هئي. هن پنهنجي باري ۾ ڇا پئي سوچيو؟ اهو جلدئي الحاج کي معلوم ٿي ويندو ته کيس ماڻهن جي حقن لاءِ وڙهڻ واري شهزادي، شهزادي آمنه جي نالي وارو لقب ڇو ڏنو ويو هو.

هوءَ بستري تي ليٽيو پنهنجي منصوبي تي غور ڪري رهي هئي. کيس يقين هو ته اُهو ڪامياب ٿيندو. سڀ ڪِان پهرين کيس مائروءَ سان ملڻو هو. هوءَ، هوآوا ۽ لارائيءَ کي ساڻ ڪري مائروءَ جي گهر ڏانهن هلڻ لڳي. منصوبي مطابق هن نهايت احتياط سان ڪپڙا پاتا، ۽ ڪُڙيءَ واري چپل پاتي، جنهن جي ڪري سندس قد ٽي انچ ڊگهو ٿي ويو.

”سڀ صاف آهي.“ لارائي ٻڌايو. اهي ٿيٽي سنسان، ويران ۽ بدبودار رستي تان گذرنديون رهيون. مائروءَ پردي جي ڪري پهرين ته آمنه کي سُڃاتو ئي ڪونه! آمنه پنهنجي منصوبي ۾ ان جي ذميوارين ڪان کيس آگاهه ڪيو. جڏهن اهي پنهنجي منصوبي کي آخري شڪل ڏئي رهيون هيون، ته مائروءَ جو مڙس دروازي وٽ آيو. مائرو ڊوڙي ٻاهر وئي، ۽ کيس ٻڌايائين ته ڪو شخص، الحاج هارون جي مسجد جي ويجهو سندس انتظار پيو ڪري.

”ڪنهن مهمان سان نه ملجانءِ، خاص طور ان شيطان آمنه سان!“ هن حڪم ڏنو.

”هوءَ سٺي عورت آهي.“ مائرو سندس مذمت ڪئي.

”بڪواس! اها مسئلن جي پاڙ آهي. انسان خدا جا حڪم نٿو تبديل ڪري سگهي. اها الحاج جي غلطي آهي، کيس اها شادي نه ڪرڻ گهرجي ها. تعليم يافته عورت سدائين مسئلن ۽ خطرن جو سبب بڻبي آهي. انهيءَ ڪري آئون پڻ عورتن جي تعليم جي حوالي سان، ان قانون

جو حامي آهيان. عورتن جي تعليم وقت ۾ پيسي جو زيان آهي. آمنہ کي ئي وٺ! هوءَ خدا جا حڪم تبديل ڪرڻ چاهي ٿي!"

"نہ اسان تہ رڳو اسيمبليءَ جي قانون خلاف آهيون."

"ڪير، 'اسان'؟"

"بڪاروءَ جون عورتون."

"ڇا تون پڻ انهن سان گڏ آهين؟"

"ڇا آئون عورت ناهيان."

"آئون صرف ايترو ڄاڻان ٿو تہ هوءَ مسئلن جي پاڙ ۾ غير مذهبي آهي."

"نہ هوءَ سني مسلمان آهي. هوءَ نماز ۾ روزي جي پابند..."

"...آئون نٿو مڃيان. مغربي تعليم پرايل ماڻهو مسلمان نٿا ٿي سگهن." هن ڇيو ۽ هليو ويو.

گهر ڏانهن موٽندي، ٽيئي ڄڻيون تيز وِکون کڻي هلي رهيون هيون. آمنہ کي تہ ٻہ پيرا ٿابو بہ آيو. ڪيس ڪُڙيءَ واري چپل پائڻ جي عادت نہ هئي. الحاج ٻن ماڻهن سان گڏ اڱڻ ۾ بيٺل هو. آمنہ پيهر پردو اوڍي، پنهنجو مُنهن چڱيءَ طرح ڍڪي ڇڏيو.

"توهان ڪير آهيو؟" جڏهن اهو اندر داخل ٿيو تہ الحاج پُڇيو. هوآوا ۽ لارائيءَ پنهنجا چهرا ڏيکاريا.

"هيءَ رقيہ آهي. هاڻي ئي شادي ڪري هن ضلعي ۾ آئي آهي. اوهان جي زالن کي سلام ڪرڻ گهري ٿي." لارائيءَ آمنہ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. ماڻهو پرتي ٿي بيٺا ۽ اهي اندر هليو آيون. آمنہ پنهنجي چپل ۽ پردو لاٿو ۽ ڇپري ڏي هلي آئي، ۽ پنهنجي مڙس ۽ سندس ساٿين جون ڳالهيون ٻُڌڻ لڳي.

"الحاج! سندس موجودگي خطرناڪ آهي." سفيد سفاري سوٽ پهريل شخص چيو.

"آئون عيد تي ڪيس تحفو ڏيندس. مون سرڪاري زمين تي هن لاءِ بهترين گهر جوڙايو آهي، گاڏي ورتي آهي ۽ پيو بہ گهڻو ڪجهہ. نماز کان پوءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪيس ڏيندس." الحاج چيو.

"اسان وڏيڪ بدترين حالتن لاءِ بہ تيار آهيون." ٽي شرٽ پهريل شخص چيو. "گشتي پوليس کي گوليءَ هلائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. سموري پوليس هاءِ الرٽ آهي. ضرورت پوڻ تي فوجين ۽ سموري برگيڊ کي سڏائي سگهجي ٿو. هوائي اڏي کي پڻ خبردار ڪيو ويو آهي. شايد اسان کي ان جي ضرورت پوي."

"مگر پوليس ڪمشنر طاقت جي استعمال خلاف آهي. ان جي چوڻ موجب عورتون حق تي آهن، ۽ نئون قانون غلط آهي. هُن قانون تي ٻيهر نظرثانيءَ جو مطالبو ڪيو آهي ۽ خبردار ڪيو آهي، تہ مظاهري جي صورت ۾ عورتن کي حراست ۾ نہ ورتو ويندو. هو ٻڪارو ءَ جي عورتن جي انجمن جي سرگرمين جو حامي آهي." سفاري سوٽ واري همراهہ چيو.

"تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟" الحاج پُڇيو.

"ڊپٽي ڪمشنر سندس خلاف آهي."

"بلدياتي حڪومت جي گهرو ڪميٽيءَ..." الحاج ڪجهہ دير سوچڻ کان پوءِ چيو "... جو چيئرمين آئون آهيان، سگهوئي يورپ ۾ سندن بلدياتي نظام جي قيام ۽ طريقيڪار بابت هڪ گڏجاڻي ٿي رهي آهي، آئون ڪيس پاڻ سان وٺي ويندس. پوءِ اسان عمرو ڪرڻ هليا ويندا سين، ۽ پوءِ واپسيءَ تي آئون ڪيس لنڊن وٺي وڃي خريداري ڪرائيندس."

"ٺيڪ آهي. الحاج هاڻي سڀ ڪجهہ توتي ڇڏيل آهي." سفاري سوٽ پهريل شخص چيو "سڀاڻي شام جو ملنداسين."

"انشاءَ الله ـ عيد مبارڪ!" الحاج هارون چيو.

رات ڏاڍي پُرسڪون ۽ خاموش هئي. آمنہ اُٿي دريءَ وٽ آئي ۽ ٻاهر ڏٺائين. سندس سموري زندگيءَ جا حالات ڏاڍا مزيدار هئا. سياڻ سورج چمڪندو، هوا گُهلندي، پکي اُڏامندا، ڳائيندا، ماڻهو خوشيون ملهائيندا، ۽ مسلمانن جو سڀ کان اهم ڏهاڙو ملهائيندا. هوءَ ليٽي پيئي، پر سُمهي نہ سگهي. جيڪڏهن حاڪم تيار آهن، تہ عورتون بہ تيار آهن. هوءَ اڳواڻ هئي، جيڪو بہ ٿيو سياڻ احتجاج تہ ضرور ٿيندو.

## باب ايڪيهون

ٻئي ڏينهن آمنہ صبح جو جلدي اُٿي وئي. هن بستر تي ليٽي احتجاج جي حڪمتِ عمليءَ تي ٻيهر غور ڪيو. کيس پنهنجي قابليت تي پورو يقين هو ۽ هن محسوس ٿي تہ اهو احتجاج جائز آهي. پوءِ بہ کٽڻ يا هارائڻ جي امڪانن ۾ ڇڙتو فرق موجود هو. هوءَ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ بنا بستري تان اُٿي، ۽ وهنجڻ هلي وئي. ٿيرن دوران هن عيد جي موقعي تي گورنر جي روايتي پيغام ٻڌڻ لاءِ ريڊيو چالو ڪيو.

”اسلام و عليڪم! سمورن ديس واسين کي منهنجي طرفان صبح جو سلام! خدا جي عنايت ڪيل هن عيد جي خوشيءَ ڀري ڏينهن تي، سيني ديس واسين کي منهنجون دُعائون! آئون پڻ اڄ پوري دنيا جي مسلمانن وانگر تمام گهڻو خوش آهيان. اڄوڪي ڏينهن تي مسلمان، اسلام جي بهترين قربانيءَ جي مثال کي ياد ڪندي، خوشيون ملهائيندا آهن، ۽ الله مٿان پنهنجي يقين کي وڌيڪ مضبوط بنائيندا آهن. اڄوڪو ڏينهن اسان کي قرباني، صبر ۽ درگذر جو درس ڏئي ٿو ۽ هڪ پُرامن ۽ ديانتدار معاشري قائم ڪرڻ خاطر اڻٿڪ محنت جو سبق ڏئي ٿو. آئون اوهان کي اهو ٻڌائيندي فخر ٿو محسوس ڪريان، تہ خدا ان جو شاهد آهي تہ انتظاميہ عوام جي خواهشن تحت درست ثابت ٿي آهي. آئون هن موقعي جو فائدو وٺندي، سمورن ماڻهن کي قانون جي احترام ڪرڻ ۽ پُرامن رهڻ جي گذارش ڪريان ٿو. اسان کي زندهہ رهڻ ۽ ترقي ڪرڻ لاءِ پُرامن ماحول جي ضرورت آهي. اسلام جو مطلب امن آهي. اسان جي دؤر ۾ اهو سڀ ڪجهہ صرف خدا جي رحمتن، ۽ اسان جي دعائن جي ڪري ممڪن ٿيو آهي. سمورن کي عيد جون واڌايون!“

ان کان هڪدم پوءِ خبرون شروع ٿي ويون.

”رياستي پوليس، عيد ڏھاڙي جي جشن دوران سمورن ماڻھن کي پُرامن رهڻ ۽ قانون جي پاس خاطريءَ جي درخواست ڪئي آهي. هڪڙي بيان موجب امن امان کي خراب ڪندڙ ماڻھن ۽ گروهن سان نهايت سختيءَ سان پيش اچبو. سمورن رياست واسين کي ياد ڏياريو ٿو وڃي، ته مذهبي جلوسن ۽ گورنر صاحب جي اجازت سان ڪوٺايل اجلاس کان سواءِ، ٻين سمورن ميڙاڪن تي زبردستي ڪئي ويندي، ۽ فساد پکيڙيندڙ ڏرين کي ڏسندي ئي مٿن گولي هلائڻ جو حڪم آهي.“

آمنه ريڊيو بند ڪري ڇڏيو ۽ ڪپڙا مٽائڻ لڳي. هن ”گڏيل سهڪاري تحريڪ وارو لباس“ اوڍيو. اهو رنگين وڳو سنڌس قدرتي سونهن کي وڏيڪ سهڻو ڪري رهيو هو. هن پنهنجي رڱيل وانگوڙي سان وار چڪي ٻڌا.

”اهي سڀ ٻاهر اچي ويون آهن.“ ماٺرو ٻڌايو. آمنه به ٻاهر نڪتي.

هراسيل چهرن هوندي به عورتن جو وڏو انگ موجود هو. گھڻا ئي چهرا بغاوت ۽ همت ڀريا ترانا ڳائيندا، آمنه جي ان عظيم جدوجهد دوران، آخري دم تائين ساڻس ساٿ نڀائڻ جو وچن ورجائي رهيا هئا. ڪن عورتن جا چهرا لاپرواهي ۽ اڻ ڏٺي هجڻ جا تاثر پڻ ڏئي رهيا هئا. صبح جي جڳمڳ روشني، عورتن جي رنگ برنگي لباس کي سُونهن بخشي رهي هئي. اهڙي جنون کي محسوس ڪندڙ ڪنهن به شخص لاءِ اُڀرندڙ سورج ۽ باغي عورتن جي سرڪش چهرن مان ڪنهن هڪ کي خوبصورت قرار ڏيڻ مشڪل هو.

آمنه سمورين عورتن جي آمد لاءِ سندن مهرباني مڃي، ۽ پوءِ هن هڪدم پنهنجي منصوبي جا تفصيل ٻڌائڻ بجاءِ، نئين قانون ۽ ان جي اثرات تي ڳالھايو.

”عورتن مٿان مڙھيل ٽيڪس بي بنياد ۽ غلط آهن. اسان جي ملڪ وٽ سيئيءَ جون سڀ نه، ته به ڪافي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ پيسو موجود آهي، سچ ته اهو آهي ته ملڪ جي دولت کي ايمانداريءَ ۽ ڏاهپ سان نه پيو استعمال ڪيو وڃي...“

آمنہ پُرسڪون ۽ مضبوط انداز ۾ تقرير ڪئي. سندس چهري تي پريشانيءَ جو ڪوبہ تاثر نہ هو. اهو ايڏو وڏو ميڙاڪو بہ سندس مڪمل پٺڀرائي ڪري رهيو هو. اهو ساڻس گڏجي تڪليفن، ناانصافين، استحصال ۽ آزاديءَ کي کسڻ وارين ڏُرين جي سخت مخالفت ڪري رهيو هو. ميڙاڪي جي عورتن کيس ٻُڌڻ تي چاهيو ۽ هوءَ بہ پهريون ڀيرو تقرير دوران ايڏي پراعتماد نظر آئي.

"اسان جو تجربو ثابت ڪري ٿو تہ معيشت جي هر شعبي اندر عورتون بهتر نموني پنهنجا فرض ادا ڪري سگهن ٿيون. اسان سڀ پنهنجا فرض ۽ ذميواريون سهڻي نموني نڀائي سگهون ٿا. مردن وانگر عورتون پڻ تعميري، تخليقي ۽ ٻيا اثرائتا ڪم ڪري سگهن ٿيون. جيڪڏهن عورتن کي تعليم ۽ همت ڏياري وڃي، جيڪڏهن کين روايتي ۽ پُراڻن گنل قدرن مان آزادي ملي وڃي، تہ مون کي يقين آهي تہ اسان انهن کان بهتر آهيون. اچو تہ پنهنجي مردن کان ڪي بنيادي سوال ڪريون: گذريل صديءَ دوران انهن هن معاشري جي بهتريءَ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ اهي عورتن کان ڇو ٿا ڊڄن؟ جيڪڏهن اهي اسان بابت سوچين ٿا، ۽ اسان سان محبت ڪن ٿا، تہ پوءِ اسان جي تڪليفن کي دور ڪرڻ لاءِ، معاشري اندر نواڻ ڇو نٿا آڻين؟ ٻين معاشرن ۾ عورتن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ، مرد تمام گهڻي محنت ڪن ٿا. آخر هي انهن کان ڇو نٿا سِگهن؟ کين پنهنجو پاڻ تي شرم نٿو اچي؟ عورت جي ڪاوڙ کي لاوي سان ڀيٽ ڏني وڃي ٿي، هاڻ انهن اسان کي ڪاوڙايو تہ اهو لاوو ڦاٽندو."

آمنہ پنهنجي منصوبي بابت ٻُڌايو. آمنہ ان جو نالو "آخري رستو" رکيو هو. "اسان پُرسڪون طريقي سان پنهنجن گهرن مان نڪري، پرائمري اسڪول طرف پيادل وينداسين، ۽ پنهنجن مطالبن جي پوري ٿيڻ تائين اتي رهنداسين. اسان جي اها ويڙهہ پنهنجي مڙسن يا مردن سان ناهي، ناهي! اسان غلط ۽ غير واجبي قانون خلاف احتجاج ڪريون پيا. مهرباني ڪري ان کي زالن ۽ مڙسن، يا مردن ۽ عورتن جي ويڙهہ نہ بنايو وڃي. جيڪڏهن اهي ان قانون کي ختم ڪري ڇڏين، ٽيڪس ختم ڪن، اسان جي انجمن تان پابندي هٽائي ڇڏين، اهو يقين ڏيارين تہ

جيڪڏهن ڪنهن مرد مٿان پنهنجي زال، پيڻ، ڌيءَ يا ڪنهن ٻي عورت مٿان ظلم ڪرڻ جو الزام ثابت ٿي ويو ته ڪيس سزا ڏني ويندي، ته پوءِ اسان هتان ڪان واپس ويندا سين.“

هڪ نوجوان عورت آمنه جي ويجهو اچي مخالفت ڪئي. هن نفرت پريل اکين سان آمنه کي ڏٺو. ”تون ڇري عورت آهين! تون پنهنجن مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻڪاروءَ جي سڪون کي تباهه ڪري رهي آهين! جيڪڏهن تون پنهنجي مڙس جي گهر ۾ خوش ناهين، ته ڪنهن ٻئي سان شادي ڪري ڇڏ!“ هن بدتميزي ڪئي ۽ هلي وئي. عورتن جو هڪ ٻيو ٽولو به آمنه کي گاريون ۽ ڌمڪيون ڏيئي روانو ٿيو. انهن جي وڃڻ ڪان پوءِ جڏهن ماحول پُرسڪون ٿيو تڏهن آمنه ٻيهر پنهنجي حامين سان مخاطب ٿي.

”اسان پنهنجي گهرن مان ضروري سامان ۽ ڪاڏي ٻيتي جون شيون پاڻ سان ڪٺي نڪرنداسين. مثال طور آئون الحاج جي گهران ٻه گهيٽا ۽ هڪ چانورن جي ٻوري ڪٺندس. توهان سڀ الحاج جي گهر ٻاهران گڏ ٿيو اسان پنهنجي شروعات اتان ڪان ڪنداسين.“ آمنه چيو.

وِچ ٻڪاروءَ جي ماحول ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو ويو هو. مردن کي صاف نظر پئي آيو ته عورتن کلي عام بغاوت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سندن باغي چهرن ۽ چال چلت مان اهڙي بغاوت صاف ظاهر هئي. هر ڪو خاص طور مرد اڳلي قدم جا منتظر هئا، آمنه سڀ ڪان اڳيان اڱڻ وچ ۾ بيٺل هئي. عورتن جو هڪ وڏو هجوم سندس پٺيان هو.

الحاج هارون ڏاڍو پريشان ۽ گهبرايل نظر اچي رهيو هو. ”ڇا پيو ٿئي!؟“ هن پُڇيو.

آمنه اڏول ٿي جواب ڏنو: ”گهڻو ڪجهه غلط آهي! اسان پنهنجي انجمن خلاف مڙهيل پابنديءَ ۽ توهان جي جوڙيل قانون خلاف ويڙهه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“

”ويڙهه لاءِ هيءَ ڏينهن مناسب ناهي! هيءَ پاڪ ڏينهن آهي. هن ڏينهن تي ته اسان کي سڀ ڪجهه وساري، پُرامن نموني خوشيون ملهائڻ گهرجن.“ الحاج سمجهائڻ چاهيو.

”اسان هن مذهبي ڏينهن جو احترام ڪريون ٿا، پر اسان جا مطالبا منظور نہ ٿيا تہ...“

”...توهان جا مطالبا ڪهڙا آهن؟“ الحاج ڳالهہ ڪاٽي.

”توهان ڄاڻو ٿا. توهان جي ڪري ئي تہ اهو مسئلو پيدا ٿيو آهي.“

”اهو قانون، عورتن جي حفاظت لاءِ جوڙيو ويو آهي.“ هن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر عورتن جي نعرن کان پوءِ چُپ ٿي ويو.

”نا! نا! نا!“ سيني نعرا هنيا.

”اسان جانور ناهيون جو توهان اسان بابت هر فيصلو ڪريو. اسان پنهنجو چڱو مَندو ڄاڻون ٿا. توهان اسان سان مشورو نٿي ڪري سگهيا، تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان جي ڳالهہ تہ ٻڌو ها!“ آمنہ چيو.

الحاج هٻڪيو. هو پريشانيءَ جي حالت ۾ آمنہ ۽ ٻين عورتن کي گهوري رهيو هو. هن ڏکهو ساهہ پري، ٻيهر ڪوشش ڪئي. ”اسيمبليءَ جي ڪارروائي ٻيهر شروع ٿيڻ کان پوءِ، آئون انهن قانونن تي ٻيهر غور ڪرڻ جو واعدو ٿو ڪريان... ۽ اوهان جي نمائندي جي حيثيت ۾، آئون عورتن جا سمورا ٽيڪس ادا ڪرڻ جو واعدو ڪريان ٿو.“

”اوهان جي ان ٿوري لاءِ مهرباني! مگر مسئلو ائين حل نہ ٿيندو. اسان عورتن تي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جي خلاف آهيون. ان جي خاتمي جي صورت ۾ ئي عورتن کي ٽيڪس کان آجو ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن اوهان ايندڙ سال اهو ٽيڪس نہ ادا ڪري سگهيا تہ؟“ آمنہ سبب ڄاڻايو.

”اهو ٽيڪس مالي سُڌارن ۽ ٻاهرين قرضن لاهڻ لاءِ تمام ضروري آهي.“ الحاج دليل پيش ڪيو.

”اهو اسان جو مسئلو ناهي. مالي تباهيءَ ۾ اسان جو ڪوبہ ڪردار ناهي، تہ پوءِ ان جي سڌاري لاءِ اهڙو ٽيڪس ڇو ڏيون؟ انهن قرضن کي خرچ ٿيندي تہ اسان ڪٿي بہ ناهي ڏٺو تہ پوءِ اسان اهو ڇو ادا ڪريون؟“

”اي معصوم عورتو!“ الحاج ٻين عورتن سان مخاطب ٿيو. ”توهان اڪيون پوري منهنجي زال جي پويان لڳي رهيون آهيو ۽ هيءَ ان خطرناڪ

مهم ذريعي رڳو شهرت حاصل ڪرڻ گهري ٿي. توهان تمام وڏو ڏوهه ڪري رهيون آهيو. خدا جي واسطي مهرباني ڪري واپس هليون وڃو!"

"اسان پڻ اوهان کي خدا جو واسطو وجهون ٿا، تہ اهو قانون ختم ڪريو!" آمنہ وڏي سر جواب ڏنو. "توهان کي ياد ڏياريان تہ اسان جو مذهب استحصال ۽ ڏاڍ جي خلاف آهي. حضرت محمد ﷺ غلاميءَ ۽ قيد جي خلاف هئا. هڪ ڀيري پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو 'الله اوهان جي مشڪلن ۾ اضافي بجاءِ، توهان تان بار هلڪو ڪرڻ گهري ٿو.' اسان توهان کي، سمورن سرڪاري ميمبرن کي ۽ مذهبي اڳواڻن کي لفظن بجاءِ اصلي اسلامي تعليم تي هلڻ جي صلاح ڏيون ٿا."

مايوس ٿي الحاج پنهنجي زال ڏانهن وِک وڌائي، "خاموش!" هن حڪم ڏنو.

ڪجهہ گهڙين لاءِ ڏکوئيندڙ ماٺ پکڙجي وئي. آمنہ پنهنجي جلندڙ ڇهري تان پڳهر اُگهيو. الحاج بُت بڻيو پنهنجي چوٿين زال کي ڏسي رهيو هو. هوءَ الحاج کي اڪيلو ڇڏي، آرام سان اڳتي وڌندي، سمورين عورتن کي اڱڻ مان ٻاهر وٺي وئي. هن عورتن کي گهران بہ گهيتا، چانورن جي ٻوري ۽ ڪي ٻيون ضروري شيون کڻي هيڊ ڪوارٽر پهچڻ جو حڪم ڪيو.

ڪن عورتن کي نہ پهچي سگهڻ جو بهانو ملي ويو هو. انهيءَ سبب پهرين اجلاس جي ڀيٽ ۾ تعداد گهٽ هو پر آمنہ، آيل عورتن جي مضبوط ارادن کان ڏاڍي متاثر هئي.

"منهنجون پياريون عورتو!" آمنہ کين چيو "اج اسان آزاديءَ ڏانهن تاريخي قدم وڌايو آهي. جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن کي بہ اسان جي مقصد تي شڪ يا اعتماد ناهي، تہ اها هلي وڃي. اسان ڪنهن سان بہ زور زبردستي نہ پيا ڪريون. اسان کي هن مقصد مٿان يقين رکندڙ جان نثار ساٿين جي ضرورت آهي. ساٿيو! هلو!"

جلوس آمنہ جي پويان هلڻ لڳو هر عمر جي عورت سندس پٺيان هلي رهي هئي. انهن ۾ پوڙهيون عورتون، پيٽ سان عورتون، پارن واريون، ڇوڪريون توڙي ڇوڪرا شامل هئا.

لارائي ڪجھ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي گڏ ڪيو ۽ گيت ڳائڻ لڳي:

"اُٿو مظلوم محڪومو!
حقن لاءِ اُٿو جهيڙيو!
سندن چالون ٿيون پڌريون،
سفر آهي آزاديءَ جو۔
جو آ مظلوم اڳتي ٿي!
غلط قانون رد ٿيندو۔
نہ ڪوئي ٽيڪس ڏنو ويندو!"

جلوس بنا ڪنهن ڏکيائيءَ، بڪاروءَ جي اهم رستن کان ٿيندو شهر ڏانهن وڌيو. ماڻهو اهو منظر ڏسڻ لاءِ گهرن مان ٻاهر نڪري آيا. ڪي هٿ جوڙيو تہ ڪي وات ڦاڙيو ڏسي رهيا هئا. ڪجھ عورتون جلوس ۾ شامل ٿي ويون، جڏهن تہ ڪن ٽٽوليون ڪيون. اهي شهر جي وچ ۾ امير جي محل سامهون پهچي ويون، جتي گهوڙي سواريءَ جي روايتي دعوت "دُربُر" پنهنجي عروج تي هئي. آمنہ عورتن کي ساڻ ڪري وڏي ميدان ۾ داخل ٿي وئي. هتي ڏسندڙن جو هڪ وڏو انگ، ان ڊرامائي دعوت مان لطف اندوز ٿي رهيو هو. ڏسندڙن مان ڪي ماڻهو ان کي دعوت جو حصو سمجهي، زور سان تاڙيون وڄائڻ لڳا. ڪي حقيقت کان آگاهہ هئا، ۽ کين خبر پئجي وئي هئي، تہ بڪاروءَ جي جهرڪين پڃرو توڙي ڇڏيو آهي. مردن جو هڪ ٽولو ڊوڙندو آمنہ ڏانهن رڙيون ڪندو اڳتي وڌيو. "هيءَ ڇا پيو ٿئي؟ ڪافرو! رنون پنهنجي گهرن ڏانهن واپس وڃو!" آمنہ جواب ڏيڻ بنا، آهستي آهستي پراعتماد نموني اڳتي وڌندي رهي. اهي بڪاروءَ جي نديءَ واري پُل پار ڪري، اسڪول جي فٽ بال واري ميدان تي پهچي ويون.

آخرڪار عورتون پنهنجيءَ منزل تي پهچي ويون. جڏهن عورتون ماني پچائڻ ۽ کائڻ ۾ مصروف هيون، تڏهن آمنه لارائيءَ ۽ چئن ٻين عورتن سان گڏجي 'انتظامي معاملا' حل ڪيا. خوراڪ، مورچي بندي، صحت، رهائش ۽ حڪومتي اهلڪارن سان ڳالهه ٻولهه لاءِ پنج ڪميٽيون جوڙيون ويون.

خراب حالتن هوندي به، عورتن مزيدار کاڌي تيار ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي. پنهنجو حصو کائڻ کان پوءِ آمنه، هيڊ ماستر جي آفيس اڳيان هڪ جلسي جو بندوبست ڪيو. سڄ لهي رهيو هو. هن اڳتي وڌي سينيءَ کي خاموشيءَ لاءِ اشارو ڪيو. سندس چهرو ٻهڪي رهيو هو. آمنه چيو، "ٻڪاروءَ جي عورتن جي انجمن ملي جلي پنهنجن مڙسن جا گهر ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ڇو ته اسان کي لڳي پيو ته اسان سان ناانصافي ٿي، ۽ جيڪڏهن اسان ڪجهه نه ڪيو ته اهي ناانصافيون جاري رهنديون. اسان اهڙو قدم ان ڪري کنيو جو اسان تي ظلم ڪيا ويا ۽ ڪيا وڃن پيا، ڇو جو اسان عورت آهيون! شايد اهو سڀ ڪان سٺو حل نه هجي پر جڏهن اسان جي انجمن تي پابندي مڙهي وئي، ۽ اسان مٿان ٻيا سخت قانون لاڳو ڪيا ويا، تڏهن انهن حالتن ۾ اسان وٽ پنهنجو پاڻ کي انسان طور مڃرائڻ لاءِ ڪو ٻيو گس نه رهيو."

هن پاڻي گهرايو. پاڻي پيئڻ کان پوءِ هن، هجوم مان هڪ عورت کي پاڻ وٽ سڏيو. هڪ عورت ٻار سنڀاليندي وٽس پهتي. "هن کي ڏسو! هيءَ منهنجي مڙس جي هڪڙي گهر ۾ ڪم ڪري ٿي. هيءَ اُتي سڄو ڏينهن ڪم ڪري ٿي. ٻُڌاءِ! ڇا توکي ٻين مرد ملازمن جيترو پگهار ملي ٿو؟"

"نه! مردن کي گهڻو ملي ٿو."

"ڏٺو َ! ڪم هڪ جيترو پر پگهار گهٽ! منهنجو مڙس سيني مزدورن جو استحصال ڪري ٿو پر عورتن جي معاملي ۾ وڌيڪ سختيءَ کان ڪم وٺي ٿو. اهڙيءَ طرح هو امير، ۽ ماڻهو غريب ٿيندا وڃن."

آمنه جي خاموشي ڏسي محسوس ٿيو ته هوءَ پنهنجين ڳالهين کي، ماڻهن جي دل ۾ لهڻ جو انتظار پئي ڪري. کيس احساس ٿيو ته سڀ

سندس ڳالهہ سمجهي رهيون آهن، ۽ ڳڌجاڻيءَ مان لطف اندوز ٿي رهيون آهن. هن پنهنجين ڳالهين کي ڏيان سان ٻڌندڙ عورتن ڏانهن ڏسي مُسڪرايو ۽ پوءِ کنڊ لوڏيو. هن پنهنجي ڳالهہ وري شروع ڪئي:

”عورتن کان تعليم پرائڻ جو حق کسي، اهي کين معاشري ۾ ٻي درجي جو شهري بنائي رهيا آهن. تعليم نہ پرائي سگهڻ سبب، اهي سدائين مردن جون محتاج رهنديون. محتاجيءَ سبب اهي غلام ٿي رهنديون. عورتن جي آزاديءَ لاءِ سڀ کان پهرين کين تعليم، نوڪري ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي.“

”هن معاشري ۾ عورتن جي شادي زوري زبردستي ڪئي ويجي ٿي. اسان شاديءَ جي خلاف ناهيون، پر زبردستيءَ واري شاديءَ جي خلاف آهيون. جهڙيءَ ريت مرد وٽ، عورتن کي چونڊڻ جو اختيار ۽ حق آهي، تهڙيءَ ريت عورت کي پڻ ان چونڊ جو حق ملڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪڙي ڇوڪريءَ جي شادي زبردستي اهڙي مرد سان ڪرائي وڃي، جنهن سان هوءَ محبت نٿي ڪري، تہ هوءَ خوش نہ رهي سگهندي. جيڪڏهن شاديءَ کان پوءِ ڪا ڇوڪري ظلم ۽ ڏاڍ کان تنگ ٿي طلاق وٺڻ گهري، تہ هوءَ اڪيلي نٿي رهي سگهي. جيڪڏهن ڪا ڇوڪري ائين ڪري تہ ماڻهو ڪيس گاريون ڏين ٿا. گهڻي ڀاڱي ڇوڪريون تعليم يافتہ نہ هئڻ سبب، ڪٿي ڪو ڪم نٿيون ڪري سگهن، تنهن ڪري اهي گهران ڀڄي وڃي ڪوٺا وَسائين ٿيون، جتي سندن رت نچوڙيو وڃي ٿو. اهڙين پوڙهين لاوارث عورتن لاءِ ڀنڻ، ۽ رستن تي ڦيرا پائڻ کان سواءِ ڪابہ راهہ نٿي رهي. اهي روزانو موت جون منتظر هونديون آهن. هاڻ رستن تي ڦيرا پائڻ گهورڙين جي ڪم ڪرڻ جي بہ منع آهي. مٿان وري ظلم اهو ٿيو آهي، جو جيڪي عورتون گهرن ۾ ڪو ننڍو وڏو ڪم ڪري گذارو ڪنديون هيون، تن تي بہ هاڻي ٽيڪس لاڳو ڪيو ويو آهي!“

”اسان کي اهو ٻڌائڻو آهي تہ هن معاشري ۾ هر شخص کي آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جو حق آهي. ڪم ڪرڻ هر ڪنهن جو بنيادي حق آهي، اهو چند ماڻهن جي مرضيءَ جو معاملو ناهي. هزارين عورتن کي جسم فروشي، ۽ لکين عورتن کي پنهنجن مڙسن جي گهرن ۾ بيڪار

ويٺل ڏسي شرم ٿو اچي. حڪومت سدائين ماهرن جي ڪميءَ جون دانهون ڪندي رهندي آهي. اهي ماهر آسمان تان نٿا هيٺ ڪِرن، انساني تجربا اهو ثابت ڪن ٿا، تہ عورت تعليم حاصل ڪري ماهر بنجي سگهي ٿي.“

”اوهان ڄاڻو ٿيون تہ قانون سازن ۾ هڪ بہ عورت شامل ناهي. ان جو مطلب آهي تہ اسان جو ڪوبہ نمائندو اسيمبليءَ ۾ ناهي، اسان کي سياست کان بلڪل ئي پري ڪيو ويو آهي.“

”اسان چونڊن دوران ووٽ ڏنو هو.“ هڪ آواز ڳالهہ ڪاٽي.

”ها! اسان ووٽ ڏنا! پر ڇا توهان کان انهن واسطيدار قانون سازيءَ دوران، صلاح ورتي هئي؟ صلاح مشوري ذريعي، اسان نمائندن کي چار سال حڪومت ڪرڻ جو قانوني حق ڏيو ڇڏيون. عورتن جي انجمن جي موجودگيءَ هوندي بہ، اسان تي اثر انداز ٿيندڙ سڀ کان وڏي اهم معاملي تي، اسان سان مشورو نہ ڪيو ويو. الٽو انهن اسان تي گٺل پٺل پراڻا قانون لاڳو ڪري ڇڏيا. ڇا اها جمهوريت آهي؟“

”اسان جي انجمن مٿان پابندي مڙهڻ تي، آئون ان گورنر کي اهو پيغام ڏيڻ چاهيان ٿي، تہ جيڪڏهن توهان جو اهو خيال آهي، تہ پابندي مڙهڻ سان توهان اسان کي تباهہ ڪري سگهو ٿا، تہ ان ۾ توهان ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا. اڄ جي واقعن ثابت ڪري ڇڏيو آهي، تہ اوهان جي ڪري اسان سگهاريون ٿي ويون آهيون. هاڻ اسان مستقبل ۾ وڌيڪ سگهاريون ٿينديون سين. منهنجون پياريون دوستو! اسان کي پنهنجن منصفاڻن مقصدن لاءِ اتحاد ۽ احساسِ ذميواريءَ جي ضرورت آهي. اچو تہ ملي جُلي عورتن جي انجمن کي هڪ سگهاري ۽ طاقتور تنظيم بڻايون. صرف ائين ئي اسان پنهنجا مقصد، پنهنجا آواز مٿي پهچائڻ ۽ توجہ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهنداسين. سينيءَ جي آزاديءَ تائين، اڪيلي سِر ڪابہ آزاد ناهي! مهرباني!“

❖

## باب ٻاويهون

رات جي وقت خيمي جي ٻاهہ جا شعلا فضا ۾ بلند ٿي رهيا هئا. هلڪي هلڪي هوا گهلي رهي هئي. عورتون ٻاهہ جي چوڌاري ڪل پوڳ ۾ ناچ گاني ۾ مشغول هيون. ڪاٺيءَ جي پُل تي هڪ پاڇو نظر آيو. جومائيءَ جي اڳواٽيءَ ۾ حفاظتي ٽولو هڪدم اوڏانهن وڌيو. "اُتي ئي بيهي رهو! دوست آهيو يا دشمن؟ اڳتي وڌي شڪل ڏيکاريو!" جومائيءَ وڏي آواز پُڪاريو. پوءِ هڪ عورت سان ڪجهہ دير ڳالهائڻ کان پوءِ، ڪيس پاڻ سان گڏ پنهنجي منڊليءَ ۾ وٺي آئي. هوءَ هيڊ ماستر جي زال هئي ۽ پاڻ سان نيون تازيون خبرون، ۽ هيڊ ماستر جي آفيس جون چابيون کڻي آئي هئي.

"اهو اسان وٽ هڪ ٻئي کي ڄاڻڻ جو بهترين موقعو آهي." آمنہ سينيءَ اڳيان بيهي چيو "اچو تہ ايمانداريءَ سان پنهنجا تجربا هڪ ٻئي کي ٻڌايون، تہ جيئن اسان جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي..."

"جيئن اوهان سڀ ڄاڻو ٿيون تہ منهنجو نالو آمنہ آهي. آئون هتي ٻاويهہ سال اڳ ڄائي هيس. منهنجو والد ديني تبليغ ڪندڙ آهي...." هن پنهنجي شروعاتي زندگيءَ جا حالات ٻڌائڻ کان پوءِ، پنهنجي شاديءَ بابت تفصيلي ڳالهايو ۽ پوءِ 'عورتن جي انجمن'، جوڙڻ واري عمل ۽ سببن کان سينيءَ کي آگاهہ ڪيو. هن ڳالهہ ختم ڪندي چيو "اهو منهنجي زندگيءَ جو مختصر خاڪو آهي. هاڻ واري واري سان هتي اچي، هرڪو پاڻ بابت ٻڌائي."

لارائيءَ اهو ٻڌي هڪدم اُٿي. آئون سترهن سالن جي آهيان. آئون هڪ هاريءَ جي گهر ڄايس. منهنجي زندگي، خواهشن کان ٻُڪ ٿائين،

غم کان الميي تائين، ۽ محبت جي محروميءَ کان ٻالپڻ تائينءَ جو لاڳيتو سفر طئي ڪندي رهي. آئون رستن تي ڦيرا پائيندي هيس ۽ جيئن ئي منهنجي ڄاڻيءَ ۾ اُيار آيو ته گهر وارن هڪڙي هاريءَ سان منهنجي زبردستي شادي ڪرائي ڇڏي. اهو مون کي هر وقت پردي اندر رکندو هو.“ پوءِ هن اسپتال اندر داخل ٿيڻ ۽ بيماريءَ دوران ٻارڙي جي ڄمڻ جو قصو ٻڌايو.

”جيڪڏهن اوهان جنرل اسپتال ويندئون، ته اُتي تمام گهڻيون نابالغ ڇوڪريون ويم دوران، مثاني جي تڪليف باعث بيمار حالت ۾ داخل ٿيل نظر اينديون. سڀ کان وڏيڪ ڏکوئيندڙ ڳالهه اها آهي، ته سندن مڙس کين بنا ڪنهن پرواهه، اتي ان ئي حالت ۾ ڇڏي ويندا آهن. مون کان پوءِ منهنجي مڙس جنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، اڄڪلهه اها به اسپتال ۾ داخل آهي. جڏهن آخري ڀيرو آئون ساٿس ملڻ ويس، ته جنهن ڊاڪٽر منهنجو علاج ڪيو هو، ان ٻڌايو ته هن سان به مون واري حالت ٿي هئي. آئون خدا ۽ آمنه جي سببان چڱي ڀلي ٿي سگهيس. مون کي اميد آهي ته اوهان سينيءَ کي خبر هوندي ته آمنه منهنجي مدد ڪري، مون ۾ زندگي ۽ اميد پيدا ڪئي. آئون سندس ساٿ ۽ سهڪار لاءِ سدائين ٿورائتي رهنديس. ’عورتن جي انجمن‘ جي سرگرمين ۾ شامل هجڻ، منهنجي زندگيءَ جو بهترين حصو آهي. مون زندگيءَ بابت گهڻو ڪجهه سِکيو آهي. آئون ان ”علحدگيءَ“ جي دليريءَ واري مهم ۾ شامل ٿي، تمام چڱو پيئي محسوس ڪريان.

”آخر منهنجي اڳلي مڙس کي ٻين کي نقصان پهچائڻ باوجود، ڪا سزا ڇو نٿي ڏني وڃي؟ آخر شاديءَ جي نالي ۾ ڪيستائين نابالغ ڇوڪرين کي، غير قانوني قيد ۽ ظلم ستم سهڻا پوندا؟ آخر اسيمبلي، نابالغ ڇوڪرين جي تحفظ خاطر، شاديءَ جي عمر بابت قانون سازي ڇو نٿي ڪري؟

”اڄ آئون، اوهان سمورين سامهون بيهي، پنهنجي مڙس کان غير قانوني قيد ۽ ظلم لاءِ تاوان ٿي طلبيان. منهنجي خيال ۾ ته هن کي ۽ هن

جهڙن مردن کي سخت سزا ملڻ گهرجي، ڇو جو اهي معاشري لاءِ وڏا ناسور آهن."

هڪڙي چمڪيلين اکين ۽ ڊگهي نڪ واري سنهڙي سيپڪڙي خوبصورت عورت اڳتي آئي. "آئون هڪڙي هارياڻي آهيان ۽ پنهنجي مڙس سان گڏ ٻنيءَ تي ڪم ڪندي هيس. آئون روزانو سج اُڀرڻ کان لهڻ تائين ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندي هيس، ۽ پوءِ گهر ۾ هن لاءِ ماني پچائڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ ۾ لڳي رهيس. اهو سڀ ڪجهه ڏهن سالن تائين ڪندي رهيس. آئون جسماني ڪمزوري ۽ ذهني ٿڪاوٽ جو شڪار هيس. هو مون کي ڏوڪا ڏيندو هو ۽ اڄ به ڏيندو رهي ٿو. هر پيري فصل وڪڻي هو ٿورو گهڻو مون کي ڏيندو هو. جڏهن 'گڏيل سهڪار' واري تحريڪ شروع ٿي، ته مون سندس ٻني ڇڏي، پنهنجي ٻنيءَ تي ڪم شروع ڪيو جنهن ڪري هن مون کي ۽ منهنجي ٻارن کي ٻکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو."

"هاڻي آئون اوهان کي پنهنجي سهيلي لاميءَ جو قصو ٿي ٻڌايان. مون کي پڪ آهي ته اوهان سينيءَ کي سندس بابت ڄاڻ هوندي. جيئن ته اوهان به ٻڌو هوندو ته سندس مڙس ڪجهه مهينا اڳ هڪڙي زميني تڪرار تان قتل ٿي ويو هو. هو امير ڪارڻ وڙهي رهيو هو پر سندس دفن ٿيڻ جي ٽن ڏينهن اندر ئي، هن لاميءَ کي پنهنجو گهر خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. امير جي دعويٰ هئي ته هن لاميءَ جي مڙس کي پيسا ڏئي، سندس گهر ۽ زمين خريد ڪئي هئي، ۽ هاڻ جيئن ته لاميءَ جو مڙس مري چڪو آهي، تنهن ڪري سندس خاندان کي زمين خالي ڪرڻي پوندي. لاميءَ عدالت سان رجوع ڪيو پر جج امير جي حق ۾ فيصلو ٻڌايو. لاميءَ گهر ڇڏڻ کان انڪار ڪيو ته چوٿين ڏينهن پوليس ۽ ٽي گاڏيون پهچي ويون. آئون اتي موجود هيس ۽ مون اهو سڀ ڪجهه ٿيندي ڏٺو. هنن دريون ۽ دروازا پٽيا. ڪوهه ۽ وهنجڻ جي جاءِ بند ڪئي، ۽ گودام اندر موجود سمورو اَنُ ساڙي ڇڏيو. اسان جڏهن ٻاهر پگهيونسين ته ان مهل هو ڇت کي باهه ڏئي رهيا هئا.

”هاڻي هوءَ بڪاروءَ جي وچين حصي ۾ هڪڙي ڪچيءَ جي وڻ هيٺان سخت پريشانيءَ ۽ بدحاليءَ جي حالت ۾ پنهنجن ٻارڙن سان گڏ زندگي گهاري رهي آهي. ان دوران سندس گهر ڪيرائي، اتي هڪ عاليشان وڏي هوٽل تعمير ڪئي پئي وڃي. مون کي ٻڌايو! ڇا امير خدا جو عيوضي نائب آهي؟“

آمنه عورتن کي آرام ڪرڻ جو مشورو ڏنو پر هڪڙي ڇوڪري دانهن ڪندي مخالفت ڪئي. هن پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ چاهي ٿي. آمنه کين ڳالهيون ڪندي ڇڏي، هيڊ ماستر جي آفيس ۾ هلي وئي.

”سمورو شهر مونجهاري ۾ ورتل آهي.“ جومائي ۽ مائٽروءَ سان گڏ اندر داخل ٿيندي هيڊ ماستر جي زال چيو: ”گهڻن ئي مردن صبح کان ڪجهه ناهي کاڌو. کين ماني پچائڻ نٿي اچي. شهر ۾ ڳالهيون هلن پيون ته جيڪي عورتون شهر ۾ موجود آهن، اصل ۾ انهن کي پنهنجن مڙسن کي زهر ڏيڻ جو حڪم مليل آهي. ڪي مرد، بڪاروءَ جي مردن جي جماعت جوڙي، ماني پچائڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا. اهي چُلهه تي چانور چاڙهي ڳالهين ۾ محو هئا، ته ڳالهين ختم ٿيڻ بعد چانور سڀ سڙي چڪا هئا! ڪن مردن کي ته اها به خبر ناهي، ته ديڳڙيءَ ۾ پهرين گوشت وجهبو آهي يا تيل! هڪڙي مرد ٻڌايو ته هن حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو بصر ڇليا آهن، ۽ ٻي چُلهه جي دونهين بابت شڪايت ڪئي.“

عورتون کِلڻ لڳيون. ”اها آهي ڪنهن تي ڀاڙڻ جي پُل!“ آمنه چيو. ”خبر ٿئي ته ڪي مڙسالا پنهنجن ٻارن کي رڌ پچاءُ سيکارڻ سبب زالن کي ماريندا هئا!؟“

”مون ريڊيو تي اهو به ٻڌو آهي ته-“ هيڊ ماستر جي زال ڳالهه جاري رکي، ”ته پوليس ڪارروائيءَ لاءِ تيار آهي، پر ڪمشنر آرڊر نه پيو ڏي. هن پنهنجي فرقي جي سمورن پوليس وارن کي، ان حڪومتي ظلم و ستم کان پري رهڻ جو حڪم ڏنو آهي. هن قانونن کي غلط ۽ اسيمبليءَ کي حقيقت پسنديءَ کان پري قرار ڏنو آهي. هن سختي ۽ جارحيت جي صورت ۾ استعيفيٰ ڏيڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني آهي. اسان اهو پڻ ٻڌو آهي ته

مسئلي حل نہ ٿي سگهڻ جي حالت ۾، پاڙيسري رياست مان گشتي پوليس جي بہ گهرائڻ جا امڪان آهن.“

آمنہ جومائيءَ ڏانهن مڙي، هوءَ نهايت غور سان، هٿ رانن تي رکيو اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي رهي هئي. هوءَ سيٽيل انداز ۾ چوڻ لڳي، ”پُل مٿان مورچو ٺاهيو ويو آهي. جانچ پڙ پوري ٿي چڪي آهي. حالتون بلڪل معمول مطابق آهن. هاڻ سُمهڻ جي اجازت آهي.“ عورتون کِلڻ لڳيون.

آمنہ کي ياد هو تہ جومائي هڪڙي فوجيءَ جي زال هئي، ”اجازت آهي!“

”جيڪو حڪم اوهان جو بيگم صاحبہ!“ هُن کِلي چيو ”منهنجو مڙس روزانو نشي جي حالت ۾ گهر اچي، اهوئي ڪجهہ چوندو هو.“ هوءَ ٻاهر هلي وئي.

رات جي وقت آمنہ سُمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، پر ڪوڙ سارا خيال سندس ذهن ۾ هنگامو مچايو ويٺا هئا. آخر ڪيس ننڊ اچي وئي. هوءَ صبح ٿيڻ کان ڪجهہ دير اڳ، گوڙ شور ٻڌي جاڳي پئي.

”هيءَ ڇوڪري تڪليف ۾ آهي. ڪيس ويم جا سُور آهن.“ ڪي عورتون هُل ڪري رهيون هيون. آمنہ پريشانيءَ جي حالت ۾ اُٿي. جڏهن ڪيس احساس ٿيو تہ اهو خواب ناهي، تڏهن هوءَ ناگوزيءَ جي ڳولا ۾ نڪتي. هوءَ صحت واري ڪميٽيءَ جي اڳواڻ هئي. ناگوزيءَ پنهنجون شيون بيگ ۾ وڌيون، انهن کي هڪ ٻيرو ورائي ڏنو ۽ پوءِ ڇوڪريءَ ڏانهن ڀڳي. ان ڇوڪريءَ زينب کي، هيڊ ماستر جي ڪمري ۾ ليٽايو ويو. موقع تي موجود عورتن ناگوزيءَ جي مدد ڪئي.

آمنہ اوندهہ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ۽ خير سلامتيءَ سان ٻارڙي جي پيدائش لاءِ دُعا گهري. هوءَ ٻين عورتن سان گڏ ڪمري کان ٻاهر ويهي انتظار ڪري رهي هئي. ڪافي دير کان پوءِ ناگوزي مسڪرائيندي ڪمري مان ٻاهر آئي. هُن آمنہ کي ڪَن ۾ چيو تہ سڀ خير آهي.

”خدا جو شڪر آهي.“ آمنہ ڏکو ساهہ ڀري چيو.

”ڇوڪرو يا ڇوڪري؟“ ڪن عورتن پُڇيو.

”اندازو ڪريو!“ ناگوزيءَ چيو.

”چوڪري!“

”نہ، چوڪرو!“

”تو اسان کي بچائي ڇڏيو مهرباني!“ آمنہ ناگوزيءَ کي چيو.

”مون لاءِ اها اعزاز جي ڳالهہ آهي، آئون پيشي جي خيال کان دائي آهيان.“ ناگوزيءَ پُرجوش انداز ۾ حقيقت ظاهر ڪئي. ”ماءُ ۽ ٻار کي آرام جي ضرورت آهي. اهي ڏاڍا ڪمزور آهن.“

ڪي عورتون بي تاب ٿي ڪمري ۾ گهڙيون.

”اهو پنهنجي پيءُ تي ويو آهي.“ هڪڙيءَ چيو.

”نہ! چري آهين، اهو ماءُ تي ويو آهي.“ ٻيءَ چيو.

”ڏسو! نَڪ ۽ چپ بلڪل ماٽس جهڙا آهن.“

”شال وڏي حياتي ماڻي. منهنجي دعا آهي تہ اهو پنهنجي تاريخ تي ويچاري، تہ جيئن پنهنجي ماءُ کي خوشيون ڏئي سگهي.“ هڪڙيءَ چيو.

”مون کي يقين آهي تہ اهو پنهنجي ماءُ جو خيال رکندو سندس مدد ڪندو.“

”تون مردن کي نٿي سُڃاڻين! تنهنجو ڇا خيال آهي تہ انهن اميرن، گورنرن، قانون سازن ۽ ٻين جون مائرون ناهن هونديون؟ يا وري اهي ڪڏهن هن وانگر معصوم يا ٻَتڪڙا ناهن هوندا!؟“

”پوءِ اهي بدلجي ڇو ويندا آهن!؟“

”پنهنجيءَ پرورش سببان.“

”هن جو پيءُ ڪير آهي؟“ هڪ عورت زينب کان پُڇيو.

”هوءَ اهو پوءِ ٻُڌائيندي.“ آمنہ وچ ۾ ڳالهايو ۽ سڀني عورتن کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو. هن سوال کي ورجايو. زينب شرمندگي محسوس ڪري رهي هئي.

”اها ڊگهي ڪهاڻي آهي.“ هُن آهستي چيو. ”آئون ڪجهہ سال اڳ، گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ۾ پڙهندي هيس. منهنجي پيءُ کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو ۽ پاڻ في نہ هجڻ سببان مون کي اسڪول

وڃڻ کان روڪي ڇڏيائون. پوءِ آئون گهر ۾ ويٺي رهيس ۽ ڪاڏو ناهي بازار ۾ روڪٽنڊي رهيس.“

”تنهنجي ماءُ ڪيڏانهن وئي؟“ هڪ عورت سوال ڪيو.

”مون کي خبر ناهي. مون کي ته بس رڳو اها خبر آهي ته آئون جڏهن پنجن سالن جي هيس، ته منهنجي پيءُ کيس طلاق ڏئي ڇڏي هئي. گذريل سال آئون شيون کپائي گهر موٽي رهي هيس، ته هڪڙو ڇوڪرو منهنجو پٺون ڦري، ويجهي عمارت ڏانهن ڀڄي ويو. ان عمارت جو نالو ’گرلز فري زون‘ هو. آئون ان جي پويان ڀڳيس. پر هن مون کي پڪڙي ورتو ۽ هڪ ڪلاڪ تائين مون سان زوري زنا ڪندو رهيو.“

”تو مدد لاءِ دانهون نه ڪيون؟“

”منهنجي رڙين تي، هن منهنجو وات ٻڌي ڇڏيو هو. جڏهن مون کي خبر پئي ته آئون پيٽ سان ٿي وئي آهيان، تڏهن ڏاڍي پريشان ٿيس. مون کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته آئون ڇا ڪريان. مون پنهنجي حالت لڪائڻ چاهي، پر منهنجي پيءُ کي خبر پئجي ويئي، ۽ هُن مون کي گهران ڪڍي ڇڏيو.“

”تو کيس پهرين ڇو نه ٻڌايو؟“

”آئون ڊپ ۽ شرم ۾ ٻڏل هيس، اهو ڀيانڪ تجربو هو. آئون ان کي لفظن ۾ بيان نٿي ڪري سگهان.“

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ هڪ عورت سوال ڪيو.

”مون آمنه سان رابطو ڪيو ۽ هوءَ مون کي ڪورٽ وٺي آئي. مون کيس پهرين ئي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو هو ته ان ڪِريل ڇوڪري، اها ڪنهن ڇوڪريءَ سان پهرين حرڪت نه ڪئي هئي. اهو اڄ سوڏو اهڙا ڪم ڪري پيو ۽ ڪابه ڇوڪريءَ ان جي خلاف ڪيس ناهي ڪئي سگهي. جج به مون کي ئي ڏوهي ڄاڻايو ۽ هن کي آزاد ڪري ڇڏيائين. مون اهو بار ڪيرائڻ پئي گهريو پر مون وٽ ايترا پيسا نه هئا.“ هوءَ روئڻ لڳي. عورتون هڪ ٻئي کي خوف مان تڪي رهيون هيون. هُن ڳوڙها

اُڳهيا ۽ ڏک ڀري انداز ۾ چيو: ”اڄ به آئون انهيءَ بار کي ڪنهن ڪچري جي ڍير ۾ يا پاڻيءَ ۾ لوڙهڻ چاهيان ٿي...“

”ائين نه چئو!“ آمنه هڪدم ڳالهه ڪاٽي ڪيس همٿايو.

”آئون ڀيو ڇا ڪريان؟ آئون هن کي ڪيئن پاليندس؟ پاڻ کي منهنجي جاءِ تي رکو. هن جو پيءُ ناهي. منهنجو ڪو وارث ناهي. مون اڻ ڏوهيءَ تي ڏوهه جو الزام مڙهيو ويو آهي. آئون هن کي ڪنهن هنڌ اُڇلائڻ چاهيان ٿي ته جيئن مري وڃي. اڄ صبح جو مون هتان ڪان ڀڄڻ پئي چاهيو پر ڀڄي نه سگهيس. آئون ڪمزور هيس ۽ ڀيو ته اوهان به مون سان گڏ هيون. مون ڪنهن ٻئي شهر ۾ وڃي، هڪ نئين زندگي شروع ڪرڻ چاهي پئي. پر هينئر جڏهن هن مون کي ڇُهيو، سنهنجو هٿ پڪڙيو ۽ ڇاتيءَ سان چنبڙيو ته مون پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو. مون کي معلوم ٿيو ته اهو منهنجو آهي، ۽ سزا جي لاءِ نهايت ننڍڙو ۽ معصوم آهي. اهو منهنجو آهي. آئون اوهان سينيءَ کي يقين ٿي ڏياريان، ته آئون سندس گهڻو خيال رکنديس. اهو مون لاءِ ۽ اسان سينيءَ لاءِ نهايت اهم آهي. اهو منهنجي زندگي آهي، ۽ جڏهن اهو وڏو ٿيندو ته آئون ڪيس سموري حقيقت ٻڌائينديس!“

ڪن پل لاءِ ماٺ ڇانئجي ويئي. آمنه هڪدم ٻار جي نالي رکڻ جو مشورو ڏنو. زينب ڪنڌ ڌوڻي رضامندي ظاهر ڪئي. ”اڇا ڪين آرام ڪرڻ ڏيون ٿا.“ آمنه مشورو ڏنو ۽ سينيءَ کي ٻاهر وٺي وئي.

نيرن ڪان پوءِ سموريون عورتون نالي رکڻ واري رسمي گڏجاڻيءَ لاءِ گڏ ٿيون. هڪڙو گهيٽو ذبح ڪيو ويو. هڪڙي ڇوڪري ڊگهي دُعا پڙهڻ ڪان پوءِ ”منيسرا“ نالو تجويز ڪيو جنهن جو مطلب آهه ”ڪاميابي!“

گڏجاڻي اڃا هلي پئي ته هڪڙي ايمبولينس آهستي آهستي هلندي اچي ويجهي پهتي. پنج عورتون انهيءَ مان لهي اچي آمنه سان گلي مليون. ”الله ڪڏهن به ناهي سُمهندو.“ هن آڏرياءَ ڪندي چيو. ڪيس چهرا جاتل ٿي لڳا. اهي صحت واري مهم ۽ تعليمِ بالغان جي مهم ۾ نهايت سرگرم هئا. انهن مان هڪڙيءَ صاف سٿرا ڪپڙا پهريل نوجوان، سنهڙي

سيپيڪڙي چوڪريءَ 'ديجي'، عورتن کي خطاب ڪرڻ لاءِ اجازت گهري آمنہ سمورين کي ٻڌڻ لاءِ گذارش ڪئي.

"اسان نرسن ۽ دائين جي انجمن مان آهيون ۽ اسان سيني اوهان جي مدد جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اسان حڪومت جي عمل تي حيران آهيون. اسان جو خيال هو تہ حڪومت هن قسم جي انجمن جي سمورن منصوبن کي هٿي ڏياريندي. سومر جي ڏينهن کان وٺي اسان جي انجمن، رياست ۾ صحت جي ڪرندڙ معيار پگهارون نہ ڏيڻ ۽ قابل ماڻهن کي نوڪرين مان ڪيڻ ڪري، اڻ ڄاڻايل مدت تائين هڙتال شروع ڪري رهي آهي."

ان تقرير کان پوءِ، تي نرسون زينب ۽ سندس يار کي وٺي اسپتال ڏانهن موٽي ويون.

ڪجهہ دير کان پوءِ هارين جو هڪ گروهہ، پنهنجين زالن کي گهر وٺي وڃڻ لاءِ پهتو. گروهہ جي اڳواڻ اڳتي وڌي سينيءَ کي سمجهايو تہ مرد ۽ عورت کي هميشه گڏ گڏ رهڻ گهرجي. انهيءَ ڪري الله آدم کي ناهڻ کان پوءِ حوا تخليق ڪئي، ۽ آسماني ڪتابن مان ڪنهن ۾ ڪٿي بہ ناهي لکيل تہ عورت مرد جي خلاف بغاوت ڪري سگهي ٿي.

آمنہ سندن جذبن کي ساراهيو ۽ پڇيو: "توهان اسان جي هن عمل مان ڪجهہ سِکيو پرايو؟"

"ها." سنهڙي شخص چيو "۽ منهنجي زال پڻ." هن هجوم اندر هڪ عورت ڏانهن اشارو ڪندي چيو: "هن پنهنجي سِر گهڻو ڪجهہ پرايو آهي. سندس هلت چلت پڻ بدلجي وئي آهي، ۽ گهڻي خوش آهي. اهڙيءَ طرح اسان جو رشتو بہ بهتر بڻيو آهي."

"منهنجي زال"، هڪڙي هاري اڳتي وڌي چيو "مذهبي طور گهڻو ڪجهہ سِکيو آهي. ايمانداريءَ سان چوان تہ پهرين هو نماز ۾ ڪوتاهي ڪندي هئي، پر هاڻي هن پوري نماز پڻ سِکي ورتي آهي، ۽ باقاعدگيءَ سان پڙهندي بہ آهي. مون اوهان جي فلم ڏٺي ۽ ان ۾ مقدس ماڳ پڻ ڏِٺا.

”پر اوهان اسان جي انجمن جي خلاف آهيو.“ هڪ عورت رڙ ڪندي چيو. ”آئون ان جي زال آهيان. هن اسان جي فصل ساڙڻ ۽ تباهہ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي.“

”ها، اهو سچ آهي تہ اها منهنجي زال آهي.“ همراهہ مُرڪندي پاڻ کي سنڀاليندي چيو ”اهو سچ آهي، اسان جي زميندارن، پهرين پنهنجين زالن کي انجمن کان ڏار ڪرڻ جو مشورو ڏنو پر جڏهن منهنجي زال وانگر گهڻي ڀاڱي عورتن انڪار ڪيو تہ پوءِ هن اسان کي فصل ساڙڻ جو مشورو ڏنو.“

”ڇو؟“ هن عورت اڳتي وڌي پڇيو. ”ٻُڌاءِ! ڊڄ نہ، حقيقت تان پردو هٽاءِ!!“

”آئون ڊڄان نٿو“ همراهہ ڦڪائيءَ وچان مُرڪندي چيو ”منهنجي زميندار جي دعويٰ هئي، تہ اوهان پڻ اسان وانگر فصل پوکي رهيون آهيو ۽ جيڪڏهن اوهان کي روڪيو نہ ويو تہ ڪاروبار خطري ۾ پئجي سگهي ٿو. جيڪڏهن اوهان وڏيڪ زمين پوکڻ شروع ڪئي، تہ فصل جي قيمت ڪِري پوندي ۽ هو هارائي ويندو. هن پوءِ هڪ گودام ٺهرائي، پنهنجو مال گڏ ڪرڻ شروع ڪيو.“

”ڇا مال گڏ ڪرڻ انسانيت جي حوالي سان گناهہ ناهي؟“ آمنہ پڇيو.

”آهي، پر اهو اڪيلو تہ ناهي، گهڻي ڀاڱي امير زميندار ائين ئي ڪندا آهن.“

”توهان نئون ٽيڪس ڏيڻ لاءِ تيار آهيو؟“ لارائي پڇيو.

”اهي نوان ناهن. اسان ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ ٽيڪس ادا ڪندا ئي رهندا آهيون.“

”پيسا ڪٿان ايندا؟“ لارائيءَ وڌيڪ پڇيو.

”الله ئي اسان جو اڪيلو سهارو آهي، اهو مدد ڪندو. هُن پيدا ڪيو آهي، ۽ اهوئي مدد ڪندو.“

”سمورا هاريو!“ آمنہ مشورو ڏنو ”واپس وڃو ۽ پنهنجن ساٿين کي گڏ ڪريو. توهان جي رت ۽ پگهر جي پورهيي مان ڪائي، اهي زميندار

امير ٻٽيا آهن. جيڪڏهن توهان سيني گڏجي ڪجهہ نہ ڪيو تہ پوءِ سدائين غريب ئي رهندؤ. دنيا ۾ هڪ بهتر زندگي گذارڻ لاءِ وڙهو! اسان جي ’علحدگي‘ واري تحريڪ وانگر، توهان بہ ڪا تحريڪ هلايو ۽ جيستائين مطالبا پورا نٿا ٿين، ڪم تي نہ وڃو. جا عورت وڃڻ چاهي ٿي، اها وڃي سگهي ٿي. جيڪڏهن مرد، عورت بنا مڪمل ناهي، تہ اسان پڻ مرد کان سواءِ مڪمل ناهيون. اهو فطري قانون آهي. اسان مردن جي عزت ڪريون ٿا.“

ڪجهہ دير کان پوءِ اسپورٽ گروپ جا ميمبر آيا. انهن سينيءَ کي ڏسي آمنہ جي همت وڌي وئي. ويجهو اچڻ تي آمنہ گروپ جي معطل صدر پيٽر ايڪن جو آڌرياءُ ڪيو. آمنہ انهيءَ ڊگهي ۽ ڏاڙهيءَ واري شخص کي ڏسي مُسڪرايو. اچانڪ آمنہ کي احساس ٿيو تہ سندس اکيون ڳاڙهيون آهن، ۽ هوءَ پگهر ۾ ٻُڏل آهي. هن وات پٽيو ۽ سندس سفيد ۽ مضبوط ڏند ظاهر ٿيا.

”اسان اسڪول جي في وڌائڻ سبب، وفاقي دارالحڪومت ۾ احتجاج ڪرڻ ويا هئاسين.“ ايڪن ٻڌايو.

”ڇا ٿيو؟“

”پوليس ڳوڙها آڻيندڙ گيس اُڇلي، ۽ اسان کي بي رحميءَ سان ماريو ويو ۽ ڪن کي پڪڙيو ويو. اسان مان ڪي ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.“ هن وضاحت ڪئي.

”فاطمہ ڪٿي آهي؟“ آمنہ پُڇيو.

”اها اسپتال ۾ هئي ۽ هاڻي هاسٽل ۾ آرام پئي ڪري. گيس جو هڪ شيل هن جي ويجهو ڦاٽو هو ۽ ڪجهہ گيس ساهہ سان گڏ اندر هلي وئي...“

”پوءِ؟“ آمنہ بي چينيءَ جي حالت ۾ رڙ ڪئي.

”هن کي پوليس وارن ڪافي ماريو پر هوءَ بچي وئي.“

”ربيڪا جو ڇا ٿيو؟“

”اها بہ مار کائي، پڪڙجي وئي. اڃا تائين حراست ۾ آهي.“

"۽ گلوريا؟"

"اها پوليس جي نگرانيءَ هيٺ اسپتال ۾ آهي. ڪيس چيلهه تي ڪافي گهرو زخم رسيو آهي." ايڪن مُرڪندي وضاحت ڪئي. "اسان جو خيال آهي ته اهي جلد ئي آزاد ٿي ويندئون. اسان جو وڪيل سندن ڪيس وڙهي پيو."

آمنه ڏچي وئي. "اهو ناقابلِ يقين آهي، ڇرپڻ آهي." هن چيو.

"توکي ڏک ته نه لڳو؟"

"ها!" هن چيو. هن پنهنجي ڪاري چادر هٽائي، ته سندس مٿي واري ڏڪ تي پٽي ٻڌل هئي.

"ڏاڍو افسوس ٿيو." آمنه همدرديءَ واري لهجي ۾ چيو.

"پريشان نه ٿيو! اهو ايترو گهرو ناهي. اڄ آئون يقين سان چوان ٿو ته اسان هار نه مڃينداسون. اسان ڪالهه ئي واپس موٽيا آهيون. فاطمه ڪمزوريءَ سبب نه اچي سگهي، پر سلام موڪليا اٿس.

معطل نائب صدر ليليٰ ۽ اسپورٽ گروپ جي اڳواڻ، ان بعد عورتن کي خطاب ڪيو.

"ساٿي عورتو! اوهان مان گهٽين کي خبر هوندي ته فنطوا ۾ هڪڙي عورت تي زنا جو ڪيس داخل ٿيو هو. مٿس ڪنهن مرد سان همبستريءَ بعد پيٽ سان ٿيڻ جو الزام لڳايو ويو آهي. مقامي پوليس ٻار جي پيدائش کان پوءِ کيس حراست ۾ ورتي، مٿس زنا جو ڪيس داخل ڪيو. همراهه کي ڪجهه به نه چيو ويو! ٻارڙي کي شهادت طور عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. عدالت کيس رجم (سنگسار ڪرڻ) جي سزا ٻڌائي.

"اختياريءَ وارا ان کي شرعي قانون ٿا چون. اهو سچ ناهي. اسان قرآن پڙهيو آهي، پر ان ۾ عورت سان اهڙي وحشيانه حرڪت ڪرڻ لاءِ ڪوبه دليل ڪونهي. ان جي ابتڙ عورت سان عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ بابت ڪيترين ئي آيتون موجود آهن. اسان جي مذهبي سمجهه مطابق حضرت محمدﷺ جي دوَر ۾ عورت مرد جي برابر هئي. سندن پهرين زال حضرت خديجه رضه هڪ نامياري ڪاروباري عورت هئي. هوءَ

آزاديءَ سان گهمندي ۽ واپار ڪندي هئي. سندن هڪ ٻي زال حضرت زينب رضہ معاشري ۾ هڪ اعليٰ مقام تي فائز هئي. سندن آخري زال حضرت عائشہ رضہ هڪ نامياري شاعره ۽ هڪ مڪمل فوجي اڳواڻ هئي. جيڪڏهن اسان اصل شريعت لاڳو ڪنداسين تہ اسان جي گهڻن اڳواڻن جا هٿ، سرڪاري خزاني کي لُٽڻ سبب ڪاٽيا ويندا. آخر رڳو غريب عورتن ۽ مردن کي ئي سزا ڇو ٿي ڏني وڃي؟

"ٻي ضروري ڳالهہ، اسان سڄي ملڪ ۾ اسڪولي فيءَ وڌائڻ تي، وفاقي دارالحڪومت ۾ احتجاج ڪيو. بي شڪ اسان اُن جي خلاف آهيون. ان احتجاج دوران سوين سپاهين اسان مٿان حملو ڪيو ۽ اسان کي ماريو ۽ ڪجهہ شاگرد ۽ شاگردياڻيون گرفتار ٿيون. سندن دعوي آهي تہ اسان کي پنهنجي مستقبل، ۽ زندگيءَ تي اثر انداز ٿيندڙ معاملن تي ڳالهائڻ جو بہ حق ناهي.

"اهي اڳواڻ اسان سان ٻي دنيا جي مخلوق جهڙو سلوڪ نٿا ڪري سگهن. اسان سيني کي زندهہ رهڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ جو حق آهي. علم ڪنهن جي جاگير ناهي، پر هر ڪنهن جو بنيادي حق آهي. اهو اسان کان ڪوبہ نٿو کسي سگهي. اهي اڳواڻ اڻ پڙهيل آهن...

"ساٿي عورتو! آئون اوهان کي انهن قرضن جو قصو پڻ ٻڌائي ڇڏيان. مثال طور جيڪڏهن اوهان جو مڙس، اوهان جي ڄاڻ ۽ مرضيءَ کان سواءِ الحاج کان ڪجهہ قرض کڻي ٿو ۽ پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان خرچ ڪري ڇڏي ٿو. مثال طور جوا راند ڪيڏي يا شراب پي، ۽ الحاج اچي اوهان کان پيسن جي گهُر ڪري، تہ ڇا اوهان اهي پيسا ڏينديون؟ يا وري اوهان جو مڙس اوهان کان وڏيڪ محنت، ڪاڏي ۾ گهٽتائي ۽ پنهنجن ڪپڙن ۽ زيورن کي وڪڻڻ جو مطالبو ڪري، تہ جيئن اهو قرض لاهي سگهي، جيڪو اوهان جي مرضيءَ کان سواءِ ورتو ويو هو تہ ڇا اوهان ائين ڪنديون؟"

"نہ!"

”تنهن ڪري اسان جو ارادو مضبوط هئڻ گهرجي. اسان اهو قرض ادا نہ ڪنداسين.“ ليليٰ آمنہ ڏانهن ڏٺو ۽ سندن جوشيليون اکيون پاڻ ۾ مليون. اهي هڪ ٻئي کي ڏسي مُرڪيون. آمنہ شاگردن ۾ شاگرديائڻين جي واپسيءَ تي ڏاڍي خوش هئي. هوءَ خوش هئي، جو سندس سياسي مصروفيتون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ هاڻ اهي عورتن جي تعليم تي ڌيان ڏئي سگهنديون.

ان موقعي تي ڪن شاگرديائڻين نعري بازي شروع ڪئي:

”گڏيل سهڪار- سدائين رهندو!

گڏيل سهڪار- سدائين رهندو!

گڏيل سهڪار- سدائين رهندو!

ويڙهہ حقن لاءِ- جاري رهندي!

جاري رهندي، جاري رهندي-

ويڙهہ حقن لاءِ جاري رهندي!“

## باب ٽيويهون

ٽڏ محسوس ٿيڻ ڪري آمنہ چادر ورائي ڇڏي. سندس پيٽ ۾ ڪڙاڻ ۽ اکيون ڏکي رهيون هيون. شام ٿيڻ تائين سندس مٿو بہ چڪرائڻ لڳو ۽ اُٿي ٻيهڻ پڻ مشڪل ٿي ويو هيس. هن پنهنجو مٿو ميز تي رکي، آرام ڪرڻ شروع ڪيو. ٽريڊ يونين جا پنج ميمبر آيل هئا، ۽ آمنہ سندن اڳواڻ جو آواز ٻڌي رهي هئي. اهو سمورين عورتن کي گهر موٽي وڃڻ لاءِ زور وجهي رهيو هو ۽ ڪجهہ رقم ڏيڻ جو واعدو بہ ڪري رهيو هو. ”اسان جلدئي گورنر سان ملاقات ڪري، ان قانون کي ختم ڪرڻ، ٽيڪس گهٽ ڪرڻ ۽ پنهنجي بهترين عهدي جو استعمال ڪندي، مزدورن ۽ عورتن جي حالتن ۾ بهتري آڻڻ جو مطالبو ڪنداسين. گورنر ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي، پر سندس ڪي صلاحڪار سٺا ناهن. مون کي يقين آهي تہ هو اسان جي ڳالهہ ٻڌندو...“

”اسان اوهان جي ڳالهہ ٻڌيسين.“ ليليٰ ڳالهہ کي ڪٽيو. ”آمنہ بيمار آهي. انهيءَ ڪري لارائيءَ عورتن جي نمائندگي ڪندي. ان کان اڳ آئون ڪجهہ چوڻ گهران ٿي. توهان تہ گذريل ٻن سالن دوران عورتن جي انجمن جي هاڪاري قدمن، ۽ حقيقي ترقيءَ تي ڪجهہ داد بہ نہ ڏئي سگهيا! مون کي اهو چوندي ڏک پيو ٿي تہ توهان اڃا گهڻو ڪجهہ پنتي آهيو. هڪڙي چوڻي آهي، ’پوڙهي رهجي ويل، سدائين مار کائيندا آهن/ وڃائيندا آهن.‘ بدقسمتيءَ سان گورنر صاحبؒ اسان جي معاملي ۾ اوهان جي التجا تي غور نہ ڪندو ڇو جو اسان مزدور ناهيون، اسان عورتون آهيون، ۽ اسان جا مطالبا مختلف آهن. جهڙيءَ ريت آمنہ ڪيترا ڀيرا چئي چڪي آهي تہ اسان مردن جي نہ، پر قانون جي خلاف آهيون.“

آمنہ ذڪرڻ شروع ٿي وئي ۽ سندس ڏند ڪڙڪڻ لڳا. نرسن اچي ڪيس دوا پياري ۽ بسترو ٺيڪ ڪري ڪيس ليٽائي ڇڏيو. سندس سموري بدن کي چڱيءَ طرح ڍڪيائون. هن جي بيماريءَ جي ڪري عورتن جو مزاج تبديل ٿي رهيو هو. اهي هاڻ مونجهاري ۽ مايوسيءَ جو شڪار لڳي رهيون هيون. اسٽوڊنٽ يونين هڪدم ماحول جي بهتريءَ لاءِ ڪم شروع ڪري ڏنو. انهن بحث مباحثي جي ويهڪن ۽ ڊرامن جو سلسلو شروع ڪيو تہ جيئن حوصلا بلند رهن.

رات جي مانيءَ کان پوءِ عورتون پيهر باهہ ٻاري گڏ ويهي رهيون. آمنہ دوا جي استعمال کان پوءِ بهتر محسوس ڪري رهي هئي. تنهن ڪري هوءَ بہ انهن ۾ اچي ويٺي. لارائيءَ رضاڪارانہ طور ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي:

”هڪ پيري جي ڳالهہ آهي، تہ ڳوٺ ڊيمبيءَ ۾ هڪ امير شخص، پنهنجي خوبصورت عرب شوآ زال سان گڏ رهندو هو. هوءَ ايتري تہ سهڻي هئي جو ماڻهو ڪيس شهزادي سڏيندا هئا. اهو شخص واپاري هو ۽ سڄي دنيا پيو گهمندو هو. پنهنجي واپاري سفرن ۽ حج روانگيءَ کان اڳ، هُن پنهنجي سڀ کان ويجهي دوست کي سڏايو ۽ ڪيس پنهنجي نئين زال جي خيال رکڻ جي ذميواري حوالي ڪيائين.

”امير ماڻهوءَ جي روانگيءَ کان ٽي ڏينهن پوءِ اهو شخص شهزاديءَ وٽ آيو ۽ ڪيس ويجهي ٿيڻ جي ڪوشش ڪيائين پر هن ڪاوڙ مان انڪار ڪري ڇڏيو. دوست مُرڪي چيو: ”مون تہ مذاق پئي ڪيو ڇا اُتر پاسي ان قسم جو ڪل پوڳ نہ ڪيو ويندو آهہ؟“

”جڏهن اهو امير شخص واپس موٽيو تہ هن پنهنجي ان دوست کي سڏايو. رات جو مانيءَ دوران سندس زال، پنهنجي مڙس جي غير موجودگيءَ ۾ ٿيل اهڙي عجيب واقعي جو ذڪر ڪرڻ واري هئي، تہ امير شخص جو دوست جلديءَ ۾ اُٿيو ۽ ٻاهر ڀڄي ويو. امير شخص ۽ سندس زال اهڙي رَويي تي حيران پريشان هئا. ’ها!‘ هن چيو. ’اوهان جي غير موجودگيءَ ۾ اسان جي پاڙيسريءَ کي هڪ چريو ٻار ڄائو.‘“ مانيءَ کان پوءِ عورت کي احساس ٿيو تہ هو انهيءَ ڪري ٻاهر ڀڳو هو جو متان آئون

سندس اها حرڪت تفصيل سان ٻڌائي نہ ويهان. پوءِ هن پنهنجي مڙس کي سڄي ڳالھہ ٻڌائي. "اڄ سوڊو"، لارائيءَ ڪهاڻي ختم ڪندي چيو "اهو واپس ڳوٺ ۾ ناهي آيو."

عورتون کِلڻ لڳيون. ليليٰ پنهنجي ڇاتي مهتيندي ۽ ڳلهن کي لوڏيندي اڳتي وڌي، ۽ عورتن کي پنهنجا قصا ٻڌائڻ جو چيائين.

"آئون اوير واري حصي جي آهيان." ناگوزيءَ چيو. "مون کي ويجهڙائيءَ ۾ ٽي جنرل اسپتال مان ڪڍيو ويو آهي. پيشي جي لحاظ کان آئون هڪڙي نرس ۽ دائي آهيان..."

ڪمزوريءَ جي احساس سبب آمنہ اُٿي، ۽ هڪڙي نرس سان گڏ اڳتي هلڻ لڳي. نرس جانچ کان پوءِ کيس ڪجھہ گوريون ڏنيون. ڪجھہ دير کان پوءِ هوءَ واپس موٽي، ۽ خاموشيءَ سان لارائيءَ جي ٻانهن ۾ ويهي رهي. لارائي چپن ۾ پٽڪي، "هر ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ اهو اندازو لڳائڻ ڏُکيو ٿيو پوي، تہ ڪي ماڻهو ٻين سان ڪيتري حد تائين ظلم ۽ زيادتي ڪري سگهن ٿا."

"ڇا ٿيو؟" آمنہ پُڇيو.

"ناگوزي هينئر ٽي نائيجيريا جي اتر واري ڀاڱي ۾ عورتن جي حالتن تي روشني وِڌي هئي. خاص طور شاديءَ دوران ڪنوار جي عيوض ملندڙ ڏاج جي وڏي مقدار ۽ عورتن تي ان جي اثرات بابت تفصيلي ڳالھہ ٿي. اهو سڀ ٻڌڻ کان پوءِ عورت هڪڙي 'شيءِ'، ۽ پيءُ جو گھر هڪ 'مارڪيٽ' لڳي ٿو. ڇوڪرين جو ملھہ سندن تعليم ۽ خانداني حيثيت کي اڳيان رکي مقرر ڪيو ويجي ٿو. هن چيو تہ انهيءَ ڪري ملڪ جي هن حصي ۾ جسم فروشيءَ جي شرح سڀ کان وڌيڪ آهي."

"ناگوزيءَ کان پوءِ ماما آيابو ملڪ جي مغربي حصي جي عورتن جي حالتن جو ذڪر ڪيو. هن ٻڌايو تہ سندس ڳوٺ ۾ ڇوڪرين جي عضوي کي ڪاٽڻ جو رواج عام آهي. ان کان علاوه عورتن جي عمر هڪ خاص حد تي رسڻ کان پوءِ، سندن عضوا ڪاٽڻ ضروري سمجهيو ويجي ٿو تہ جيئن کين ڌارين مردن سان تعلقات جوڙڻ کان روڪي سگهجي."

”۽ هوءَ جيڪا هاڻ هتي ويٺل هئي؟“ آمنہ پڇيو.

”اها ٻڪاروءَ جي ان حصي ۾ جسم فروشي ڪندي آهي، جنهن کي ’پرين جو ديس‘ چون ٿا. هن قبول ڪيو تہ وٽس ڪو ٻيو ذريعو نہ هجڻ ڪري، هن اهو ڪم شروع ڪيو. هوءَ هڪ واپاريءَ سان گڏ، پنهنجي شاديءَ شده زندگي گهاري رهي هئي. اهو هڪ سياسي جماعت جو عهديدار پڻ هو. چوندي ڪان پوءِ سندس مڙس ٻي شادي ڪري ورتي. ٻي زال چيس تہ هوءَ ڪنهن ٻيءَ عورت سان گڏ هڪ ڇت هيٺان نٿي رهي سگهي، تنهن ڪري مڙس کيس گهران ڪڍي ڇڏيو. هُن ڪورٽ جا در کڙڪايا. اتي سندس ملاقات هڪڙي ڏوڪي باز شخص الحاج عليو سان ٿي، جيڪو دلال هو. عليو کيس طلاق لاءِ راضي ڪيو ۽ کيس هڪ سٺي زندگيءَ جو خواب ڏيکاريو. پر پوءِ هو کيس پنهنجي هڪڙي ’رنن جي واڙي‘ ۾ ڇڏي ويو...“ لارائي خاموشيءَ سان ٻيون ڪهاڻيون ٻُڌڻ لڳي.

”منهنجو نالو رقيہ آهي.“ هڪ ٿلهي ٿنيري عورت سخت لهجي ۾ چيو. ”آئون هڪ واپاري آهيان. ڪجهہ سال اڳ، منهنجي پيءَ جي موت کان پوءِ، منهنجي لاءِ مسئلا شروع ٿيا. جڏهن ملڪيت جو حصو ڪيو ويو تہ شروعات ۾ منهنجي ڀائرن مون کي ڪجهہ بہ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. سندن دعويٰ هئي تہ اسلام ۾ عورت وراثت جي حصيدار ناهي. مون سخت مزاحمت ڪئي ۽ قرآن جي حوالي سان اها دعويٰ ثابت ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. انهن مون کي هڪڙي آيت ڏيکاري، پر آئون عربي نہ پئي ڄاڻان، سو مون پنهنجي پيءَ جي ملڪيت مان حصي حاصل ڪرڻ جو مطالبو جاري رکيو. منهنجي مضبوط ارادي سبب، انهن مون کي زمين جو هڪڙو ننڍڙو ٽڪرو ڏئي ڇڏيو. ان کان علاوه ٻين شين مان انهن مون کي ڪجهہ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. توڙي جو ٻين شين ۾ بہ منهنجو حصو هو ۽ مون اهو وٺڻ چاهيو پئي.

”هڪ رات چورن، مارڪيٽ اندر منهنجي دڪان کي لُٽيو. پوءِ مون هن عورت، ڪولوءَ لاءِ ڪم جي شروعات ڪئي. توهان کي خبر آهي تہ هوءَ هڪ اسمگلر آهي، ۽ عورتن جي مدد سان پنهنجيون غير قانوني

شيون وڪرو ڪندي آهي. هڪڙي ڏينهن منجهند ويلي ڪسٽم جي ملازمن مارڪيٽ تي ڇاپو هنيو ۽ سڀ ڪجهه ضبط ڪري ڇڏيو. اسان سيڻيءَ کي پڻ حراست ۾ ورتو ويو. اسان کي جڏهن جج جي اڳيان پيش ڪيو ويو، تڏهن مون سڀ ڪجهه سچ سچ ٻڌائي ڇڏيو پر جڏهن ڪولوءَ کي عدالت ۾ سڏيو ويو. ته هن مون ساڻ پنهنجي ڪنهن به ڪاروباري تعلق کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. جج هڪ عورت هئي. ان چيو ته ڪولو تعليم يافته ۽ سٺي ڪردار جي مالڪ آهي. ان کان سواءِ هوءَ بلدياتي حڪومت جي سيڪريٽريءَ جي زال آهي، ۽ هوءَ اسمگلنگ ذريعي ملڪي معيشت کي لاڳو خطرن کان چڱيءَ طرح واقف آهي. هن فيصلو ڏنو ته مون ڪوڙو قسم کنيو آهي ۽ هڪ معزز شهريءَ تي الزام لڳايو آهي. ان کان پوءِ هن مون کي ٽي مهينا قيد جي سزا ٻڌائي، ۽ ڏنڊ پرڻ جو اختيار به نه ڏنائين. آمنه ان ڪيس بابت سڀ ڪجهه ڄاڻندي هئي. هوءَ مون سان جيل ۾ ملڻ به آئي هئي.

”اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ هڪ مارڪيٽ جي هڪڙي عام عورت اسمگلنگ ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟ اُن ڏينهن مون کي سماجي انصاف بابت ڪيون ويندڙ گهٽيون ڳالهيون سمجهه ۾ آيون. اميرن ۽ بااثر ماڻهن لاءِ ته انصاف آهي، پر اسان جهڙن غريب ماڻهن لاءِ انصاف رڳو اڳتي جهان ۾ ٿي هوندو! مون کي آخرت تي ايمان آهي، ۽ مون کي يقين آهي ته ان ڏينهن الله تعاليٰ ڪولوءَ تي مقدمو هلائيندو. مون کان سوال جواب ٿيندا ۽ پوءِ حقيقي انصاف ٿيندو.

”سڀ ماڻهو زنده رهڻ لاءِ ڏاڍي محنت ڪن ٿا، پوءِ به منهنجو خيال آهي ته هتي موجود عورتن کي زنده رهڻ لاءِ گهڻي محنت ڪرڻي پوندي“ لارائي چيو.

”ٺيڪ ٿي چوين.“ آمنه ڪنڌ لوڏي چيو.

”رقيه! تنهنجي زمين جو ڇا ٿيو؟“ هڪ عورت پڇيو.

”قيد دوران مون منصوبو جوڙيو هو ته هتان کان آزاد ٿيڻ بعد، پنهنجي زمين وڪڻي، ڪو نئون ڪاروبار شروع ڪنديس، پر جڏهن

آئون ٻاهر آيس ته ڪولوءَ منهنجي هڪڙي فوجي ياءَ سان ملي ڊوهه ڪيو ۽ ملڪيت جا ڪاغذ تبديل ڪري ڇڏيا. آئون اتي پهتيس ته مون کي ڌڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون. آئون ڪولوءَ کي پيهر عدالت ۾ وٺي آيس، ۽ مون جج سامهون پنهنجا ڪاغذ پيش ڪيا. تڏهن به ڪولوءَ جا ڪوڙا ڪاغذ عدالت قبول ڪري ورتا. عدالت مون کي ڪولوءَ جهڙي معزز شهريءَ کي پيهر تنگ نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پيهر اهڙي غلطيءَ جي حالت ۾ منهنجي خلاف سخت ڪارروائي جي ڌمڪي به ڏني وئي.

”پوءِ مون گهرن اندر ماني پچائڻ ۽ گاڏين جي بازار ۾ شين وڪڻڻ جو ڪم شروع ڪيو. هاڻ گهورڙيئي واري ڪم تي به پابندي مڙهي وئي آهي، ۽ مون جهڙين گهرن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن تي به ٽيڪس مڙهيو ويو آهي. اسان اهو ٽيڪس ڀرڻ لاءِ ڪٿان پيسا آڻينداسين؟ آئون بس اهو سوچي چُپ ٿي ويندي آهيان، ته مون کي خدا تي ڀروسو آهي، ۽ هڪڙي ڏينهن انصاف ٿيندو.“

”هاڻي سُمهڻ جو وقت ٿي ويو آهي.“ آمنه چيو. اڃا ڪوڙ ساريون مشڪلاتون باقي آهن. سڀاڻي هڪ وفد شهر وڃي صحافين سان ڳالهائيندو ۽ جيڪڏهن حڪومت راضي ٿي، ته ان سان به ڳالهه ٻولهه ڪبي.“

## باب چوويھون

آمنہ ڪنهن سببان سمهين نہ پئي سگهي. رات ڏيري ڏيري گذرندي رهي. آخر جڏهن کيس ڪجهہ ڳهر محسوس ٿي، تہ صبح ٿيڻ وارو هو ۽ کيس جلد اُٿڻو هو. سج بہ اڄ جدي اُپري آيو هو. آمنہ آهستي رڙهندي هيڊ ماسٽر جي آفيس مان ٻاهر آئي، ۽ آهستي آهستي فوٽ بال جي ميدان ڏانهن وڌڻ لڳي. تيز هوا جي آڏان آسمان ۾ بادل تيز تيز ڊوڙي رهيا هئا. سج اڃا تپش پکيڙڻ شروع نہ ڪئي هئي، ۽ هوا ۾ پکين جا گيت گونجي رهيا هئا. آمنہ اُتي بيهي بڪاروءَ جي شهر ڏانهن ڏسڻ لڳي. شهر ڪنهن قالين وانگر سندس اڳيان پکڙيل هو. فطري سُونهن سان سجايل هيءُ علائقو ڏاڍو سهڻو لڳي رهيو هو. مگر انسان ان کي تباهہ ڪرڻ پئي گهريو!

آمنہ موٽي، نيرن ڪرڻ لاءِ خيمي ۾ آئي. هڪڙي نرس کيس سُور کان بچڻ لاءِ ڪي گوريون ڏنيون. هن بہ گوريون کائي، ٻيون رکي ڇڏيون. جڏهن هوءَ چپن کي سرخي لڳائڻ کان پوءِ، جسم تي خوشبوءِ لڳائي رهي هئي، تہ کيس اوچتو ڳالهين ٻولهين واري اجلاس لاءِ سڏ ٿيو. ڳالهين دوران اوچتو پري کان ٻُڌڻ ۾ ايندڙ سائرن جي آواز سيني کي چُپ ڪرائي ڇڏيو. تجربيڪار شاگرد هڪدم آواز سُڃاڻي ويا. اهو گشتي پوليس 'ماريو ۽ اڳتي وڌو' جي گاڏين جي سائرن جو آواز هو. پيٽر ايڪن هڪدم عورتن کي ميدان ۾ گڏ ٿيڻ لاءِ رڙيون ڪرڻ لڳو.

"ساٿي عورتو!" آمنہ پنهنجي آواز کي سگهارو بڻائيندي چيو "انهن آخرڪار پوليس موڪلي آهي، مهرباني ڪري ڊڄجو نہ! منهنجي صلاح آهي تہ شاگرد، نرسون، پوڙهيون ۽ پيٽ سان عورتون، معذور نابين ۽ ٻار

پهاڙيءَ جي پٺيان هليا وڃن، ۽ ٻي رستي ذريعي جلد کان جلد شهر ڏي واپس هليا وڃن. انهن جي پهچڻ کان اڳ هتان هليا وڃن.“

اهي هڪدم روانا ٿيا. انهيءَ دوران هڪڙو دستو پل جي ويجهو پهچي ويو. آمنہ هڪڙي پوليس جي گاڏي، هڪ لينڊرووو ۽ پوليس سان پريل ڇهہ ٽرڪون ڏٺيون. هن ڊگهو ساهہ ڀريو. سندس دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي. آخرڪار سچ مٿس ظاهر ٿي پيو. هيءَ ڏينهن يوم حساب جو آهي.

”هلو ڀڄي هلون، ۽ آمنہ کي انهن سان معاملن تي ڳالهائڻ ڏيون.“ مائرو لارائيءَ کي صلاح ڏني.

”تون چاهين تہ وڃي سگهين ٿي، آئون آخري دم تائين آمنہ سان گڏ هونديس. جيڪڏهن اسين ڀڄاسين تہ پوليس اسان جو پيڇو ڪنديءَ ڪنهن معذور يا پيٽ واري عورت کي پڪڙي وٺي تہ! هتي رهي سندن حفاظت ڪرڻ بهتر آهي.“ لارائيءَ آمنہ ڏانهن وڌندي چيو.

آمنہ هڪ پيرو پيهر مُڙي، سيني عورتن ڏانهن ڏٺو اهي ڊپ کان اڪين سان ڏانهس ڏسي رهيون هيون. ”منهنجون عزيز عورتو!“ هن چيو ”اها اسان جي امتحان جي گهڙي آهي، اسان ڪيترن ئي مسئلن جا جبل جهاڳيا آهن، ۽ خدا جي فضل سان اسان هيءَ توڙي ٻيا سمورا جبل جهاڳي وينديونسين.“ آسمان تي گهاٽا بادل پکڙجي چڪا هئا، ۽ عورتن جا ڪپڙا ٽڙڪي رهيا هئا. آمنہ پنهنجو پاڻ سنڀاليو ۽ چيو ”اسان قانون جي خلاف ورزي ناهي ڪئي. اسان خوف ۽ حراس ناهي پکيڙيو. اسان قانون جو احترام ڪندڙ پرامن شهري آهيون، ۽ پوليس جو ڪم شهرين جي حفاظت ڪرڻ آهي، ڪين قتل ڪرڻ ناهي، ڊڄو نہ!“

آمنہ جوماٽي ۽ لارائي پُل ڏانهن ويون، جڏهن تہ ٻيون عورتون آمنہ جي حڪم موجب پنهنجي جاءِ تي ويٺل رهيون. ڪن پوليس وارن آرام سان پُل تي موجود رڪاوٽ هٽائي ۽ اڳتي وڌيا. سندن پويان هڪ نيري جيپ، هڪ لينڊرووو ۽ ڇهہ ٽرڪون پڻ اڳتي وڌيون. هنن ڏٺو تہ سيئي سپاهي ڪنهن هنگامي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ پوري ريت ليس هئا. هوا ۾ شور پکڙيو پر سڀ پنهنجي جاءِ تي موجود رهيا.

خاڪي وردي ۽ پڳڙيءَ ۾ ملبوس هڪ ڍگهو شخص انهن ڏانهن وڌيو. ڪيس ڪارو چشمو پاتل هو. ڳچيءَ ۾ هڪ دوربين لٽڪي رهي هئس، پيٽ جي چوڌاري پٽو ٻڌل هئس، جنهن ۾ هڪ پستول لٽڪي رهيو هو. آمنہ ان ڏانهن تي وکون اڳتي وڌي بيهي رهي. "ڀلي ڪري آيا!" آمنہ چيو.

"مهرباني!" سپرنٽينڊنٽ چيو. سندس لهجو دوستاڻو نہ هو ۽ گڏوگڏ هن پنهنجي پستول ڏانهن هٿ وڌائيندي سخت لهجي ۾ چيو "اسان هتي امن قائم ڪرڻ آيا آهيون."

"اسان امن جي دائري اندر آهيون." آمنہ پُرسڪون انداز ۾ چيو.

"قانون بابت اڻ ڄاڻائي ڪو دليل ناهي. توهان جي انجمن مٿان پابندي لڳل آهي. توهان رنڍين، آواره ۽ شيطانن جو هڪ ٽولو آهيو!"

"منهنجي ڳالهہ ٻڌو!" جومائيءَ پنهنجي جاءِ تي بيٺي، هڪندڙ آواز ۾ چيو. پوءِ آمنہ ڏانهن وڌندي آمنہ کي هڪ پاسي ڪيائين، ۽ پوليس آفيسر جي سامهون بيهي چوڻ لڳي: "اسانورديءَ ۽ پستولن کان نٽا ڍچون. تو اسان کي گار ڇو ڏني؟ جيڪڏهن اوهان اسان کي گرفتار ڪرڻ آيا آهيو تہ ڪريو... جيڪڏهن تو اسان کي رنڍي چيو تہ اهو ياد رکجانءِ، تنهنجي ماءُ بہ اسان سان گڏ آهي، ۽ انهيءَ حساب سان تون حرامي آهين."

آفيسر جي مُنهن تي ڪاوڙ ظاهر ٿي رهي هئي، پر جومائي سندس اڳيان بيٺي رهي. هُن مُڙي جواب ڏنو "حرامڙي سُوئر! چُپ ٿي! ورنہ گوليءَ جو ڪاچ ٿي ويندينءَ. آئون توکي خبردار ٿو ڪريان تہ ايئن نہ ٿئي جو منهنجو مٿو ڦري وڃي!"

"ڦِري وڃي، ان جي ڪنهن کي پرواهہ آهي! آئون تنهنجي گوليءَ جو مُرڪي مقابلو ڪنديس، منهنجي دل وڏي آهي." جومائي سينو تاڻي جواب ڏنو.

آمنہ کيس ٻانهن کان جهلي، ڌيمي لهجي ۾ چيو "جومائي! ماٺ ڪر! انهن کي ڀڙڪاءِ نہ!"

"آئون اوهان سينيءَ کي اُٿڻ جو حڪم ٿو ڏيان ته اُٿو! ڀڄو!" آفيسر رڙ ڪندي چيو.

"ٺيڪ آهي. آئون انهن کي سڏيان ٿي." آمنه کيس يقين ڏياريو ۽ عورتن ڏانهن مُڙي. عورتن جي چهري تي موجود عجيب تاثر کيس هڪدم واپس مڙڻ تي مجبور ڪيو. هن جومائيءَ کي پوليس آفيسر ڏانهن ڊوڙندي ڏٺو. جومائي ويجهي پهچي، کيس پيٽ کان جهليو ۽ پُل وٽان نديءَ ۾ اڇلي ڇڏيو.

سمورا ششدر ٿي ويا. ٻه يا ٽي پوليس وارا هڪدم نديءَ ۾ ٽپي ويا، ۽ ڪن ٻين ٽرڪن مان لهي جومائيءَ کي پڪڙيو. آمنه دهشت وچان بيٺي مُڪن جو آواز ٻُڌي رهي هئي. پوليس وارن پنهنجي آفيسر کي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍيو ۽ سندس چشمي، دوربين ۽ پڳڙيءَ کي لاٿو. پوءِ هن پنهنجي پستول مان پاڻي ڪڍيو. هڪ ٻيو پوليس آفيسر لائوڊ اسپيڪر کڻي سپرنٽينڊنٽ وٽ آيو ۽ کيس جهنجهوڙيندي چيائين: "اسان کي حڪم ڏيو!"

پوليس وارن نائب سپرنٽينڊنٽ جي اڳواڻيءَ ۾ ٽي صفون جوڙيون. اهو ڏسي، آمنه ڊوڙندي ٻين عورتن وٽ آئي. سندس ماتا هاٿو مُنهن، ڳاڙهيون اکيون ۽ وڏيون مُڇيون صاف صاف نظر اچي رهيون هيون. پوليس وارن وٽ شاٽ گن، ڪوڙا ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گيس جا شيل هئا. آفيسر حڪم ڪيو "آئون پوليس سپرنٽينڊنٽ آسڪر ڊينگورو پوليس ڪمشنر جي قائم مقام جي حيثيت ۾ سمورن مظاهرين کي منتشر ٿي وڃڻ جو حڪم ٿو ڏيان. جيڪڏهن اهين نه ٿيو ته سمورن کي حراست ۾ ورتو ويندو." هو خاموش ٿي پوليس وارن ڏانهن موٽيو ۽ چيائين، "آئون سمورن آفيسرن ۽ دستي جي سيني ميمبرن کي اڳتي وڌڻ، انهن آواره عورتن کي هڪدم پڪڙڻ جو حڪم ٿيو ڏيان!"

نائب سپرنٽينڊنٽ وڏي سر حڪم جاري ڪيا، ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ ڳوڙها آڻيندڙ گيس جو شيل عورتن جي وچ ۾ ڦاٽو. ٻهرين ته سيئي ان مان نڪرندڙ گيس کي غور سان جانچڻ لڳيون. پوءِ سيئي ڪنگهڻ ۽

نِڇون ڏيڻ لڳيون. سيني جا مُنهن ڳوڙهن سان تري ويا. عورتن جي رڙين
كان پوءِ پچ ڊڪ شروع ٿي وئي. ڪافي عورتون هجوم مان نڪرڻ لاءِ اتي
هڪ ٻئي سان وڙهڻ لڳيون. ان بعد ٻي حڪم ملڻ تي پوليس عورتن مٿان
ڪارروائي شروع ڪري ڏني. آمنہ کي ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو. هن
مشڪل سان پنهنجا ڳوڙها اُگهيا. ڪا شيءِ آمنہ جي مٿي ۾ لڳي. اهو
سندس تصّور کان بہ دردناڪ تجربو هو. هوءَ ٽِڙي ٽاپڙي، پيو ڏڪ سندس
ڇاتيءَ تي لڳو. هن رڙ ڪئي: "رحم ڪريو!" پر سندس دانهن هوا ۾
موجود رڙين ۾ دٻجي وئي. هن پنهنجين پنل اکين سان هڪڙي هيمليٽ
پهريل پوليس واري کي ڏٺو. اهو سندس اڳيان بيٺل هو. هن پنهنجي تنگ
هوا ۾ ڦيري، پوري طاقت سان پنهنجو ڳرو جوتو آمنہ کي هنيو. آمنہ جون
تنگون جواب ڏئي چڪيون هيون، ۽ هوءَ ڪِري پئي. پوءِ بہ کيس لتون
هڻندو چوندو رهيو "اُٿي بيهہ! اُٿي بيهہ!" خطري طور آمنہ پنهنجي جسم
کي سنڀالي، پاڻ کي بچائڻ لاءِ زمين تي رڙهڻ لڳي. پوءِ بہ هوءَ لوهہ جي
پٽيءَ واري جُوتي کان نہ بچي سگهي.

سندس چوڌاري دير تائين اهو ظلم ستم ٿيندو رهيو. پوءِ اچانڪ
پوليس وارو پوئتي هٽي ويو. آمنہ ليٽڙيل حالت ۾ لارائيءَ کي پوليس واري
سان وڙهندي ڏٺو. هن پاڻ کي بچايو ۽ پچڻ لڳي. پوءِ سندس ڪنن ۾
هڪ خوفناڪ آواز آيو. کيس احساس ٿيو تہ اهو گوليءَ جو آواز آهي.
آمنہ مُڙي ڏٺو تہ لارائيءَ جا هٿ مٿي کنيل هئا. هن آهستي آهستي بہ ٽي
وِکون کنيون ۽ پوءِ پٽ تي ڪِري پئي. آمنہ کي اهو سڀ هڪ خواب لڳي
رهيو هو.

ائين لڳو ڄڻ اهو لمحو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو. کيس شين جي
ٽُٽڻ ڦاٽڻ جا آواز ڪنن تي پيا. اچانڪ کيس احساس ٿيو تہ اهو سندس
ساهن جو آواز آهي. نائب سپرنٽينڊنٽ کيس ٻانهن مان جهليو گهليندو
پاڻ سان گڏ وٺي ويو. ان سان گڏ اهو لاڳيتو حڪم ڏيندو رهيو. اهو آمنہ
کي وٺي پنهنجي آفيسر وٽ پهتو ۽ زمين تي لت هڻي چوڻ لڳو:
"جناب! آپريشن هاٽ واٽر ڪامياب ٿي ويو آهي! سمورين باغين کي

غير مسلح بڻايو ويو آهي، ۽ هاڻي اهي اسان جي حراست ۾ آهن. اسان جي دستي کي ڪوبہ نقصان ناهي پهتو. دستي کي واپس هيڊ ڪوارٽر وڃڻ جي اجازت آهي؟"

"اجازت آهي." پنل ڪپڙن ۾ ملبوس آفيسر چڙ مان چيو.

آمنہ کي ليندرُوور پنيان ويهاريو ويو. اتي جومائيءَ اڳ ۾ ويٺل هئي. سندس نڪ ۽ وات مان رت ڳڙي رهيو هو. ان کان اڳ جو هوءَ ڪجهہ ڪري، کيس گاڏيءَ مان هيٺ پٽ تي ويهڻ جو حڪم ڏنو ويو. پوليس وارا سندس چوڌير ويهي رهيا، ۽ انهن مان ڪن ڇاتي واٽي کيس پيٽ تي لتون هنيون. جڏهن آمنہ ان تي احتجاج ڪيو تہ هڪڙي ڪِلي چيو: "خاموش! اها تنهنجي ئي غلطي آسي. اڃا تہ ڪجهہ بہ ناهي ٿيو جيستائين تنهنجي اکين مان رت نٿو ٽِمي، تيستائين توکي رڙيون ڪرڻيون پونديون."

نائب سپرنٽينڊنٽ ڊرائيور ۽ سوارين کي الڳ ڪرڻ لاءِ شيشي مان پٺيان ڏٺو. پوءِ هن اچانڪ ڊرائيور کي گاڏيءَ بيهارڻ لاءِ چيو. هن گاڏيءَ مان لهي آمنہ کي ٻاهر ڪڍيو. هن آمنہ کي اڳين سيٽ تي ويهڻ ۾ مدد ڪئي، ۽ پوءِ ساڻس گڏ ويهي رهيو. پوليس اسٽيشن جي رستي وچ ۾، هو کيس اهو ياد ڏيارڻ لاءِ غضبناڪ طريقي سان گهوريندو رهيو تہ هوءَ ڪنهن بہ طريقي پڇي نٿي سگهي.

پوليس اسٽيشن تي سپرنٽينڊنٽ، ٻين آفيسرن سان ڊگهي بحث کان پوءِ، عورتن کي بڪاروءَ جي جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو. شهر جو اهو اڪيلو جيل خانو هو. هڪ ڊگهي سفر کان پوءِ آخرڪار اهي شهر جي اڪيلي جيل خاني پهچي ويا. آمنہ کي پنجن پهريدارن وچ ۾ ڪوٺڙيءَ ڏانهن موڪليو ويو. جن کيس ڪوٺڙيءَ ۾ ڌڪو ڏئي، لوهي دروازو بند ڪري ڇڏيو.

هن ڪمري تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. سندس بُت درد ۾ ورتل هو. اهو سندس زندگيءَ جو سڀ کان وڏو دردناڪ تجربو هو. اهڙو تجربو تہ رشيد جي ولادت وقت بہ نہ ٿيو هو. تڪليف اِپٽري تہ گهٽي هيس، جو کيس لڳو

پئي تہ ڄڻ پوري پوليس برگيڊ مٿس پريڊ ڪئي هجي. هوءَ بستر مٿان اونڌي ٿي سُمهي رهي. هوءَ پنهنجي ذهن کي ان هيبتناڪ حقيقت کان آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ هئي. پر ان جي ابتڙ هوءَ ايندڙ مشڪلن بابت سوچڻ لڳي. هوءَ وڏيڪ ڏُکيائين کي ڪيئن منهن ڏيندي، ڪيس جي نوعيت ڪهڙي هوندي ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪيستائين هلندو. هوءَ سوچيندي سوچيندي سمهي رهي. جڏهن جيل جي رکوالي کيس جاڳايو تہ کيس وقت ۽ ڏينهن بابت ڪابہ سُڌ نہ هئي. هن نہ پئي ڄاتو تہ هوءَ ڪيتري دير ستل هئي. مدهوشيءَ جي حالت ۾ کيس ٻڌايو ويو تہ الحاج هارون ساڻس ملڻ چاهي ٿو.

”کيس چئو تہ سڀاڻي اچي. آئون ڪمزوري ۽ بيماريءَ سبب هن وقت ڪنهن سان بہ نٿي ملي سگهان.“ هن جهيڻي آواز ۾ چيو. آمنہ کي احساس ٿيو تہ رکوالي جي دل ۾ هن لاءِ همدردي آهي. هو مُڙيو تہ آمنہ ٻيهر چيو: ”واندو ٿيئن تہ مهرباني ڪري هيڏانهن اچجانءِ.“ اونداهيءَ ۾ ستل هجڻ سبب کيس لڳو تہ ڄڻ هوءَ ڪوٺيءَ ۾ تري رهي هجي. پوءِ هُن پنهنجي تباهہ حال ۽ سُڃيل جسم کي رحم واري نظر سان ڏٺو.

جڏهن رکوالو آيو تہ ڪافي انڌيرو ٿي چڪو هو. سندس آواز ٻڌندي ئي آمنہ جي جسم ۾ ٻيهر سُور ٽپي آيو ۽ هوءَ اُٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. هو دروازي جي دريءَ وٽ آيو ۽ سڏ ڪيائين. صاف ڇهري واري اُن شخص جو نالو گمبو هو. هو مُرڪندي جُهڪيو.

آمنہ گمبوءَ کي 'علحدگي' واري تحريڪ ۽ عورتن جي انجام بابت ٻڌايو. ڳالهہ ٻولهہ دوران گمبوءَ کيس پنهنجي نوڪريءَ ۽ هتان جي حالتن بابت کيس ڄاڻ ڏني. آمنہ کي يقين ٿي ويو تہ سندس اندازو درست هو. هيءُ سندن دشمن نہ پر دوست آهي. پوءِ بہ اهو غريب شخص هڪ ڪِني نوڪري ڪري رهيو هو.

”آئون پنهنجي مڙس کي خط لکڻ گهران ٿي.“ آمنہ ٻڌايو ”ڇا تون هڪڙي ڪاغذ ۽ قلم جو بندوبست ڪري سگهين ٿو؟“

”پر اهو تہ سڀاڻي اچي رهيو آهي.“ گمبو چيو.

”مهرباني ڪري اهو ڪر، جيڪو آئون چئي رهي آهيان.“ هن مُسڪرائيندي چيو.

هن اکيون جهڪايون ۽ هليو ويو. ڪجهه دير کان پوءِ هو هڪ استعمال ٿيل ڪاپيءَ ۽ قلم ساڻ ڪري موٽيو. هن مذاق ڪندي چيو ”لکيل پڙهيل عورتون به وڏو ويل آهن!“ آمنه مُسڪرائي ڪيس پين عورتن بابت معلوم ڪرڻ ۽ انهن جي حال ٻڌائڻ جو چيو. هن فاطمه کي خط لکڻ جو فيصلو ڪيو.

”پياري فاطمه!“

بڪاروءَ جي جيل جي ڪوٺڙيءَ مان تنهنجي ۽ تنهنجي سمورن ساٿين جي مدد، ۽ اسان جي همدردن جي همدرديءَ لاءِ، مهرباني ۽ ڪوڙ ساريون دُعائون موڪلي رهي آهيان. هتان جي رکوالي مون کي جيل جي هيبتناڪ ماحول بابت ڄاڻ ڏني آهي. مون جواب ۾ کيس پنهنجي تحريڪ ۽ بهتر زندگيءَ خاطر جدوجهد جي طريقي ڪار بابت ٻڌايو آهي.مون کي هتي اچي خبر پئي ته جيل جا رکوالا/ چوڪيدار مزدورن جو اهو طبقو آهي، جن جي مسئلن جي اسان کي ڪا به ڄاڻ ناهي. سرڪاري ملازمن مان اهي سڀ کان گهٽ پگهار کٽندڙ آهن. هن مون کي ٻڌايو ته قيدين جي وردي خريدڻ لاءِ پيسا ناهن، ۽ جيڪڏهن گهر وارا پيسا نه موڪلين، ته قيدين کي اُگهاڙو رهڻو پئجي وڃي! جيڪڏهن حالتون ائين ئي رهيون، ته سگهوئي قيدين کي پنهنجو ڪاڏو به پاڻ هٿ ڪرڻ جو حڪم ملي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن سندن مائٽ اهڙو بندوبست نه ڪري سگهيا، ته ڪين بکيي مرڻ جي آزادي هوندي!

آئون سومر ڏينهن پنهنجي ڪيس شروع ٿيڻ جو انتظار ڪري رهي آهيان. جيڪڏهن اسان کي قيد جي سزا ٻڌائي وئي، ته مون کي يقين آهي ته تون ۽ تنهنجا ساٿي ان تحريڪ کي جاري رکندا. تنهنجي اڳيان سڀ کان پهريون ڪم، اجا وڏيڪ عورتن ۽ مظلومن کي اسان جي تحريڪ ۾ شامل ڪرڻ آهي. تون يقيناً علحدگيءَ واري تحريڪ دوران عورتن جي جوش جذبي، ۽ ثابت قدميءَ تي فخر محسوس ڪندي

هوندينءَ. آئون اڪيلي هجڻ سبب، سمورين حالتن کان واقف ناهيان، پر مون کي اُميد آهي ته جلدئي اُن ڏس ۾ مون تائين خبرون رسڻ شروع ٿي وينديون.

اسان جي سمورن همدردن تائين منهنجون دعائون پهچائجانءِ، ڪين ٻڌائجانءِ، ته جيل جي چوديواريءَ اندر سندن همدردي ئي مون لاءِ همت ۽ حوصلي جو ڪارڻ آهي.

دعائن ساڻ:

- آمنه

بڪاروءَ جي جيل."

ٻئي ڏينهن آمنه کي جيل جي سپرنٽينڊنٽ پنهنجي آفيس ۾ سڏايو. هوءَ هڪڙي ٿلهي ٿنيري، ڦڏي ۽ بدتميز انسان سان ملڻ ۽ سندس بڪواس ٻڌڻ لاءِ ذهني طور تياري ڪرڻ لڳي. ان جي ابتڙ سندس ملاقات سنهڙي سيپڪڙي، ۽ ساجاهه وند پوڙهي شخص سان ٿي. هن مسڪرائيندي آمنه جو آڌرڀاءُ ڪيو. "اسان جي مهمان خاص جو هاڻي ڇا حال آهي؟ مهرباني ڪري ويهو!" هن ڪافيءَ جو ڪوپ پيش ڪيو. پنهنجي منفي تاثرات باوجود، آمنه پنهنجي جذبات کي قابوءَ ۾ رکندي، اهڙي پيشڪش قبول ڪئي. الحاج عيسىٰ دائود فضيلت ساڻ وضاحت ڪنديءَ چيو "اوهان سمورين عورتن کي اصولي طور هتي نه هئڻ گهرجي، پر شهر جا سمورا پوليس ٿاڻا ڀريا پيا آهن. تنهنڪري عارضي طور اوهان کي هتي رکيو ويو آهي."

"مون کي سينيءَ کان الڳ ڇو رکيو ويو آهي؟" آمنه پڇيو.

"نه نه! بيگم صاحبه اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي. اوهان جي اُتي هئڻ جو سبب اهو آهي، ته اوهان خاص قيدي آهيو. تمام خاص قيدي، درحقيقت اوهان وارو ڪمرو ته معزز ماڻهن کي ڏنو ويندو آهي." هن ڪافيءَ سان گڏ بسڪيٽ پيش ڪندي چيو. آمنه ڏک ڀريو ته هن پنهنجي فضيلت ڀريي لهجي ۾ ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو: "مون کي اهو ٻڌائيندي ڏک پيو ٿئي ته

ان پوليس آپريشن دوران هڪ عورت مارجي وئي. چيو پيو وڃي تہ حراست دوران سندس مزاحمت سبب سخت خطرو لاڳو هو."

آمنہ اکيون جهڪايون. هو ڳالهائيندو رهيو. "جوماڻيءَ نالي عورت جي حالت بہ نازڪ آهي، ۽ اها اسپتال ۾ آهي. ان کانسواءِ چار ٻيون عورتون پڻ اسپتال ۾ آهن، پر سندن حالت خطري کان ٻاهر آهي. جلدئي جانچ ڪرڻ وارا هتي پهچي ويندا. مهرباني ڪري سندن پوري مدد ڪجو تہ جيئن ڪيسن جي ڪارروائي جلد از جلد مڪمل ٿي سگهي. ڪين سچ ٻڌائجو تہ ڪنهن جي چوڻ تي اهو سڀ ڪجهہ ڪيو ويو ۽ اوهان کي ڪيترا پيسا ڏنا ويا؟"

آمنہ کي ڏاڍو ڌڪو رسيو. هوءَ پوئتي هٽي ۽ ڪيس گهورڻ لڳي. آمنہ جو تاثر ڏسي، هن پنهنجو پوين جملو ٻيهر ورجايو. "آئون نہ سمجهيس!" آمنہ احتجاج ڪيو.

"اهو افواهہ بہ آهي"، هن مسڪرائيندي وضاحت ڪئي تہ "ان بغاوت جو اصل سبب ڪو ٻيو آهي. ڪن جو خيال آهي تہ مخالف ڌُر پيسا ڏئي، امن امان جي صورتحال بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جڏهن تہ ٻين جو خيال آهي، تہ ملڪ ۾ انتشار پکيڙڻ لاءِ غير ملڪي تنظيمن اهو سڀ ڪجهہ ڪرايو آهي."

"اها صرف بڪواس آهي." آمنہ مُسڪرائيندي چيو.

"ها! انهيءَ ڪري ئي تہ اوهان جي مدد جي ضرورت آهي، تہ جيئن سچائي سامهون اچي سگهي. جيڪڏهن اوهان مدد نہ ڪئي، تہ پوءِ اوهان تي تخريبڪاريءَ ۽ غداريءَ جو ڪيس هلايو ويندو."

آمنہ ٿڪ ڏنو. پنهنجي مزاح پري مزاج جي احساس ٿيڻ تي ڪيس ڪجهہ سُڪون مليو. هن جي وڃڻ کان اڳ سپرنٽينڊنٽ هڪ ٻيو مشورو بہ ڏنو "اوهان جو مڙس اڄ اوهان سان ملڻ ايندو. مهرباني ڪري اڄ ساڻس ملجو اهو نهايت ضروري آهي. اها ملاقات ئي اوهان جي هتان جي مستقبل جو فيصلو ڪندي."

—

سڀ ڪان مضبوط اهو قانون آهي ته ٻي ڌپي شخص کي پور پور نٿو ڪري سگهجي. ڪن ماڻهن جي گهورڻ سان ڪي ماڻهو ڏڄي ويندا آهن. ڪن جي رڙڻ سان ڪي ماڻهو ڪنبڻ لڳندا آهن. آمنه پڻ انهن مان هڪ هئي، پر هاڻ هوءَ بدلجي چڪي هئي. هاڻ ڪنهن جو گهورڻ کيس خوفزده نٿي ڪري سگهيو ڪنهن جو رڙڻ کيس ڏڪڻ تي مجبور نٿي ڪري سگهيو ۽ نه ئي ڪنهن جي جملي يا لفظ ٻڌڻ کان پوءِ هوءَ پنهنجي سوچ مٽائي سگهي ٿي.

هن جانچ دوران وڏي بهادريءَ سان جواب ڏنا. جڏهن اهي رڙندا هئا، ته هوءَ ڏڪندي نه هئي، ۽ نه ئي سندن ڌمڪيون کيس ڊيڄاري سگهيون. سندن خوش آمد کيس ڏوڪو نه ڏئي سگهي. هن کيس پنهنجي سڄي ڪارروائي ۽ صحيح حالات کان آگاهه ڪيو. هن سموري ذميواري قبول ڪئي. پوءِ به جڏهن عملدار ڪوٺڙيءَ مان ٻاهر نڪتا، ته هوءَ پنهنجي سُٺي ڪارڪردگيءَ تي خوشيءَ وچان ڏڪڻ لڳي.

پوءِ کيس پنهنجي مڙس سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سپرنٽينڊنٽ جي آفيس آندو ويو. الحاج فضيلت پريي انداز ۾ سندس آڌرڀاءُ ڪيو. پوءِ به هو کيس ڏسي پنهنجي پريشانيءَ جو تاثر لڪائي نه سگهيو. آمنه پنهنجي سُڄيل مُنهن ۽ مٿيءَ سان پريل وارن بابت سوچي اُداس ٿي وئي. هتي پهچڻ کان پوءِ کيس وهنجڻ يا وار ڌوئڻ جي اجازت نه هئي. سندس هٿن ۽ ٽنگن تي، جتي جتي لوهه جي جوتن سان ڏڪ هنيا ويا هئا، اتي اجا به زخمن تي رت ڄميل هئي.

"آئون هتي توکي گهر وٺي وڃڻ لاءِ آيو آهيان." الحاج ٻڌايو.

"مون ڪن ماڻهن سان ڳالهه ڪئي آهي، جيڪڏهن تون سندن مدد ڪرين ۽ سڀ ڪجهه سچ ٻڌائين، ته اهي توکي ڇڏڻ لاءِ تيار آهن. جيڪڏهن تون چڱي نموني جانچ دوران سوالن جا صحيح جواب ڏين، ته تون آرام سان بچي سگهين ٿي."

"مون کي معلوم ٿيو آهي ته تنهنجو رَويو منفي هو." سپرنٽينڊنٽ وچ ۾ ڳالهايو "جيڪڏهن اوهان مدد ڪريو ته اوهان وڃي سگهو ٿيون، ۽

صرف ٻين عورتن کي ئي عدالت وچٹو پوندو. اوهان جو مڙس اوهان کي جلد از جلد گهر وٺي وڃڻ چاهي ٿو. اوهان جهڙي جوان عورت لاءِ هيءَ جڳهه مناسب ناهي. سندن اثر رسوخ جي ڪري اوهان آسانيءَ سان رهائي حاصل ڪري سگهو ٿيون. صرف ايترو بيان ڏيو ته مخالف ڌر اوهان کي پيسا ڏنا، ۽ ان بغاوت ڪرڻ جو حڪم ڏنو.“

آمنه سندن التجائون ۽ دليل ٻڌا. اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ کان پوءِ هوءَ اڌ خوش ۽ اڌ نفرت ڀري ٿي وئي. ڪجهه دير کان پوءِ آمنه آرام سان پنهنجو گلو صاف ڪيو ۽ چيائين: ”مون کي آزادي پياري آهي ۽ انهيءَ ڪري آئون ان لاءِ ويڙهه ڪنديس. آئون ڪنهن به طرح پنهنجي مقصد سان غداري نه ڪنديس. مون کي ڇڏي، باقي عورتن کي قيد ڪرڻ مان ڇا ورندو؟ جيستائين اسان کي بنا ڪنهن شرط جي آزادي نٿي ملي، آئون ڪيڏانهن نه وينديس. اسان سيني اهو ڪم گڏ شروع ڪيو هو ۽ ان کي گڏ ئي انجام رسائبو. سٺو آهي ته مون کي هتي ڇڏي، ٻين سمورين کي آزاد ڪراءِ. جيستائين اهو ڪيس عدالت ۾ نٿو پهچي، آئون هتي ئي رهنديس.“

هوءَ اُٿي ۽ سينيءَ جي مهرباني مڃيائين. الحاج اُٿيو ۽ رستو روڪي التجائون ڪرڻ لڳو پر ڪوبه فائدو نه ٿيو. ان جي ابتڙ هن پاڻ کي ڇڏايو ۽ اڳتي هلي وئي.

گمبو شام جي وقت عام قيدين جي ٿانوَن ۾ ماني کڻي آيو. ماني ڍڪيل هئي. آمنه مهرباني مڃي. هن مانيءَ جا ٿانوَ کوليا ته ڪمرو ان جي خوشبوءَ سان مهڪي پيو. هن پٽ جي چانورن تي غور ڪيو ته انهن ۾ ماش جي دال، تريل ٽماٽا ۽ گوشت جا ٽڪرا پيل هئا. ”اهو جيل جو کاڌو ته ناهي!“ آمنه خيالن جو اظهار ڪيو.

”ها!“ هن معمول مطابق مسڪرائيندي چيو. ”منهنجي زال اهو اوهان لاءِ ٺاهيو آهي. مون ڪيس ٻڌايو هو ته اوهان جيل جي کاڌي کائڻ جون عادي ناهيو.“

”منهنجي طرفان سندس شڪريو ادا ڪجو!“ آمنه شڪرگذاريءَ مان وراڻيو.

”منهنجي زال ڏاڍي پريشان آهي! هوءَ اوهان سان تمام گهڻي همدردي رکي ٿي. مهرباني ڪري اهو پت ڪائو!“

”پريشان نہ ٿي! آئون سڀ ڪائينديس.“ هن ڪيس يقين ڏياريو. آمنہ هُن کي فاطمہ ڏانهن لکيل خط ڏنو ۽ هن هڪدم ان کي پنهنجي اندرين کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. ”مهرباني ڪري يونيورسٽي وڃجو ۽ پاڻ هٿو هٿ کيس ڏجو. هن جو نالو ۽ ڪمري جو نمبر ان تي صاف صاف لکيل آهي.“

”آئون اڄوڪي رات ۾ ٿي اهو پهچائي ايندس.“ هن واعدو ڪيو.

## باب پنجويهون

آمنہ عدالت ۾ حاضريءَ جي منتظر هئي. هوءَ سوچي رهي هئي تہ عورتن کي ڪيس هلائڻ لاءِ ڪو وڪيل ملڻ گهرجي. هن سمورن امڪانن تي غور ڪيو. شايد پوليس ان ڪيس کي ڊيگهہ ڏي ۽ ڪين موٽي جيل اچڻو پوي. شايد ان سڄي معاملي حل ٿيڻ ۾ ڪي مهينا لڳي وڃن. يا وري اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ سيني‌ءَ کي قيد جي سزا ٻڌائي وڃي.

لوهہ جو دروازو کُليو ۽ ٻن سپاهين سان گڏ هو وراندي طرف وڌي. ٻاهر نڪري هن ڏٺو تہ سمورين عورتن کي ترڪن ۾ چاڙهيو ويو هو. آمنہ کي ڏسي سرٻاٽ شروع ٿي ويا. جنهن بعد هن مسڪرائي سيني کي جواب ڏنو. هڪ ڊگهو سپاهي هٿڪڙين سان آمنہ ڏانهن وڌيو. آمنہ شڪ وچان پوليس واري ڏانهن ڏسڻ لڳي. هن آمنہ کي هٿ اڳيان ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

”نہ نہ! مون کي هٿڪڙيون ڇو ٿا پهرايو؟“ آمنہ احتجاج ڪيو.

”مون کي حڪم مليل آهي.“ هن جواب ڏنو.

”آئون ڀڄي تہ نہ پئي وڃان.“ هن اعتراض ڪيو.

”مون کي حڪم مليل آهي.“ هن لاپرواهيءَ مان چيو.

”تون مون کي ڪهڙي سبب هٿڪڙي ٿو پهرائين؟“ هُن پُڇيو.

”هن جيل جي ڪري“ هن زمين ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

هن پنهنجي مُرڪ لِڪائي سوچيو تہ اهو جٽ جاهل آهي. هن هاڪار قبوليندي پنهنجا هٿ اڳتي وڌايا. پوءِ کيس پوليس جي ليندرووَر جي اڳين سيٽ تي ويهاريو ويو.

مئجسٽريٽ جي عدالت جي ٻاهران ماڻهن جو هجوم هو. علائقي کي عام ڪپڙن ۽ وردي ۾ وارن هٿياربند سپاهين جو ڪڙو چڙهيل هو. هن ٻاهر نڪري ڏٺو ته شاگردن ۽ شاگرديائڻين جو هجوم، هٿن ۾ بينر جهليو بيٺو هو جن تي لکيل هو عورتن تي داخل ڪيس واپس وٺو! اسان جي وطن پرستن کي آزاد ڪريو! جديد نوآبادڪاري بند ڪريو! آمريت ختم ڪريو! آمريت ختم ڪريو! آمنه کي ڏسي انهن تاڙيون وڄايون ۽ نعرا هنيا: ”آمنه سميت سڀني عورتن کي آزاد ڪريو!“ پوليس سختي سان انهن ڏانهن وڌي. آمنه سندن آڌرڀاءُ ڪرڻ لاءِ پنهنجا هٿ اُڀا ڪيا، پر سپاهين هڪدم هيٺ دٻائي ڇڏيا.

—

مئجسٽريٽ جي عدالت جي ورانڊي ۾ داخل ٿيڻ مهل، هن جي نظر ڪولوءَ سان گڏ بيٺل پنهنجي مڙس ۽ سندس ساٿين تي پئي. جڏهن پوليس جي ٽرڪ باقي رهيل عورتن کي کڻي پهتي، ته گشتي پوليس وارا هڪدم ٽرڪ جي گيٽ کان ورانڊي تائين، هڪڙي سوڙهي گهٽي جوڙي بيهي رهيا. آمنه ۽ ٻين عورتن کي تيزيءَ سان ان سوڙهيءَ گهٽيءَ مان متائي، اڳيان لوهه جي ڪوٺڙيءَ اندر بند ڪيو ويو. آمنه پاڻ کي ٻين عورتن سان گڏ ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. پر ڪوٺڙي نهايت سوڙهي هئي ۽ منجهس چرپر ڪرڻ به مشڪل هو. گوڙشور جي ڪري ڪنن جا پردا ٿي ڦاٽا. آمنه مشڪل سان دريءَ جي ويجهو آئي، ۽ لوهه جي شيخن جي سهاري اُٿي بيٺي. شيخن مان هن الحاج هارون کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو. سندس چهرو ڏُڪايل هو ۽ ڪمزور لڳي رهيو هو. هن ويجهو اچي سخت لهجي ۾ چيو: ”ڏس! تو پاڻ کي ڪيڏو بدنام ڪيو آهي!“ آمنه پنهنجو مُنهن عورتن ڏانهن موڙي بيهي رهي. ٿوري دير ۾ پيٽر ايڪن پوليس جي قطار ٽوڙي، دريءَ جي ويجهو پهتو ۽ پنهنجي چادر لاهي آمنه جو آڌرڀاءُ ڪيو. ”نرسون تنهنجي بيماريءَ سببان ڏاڍو پريشان آهن.“ سندس چهري تي ڪافي پريشاني نظر اچي رهي هئي.

”آئون ٺيڪ آهيان. آئون لاڳيتو دوا پيئان پئي.“ هن چيو.

”جيل جا حالات ڪيئن آهن؟“ هُن پُڇيو.
”ڏاڍا خراب.“ آمنہ چيو.
”اسان ٻڌو آهي تہ ڪا عورت مري وئي آهي.“ پيٽر چيو.
”ها، اها لارائي هئي.“ آمنہ تصديق ڪئي.

هن ڪُجهہ دير ڪنڌ جُهڪائي، اکيون بند ڪري ڇڏيون. ”اسان اڃا تائين تنهنجي ڪيس لڙڻ لاءِ ڪو وڪيل نہ ڪري سگهيا آهيون. ڪي وڪيل تمام گهڻا پيسا پيا گُهرن، جنهن جو تڪڙو بندوبست ڪرڻ مشڪل آهي، جڏهن تہ ڪن جو خيال آهي تہ تنهنجو ڪيس لڙڻ سان سندن مستقبل تي خراب اثر پوندا.“

”فاطمہ ڪٿي آهي؟“ آمنہ پُڇيو.

”سچي ٻُڌايان تہ اسان ان بابت ڪجهہ نٿا ڄاڻون.“ پيٽر اعتراف ڪيو. ”ڇنڇر ڏينهن صبح ويلي هوءَ تنهنجي وڪيل دوست ربيءَ سان ملڻ وئي هئي، مون کي سندن ڳالهہ ٻولهہ بابت ڪابہ ڄاڻ ناهي. هوءَ واپس يونيورسٽي آئي هئي، پر اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ رات جي وقت، عام ڪپڙن ۾ پوليس جو دستو کيس گرفتار ڪري کڻي ويو آهي. اسان سڄو ڏينهن کيس ڳوليو پر ڪابہ خبر نہ پئي. آئون انهيءَ ڪري ڏاڍو پريشان آهيان...“

اوچتو ڳالهہ ٻولهہ ۾ خلل پيو. هڪ پوليس واري پيٽر کي ڪنڌ مان جهلي گهلڻ شروع ڪيو. پنهنجو ڪنڌ ڇڏائڻ جي ڪوشش دوران سندس اکيون ٻاهر نڪري آيون. پنهنجي اڳواڻ جي اهڙي حالت ڏسي، ڪجهہ شاگردن گاريون ڏيندي پوليس جي قطارن تي حملو ڪري ڏنو. آمنہ پريشانيءَ وچان اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهي هئي. کيس ڪونڙيءَ وچان پڻ اهو سڀ ڪجهہ نظر اچي رهيو هو تہ ڪنهن مهل بہ دشمنيءَ جو اهو ٻرندڙ جبل ڦاٽي سگهي ٿو. کيس هٿين خالي شاگردن ۽ هٿياربند پوليس وچ ۾ اهڙي ٽڪراءَ جو انديشو هو. پوءِ هن هڪڙي اڌڙوٽ عمر جي پوليس واري کي شاگردن سان ڳالهيون ڪندي ڏٺو. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ اهو کين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي. جڏهن اهي سڀ

پنهنجين اصلوڪين جاين تي پهتا، تڏهن پيٽر کي انهن ۾ ڏسي، آمنه شڪ جو ساهه پريو.

ان وقت هڪڙي نيري مرسڊيز بينز اڳيان اچي بيٺي. آمنه گاڏيءَ مان پن نامور وڪيلن صديق ۽ سندس زال ربيءَ کي لهندي ڏٺو. ربيءَ کي ڏسندي ئي سندس همت وڌي. هوءَ ۽ ربي يونيورسٽيءَ ۾ ڪافي گهريون دوست هيون. تڏهن به ان دؤر کان پوءِ منجهن اهي رابطا نه رهيا هئا. هن ربيءَ کي گاڏيءَ مان لهي، عدالت ڏانهن ويندي ڏٺو. سندس چهرو چمڪي رهيو هو ۽ سندس چال پروقار هئي. هوءَ پنهنجي بهترين ڪاري ڪوٽ، سفيد قميص ۽ ڪاري اسڪرٽ ۾ ڇائي ڄمر وڪيل نظر اچي رهي هئي. انهيءَ دوران سندس مڙس گاڏي بيهاري، ۽ هاڻ هو الحاج هارون سان ڳالهائي رهيو هو. اهو ڪانٽس ڪي ٿورا انچ ڊگهو هو. جنهن مهل اهو سندس مڙس سان بيهي ڳالهين ۾ مصروف هو تنهن مهل ڪيس ان جوڙي سان پنهنجا تعلقات ياد پيا. ربيءَ جي سببان ئي هن يونيورسٽيءَ ۾ قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. ربي، آمنه ۽ فاطمه جو پاڻ ۾ نهايت گهرو تعلق هو ۽ اهي هميشه گڏ پڙهنديون هيون. صديق عثمان سندن گهاٽو دوست هو. هن آمنه سان ڪيترائي ڀيرا محبت جو اظهار ڪيو هو. هن ساڻس پيار نٿي ڪيو تنهن ڪري هن ڪنهن فيصلي تي رسڻ تائين، ڪانٽس مهلت گهري هئي. هڪڙي جمع جي ڏينهن شام جي وقت جڏهن هوءَ مسجد کان هاسٽل ڏانهن اچي رهي هئي، ته هن صديق جي گاڏيءَ ۾ ربيءَ کي ويٺل ڏٺو. آمنه گهڻو ئي چاهيو ته متس ڪو رنجش پريو تاثر نه جُڙي، پر پوءِ به ربيءَ ۽ آمنه وچ ۾ تعلقات اهي ساڳيا نه رهيا. آخر ربيءَ هاسٽل ڇڏي، صديق سان شادي ڪري ورتي، ۽ هاڻ هوءَ سندس آفيس ۾ وڪالت ڪري رهي آهي.

دروازي کلڻ جي آواز سان، آمنه خيالن مان موٽي آئي. ڪيس پين عورتن سان گڏ مٿي، عدالت جي ڪمري ۾ آندو ويو. اُتي موجود حاضرين جو انگ ڏسي آمنه حيران رهجي وئي. پوليس عدالتي عملي ۽ عورتن کي، موجود ماڻهن کان الڳ رکڻ لاءِ باقاعده ويڙهه ڪري رهي هئي. آمهون

سامهون بہ ڊگهيون ميزون موجود هيون. انهن مان هڪ عدالتي عملي لاءِ هئي. ٻي ميز تي پنج وڪيل ۽ ٻہ پوليس جا جانچ وارا آفيسر موجود هئا. ڪلارڪ جي ڪرسيءَ جي پٺيان مئجسٽريٽ جي ويهڻ لاءِ ميز ۽ ڪُرسي موجود هئي. ان جي سيٽ ٻين سيني کان مٿي هئي. آمنہ ٻين عورتن جي پيٺ ۾ ٿورو اڳتي وڌي، ڪارروائي شروع ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي. جانچ آفيسر جي ڪارروائيءَ تي هوءَ حيران ٿي وئي. ڪيس احساس ٿيو تہ ڇڻ هو ڪنهن ٻئي ڪيس جي ڪارروائي پڙهي رهيو هجي. ٻي پُٽڪار کان سواءِ سندس ڪنن ۾ اهي آواز آيا: "اهو غير قانوني ميڙاڪو امن امان کي نقصان... رياستي قانون ۽ حڪمن جي خلاف ورزي... هنگامہ آرائي... غير قانوني اجلاس... طبقاتي نفرت... مڙسن جي گهرن مان چوري... مداخلت."

سندس نالي پُڪارڻ تي آمنہ کي هوش آيو ۽ احساس ٿيو تہ هوءَ ڪير آهي ۽ ڪٿي آهي. "آمنہ هارون ڏوهاري آهي. هُن هارين کي گمراهہ ڪيو ۽ ڪين حڪومتي ٽيڪس، ۽ پوليس جي هڪ اعليٰ عهديدار خلاف بغاوت لاءِ تيار ڪيو. اها دراصل تخريبڪار آهي. جانچ دوران هُن پوليس جي ڪابہ مدد نہ ڪئي. انهن سمورن الزامن جي جانچ ڪندي اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون، تہ آمنہ ۽ سندس ساٿين مٿان بغاوت ۽ نافرمانيءَ جو ڪيس هلايو وڃي." پيهر گونجڻ کان اڳ اهو آواز چند لمحن لاءِ چُپ ٿي ويو. "جناب، هيءَ جانچ صرف شروعاتي حالات تي مبني آهي. آئون اوهان کي درخواست ٿو ڪريان، تہ اسان کي ٽي مهينا ڏنا وڃن، تہ جيئن اسان مڪمل جانچ ڪري سگهون. ان دوران ملزمن کي ضمانت جو حق نہ ڏنو وڃي. اسان اڃا تائين سموريون شاهديون گڏ نہ ڪري سگهيا آهيون، گهڻا ملزم اڃا گرفتار نہ ٿي سگهيا آهن. پهرين ملزم اسان جي مدد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، اسان کي سندس مدد حاصل ڪرڻ لاءِ وقت کپي. ڪيس جي ڪارروائيءَ دوران اسان، مٿس اڃا وڌيڪ الزام پڻ شامل ڪرڻ جي قابل ٿي سگهنداسين."

مئجسٽريٽ عورتن جي گروهہ ڏانهن ڏٺو "اوهان انهن الزامن جي سختيءَ کي سمجهو ٿيون؟" هن ايتري حد تائين فطري انداز ۾ پڇيو جو ائين محسوس ٿيو جو ڄڻ هو ڪا عام ڳالهہ ڪندو هجي.

آمنہ جي پنيان گهٽيون ٺي سرڀاتيون شروع ٿي ويون پر هن پنهنجي وس آهر پراعتماد انداز ۾ جواب ڏنو:

"جي! اسان ڄاڻون ٿا."

مئجسٽريٽ ساڳي انداز ۾ پيهر پڇيو "اوهان کي ڪهڙو اعتراض آهي؟ ڏوهي يا بي ڏوهي؟"

آمنہ اڳتي وڌي ۽ پنهنجي پوري حيثيت کي سميٽيائين- "بي ڏوهي." هن لاپرواهيءَ مان جواب ڏنو.

مئجسٽريٽ في الحال سندس جواب نہ لکيو. هن آمنہ ڏانهن اکيون اکين سان ملايون، ۽ پنهنجو چشمو درست ڪيائين. ائين پئي لڳو ڄڻ هو سندس جواب کي تسليم نہ پيو ڪري. آخرڪار هُن پنهنجي اڳيان رکيل ڪاغذ مٿان ڪجهہ لکيو. جڏهن هُن جواب لکي ورتو تڏهن ربي اُٿي بيٺي. هن پنهنجي ڪوٽ جون ٻانهون درست ڪيون، ۽ سامهون ميز مٿان هٿ رکندي چيائين: "اوهان جي اجازت سان آئون ملزمن جو ڪيس وڙهڻ چاهيان ٿي." هن ڏاڍي پُراعتماد ۽ چٽي آواز سان، نهايت احترام وچان چيو.

وينل سيپ مُسڪرائڻ لڳا. شاگردن ۽ شاگرديائڻين تاڙيون وڄايون، ۽ ڪنهن دريءَ مان رڙ ڪندي چيو "فتح يقيني آهي!" مئجسٽريٽ وينلن کي ماٺ ڪرڻ لاءِ چيو. آمنہ غير يقينيءَ واري حالت ۾ اکيون بند ڪري ڏڪهو ساهہ پريو. هن ڪنڌ مٿي ڪيو تہ سندس نظرون ربيءَ سان مليون. هن مسڪرايو. آمنہ کي احساس ٿيو تہ سندس دوست جي رَويي ۾ همدردي شامل آهي، توڙي جو سندن وچ ۾ پيشيورانہ ويڇو موجود هو. ربيءَ پيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"جناب!" هن ڳالهايو. "آئون ڪجهہ ڇوڙ ڪان اڳ ۾ گذارش ٿي ڪريان، تہ آمنہ جون هٿڪڙيون کوليون وڃن. قانوني طور رڳو انهن

ڏوهارين کي هٿڪڙيون پارايون ويندڙيون آهن، جن مان امن امان کي خطرو هجي، يا وري اهي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري چڪا هجن. عدالت توڙي عدالت کان ٻاهر سمورن قيدين کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪافي هٿياربند سپاهي موجود آهن. ان کان سواءِ آئون ضمانت ڏيان ٿي ته نه هوءَ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندي، ۽ نه ئي ڪارروائيءَ ۾ رڪاوٽ وجهندي.“

مئجسٽريٽ اجازت ڏيندي ڪنڌ لوڏيو ۽ آمنه کي هٿڪڙيءَ مان نجات ملندي سُڪون محسوس ٿيو. پنهنجي پنيان ٿيندڙ پٽڪن مان آمنه کي لڳو ته ان اجازت ۾ ربيءَ جي موجودگيءَ سان عورتن جا حوصلا وڌيا آهن.

ڪارروائي جاري رهي. ربي عثمان ٻيهر اُٿي بيٺي، ۽ اعلان ڪيائين ته، ”جناب! مون سمورن ڏوهن جو غور سان مطالعو ڪيو آهي، ۽ ان نتيجي تي پهتي آهيان ته انهن عورتن تي غير قانوني ميڙاڪي کان سواءِ ڪوبه ٻيو ڪيس نٿو هلائي سگهجي. ان کان علاوه آئون اوهان کي عرض ٿي ڪريان ته ان ڪيس جو فيصلو اڄ ئي ڪيو وڃي، ڇو جو ان کي ڊيگهه ڏيڻ سان، ملزمن کي غير ضروري تڪليفون سهٽيون پونديون. اوهان پاڻ هن ڪوٺڙيءَ جي حالت ڏسو! هن سڄي هجوم کي ان اندر بند ڪيو ويو آهي. اهو غير انساني رَويو آهي، حالانڪ متن اڃا ڪوبه ڏوهه ثابت نه ٿيو آهي. آئون اڄ ئي هتي، بنا ڪنهن شڪ جي اهو ثابت ڪنديس ته اهي سمورا الزام بي بنياد آهن.“

سرڪاري وڪيل اعتراض ڪيو ته ان معاملي بابت فيصلو فقط هاءِ ڪورٽ ئي ڪري سگهي ٿي. ربي جواب ۾ چيو ”جتي اهو سڀ ڪجهه ٿيو اهو بڪاروءَ جو حصو آهي، ان ڪري ان فيصلي جو حق مئجسٽريٽ صاحب وٽ آهي. هو انهن عورتن کي آزاد به ڪري سگهي ٿو يا وري ڪيس کي هاءِ ڪورٽ به موڪلي سگهي ٿو.“

مئجسٽريٽ ربيءَ جي ڳالهه قبول ڪئي، ۽ اهڙن ڪيسن جا ڪي مثال به ڏنا. پوءِ به هن ربيءَ تي واضح ڪيو ته، ”عدالت ۾ اهو بنا ڪنهن

شڪ شبي ثابت ڪرڻو پوندو. تہ عورتن فقط غير قانوني طور هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ جو ڏوهہ ڪيو آهي.“

بنا ڪنهن هٻڪ جي ربيءَ پيهر ڳالهايو ”انهن الزامن جي ابتڙ عورتن ڪنهن بہ موقعي تي رياستي قانون يا امن امان کي ڪو نقصان ناهي رسايو. هن مهل نہ تہ ڪو ثبوت ڪين ڏوهي ثابت ڪري ٿو نہ ئي اهڙو ڪو ثبوت آهي. باغي ان شخص کي چئبو آهي، جيڪو شعوري طور حڪومت ڊاهڻ يا ملڪ ۾ انتشار پکيڙڻ جي ڪوشش ڪري. ٻيهرين ڳالهہ تہ انهن هتين خالي عورتن جو اهڙو ڪو بہ ارادو نہ هو. جيڪڏهن ڪو اهو سوچي ٿو تہ هڪڙي ضلعي جي ننڍڙي شهر جي انهن معصوم عورتن مان، هيڏي وڏي ملڪ جي امن امان ۽ قانون کي ڪو خطرو آهي، تہ اها بي وقوفي آهي. آئون اوهان کي عرض ٿي ڪريان تہ اهي الزام رد ڪيا وڃن.“

سرڪاري وڪيل خاموشيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. اهو پريشان هو. مئجسٽريٽ ڪجهہ دير انتظار ڪيو پر هو خاموش ٿي رهيو.

”اهو الزام رد ٿو ڪجي.“ مئجسٽريٽ اعلان ڪيو.

”جناب! اهي معصوم عورتون،“ ربي پيهر ڳالهايو. ”ڪنهن هڪ طبقي جون ناهن، اهي ڪنهن طبقي جي نمائندگي نہ پيون ڪن. پوءِ اهي طبقاتي نفرت ڪيئن ٿيون پکيڙي سگهن؟“

اچانڪ سرڪاري وڪيل کي هوش آيو ۽ ان ڪاوڙ مان چيو ”مون کي اعتراض آهي!“ ڳالهائڻ مهل سندس واتان گِف ڳڙڻ لڳي، ”آمنہ چيو هو تہ هن معاشري ۾ بہ طبقا آهن، غريب ۽ امير. هن فخريہ انداز ۾ اسان کي اهو بہ ٻڌايو هو تہ هوءَ غريبن کي اميرن جي مقابلي لاءِ گڏ ڪري رهي آهي. هن ڪيترائي ڀيرا چيو آهي تہ موجوده حڪومت کي ڪيرائي، نئين حڪومت جوڙڻ گهرجي. هوءَ اڄا سوڌو اهو چئي ٿي تہ حڪومتي طبقي لاءِ سندس نفرت سدائين قائم رهندي.“

ربيءَ جو چهرو پُرسڪون هو. ”اسان جي ملڪ ۾ طبقات ناهن.“ هن دليل پيش ڪيو. ”تنهنڪري طبقاتي نفرت وارو اصطلاح ئي غلط

آهي، ۽ اهو اصطلاح تہ نوآبادڪاريءَ جي ئي طفيل آهي. اسان جو معاشرو قبيلن، جرڳن، مذهبن ۽ نسلي گروهن تي مشتمل آهي. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڳالهہ ڪري، تہ ڪنهن وٽ ٻي ڪان گهڻي جائداد آهي، تہ ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي. آمنہ پاڻ هڪڙي رئيس خاندان سان تعلق رکي ٿي. جناب! جيڪڏهن اوهان کي اها ڳالهہ ٺيڪ لڳي ٿي تہ هن ملڪ ۾ ڪي بہ طبقا ناهن، تہ پوءِ اهو بہ ميٽو پوندو تہ هتي طبقاتي نفرت يا ڇڪتاڻ ڪي نٿو اُپاري سگهجي. آمنہ ۽ ٻين سينې عورتن ڪا بہ طبقاتي نفرت ناهي پيدا ڪئي. آئون اهڙي الزام کي رد ڪرڻ جي درخواست ڪريان ٿي."

مئجسٽريٽ اها درخواست پڻ قبول ڪري ورتي.

"قانوني وضاحت موجب،" ربي پيهر ڳالهايو "چور اهو شخص آهي، جو ڪنهن ٻئي جي شيءِ بغير اجازت کڻي. ان وضاحت مطابق اهي عورتون ڏوهاري ناهن. آئون ميجان ٿي تہ انهن ڪجهہ گهرو سامان کنيو آهي، پر اها چوري ناهي، ڇو جو سندن گهر وارن جي موجودگيءَ ۾ اهو ڪم ڪيو ويو آهي. اهو سڀ ڪجهہ ڏينهن ڏٺي ٿيو آهي ۽ ڪين ڪنهن بہ نہ روڪيو. انهن مان ڪنهن جي بہ مڙس ٿاڻي تي رپورٽ ناهي داخل ڪرائي. اهو ڪم مڙسن جي مرضيءَ ۽ اجازت سان ٿيو آهي، تنهن ڪري عورتن تي اهڙو الزام بہ نٿو مڙهي سگهجي."

"الزام رد ٿو ڪيو وڃي." مئجسٽريٽ چيو.

آمنہ اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي رهي هئي. ڪيس اهو سڀ خواب لڳي رهيو هو. هوءَ سوچي بہ نٿي سگهي تہ اهڙي ڏکوئيندڙ حملي ۽ جيل جي سختين ڪان پوءِ بہ اهو سڀ ڪجهہ ايترو آسانيءَ سان ٿي ويندو. آمنہ انهن تفصيلن تي ويچارڻ بجاءِ بس رڳو ربيءَ جي پُرسڪون آواز کي ٻڌي رهي هئي. ڪارروائي تيزيءَ سان اڳتي وڌندي رهي، ۽ سرڪاري وڪيل گونگن وانگر خاموش ويٺو سيني الزامن کي رد ٿيندي ڏسي رهيو هو. ڪيس اُميد نہ هئي تہ ربي عثمان جهڙي عورت، ڪيس عدالت ۾ مات ڪرائي ڇڏيندي.

”آئون قبول ٿي ڪريان.“ ربي چويو، ”تہ عورتن اجازت کان سواءِ ميڙاڪو گڏ ڪيو پوءِ بہ ان سان امن امان کي ڪوبہ خطرو نہ هو جڏهن تہ پوليس ان ڳالهہ تي هرويرو زور ڏئي رهي آهي. عورتن امن امان قائم رکيو آهي. هن اجلاس دوران ڪنهن بہ جهيڙي يا لڙائيءَ جي تصديق ناهي ٿي. جناب! ان کان سواءِ اهم ڳالهہ اها، تہ قانوني طور صرف ڪنهن شخص کي نقصان پهچڻ جي صورت ۾ ئي امن امان ۾ خلل پئجي ٿو.“

”جناب! مون کي اعتراض آهي.“ هن ڀيري سرڪاري وڪيل جهيڙي انداز ۾ چيو ”انهن عورتن پنهنجي مڙسن جو سُڪون برباد ڪيو آهي ۽ سندن حقن کان انڪار ڪيو آهي... منهنجو مطلب آهي تہ هر مڙس پنهنجي زال کان ڪن فائدن حاصل ڪرڻ جو حقدار تہ هوندو ئي آهي.“ هن دردناڪ انداز ۾ وضاحت ڪئي.

عدالت ۾ ٽهڪڙو گونجي ويو. ”اسان جي قانوني نظام ۾ زالن کان چٽو يا اڻ چٽو فائدن حاصل ڪرڻ جو ڪوبہ نقطو موجود ناهي.“ ربي کِلندي چيو: ”جيڪڏهن ائين آهي بہ تہ، اهو صرف گهريلو سطح تي ٿيندو. آئون اوهان کي اهو اعتراض رد ڪرڻ جي درخواست ڪريان ٿي.“

”اعتراض رد ٿو ڪيو وڃي.“

”آمنہ...“ ربي اکيون ملائيندي چيو ”... ڪي پوليس جي مدد ڪرڻ گهربي هئي يا وري بيان ڏيڻ گهربو هو پوءِ بہ سندس خاموشي بطور ثبوت سندس خلاف نٿي استعمال ڪري سگهجي.“

مئجسٽريٽ حمايت ڪندي ڪنڌ ڌوڻيو.

”سڀ کان پهرين ڳالهہ اها تہ عورتن مٿان بغاوت جو الزام نٿو مڙهي سگهجي، ڇو جو انهن ڪڏهن بہ امن امان کي نقصان ناهي رسايو ۽ نہ ئي ڪڏهن ملڪ جي آئين، قانون يا رياست کي تباهہ ڪرڻ جي ڪا سازش سٽي آهي. انهن ڪڏهن بہ ماڻهن کي غير قانوني ڪم لاءِ ناهي ورغلايو.“

”واهہ!“ سرڪاري وڪيل رڙ ڪئي. اهو پريشان لڳي رهيو هو. هن ڏکويل انداز ۾ ڪنڌ ڌوڻيو پر همدردانہ لهجي ۾ چيو ”آمنہ ڪيترا ڀيرا عوام جي سامهون ماڻهن کي بغاوت لاءِ اتساهيو آهي. هوءَ حڪومت کي

جديد نوآبادڪاريءَ جي حامي ۽ شاهي مسخرا سڏيندي آهي. هوءَ جانچ دوران پنهنجي نظريي تي قائم رهي. آمنہ ۽ شاگردن ۽ شاگرديائين جي هن ٽولي کي غير ملڪي مالي مدد حاصل آهي. هوءَ اسان جي جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ چاهي ٿي. هوءَ حڪومت جي مخالفن سان پنهنجن تعلقات تي فخر محسوس ڪري ٿي. سندس وڪيل کي ان ملزم بابت ڪا گهٽي چاڻ ناهي.“

ربيءَ جون اکيون آمنہ سان مليون. هن پيري آمنہ کي سندس همدرديءَ جو يقين ڏي ويو. ”جناب!“ ربيءَ چيو. پهريون پيرو سندس آواز ۾ جذبو نظر آيو. ”آئون آمنہ کي تمام چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿي. آئون سندس صلاحيتن کان مڪمل طور واقف آهيان. مون لاءِ اها ڳالهہ اعزاز جو باعث آهي، تہ آئون يونيورسٽيءَ ۾ هن سان گڏ هيس. جيڪڏهن سرڪاري وڪيل کي اهو معلوم آهي، تہ اهو هتي ڇا ڪرڻ آيو آهي، تہ ڪيس پنهنجي پيشي سان محبت، ۽ هن الزام کي ثابت ڪرڻ لاءِ ثبوت پيش ڪرڻا پوندا. آئون ڪيس مشورو ڏيندس، تہ اهو پيهر ڪنهن تعليمي اداري ۾ داخلا وٺي مئجسٽريٽ يا جج سامهون ڳالهہ ٻولهہ جو انداز سکي.“

”ڪيس ڏانهن پيهر موٽندي، آئون اهو چوڻ ٿي چاهيان تہ هن ملڪ جي شهري هجڻ جي سبب، آمنہ کي خيالن جي اظهار جو پورو حق حاصل آهي، ۽ سرڪاري وڪيل اڃا تائين اهو ثابت نہ ڪري سگهيو آهي، تہ سندس لفظن امن امان کي نقصان رسايو آهي، يا ماڻهن کي ورغلايو آهي. آئون مڃان ٿي تہ سندن ميڙ غير قانوني هو پوءِ بہ ڪانئس اهو ڏوهہ پهريون پيرو ٿيو آهي، ان قسم جي ڪيسن ۾ پهريون پيرو اهڙي حرڪت ڪرڻ وارن کي آئنده لاءِ تاڪيد ڪندي ڇڏيو ويندو آهي. ڪن ڪيسن ۾ شرطيہ طور رِها ڪيو ويندو آهي. اوهان جي اجازت سان آئون اهو چوڻ چاهيان ٿي، تہ بغاوت قانوني طور سڀ کان خطرناڪ ڏوهہ آهي. اهو صرف ان صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن شهري رياست سان ٻوڏو جنگ شروع ڪري ڏي، ۽ بغاوت جو الزام صرف اهڙي شخص تي

لاڳو ٿئي ٿو. جيڪو آئيني حڪومت کي ڪيرائڻ گهرندو هجي. هنن عورتن اهڙو ڪم هرگز ناهي ڪيو.

"ان کان سواءِ 'جواز جي قانون' تحت، جيستائين ڪنهن شيءِ کي مڪمل طور غير قانوني قرار نٿو ڏجي، تيستائين اها جرم ناهي. اسان اهو ثابت ڪري چڪيو آهي، تہ عورتن جيڪو ڪجهہ ڪيو، اهو غير قانوني نہ هو. پنهنجي قانوني فرضن جي پورائيءَ لاءِ منصفانہ فيصلي جو سڀ کان اهم جُز ان جو اقرار آهي. مهرباني فرمائي اها ڳالهہ ياد رکندا. "انصاف..." ربي عثمان زور ڏئي چيو تہ "قانون تي درست نموني عمل ڪرڻ جو پيو نالو آهي. آئون لاچار ۾ باادب طريقي سان اوهان سان ملي، غير جانبدارانہ/ اڻ ڏريي انصاف جي فراهميءَ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهيان. جناب! منهنجي باادب گذارش آهي تہ اڄڪلهہ ڪن ملڪن ۾ ماڻهن کي انصاف نہ پيو ملي، ۽ جيڪڏهن اسان بہ انهن ملڪن مان ليکيا وياسين، تہ اهو اسان جي ملڪ ۽ عدالتي نظام لاءِ بي عزتيءَ جو باعث بنبو. هيءُ هڪ جمهوري معاشرو آهي."

ربي اهي لفظ ايترو تہ اعتماد سان چيا، جو عدالت ۾ موجود سيني ماڻهن تي ڄڻ جادو ڪري ڇڏيائين. صرف سرڪاري وڪيل ڪنڌ ڏوڻيو ۽ هيٺ زمين ڏانهن نهارڻ لڳو.

"آخر ۾..." ربيءَ اعلان ڪيو "شايد آمنہ متان ڪو هلڪو ڦلڪو ڏوهہ ثابت ٿئي. سرڪاري وڪيل بغاوت ۽ غداريءَ جا بي بنياد الزام مڙهي، اسان جي عدالتي نظام جي توهين ڪئي آهي. هنن عورتن تي ڪوبہ مضبوط ڏوهہ ثابت نہ ٿي سگهيو آهي. انهيءَ ڪري آئون عدالت کي درخواست ٿي ڪريان، تہ سرڪاري وڪيل کان اپيل جو حق بہ واپس ورتو وڃي، ۽ منهنجي اصيل کي سمورن الزامن کان باعزت نموني آزاد ڪيو وڃي."

"سرڪاري وڪيل ڪجهہ چوڻ چاهيندو؟" مئجسٽريٽ پڇيو.

سرڪاري وڪيل اُٿيو ۽ وڏي محنت کان پوءِ چيائين، "هيءُ ڪيس ڏاڍي جوشيلي ۽ ڊرامائي موڙ تي پهچي ويو آهي. اسان جو خيال

آهي تہ اها قانون جي نفي آهي. اسان ان ڪيس کي ٽن مهينن تائين ملتوي ڪرڻ جو مطالبو ٿا ڪريون. ان دوران عورتن کي پوليس جي نگرانيءَ هيٺ رکيو وڃي، تہ جيئن اسان جانچ مڪمل ڪري وٺون، ۽ پڳل ماڻهن کي پڪڙي وٺون. اسٽوڊنٽ يونين جا ڪجهہ اڳواڻ ۽ نرسون اسڪول تي ڇاپي ڪان اڳ ئي پڇي ويون هيون. ان عرصي دوران اسان ڪيس جي مڪمل، پيشيورانہ ۽ باقاعده جانچ ڪري سگهنداسين."

سندس التجائن دوران آمنہ ويٽلن ڏانهن ڏٺو. سندس نظر پيٽر ايڪن ۽ ليليءَ تي پئي. اهي تيزيءَ سان عدالت جي ڪمري مان نڪري ويا. هن ٿهڪ ڏيڻ گهريو ٿي، پر پاڻ تي قابو پائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

"آئون اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ سندس دليل اسان کي قائل نہ ڪري سگهيو آهي. هن قانون کي گمراهہ ڪيو. حقيقتن کي مروڙيو ۽ سموري قانون کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو آهي."

پهريون پيرو ربي وڏي سِر ڳالهائڻ لاءِ تپ ڏئي بيهي رهي، "جناب! مون کي اعتراض آهي!" هن رڙ ڪري چيو ۽ سرڪاري وڪيل ڪي گهورڻ لڳي. "جناب! سرڪاري وڪيل وٽ انهن ڳالهين تي تنقيد ڪرڻ جو ڪوبہ حق ناهي، جن بابت اڄ اوهان فيصلو ڪري چڪا آهيون. ڪيس دوران ڪيس ڳالهائڻ جو حق هو پر هن اهڙي سنهري موقعي جو فائدو نہ ورتو. هاڻ اسان اهو مرحلو اُڪري آيا آهيون، مون کي سندس ان بيان تي اعتراض آهي."

"اعتراض قبول ڪيو وڃي ٿو." مئجسٽريٽ حڪم ڏنو.

"بيشڪ." سرڪاري وڪيل چيو. "اوهان ئي فيصلو ڪندا. آئون اوهان کي، انهن عورتن جي ٽوليءَ کي سخت کان سخت سزا ڏيڻ جي درخواست ڪريان ٿو. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ ائين سمجهيو ويندو تہ قانون کي ڪُتن اڳيان اڇليو ويو آهي. انهن عورتن ۽ خاص طور آمنہ رياست کي سخت نقصان پهچايو آهي. جيڪڏهن اوهان انهن کي آزاد ڇڏي ڏنو تہ امن ۽ سلامتيءَ کي بيهر خطرو لاڳو ٿي ويندو. اهڙيون عورتون، اڄ ملڪ جي بدترين مجرمن ۾ شامل آهن، ۽ اهو اسان جي

اخلاقي ۽ پيشيورانہ فرضن ۾ شامل آهي، تہ انهن بيمار ۽ خطرناڪ نظريات کان پنهنجي معاشري کي پاڪ صاف ڪريون. هڪڙي چوٽي آهي تہ جيڪا ماءُ پنهنجي اولاد کي نئي سُمهارڻ چاهي، اها پاڻ بہ نئي سُمهي. جناب! اهي اسان کي سُمهارڻ نٿيون چاهين."

مئجسٽريٽ اُٺي بيٺو ۽ وڪيلن کي پنهنجين سيٽن تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. "آئون ڪا دير پنهنجي ڪمري ۾ رهڻ گهران ٿو." هن اعلان ڪيو. "ملزمن کي اتي ئي ترسايو وڃي."

## باب چويهون

مئجسٽريٽ جي عدالتي ڪمري مان ٻاهر ويندي ٿي، ربي عثمان آمنہ وٽ آئي. هوءَ مُرڪي، سندس آواز ۾ همدردي هئي. ”گهٻراءِ نہ! مالي ضمانت وٺي ڇڏيو ويندو. غير قانوني اجتماع ڪرڻ وارن کي اڪثر اهائي سزا ڏني ويندي آهي. اهو پنهنجي سخت رَويي سبب گهڻو مشهور آهي، پر مون کي اُميد آهي تہ توهان جي معاملي ۾ اهو نرميءَ کان ڪم وٺندو.“

آمنہ کي جنهن جو ڊپ هو اهوئي ٿيو. اهو معاملو ايترو سِڌو نہ هو. مئجسٽرٽ موٽي اچي آمنہ کان سوال ڪيو:

”آمنہ! آئون توکان ڪي سوال پُڇڻ گهران ٿو. يقين ڪجانءِ تہ ان جو هن فيصلي تي ڪو اثر نہ پوندو. آئون بس رڳو ڪي حقيقتون ڄاڻڻ گهران ٿو. معاشري ۾ عورتن جي ڪردار بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟“

آمنہ پريشان ٿي وئي، پر هن پنهنجي پُراعتماد رَويي کي قائم رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. ”عورتن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي، ۽ انهن کي پڻ سيني ماڻهن وانگر پنهنجا حق ملڻ گهرجن. نہ سندن استحصال ڪرڻ گهرجي، ۽ نہ ئي ساڻن ڏاڍ ڪرڻ گهرجي. اوهان جو عورت جي ڪردار بابت ڇا نظريو آهي؟“ آمنہ سوال ڪيو.

”مون تي ڪيس نہ پيو هلي.“ مئجسٽريٽ کِلندي چيو. هن پين ڪنئين، آڱرين کي لوڏيو ۽ مٿو جُهڪائي ڪجهہ لِکڻ لڳو. ”آمنہ! منهنجو خيال آهي، تہ توکي عدالت ۾ پنهنجي رويي لاءِ وضاحت پيش ڪرڻ گهرجي.“

آمنہ سمجھي وئي تہ ڪيس پنھنجي، ۽ پنھنجي پوپان واڙين عورتن جي ڏکي قطار لاءِ معذرت ڪرڻي پوندي. ھن ڏکو ساھہ پريو. "مون غريب عورتن سان گڏ ٻيھڻ جو فيصلو ڪيو ڇو تہ بطور طبقي، آئون سندن استحصال کي نظر انداز نہ ڪري سگھيس. سندن حقن ۽ آزاديءَ کي روزانو دٻايو ويجي ٿو."

"حقن ۽ آزاديءَ مان تنھنجي ڇا مراد آھي؟"

"ڇا اسان جو ملڪ اقوامِ متحدهُ جو ميمبر ناھي؟"

"آھي."

"ڇا اسان انساني حقن جي يونيورسل ڊڪليئريشن تي صحيح ناھي ڪئي؟"

"ھن عدالت ۾ صرف مون کي سوال پُڇڻ جو حق آھي."

"ان مطابق ھر شھريءَ کي زندھہ رھڻ جو حق حاصل آھي، غلامي ۽ اذيت کان آزاديءَ جو حق حاصل آھي، خودمختاريءَ جو حق آھي، ڪم ڪرڻ، تعليم حاصل ڪرڻ ۽ سماجي تحفظ جو حق آھي. ايمانداريءَ سان ٻڌايو تہ ڇا اسان جا معاشري ۾ اھي حق ڪسيا نہ ويا آھن؟"

"انھيءَ ڪري اوھان اسان جي امنُ امان ۾ خلل وڌو؟"

"ڪنھن جو امن؟ ڪھڙو استحڪام؟ جيڪڏھن اقليت لاءِ اڪثريت مٿان حڪم ھلائڻ امن آھي، تہ پوءِ ڪڏھن بہ امن نہ ٿيندو. جيڪڏھن اقليت لاءِ اڪثريت جو استحصال ۽ مٿن جبر استحڪام آھي، تہ پوءِ ڪڏھن ٻہ اھڙو استحڪام موجود نہ ھو. آئون اوھان تي اھو واضح ڪرڻ ٿي گھران تہ..."

"آمنہ منھنجي ڳالھہ ٻڌ!" مئجسٽريٽ ڳالھہ ڪاٽي. "ھن معزز عدالت کي سياسي تقريرن وارو ھال نہ بڻاءِ!"

"سياست ھر ڳالھہ طئي ڪندي آھي ۽..." آمنہ جي وڏيڪ ڪجھہ چوڻ کان اڳ، ربي وچ ۾ پيئي.

"جناب! آئون آمنہ طرفان معذرت ٿي ڪريان. آئون درخواست ٿي ڪريان تہ سندس بيان کي لغوي معنيٰ ۾ نہ ورتو وڃي. ھوءَ جذبات ۾ اچي

ڪجهه وڏيڪ ڇٽي وئي. پريشان حال ماڻهن سان اڪثر اهڙو مسئلو ٿيندو آهي. مون کي اُميد آهي ته اوهان سندس بيان جي سبب ۾ حالات کي سمجهندا.“

آمنه کي چُپ نٿو ڪرائي سگهجي. هُن ڄاتو ٿي ته پنهنجي خيالن جي اظهار جو اهو واحد موقعو آهي، ۽ هن ان کي هٿان وڃائڻ نٿي چاهيو. هن پُراعتماد نموني ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”پوليس اسان سان سخت ظلم ڪيو. انهن هڪ ڇوڪريءَ کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ بجاءِ، بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو. انهن کي عدالت ۾ ٻيهارڻ بجاءِ، اسان تي ڪيس هلايو پيو وڃي. خود ڏوهاري پاڻ هت بيهي، نام نهاد ملزمن مٿان فردِ جرم ڪهڙيءَ طرح لاڳو ڪري سگهن ٿا؟“

اهڙي اشاري تي سرڪاري وڪيل ڪاوڙ ۾ پرجي ٽُپ ڏئي بيهي رهيو. ”جَنابِ عالي! اهو بيان پوليس جي بهترين سُڃاڻپ کي سخت ڇيهو رسائي رهيو آهي. منهنجي درخواست آهي ته هن عورت مٿان ٻيهر ڪيس هلايو وڃي، ۽ ڪيس سخت سزا ڏني وڃي. شايد اها چري ٿي وئي آهي، ۽ ڪيس ماهرِ نفسيات جي علاج جي ضرورت آهي.“

”منهنجو خيال آهي ته سندس نفسياتي حالت بلڪل ٺيڪ آهي. هن قسم جي ڪيسن جي حوالي سان مون کي ڪافي تجربو آهي.“ مئجسٽريٽ ڳالهه کي جاري رکندي آمنه ڏانهن مُڙيو ”پوليس پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي. انهن کي هن ڳالهه کان الڳ رکو!“

”پر پوليس ته هن ۾ شامل آهي.“ آمنه سرڪاري وڪيل ڏانهن اشارو ڪندي چيو ”هيءُ غير جانبدار نٿو رهي سگهي. هيءُ اسان جي معاشري ۾ استحصال، ڏاڍ ۽ ناانصافيءَ جي علامت آهي.“

”پوليس کي ان معاملي کان الڳ رکو!“ هن زور ڏيندي چيو.

”ٽيڪس بابت ڇا خيال آهي؟“ آمنه پُڇيو.

”هر شخص ٽيڪس ادا ڪري ٿو آئون پڻ ادا ڪريان ٿو.“ مئجسٽريٽ مسڪرائيندي چيو.

"غير منصفاڻن ٽيڪسن جي ڪري، هن ملڪ ۾ پهرين ڀ عورتن احتجاج ڪيو آهي. جڏهن اسان ٽيڪس ادا ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته اسان ان روايت تي عمل پيرا هئاسين." آمنه اعلان ڪيو. "امير آخر غريب جي ٽيڪس تي ڇو زنده آهي؟ حڪومت جي دعويٰ آهي ته هو غير ملڪي قرض ادا ڪرڻ چاهي ٿي، پر ڇا اسان کان پڇي اهي قرض ورتا ويا هئا؟ يا وري اسان کي ٻڌائي اهي قرض خرچ ڪيا ويا؟ ماڻهن جي حالت ويتر وڌيڪ خراب ٿيندي پئي وڃي، اهي ٽيڪس ڪهڙي طرح ادا ڪندا؟"

"توکي خبر آهي ته ٽيڪس ادا نه ڪرڻ ڏوهه آهي؟" مئجسٽريٽ پڇيو.

"بيشڪ آئون ڄاڻان ٿي پر ان کان سواءِ اسان ڪهڙي نموني پنهنجو آواز حڪومت تائين پهچايون ها؟"

"انهيءَ ڪري توهان تشدد وارو رستو اختيار ڪيو؟" هن ڪيس پڙڪائيندي چيو.

آمنه کي اهو سوال بيحد پسند آيو. هن مُسڪرائيندي هجوم ۾ موجود عورتن ڏانهن ڏٺو. هر طرف خاموشي هئي. هر نظر مٿس ڄميل هئي. هن اڳتي وڌي گلو صاف ڪيو ۽ چيائين، "آئون تشدد بابت پنهنجو نقطهءِ نظر اوهان کي ڏسيان ٿي. جڏهن نابالغ ۽ معصوم ڇوڪرين جي تمام ننڍي وهيءَ ۾ شادي ڪرائي وڃي ٿي، ۽ سندن عضوا ڪاٽي ڇڏجن ٿا، ته اهو تشدد ناهي؟ جڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ جي، ڪنهن اڻ ڄاڻ سان شادي ڪرائي وڃي ٿي، جنهن سان سندس ڪوبه حسي، جذباتي يا نظرياتي تعلق ناهي، ته ڇا اهو تشدد ناهي؟ جڏهن هڪ عورت کي زنا جي جرم ۾ سزاءِ موت ٻڌائي، مرد کي آزاد ڇڏيو وڃي ٿو تڏهن ڇا اهو تشدد ناهي؟ جڏهن هن دنيا ۾ ماڻهن کي غربت ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو ۽ خاص طور عورتن کان سندن بنيادي حق کسي، کين غلام بنايو وڃي ٿو ته ڇا اهو تشدد ناهي؟ جڏهن مرد پنهنجي زال يا ڌيءَ مٿان ڏاڍ ڪري ٿو انهن سان زوري زنا ٿئي ٿو ته ڇا اها محبت آهي؟ جڏهن جسم فروشيءَ ذريعي عورتن کي ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي ٿو ته ڇا اهو تشدد ناهي؟

جڏهن عورتن کي ڪم ڪرڻ کان روڪيو ويجي ٿو مٿان وري ڪين غير قانوني طور گهران ڪڍيو وڃي ٿو تہ ڇا اهو امن آهي؟ جڏهن هارين کان زمين کسي، مٿن ٽيڪس مڙهيو وڃي ٿو تہ اهو ڇا آهي؟ جڏهن اسان پُرامن طريقي سان گهران نڪري استحصال، ناانصافي ۽ اڻ ڳڻين ظلمن خلاف احتجاج ڪريون ٿا، ۽ پوليس اسان تي حملو ڪري، ڳوڙها آڻيندڙ گيس اُڇلي، اسان کي ماري، قتل ڪري، تہ ڇا اهو تشدد ناهي؟"

آمنہ جي ماٺ ٽيڻ کان پوءِ پوري ڪمري ۾ سانت پکڙجي وئي. هوءَ ڪنڌ جُهڪايو ويٺي هئي. سندس چهري مان پريشاني ظاهر هئي ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا ساهہ کڻي رهي هئي. پوءِ هُن مئجسٽريٽ جو آواز ٻڌو.

"منهنجو خيال آهي، اوهان گهڻو ڪجهہ ڳالهائي چڪيون آهيو يا اهو چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو تہ اوهان اسان کي ڪافي تفريح ميسر ڪئي آهي. وڌيڪ ڳالهائڻ اوهان جي حق ۾ بهتر نہ آهي. تنهنڪري مون کي اهو ٻڌايو تہ ڇا اوهان پرامن نموني واپس گهر وڃڻ لاءِ تيار آهيو؟"

آمنہ پوئتي مُڙي عورتن ڏانهن ڏٺو. "هڪڙي مشهور چوڻي آهي تہ گهوڙي کي پاڻيءَ وٽ تہ آڻي سگهجي ٿو پر ڪيس زبردستي پياري نٿو سگهجي."

عدالت ۾ ٽهڪڙا گونجڻ لڳا.

"جيڪڏهن گهوڙو اُڃو هجي تہ؟" مئجسٽريٽ مُرڪي پُڇيو.

"اهو پاڻ ئي پي وٺندو." آمنہ مُسڪرائي وراڻيو.

جڏهن عدالت جي ڪمري اندر ٻيهر ٽهڪڙا گونجڻ لڳا، تڏهن ربي عثمان اُٿي بيٺي.

"آئون ڪجهہ چوڻ گهُران ٿي." هُن اجازت چاهي.

"اجازت آهي." مئجسٽريٽ مُرڪي چيو.

"جنابِ عالي!" ربيءَ ڳالهائڻ شروع ڪيو. "اوهان جي فيصلي ٻڌائڻ کان اڳ ۾، آئون اوهان کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ آمنہ ۽ سموريون عورتون پنهنجي عمل تي شرمسار آهن. آئون اوهان کي التجا ٿي ڪريان تہ آمنہ جي بيان کي ڪارروائيءَ کان الڳ رکيو وڃي. آئون پنهنجي

اصيل طرفان اوهان کي يقين ٿي ڏياريان، تہ اهڙي حرڪت وري نہ ٿيندي. اوهان ڏسي سگهو ٿا تہ هي سموريون عورتون امن پسند آهن، ۽ اهي هاڻ پرامن زندگي گذارينديون."

مئجسٽريٽ پنهنجا ڪاغذ سنڀاليا، ۽ پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ شروع ڪيو. "هن ڪيس جي سمورن پاسن، ۽ ان عمل جي سببن جو غور سان جائزو ورتو ويو آهي. ڪين ڪافي سزا ملي چڪي آهي ۽ انهن ۾ گهٽيون اهم شخصيتون پڻ شامل آهن. خاص طور پهرين عورت، جيڪا هڪ نهايت باعزت قانون ساز ۽ مُعاشري جي هڪ معزز شخص جي زال آهي. آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ سرڪاري وڪيل الزامن کي ثابت ناهن ڪري سگهيا، اهي انهن الزامن کي شڪ شبهي جي حدن کان ٻاهر نہ ڪيئي سگهيا آهن. غير قانوني ميڙاڪي کان سواءِ عدالت ڪين سمورن الزامن کان آزاد ڪري ٿي. ملزمن کي مشروط طور آزاد ڪيو وڃي ٿو.

"آئون عورتن کي واپس پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي، پرامن طريقي سان رهڻ جو حڪم ڏيان ٿو. آئون انهن سينيءَ کي قانون جي پابنديءَ جو حڪم ڏيان ٿو ۽ جيڪڏهن مستقبل ۾ اهڙي قسم جي ڪا خلاف ورزي ٿي، تہ سخت کان سخت سزا ڏني ويندي. سيئي پرامن طريقي سان زندگي گذارين! خدا اسان سينيءَ جي مدد ڪري، اهو منهنجو فيصلو آهي."

"سيئي ماڻهو اُٿي بيهو!" عدالت ۾ آواز گونجيو.

ربي ڊوڙي اچي آمنہ سان ڳلي ملي، ۽ آمنہ پڻ هڪ ٿڪ ڏئي ڪيس ڳلي لڳايو. ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ هڪ نئين عورت عدالت جي ڪمري مان ٻاهر اچي رهي آهي. ڪمزوري، بُک، سُور ۽ ٿڪاوٽ باوجود هن پنهنجي همت کي ميڙيو ۽ ڏاڍي پُروقار نموني هلندي، ٻاهر هجوم جي سامهون آئي. سندس ويجهي کان گذرڻ مهل گهٽن ئي عورتن، ۽ ڪن شاگردن ۽ شاگرديائٽين تاڙيون وڄايون. جڏهن هن سندن چهري تي نظر ڦيري، تہ اهي سڀ خوش نظر آيا، ڇو جو هن ڪين ڏوڪو نہ ڏنو هو.

آمنہ زينب ڏانهن وڌي، جيڪا منيسرا کي گود ۾ کنيو بيٺي هئي.
"ڪيئن آهين؟" آمنہ ٻارڙي کي ڇُهندي پُڇيو.

”اسان ٺيڪ آهيون... مون کي خبر پئي آهي تہ اوهان آزاد ٿي ويون آهيو.“ زينب پرجوش نموني پُڇيو.

”ها! اسپتال مان ڪڏهن موڪل ملي؟“ آمنہ پُڇيو.

”اڄ صبح!“

”گهر پهچي منهنجو انتظار ڪجانءِ!“ آمنہ چيو. اچانڪ مٿس ڳهر چانئجي وئي، تہ سندس ٿنگون جواب ڏيڻ لڳيون. سج جي تيز تپش ۾ تتل واريءَ جا ذرڙا سندس پير ساڙي رهيا هئا. جڏهن هن هيٺ نِوڙي پنهنجن پيرن تي هٿ ڦيريو تہ ربي عثمان ڊوڙندي وٽس آئي. ”قانوني ڪارروائي ختم ٿي چڪي آهي. مون تنهنجي پاران سمورن قانوني دستاويزن تي صحيح ڪري ڇڏي آهي. هاڻ تون گهر وڃي سگهين ٿي.“

”مهرباني!“ آمنہ جواب ڏنو.

ربي عثمان پريشانيءَ وچان آمنہ ڏانهن ڏٺو ”آمنہ! تون ڪمزور ۽ بيمار آهين. توکي آرام جي سخت ضرورت آهي. مهرباني ڪري سڌي گهر وڃ، ۽ صحتياب ٿي.“

”آئون وڃان ٿي.“ آمنہ واعدو ڪيو.

”جڏهن آرام ڪري وٺين تہ پوءِ مون وٽ اچجانءِ. آئون لارائيءَ جي قتل تي پوليس خلاف ڪيس داخل ڪنديس، ۽ ڏنڊ جو مطالبو ڪنديس. توهان سيئي اهم شاهد آهيو.“ ربي عثمان عرض ڪيو.

”ڏنڊ؟“ آمنہ لفظ ورجايو ۽ مُسڪرايو. اهو واحد لفظ هو جنهن جو هن اڄ تائين سوچيو بہ نہ هو.

## باب ستاويهون

آمنہ عورتن جي مستقبل بابت سوچي رهي هئي. سندن مڙسن جو ساڻن ڪهڙو سلوڪ هوندو؟ ايندڙ گهڙين، ڪلاڪن، ڏينهن، هفتن، مهينن ۽ سالن ۾ ڇا ٿيندو؟ هو تڙ پکڙ ٿيندڙ هجوم ڏانهن ڏسي رهي هئي. ٽرڪن ڏانهن وڌندڙ پوليس وارن کين طعنا هنيا، پر آمنہ ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪئي. شاگرد ڳائيندا نچندا سپاهين کي طعنا ڏئي رهيا هئا. هوءَ مڙي ۽ قتل رستي جي ڪناري هلڻ لڳي. هوءَ ڪنهن طرف بجاءِ رڳو پنهنجن پيرن کي ساڙيندڙ واريءَ بابت سوچي رهي هئي. هوءَ سوڙهي رستي جي ڪناري وٽ موجود گاهہ وٽ پهتي ۽ ٻوڙن وچان هلڻ لڳي.

ڪو ڪيس نالي سان سڏيندو سندس پويان ڊوڙندو پئي آيو. ڇاتل آواز جي ڪري هوءَ بيهي رهي ۽ مڙي ڏٺائين. اهو سندس مڙس هو. اهو ڊوڙندو ڪيس ويجهو آيو. پگهر ۾ شل الحاج سندس رستو روڪي بيهي رهيو. آمنہ بيهي رهي. سندس ذهن صفا خالي هو. جڏهن هن ڳالهائڻ شروع ڪيو تڏهن آمنہ سندس گهڻا لفظ سمجهڻ کان صفا لاچار هئي.

”آمنہ! خدا جي واسطي واپس هليا. آئون تنهنجو تمام گهڻو خيال رکندس. هل، هاڻي اهي سڀ ڳالهيون وساري ڇڏيون ٿا. آئون تہ انهن کي وساري ڇڪو آهيان. مهرباني ڪري مون سان گڏ هل!“

آمنہ پنهنجو پاڻ کي الحاج جي پويان، گاڏيءَ ڏانهن وڌڻ جي اجازت ڏني. الحاج گاڏيءَ جو در کوليو تہ آمنہ جهڙوڪر نستي ٿيل بئڪ سيٽ مٿان ويڃي ڪري. جڏهن اهي رستي تان گذري رهيا هئا، تڏهن عورتون بہ پنهنجي خيرخواهن سان گڏ واپس گهرن ڏانهن وڃي رهيون هيون. انهن آمنہ کي ڏسي نعرا هنيا ۽ هٿ لوڏيا. آمنہ پڻ جواب ۾ هٿ

لوڏيا. جڏهن شهر جي وچ ۾ پهتا، تہ آمنہ کي لڳو تہ اهي پنهنجي اڳڻ ڏانهن نہ پيا وڃن.

"اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟" هن پُڇيو.

"تنهنجي نئين گهر." الحاج جواب ڏنو.

اهي شهر جي اترئين حصي ۾ موجود، ويڪري رستي مٿان هلي رهيا هئا. ڊرائيور گاڏيءَ کي کاٻي طرف موڙيو، سرڪاري رهائشي علائقي ۾ داخل ٿيو. الحاج ڊرائيور کي ساڄي هٿ تي موجود ڪوٺيءَ اڳيان گاڏي بيهارڻ جو چيو.

"هيءَ تنهنجو نئون گهر آهي." جڏهن هو آمنہ کي وٺي اندر داخل ٿيو تہ هن جوشيلي انداز ۾ اعلان ڪيو.

"مهرباني!" آمنہ صوفي مٿان ڪِرندي چيو.

"تون ڪجهہ دير آرام ڪر، اسان سڀاڻ ڳالهائينداسين." الحاج اکيون ملائيندي چيو.

"انشاءَ الله!" هن مُرجهايل آواز ۾ جواب ڏنو. الحاج پريشانيءَ مان کيس ڏٺو.

"هوآوا پويان ويٺي آهي، آئون ان کي وٺي ٿو اچان." هو اهو چئي پوئين در مان ٻاهر نڪري ويو. هوآوا کي آڻڻ کان ڪجهہ دير بعد، هو واپس هليو ويو.

هوآوا آمنہ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي، پر سندس ڪُومايل چهري کي ڏسي هوءَ هڪدم ماني کڻي آئي.

آمنہ مانيءَ تي ڪِري پئي، ۽ کيس پنهنجي جسم ۾ توانائي محسوس ٿي. پوءِ هوءَ واپس صوفي تي ليٽي پئي. منجهس چُرڻ پُرڻ جي بہ همت نہ هئي. سندس بند اکين پويان گذريل جمعي وارا واقعا ڏيري ڏيري ڦري رهيا هئا. هن پنهنجو پاڻ کي سُرخي ۽ خوشبوءِ لڳائيندي ڏٺو کيس سائرن جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو هن پوليس جا جٿا ڏٺا. سپرنٽينڊنٽ ۽ سندس نائب جو چهرو سپاهي، هيمليٽ پهريل هٿياربند سپاهي کيس قطارون جوڙيندي نظر آيا. هن کين پاڻ تي حملو ڪندي ڏٺو. اهي ڳرا قدم کڻندا

اڳتي وڌي رهيا هئا. شاٽ گن ۾ ڳوڙها آڻيندڙ گيس سان ليس اهي جانور، معصوم ۾ هٿين خالي عورتن مٿان ڪڙڪي پيا. آهه! هن ڳوڙها آڻيندڙ گيس جو پهريون شيل ڦاٽندي ڏٺو... عورتون ڪنگهڻ لڳيون، ڀڄيون، رُنيون... هر طرف هيبت پکڙيل هئي... سپاهين جي ڊوڙ ڀوڳان، مارڪٽ، رڙيون، لتون ۽ سندس ساٿين جي گرفتاري.

سڀ کان وڌيڪ کيس لارائيءَ جو خيال ستائي رهيو هو. کيس اڃا تائين لارائيءَ بابت سوچڻ جو موقعو نہ مليو هو. کيس لارائيءَ سان پهرين ملاقات ياد پئي، لارائيءَ ڪيئن سندن گهر آئي، ڪم ساڻ سندس پيار، سندس علم ساڻ محبت، سندس موسيقي، ڳولا ۽ ڪل پوڳ جو انداز ماني پچائڻ ۾ مهارت... لارائيءَ جي موت جو منظر سندس اکين اڳيان اچي ويو. هن پوليس واري جي بي رحميءَ کان بچڻ جي ڪوشش دوران، لارائيءَ ڪي سيني عورتن کان پري ڪنگهندي، روئندي ۽ سپاهين جي حملي کان بچڻ جون ڪوششون ڪندي ٻہ هُن پوليس واري کي لارائيءَ ڏانهن بندوق تاڻيندي ڏسي ورتو. گوليءَ جو آواز سندس ڪنن ۾ گونجيو. گولي سڌي سندس چيلهہ ۾ لڳي.

ويچاريءَ ڇوڪريءَ جي قسمت ۾ بدحالي، غريبي ۽ ننڍي وهيءَ ۾ موت لکيل هو. زندگيءَ لاءِ جدوجهد، ڏکون، اذيتون ۽ خواهشون سانديندي نيٺ سندس پريشانين جو خاتمو اچي پهتو هو. ان نقصان جو ڪوبہ ڏنڀ نٿي ٿي سگهيو. هن زوال پذير نظام جي ڪِرندڙ ديوارن مٿي هڪ ڏينهن، هڪ روشن ڏينهن اسان تنهنجي ياد ملهائيندا سين. اسڪولن جي افتتاح دوران چوندا سين: 'هيءُ تعليمي ادارو لارائيءَ جي ياد ۾ جوڙيو ويو آهي.'

—

ٻئي ڏينهن آمنہ صبح جو ڪافي دير سان جاڳي. جڏهن سندس مڙس سڏيو تہ سندس مٿي جو سُور تہ لهي چُڪو هو پر اڃا ٿڪاوٽ هيس.

"توکي گهر ڪيئن لڳو؟" الحاج بي قراريءَ مان پُڇيو.

"ڪافي وڏو آهي، مهرباني!"

"هتي ضرورت جي هر شيءِ موجود آهي."

”مهرباني!“

”آمنہ!“ هن صوفي تي ويهندي چيو ”آئون توکي پنهنجي زال جي روپ ۾ هڪ سادي زندگي گهارڻ جو پيو موقعو ڏيان ٿو. هاڻ نہ تہ ڪي يونيورسٽيءَ جا دوست هوندا، نہ ئي ڪيمپس جا اجلاس، ۽ نہ ئي عورتن سان ڪي تجربا ڪبا. تون هتي رهي، منهنجي زال طور فرض ادا ڪندينءَ.“ گهڙيءَ کن لاءِ ماٺ پکڙجي وئي، ”توکي ٻي ڪنهن شيءِ جي ڳُهرج آهي؟“

”ڇا مون کي روزانو اخبار ملي سگهندي؟“

”بيشڪ!“

”الحاج ٻاهر وڃڻ لاءِ اُٿيو. هن هيٺ ڏسي ڏاڍي ڏيرج وچان چيو ”توکي پيٽ سان ٿئي گهڻا مهينا ٿيا آهن؟“

”منهنجو خيال آهي تہ ٽن مهينن کان ڪجهہ عرصو وڌيڪ.“

---

ڪيترن ئي هفتن کان پوءِ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي، اها بلقيسو جي فون هئي. هوءَ آمنہ جي گهر کان ڪجهہ گهٽيون اڳتي رهندي هئي، ۽ ساڻس ملڻ پئي چاهيائين. ٿوري ئي دير ۾ هوءَ دروازي مان مُسڪرائيندي داخل ٿي، ”جنهن وقت اهو احتجاجي مظاهرو ٿي رهيو هو آئون ۽ منهنجو مڙس دبئي ۾ هئاسون.“ هن وضاحت ڪئي. اهي ٻئي ڪمري ۾ ويٺيون ۽ آمنہ سڄو قصو ٻُڌايو.

”توکي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙيءَ ڳالهہ تي حيراني ٿي؟“

”ايمانداريءَ سان ڏسيانءِ، تہ مئجسٽريٽ واتان رهائيءَ جو حڪم ٻُڌي مون کي يقين نہ پئي آيو.“

”پوليس بابت تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟“

”مون کي اُميد ئي نہ هئي تہ اها هٿيارن سان گڏ ايتري بي رحم ٿي ويندي، ڇو جو ان صورتحال ۾ اهڙي عمل جي ڪا ضرورت نہ هئي.“

”مون کي خبر پئي آهي تہ تو ڏاڍي بهادريءَ سان جواب ڏنا. ڇا تو ڪيس جي ٻُڌڻ کان اڳ تقرير لکي ورتي هئي؟“

”نا!“ آمن جواب ڏنو ”مون کي ته اُميد ئي نه هئي ته ڪو اسان کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويندو.“

”قيد وارا ڏينهن ڪيئن لڳا؟“

”ڏاڍا هيبتناڪ.“

”مون کي خوشي آهي ته تون اُتان نڪري آئين.؟“

”نا! اسان سڀ هڪ وڏي جيل اندر آهيون. اسان جو معاشرو هڪ وڏو جيل آهي. هتي مختلف ادارن جي چاپين ذريعي، ماڻهن کي قيد ڪيو وڃي ٿو. پوليس ۽ فوج ان جيل جي نگران آهي.“

”تون هارائڻ سبب پريشان ته ناهين؟“

”اسان رڳو اهو ميدان هارايو آهي، جنگ اڃا باقي آهي. اسان جون جائداد ضبط آهن ۽ هڪ ساٿيءَ کي ته زندگيءَ تان ئي هٿ ڪڻڻا پيا. تنهن ڪري اسان سگهارا آهيون. اسان هن نظام جي ڪمزورين ۽ طاقت کي چاڻي ورتو آهي. اهي هيءَ ميدان ته ڪٽي ويا آهن، پر سندن اها فتح عارضي آهي.“

”اڳتي لاءِ ڇا ٿيندو؟“

”اڃا ته آئون ڪجهه نٿي چئي سگهان، اهو فيصلو وقت ئي ڪندو. عورتن تي ظلم اڃا جاري رهندا، پر هاڻي اهي سمجهي ويون آهن، پنهنجي حقن لاءِ ويڙهه ڪرڻي پوندي. اسان کي نئين سر شروعات ڪرڻي پوندي. اسان کي وڌيڪ سگهارو بڻجڻو پوندو. اسان کي اها ويڙهه ۽ احتجاج جاري رکڻ لاءِ، وڌيڪ مضبوط ارادي جي سگهه ۽ پيروسي جي ضرورت آهي. اسان جو احتجاج ۽ علحدگيءَ جي تحريڪ، مستقبل جي وڏين بغاوتن لاءِ هڪ ننڍڙي مشق هئي. مون کي احساس ٿيو آهي ته عام ماڻهو پُراڻن گَلِ پينل قانونن، روايتن ۽ تهذيبن مطابق زندگي نٿا گذارڻ چاهين. امنِ عام جي صورتحال، خوشحالي ۽ ترقي، وسيلا ۽ خواهشون، بيمارين ۽ بُکون، هر سطح جي تبديلي عام ماڻهن جي دلي خواهش آهي. جيڪڏهن اسان جا موجوده حڪمران اهڙي تبديلي نٿا آڻي سگهن، ته اسان کي کين هٽائي ڇڏڻ گهرجي، ۽ هڪ اهڙي نظام جي تعمير ۽ ان جي حمايت ڪرڻ گهرجي، جيڪو اسان جي مفادن جي حفاظت ڪري.“

”هن وقت اوهان جو سڀ کان وڏو مسئلو ڪهڙو آهي؟“

”جدوجهد جي هڪ نئين دؤر لاءِ ماڻهن کي ڪنهن طرح منظم ڪيو وڃي. بطور مسلمان، حاڪم کي ناانصافيءَ ڪندي آئون اڪيون نٿي پوري سگهان. حضرت محمد ﷺ چيو هو ”جيڪو بہ ڪنهن طرح جي ناانصافي ٿيندي ڏسي، تہ ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري‘ منهنجي خيال ۾ ان حساب سان منهنجو نظريو صحيح آهي.“

”منهنجو مڙس توکي ’خيالي دنيا جي قيدياڻي‘ چئي ٿو.“

”نہ، آئون تہ حقيقت پسند آهيان. آئون پنهنجي هر عمل دوران حقيقت پسند هوندي آهيان. آئون پاڻ ۾ پنهنجي اردگرد جي سمورن ماڻهن کي حقيقت پسند ڏسڻ گهران ٿي. آئون زندگي، جدوجهد ۾ الله تعاليٰ تي يقين رکان ٿي. زندگيءَ جو هڪ مناسب، عام ۾ صحيح رستو ڳولڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هر ماڻهوءَ کي ان لاءِ نهايت اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوي ٿو. انهن سمورن مسئلن جي هوندي، اسان ماٺ ڪيئن ٿا رهي سگهون؟“

”تنهنجي خيال ۾ هن ملڪ جي ڪهڙي شيءِ کي ٺيڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي؟“

”اسان کي هر شيءِ ٺيڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي، ۽ هر شيءِ کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ انقلاب جي ضرورت آهي.“

”ڪهڙي قسم جو انقلاب؟“

”اهڙو جيڪو هن ملڪ جي سموري جوڙجڪ کي تبديل ڪري ڇڏي، جيڪو انصاف، آزادي، برابري، محبت، سمجهہ ٻوجهہ ۾ هڪ ٻئي لاءِ عزت جي جذبي کي جاڳائي. هڪ اهڙو حقيقي انقلاب، جيڪو ماڻهن جي خواهشات جي عين مطابق هجي. جيڪو هارين ۾ سندن خاندان کي زمين، خوراڪ ۾ سٺي زندگي بخشي، جيڪو مزدورن کي ڪم ۾ بهتر زندگي عطا ڪري، جيڪو نوجوانن کي تعليم ۾ مستقبل لاءِ اميد ڏي، ۾ جيڪو عورتن کي معاشري جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ جو موقعو ڏي. سڀ کان اهم ڳالهہ اها، تہ اهڙو انقلاب اسان جي معاشري کي جديد بڻائي ڇڏي.“

اهي ٻئي ڪجهه دير لاءِ خاموش ٿي ويون. آمنه اهڙي ڏيرج سان چيو جڻ ته ڪنهن دعا جي پڄاڻي ڪري رهي هجي، "بيشڪ تاريخي عمل تقريباً خاموش هوندا آهن، پر اهي ايترا به خاموش نه هوندا آهن، تيز ڪنن وارا ماڻهو انهن کي ٻڌي وٺندا آهن."

—

ٽن ڏينهن کان پوءِ هوآوا سگهوئي اچي پهتي، ۽ جوشيلي انداز ۾ چيائين، "بيگم صاحبا! اوهان خبر ٻڌي؟"

"نه! ڪهڙي؟"

"حڪومت تبديل ٿي چڪي آهي."

هوآوا جي پيٺ ۾ آمنه جو جوش ٽڏو ٿي ويو پر هن هڪدم ريڊيو چالو ڪيو جنهن ۾ ڌُڪدائڪ موسيقي گونجي رهي هئي. هوءَ موسيقي ٻڌندي رهي. اچانڪ هڪ اعلان نشر ٿيو ته رتوچاڻ پيري جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو آهي. هڪ خاص لهجي، جنهن کي هوءَ ڪيترا ڀيرا ٻڌي چڪي هئي، اُن مذهبي فرض ادا ڪرڻ بعد چيو:

"آئين کي اڻ ڄاتل مدت تائين منسوخ ڪيو ويو آهي.

"هنگامي حالتن جو اعلان ٿي چڪو آهي.

"وفاقي ۽ رياستي اسيمبليون ٽوڙيون ويون آهن.

"هر رياست ۾ فوجي عدالتون قائم ڪيون وينديون.

"مذهبي اجلاس کان علاوه هر قسم جي اجلاس تي پابندي آهي.

"پوليس ۽ فوج کي مظاهرين مٿان گولي هلائڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي.

"شام کان صبح تائين ڪرفيو جو حڪم آهي.

"پوليس ۽ فوج پڪڙي ڪندڙن کي اڻڄاتل مدت تائين حراست ۾ رکي سگهي ٿي. اهي امن برقرار رکڻ لاءِ بنا اجازت گهرن اندر داخل ٿي سگهن ٿا، ۽ هر قسم جي ڪارروائي ڪري سگهن ٿا."

آمنه ڊگهو ساهه ڀريو. ڪجهه عرصو اڳ ان حڪومتي تبديليءَ جو مطلب ڪو ٻيو هجي ها. هاڻ مٿس ان تبديليءَ جو ڪو به اثر نه پوندو. ٽن

ڏينهن کان پوءِ ليفٽيننٽ ڪرنل ابوبڪر عثمان کي رياست جو فوجي رهنما بڻايو ويو. جڏهن ته الحاج هارون پنهنجو سرڪاري گهر خالي ڪري، هِن جي گهر ۾ رهڻ لڳو. آمنہ کي احساس ٿيو ته هو حڪومتي تبديليءَ سبب پريشان ناهي، پاڻ ان جي اُبتڙ ڪافي خوش آهي.

"اهي فوجي اسان کي نہ ماريندا." هن وضاحت ڪئي، "۽ منهنجو خيال آهي ته اهي اسان جي جائداد بہ ضبط نہ ڪندا." آمنہ رڳو ڳالها ڏوٽيا. هڪ هفتي کان پوءِ ليفٽيننٽ ڪرنل عثمان پنهنجي ڪابينا جو اعلان ڪيو. الحاج هارون کي ڪمشنر براءِ معاشي ترقي بڻايو ويو.

انهيءَ شام ۾ ڪولوءَ پڻ مُسڪرائيندي آئي، "منهنجي مڙس کي نئين وفاقي حڪومت ۾ وزير بنايو ويو آهي." هن خوشيءَ وچان جهومندي چيو "مون توکي چيو هو ته فاطمہ ۽ سندس ٽولو مايوس ۽ ڀڄڻ جو ٽولو آهي! اهي ڪٿي آهن؟ اهي سڀ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا!" هوءَ ايترو کِلي، جو سندس اکين مان ڳوڙها ٽپڪڻ لڳا، ۽ هوءَ اهي اُگهڻ لڳي.

"آمنہ! تو وٽ نئين شروعات لاءِ بهترين موقعو آهي. پيسن ڪمائڻ جا ڪوڙ سارا موقعا موجود آهن. هن پيري تون انهن کي استعمال ڪر!"

آمنہ آرام سان وراڻيو "آئون ڳورهاري آهيان، ۽ هن ٻار جي ڄمڻ کان پوءِ ئي ڪو فيصلو ڪنديس."

جڏهن آمنہ کي رات جي وقت ليليٰ فون ڪئي، تہ ڪيس پهريون ڀيرو ان تبديليءَ جي محرڪات جو احساس ٿيو. سندس آواز ٽڙڪي رهيو هو. "ڪيمپس ۾ حالتون ڏاڍيون خراب آهن. هر طرف ڪوڙ سارا پهريدار بيٺا آهن. ڪن پروفيسرن کي گرفتار بہ ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ڪن کي گهرن ۽ آفيسن اندر ماريو ويو آهي. عدم تحفظ ۽ خوف وارو ماحول پيدا ٿي ويو آهي. پيٽر ايڪن پڻ پڪڙيو ويو آهي. آئين جي منسوخيءَ تي جن ٽريڊ يونين جي ماڻهن مظاهرا ڪيا، اهي پڻ پڪڙيا ويا آهن."

"تون ڪٿي آهين؟" آمنہ پڇيو.

"آئون روپوش ٿي وئي آهيان."

”فاطمہ ڪٿي آهي؟“

”اها ۽ ٻين باڪي ملڪ مان فرار ٿي ويون آهن. ٻي ڇُر سندن مدد ڪئي.“

”مختار ڪٿي آهي؟“

”خبر ناهي، ليفٽيننٽ ڪرنل ابوبڪر عثمان سندس گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو آهي.“

”ڇو؟“

”هن حڪومتي تبديليءَ کان ٿورو وقت اڳ هڪ مضمون ۾ لکيو هو تہ فوجي آمريت ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ هوندي آهي. رياستي رهنما اُن سڀني کان وڌيڪ آهي. اسان جو خيال آهي تہ اهو پاڙيسري ملڪ ۾ آهي، ۽ جلدئي اتان کان يورپ وڃي سياسي پناهہ حاصل ڪندو. ٻي ڇُر مون کي پڻ پيشڪش ڪئي آهي، ۽ مون کي لڳي رهيو آهي تہ هاڻ ان کان علاوه مون وٽ ڪوبہ رستو ناهي. آئون رابطي ۾ رهنديس.“

اهو سندس يونيورسٽيءَ جي ڪنهن بہ دوست سان آخري رابطو هو. حڪومتي تبديليءَ کي ٽي مهينا گذري ويا، پر وري ڪوبہ رابطو نہ ٿيو. شام جو هوءَ پنهنجي طبي معائني لاءِ ڪلينڪ پهتي. انتظار گاهہ ۾ ويهي هوءَ اخبارن مٿان سرسري نظر ڦيرائڻ لڳي. اوچتو هڪڙي تصوير تي سندس نظرون ڄمي ويون. سندس مڙس، ابوبڪر عثمان ۽ ٻي ڇُر ٻيئا مُسڪرائي رهيا هئا. اهي رياست جي سمورن معدني وسيلن کي، ٻين الاقوامي شرڪت دارن جي حوالي ڪرڻ واري معاهدي تي صحيحون ڪري رهيا هئا. ”اها مضبوط معاشي ترقيءَ ڏانهن تمام وڏي وِک آهي.“ سندس مڙس جو جملو وڏن اکرن ۾ لکيل هو.

شام جي نماز کان پوءِ آمنہ ٽي وي ڏسي رهي هئي. اوچتو ڪنهن دروازو کڙڪايو. هوءَ اٿي دروازو کوليو تہ بلقيس ۽ پڻ محافظن ساڻ اندر آئي. سندس چهرو ڦڪو ٿي رهيو هو. سڀ کان پهرين هن بنا اجازت اندر اچڻ تي معذرت ڪئي، ”تنهنجي لاءِ اهي دروازا هميشه کليل آهن.“ آمنہ چيو

”ربيڪا ۽ گلوريا جي ڪا خبر پئي؟ ڪافي دير کان انهن بابت ڪجهه ناهي ٻڌو.“

”اهي ٻئي ٺيڪ آهن. آزادي حاصل ٿيڻ کان پوءِ ربيڪا فوراً زورو هلي وئي هئي، ۽ گلوريا پنهنجي بواءِ فرينڊ سان گڏ پئي رهي. آئون انهن سان رابطي ۾ آهيان، ۽ انهن تو لاءِ دعائون موڪليون آهن.“

”فاطمه جي ڪا خبر پئي؟“

”ها! ڪالهه رات منهنجي ساڻس ڳالهه ٻولهه ٿي هئي، ۽ هن جلدئي توکي فون ڪرڻ جو واعدو به ڪيو آهي. هُن کي هڪ نهايت دلچسپ ڪم مليو آهي، ۽ هوءَ توسان ان بابت ڳالهائڻ چاهي ٿي.“

”ڇا آهي؟“

”مون کي خبر ناهي.“ ڪجهه دير خاموشيءَ کان پوءِ بلقيسو ڏڪندڙ آواز ۾ چيو ”آمنه! آئون تو لاءِ عزت مآب جو نياپو کڻي آئي آهيان. هو توکي پنهنجي ڪابينا ۾ عورتن جي معاملن بابت پهرين ڪمشنر بنائڻ گهري ٿو.“ آمنه ڪوبه تاثر ظاهر نه ڪيو. هن مُسڪرائيندي بلقيسو کي اها تجويز ٻيهر ٻڌائڻ لاءِ چيو. هوءَ بلقيسو ۽ سندس محافظن کي غور سان ڏسڻ لڳي. پوءِ چيائين، ”ٻڌ بلقيسو! آئون ان دعوت نامي لاءِ شڪرگذار آهيان. پر آئون ايتري بدحال نه ٿي آهيان. مهرباني ڪري فوجي رهنما کي چئي ڇڏجانءِ، ته آئون پنهنجي ملڪ جي منظم تباهيءَ جو حصو نٿي بڻجڻ چاهيان.“

بلقيسو جي چهري تي مايوسي صاف ظاهر هئي. هن ڪنڌ جُهڪائي ڇڏيو. هڪ پل لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي. ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. آمنه فون کنئي ته سندس چهرو خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳو.

”تلوتي! ڏاڍو مزو آيو... فاطمه! تنهنجو آواز ٻيهر ٻڌي، سچ ته ڏاڍي خوشي ٿي.“ فاطمه پنهنجي ۽ ڊين باڪيءَ جي فرار ٿيڻ جي تفصيل سان ڪيس ڄاڻ ڏني، ۽ پنهنجي مستقبل جي منصوبي بابت ٻڌايو. پوءِ هُن آمنه جي حالات بابت پڇيو.

”في الوقت خاموشيءَ واري تنهنجي هن فيصلي کي آئون سمجهي سگهان ٿي. توکي هڪڙي ٻي ڳالهه ٻڌايان: مون کي اقوامِ متحده جي ڪن ڪارڪنن ٻڌايو آهي، تہ اهي تنهنجي من پسند جاءِ تي، توکي اعزازي سَند پيش ڪرڻ چاهين ٿا.“ آمنہ پهرين تہ اها سَند وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پر هڪ ڊگهي بحث کان پوءِ فاطمہ کيس راضي ڪيو. ”دنيا کي هن علائقي جي صحيح حالتن کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ، تو وٽ اهو بهترين موقعو هوندو. تون ٻڪاروءَ کي بين الاقوامي منظر تي آڻي سگهين ٿي. تون اسان جي جدوجهد کي وڌيڪ بهتر سطح تي آڻي سگهين ٿي. تون اهڙي سنهري موقعي کي ضايع نٿي ڪري سگهين.“ فاطمہ دليل ڏنو. آمنہ سَند وٺڻ ۽ ان موقعي تي تقرير ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي. پر جڏهن فاطمہ ان گڏجاڻيءَ کي لنڊن ۾ سڏائڻ جي صلاح ڏني، تہ هن انڪار ڪندي گڏجاڻي ٻڪاروءَ ۾ رکڻ جو ضد ڪيو. جتي اهو سڀ ڪجهہ ٿيو.

فاطمہ ۽ آمنہ ڪافي دير تائين ڳالهيون ڪنديون رهيون، ۽ مستقبل جي منصوبن بابت صلاحن جي ڏي وٺ ڪنديون رهيون. آخرڪار جڏهن ٿڪاوٽ جي ڪري آمنہ ۾ ڳالهائڻ جي سڪت نہ رهي، تہ هن پنهنجي دوست کي چيو ”فاطمہ! آئون توسان گڏ آهيان. اسان جدوجهد جاري رکنداسين! اسانَ وٽ ٻيو ڪوبہ رستو ناهي. اسان جي دلين اندر هڪ اهڙي مستقبل جو سپنو آهي، جنهن کي گڏجي ساڀيا جو روپ ڏيڻو پوندو. آئون ٻئي مرحلي لاءِ تيار آهيان... آئون پرجوش آهيان، ڇو جو آئون ڄاڻان ٿي تہ اسان ڪٿي سگهون ٿا... هڪ بهتر دنيا آباد ڪرڻ ممڪن آهي!“

*

# تعارف



محمد ڪبير عمر اتر نائجيريا جي رياست عذار ۾ ڄائو. هو بطور صحافي "باؤچي اسٽيٽ ريڊيو" ۽ "ڪانو" جي هڪ اخبار لاءِ خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. 1981ع ۾ سياسي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ سبب کيس زاريا جي يونيورسٽيءَ احمد بيلو (Ahmedu Bello University) مان خارج ڪيو ويو. ان وقت هو سياسيات جي تعليم پرائي رهيو هو. نائجيريا کي خير آباد ڪرڻ کان پوءِ، هن ماسڪو اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان جرنلزم ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي. جنهن بعد هُن برطانيه جي مڊل سيڪس يونيورسٽيءَ مان، پوليٽيڪل اڪانامڪس، ۽ ٻين تعليمي ادارن مان قانون ۽ بين الاقوامي تعلقات جي تعليم حاصل ڪئي. کيس ٽن آفريقي ٻولين کان سواءِ، انگريزي ۽ روسي زبانن ۾ مهارت حاصل آهي. هو پنهنجي زال ۽ ٽن ٻارن سان گڏ لنڊن ۾ رهندي، اتي ڪم ڪري پيو. هيءَ سندس پهريون ناول آهي.

هيءَ هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي آخرڪار اردگرد موجود پابندين خلاف اُٿي ويڙهه ڪرڻي پئي ٿي. ان دوران هوءَ نه رڳو پنهنجي، پر ٻين عورتن جي زندگيءَ ۾ پڻ تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. افسانوي ادب ۾ اهڙن موضوعن کي تمام گهٽ جاءِ ملي آهي، توڙي جو اهي لکين عورتن جي زندگيءَ جو حصو آهن. جيئن مسلمان عورت جي قانوني حيثيت، مذهبي ۽ روايت پرست ادارن پاران مٿن معاشي سرگرمين تي پابندي، ذاتي رشتن تي ڪنهن اعتراض وارڻ جي گنجائش کان محروم، مرداڻي تسلط ۽ ان ڪري مٿس روزانو ٿيندڙ تشدد... هيءَ رڳو سماجي پلائيءَ جو دستاويز ناهي- هيءَ ناول، موجوده دؤر جي هڪ غير معمولي بهادر عورت جي زندگيءَ جي حالات جي، حقيقي تصوير جي صورت ۾، پڙهندڙ جي دل اندر مظلوم عورتن لاءِ همدردي پيدا ڪري ٿو جڏهن ته ٻئي طرف پنهنجي مهارت سان هن ناول جي مرڪزي ڪردار جو تعلق، آفريقا جي هائوسا رياست اندر سورهين صديءَ جي عظيم جنگجو شهزادي، 'زازو جي آمنه'، هڪڙي آفريقي داستان جي ڪردار سان جوڙيو ويو آهي.

هيءَ ناول ذاتي تجربي جي عڪاسي ڪندڙ آهي. هيءَ هڪ عورت جي نظر سان، اُتر نائجيريا جي مرد ڪردارن جو غير معمولي تجزيو آهي، جيڪو پڙهندڙن کي مستقبل لاءِ هڪ اميد پڻ فراهم ڪري ٿو.

هيءَ ناول سڀ کان پهرين انگريزيءَ ۾ آفريقا ورلڊ پريس، نيو جرسيءَ ڇاپيو هو. 'آمنه' هيستائين ٽيرنهن ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. فرانسيسي، يوناني، ترڪي، عربي، آزري، هندي، مليالم، تامل، ڀاشا (انڊونيشيا)، ويتنامي ۽ چيني- هزارين مردن ۽ عورتن هن کي هڪ اهڙو ڪتاب مڃيو آهي، جيڪو "حالتن جي حقيقي عڪاسي ڪري ٿو."

اردوءَ کان پوءِ سنڌيءَ ۾ هيءَ پهريون ڇاپو آهي.

SANJH
PUBLICATIONS

Book Street, 46/2 Mozang Road, Lahore, Pakistan.
Phone: +92 42 37355323.
e-mail: sanjhpk@yahoo.com, sanjhpks@gmail.com
Web: www.sanjhpublications.com

ISBN: 978-969-593-209-4

# پڙهندڙ نسُل . پَ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ هي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ِ چان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا ٻہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجھہَ ۽ ڏاھپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھہ ڏيندي انھن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيھاريو آھي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آھن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، ھو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاھا ڪن ٿا، موتي مَنجھہِ پھاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالھہَ ھُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلھہ نيلا پيلا آھن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آھن........

... ... ... ...

ھي بيتُ اَٿي، ھي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنھي ۾ فَرَقُ نہ آ، ھي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنھن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنھن ھَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِھو سوچي مَڙھڻ تہ "ھاٺي ويڙھہ ۽ عمل جو دور آھي، اُن ڪري پڙھڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‎ءَ جي نشاني آھي.

پَنَن جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)